# يادداشت

مطالعي جي دوران ضرورت مهل انبر لائن ڪري اشارا لکي ڪري صفحو نمبر نوٽ فرمايو، إنْ شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ عِلم ۾ ترقي ٿيندي.

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

ڪتاب جو نالو : رَفيقُ الحَرَمَين

مؤلّف : شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

ڇاپو پهريون : شوالُ المُڪرم 1434ھ آگسٽ 2013

تعداد : 5000

ڇاپيندڙ : مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي


## مڪتبة المدينه جون مختلف برانچون

| | |
|---|---|
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه آفندي ٽاؤن حيدر آباد | 022-2620122 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه فيضان مدينه سکر | 071-5619195 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه العطار ٽاؤن ميرپورخاص | 023-3514672 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه مارڪيٽ روڊ دادو | 025-4611541 |
| مڪتبة المدينه: عطار آباد (جيڪب آباد) | 027-2710635 |
| مڪتبة المدينه: چڪرا بازار نوابشاه | 024-4362145 |
| مڪتبة المدينه: رابعه شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪانه | 074-4054191 |
| مڪتبة المدينه: نزد خضر حيات مسجد ٺٽو | |

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي-

لَبَّيْکَ اَللّٰھُمَّ لَبَّيْکَ

حجّ ۽ عمري جو تفصيلي طريقو

# رفيقُ الحَرمَين

مؤلِف

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دامت برکاتهم العاليه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

## مجلسِ تراجِم

**هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.**

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

## فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| **رفيق الحرمين** | |
| حج ۽ عُمري واري جي لاءِ 56 نيتون | 1 |
| مديني جو سفر مبارڪ هجي | 16 |
| مديني جو مسافر ۽ اِمدادِ مُصطفيٰ | 19 |
| حاجين جي لاءِ 16 مدني گل | 20 |
| اُنهن مان ضرورت واريون شيون پاڻ سان گڏ کڻي وڃو | 24 |
| سامان کڻڻ جي لاءِ 5 مدني گل | 25 |
| هيلٿ سرٽيفڪيٽ جا مدني گل | 26 |
| هوائي جهاز وارا ڪڏهن اِحرام پائن؟ | 27 |
| جهاز جا خوشبودار ٽشو پيپر | 29 |
| جدي شريف کان مڪي شريف | 29 |
| مديني جي آڪام وارن جو اِحرام | 30 |
| مُعَلِّم جي طرفان سواري | 31 |
| سفر جا 26 مَدَني گُل | 31 |
| هوائي جهاز جي ڪرڻ ۽ سڙڻ کان امن ۾ رهڻ جي دعا | 34 |
| سفر ۾ نماز جا 6 مدني گل | 37 |
| 3 فرمان مصطفيٰ | 40 |
| هر قدم تي ست ڪروڙ نيڪيون | 41 |
| پيادل حاجي سان فرشتا ملندا آهن | 42 |
| دوران حج جي لاءِ قرآني حڪم | 42 |
| حاجي جي لاءِ عشق جو سرمايو ضروري آهي | 43 |
| ڪنهن عاشق سان نسبت قائم ڪريو! | 44 |
| ﴿1﴾ پُرآسرار حاجي | 44 |
| ﴿2﴾ ذبح ٿيڻ وارو حاجي | 45 |
| پنهنجي نالي سان گڏ "حاجي" لڳائڻ ڪيئن آهي؟ | 46 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| حج مبارڪ جو بورڊ لڳائڻ ڪيئن؟ | 48 |
| بصره کان پيادل حج! | 49 |
| مان طواف جي قابل نہ آهيان | 49 |
| حاجي تي حُبِّ جاهه ۽ ريا جا سخت حملا | 50 |
| حاجين جي رياڪاري جا ڪجهه مثال | 52 |
| ياد رکڻ جا 55 اصطلاح | 53 |
| ڪعبي شريف جي چار ڪنڊن جا نالا | 56 |
| مِيقات پنج آهن | 59 |
| دُعا قبول ٿيڻ جون 29 جڳهيون | 62 |
| حج جا قسم | 65 |
| اِحرام پائڻ جو طريقو | 67 |
| اسلامي ڀيڻن جو اِحرام | 68 |
| اِحرام جا نفل | 68 |
| عمري جي نيّت | 68 |
| حج جي نيّت | 69 |
| حجّ قِران جي نيّت | 70 |
| لَبَّيڪ | 70 |
| معني تي نظر رکندي لَبَّيڪ پڙهو | 71 |
| لبّيڪ چوڻ کان پوءِ جي هڪ سنت | 72 |
| لَبَّيڪ جا 9 مَدني گل | 73 |
| نيّت جي باري ۾ ضروري هدايت | 74 |
| اِحرام جي معني | 75 |
| اِحرام ۾ هي ڳالهيون حرام آهن | 75 |
| اِحرام ۾ هي ڳالهيون مڪروهہ آهن | 77 |
| هي ڳالهيون احرام ۾ جائز آهن | 79 |
| مرد ۽ عورت جي احرام ۾ فرق | 81 |
| احرام جا 9 مفيد احتياط | 83 |
| احرام جي باري ۾ ضروري تنبيهہ | 86 |
| حَرم جي وضاحت | 87 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| مڪي پاڪ جي حاضري | 88 |
| اِعتِڪاف جي نيّت ڪري وٺو | 89 |
| ڪعبي شريف تي پهرين نظر | 89 |
| سڀ کان افضل دعا | 90 |
| طواف ۾ دُعا جي لاءِ بيهڻ منع آهي | 91 |
| عُمري جو طريقو | 91 |
| طواف جو طريقو | 91 |
| پهرين چڪر جي دعا | 96 |
| ٻئي چڪر جي دعا | 99 |
| ٽئين چڪر جي دعا | 101 |
| چوٿين چڪر جي دعا | 103 |
| پنجين چڪر جي دعا | 104 |
| ڇهين چڪر جي دعا | 106 |
| ستين چڪر جي دعا | 108 |
| مقامِ ابراهيم | 109 |
| طواف جي نماز | 110 |
| مقامِ ابراهيم جي دعا | 111 |
| مقامِ ابراهيم تي نماز پڙهڻ جا 4 مدني گل | 112 |
| هاڻي مُلتَزَم تي اچو | 113 |
| مقامِ مُلتَزَم تي پڙهڻ واري دعا | 114 |
| هڪ اهم مسئلو | 115 |
| هاڻي زَم زَم تي اچو! | 116 |
| آبِ زَم زَم پيئڻ کانپوءِ هيءَ دعا پڙهو | 117 |
| آبِ زَم زَم پيئڻ وقت دعا جو طريقو | 117 |
| گهڻو ٿڌو پاڻي نہ پيئو | 118 |
| نظر تيز ٿيندي آهي | 118 |
| صَفا ۽ مَروَه جي سَعي | 118 |
| سَعي جي نيّت | 125 |
| صفا يا مَروَه کان لهڻ جي دعا | 126 |
| ساوَن ميلن جي وچ ۾ پڙهڻ جي دعا | 127 |
| سعي جي دوران هڪ ضروري احتياط | 128 |
| سَعي جي نماز مُستَحب آهي | 129 |
| طوافِ قُدُوم | 129 |
| حلق يا تَقصِير | 130 |
| تَقصِير جي وضاحت | 130 |
| اسلامي ڀينرن جي تقصير | 130 |
| طوافِ قُدُوم وارن جي لاءِ هدايت | 131 |
| مُتَمَتِّع جي لاءِ هدايت | 131 |
| سهڻي حاجين جي لاءِ مدني گل | 132 |
| مڪي ۾ رهجي نہ ڇا ڪجي؟ | 134 |
| چپلن جي باري ۾ ضروري مسئلو | 135 |
| جنهن ٻين جا جوتا ناجائز استعمال ڪري ورتا نہ هاڻي ڇا ڪن؟ | 136 |
| اسلامي ڀينرن جي لاءِ مدني گل | 137 |
| طواف ۾ ست ڳالهيون حرام آهن | 137 |
| طواف جا ٻارهن مَڪروهہ | 138 |
| طواف۽سعي ۾ هي ست ڪم جائز آهن | 139 |
| سَعي جا 10 مڪروهہ | 139 |
| سَعي جا چار مختلف مدني گل | 140 |
| اسلامي ڀينرن جي لاءِ خاص تاڪيد | 141 |
| برسات ۽ ميزابِ رحمت | 141 |
| حج جو اِحرام ٻڌو | 142 |
| هڪ مفيد مشورو | 142 |
| مِنيٰ لاءِ روانگي | 143 |
| منيٰ ۾ پهرين ڏينهن جگهہ لاءِ جهڳڙا | 145 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| شبِ عَرَفہ جي دعا | 146 |
| ناٺين رات منيٰ ۾ گذارڻ سنت مؤڪده آهي | 147 |
| عرفات شريف لاءِ روانگي | 148 |
| عرفات جي رستي جي دعا | 149 |
| عرفات شريف ۾ داخلا | 149 |
| عرفہ جي ڏينهن جا ۵ عظيم فضائل | 150 |
| ڪنهن جڏهن عورتن کي ڏٺو !!!!! | 151 |
| عرفات ۾ پٿرن کي گواهہ ڪرڻ جي ايمان افروز حڪايت | 151 |
| خوش نصيب حاجيو ۽ حاجياڻيون | 153 |
| وُقوفِ عَرفات شريف جا 9مدني گل | 153 |
| امامِ اهلسنت جي خاص نصيحت | 155 |
| عرفات شريف جون دُعائون (عربي) | 156 |
| ميدانِ عرفات ۾ بيٺي بيٺي دعا گهرڻ سنت آهي | 161 |
| دعاءِ عَرفات (سنڌي) | 163 |
| سج لهڻ کان پوءِ تائين دعا جاري رکو | 173 |
| گناهن کان پاڪ ٿي ويڙ | 174 |
| مُزدَلِفہ لاءِ روانگي | 175 |
| مغرب ۽ عشاء ملائي پڙهڻ جو طريقو | 175 |
| پٿريون چونڊي وٺو | 176 |
| هڪ ضروري احتياط | 176 |
| وُقُوفِ مُزدَلِفہ | 177 |
| مزدلفہ کان مِنيٰ ويندي رستي ۾ پڙهڻ جي دعا | 178 |
| مِنيٰ نظر اچي تہ هي دعا پڙهو | 179 |
| ڏهين ذوالحج جو پهريون ڪم رمي | 180 |
| رمي جي وقت احتياط جا 6 مدني گل | 181 |
| رمي جا 8 مدني گل | 183 |
| اسلامي ڀينرن جي رمي | 184 |
| مريضن جي رمي | 184 |
| مريض جي طرفان رمي جو طريقو | 185 |
| حج جي قرباني جا 7 مدني گل | 186 |
| حاجي ۽ بقر عيد جي قرباني | 188 |
| قربانيءَ جا ٽوڪن | 189 |
| حلق ۽ تقصير جا 17 مدني گل | 190 |
| طواف زيارت جا 10 مدني گل | 194 |
| ٻارهن ۽ ٻارهن جي رمي جا 18 مدني گل | 197 |
| رمي جا ٻارهن مڪروهہ | 200 |
| طوافِ رُخصت جا 19 مدني گل | 201 |
| حج بدل | 204 |
| حج بدل جا 17 شرط | 205 |
| حج بدل جا 9 مختلف مَدني گل | 209 |
| **مديني جي حاضري** | 212 |
| شوق وڌائڻ جو طريقو | 212 |
| مدينو ڪيتري دير ۾ ايندو! | 212 |
| پيرين آگهاڙي رهڻ جو قرآني دليل | 214 |
| حاضريءَ جي تياري ڪريو | 215 |
| سُبحٰنَ اللهُ! سبز گنبذ اچي ويو | 216 |
| باب البَقِيع کان حاضر ٿيو | 217 |
| شُڪراني جي نماز | 218 |
| سونهري جارين جي سامهون | 218 |
| مُواجَهہ شريف جي حاضري | 219 |
| بارگاهہ رسالت ۾ سلام عرض ڪريو | 221 |
| صديق اڪبر جي خدمت ۾ سلام | 222 |
| فاروق اعظم جي خدمت ۾ سلام | 223 |
| پيهر شيخين جي بارگاهہ ۾ سلام | 223 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| طواف جي نيت جو اهم مَدَني گل | 269 |
| طواف رخصت جي باري ۾ سوال جواب | 270 |
| طَوافِ رُخصت جو اهم مسئلو | 271 |
| طواف جي باري ۾ مختلف سوال جواب | 273 |
| اِستِلام حَجَر ۾ هٿ ڪيستائين کڻون؟ | 273 |
| طَواف ۾ ڦيرن جي ڳڻپ ياد نہ رهي تہ؟ | 274 |
| طواف جي دوران وضو ٽٽي وڃي تہ ڇا ڪري؟ | 274 |
| ڦَطري جي مريض جي طواف جو اهم مسئلو | 275 |
| عورت ماهواري جي ڏينهن ۾ نفلي طواف ڪيو تہ؟ | 276 |
| مسجِد الحرام جي پهرين يا ٻي منزل تي طواف جو مسئلو | 277 |
| دَورانِ طَواف بُلند آواز سان مُناجات پڙهڻ ڪيئن؟ | 278 |
| اِضطِباع ۽ رَمل جي باري ۾ سوال جواب | 279 |
| سعي جي باري ۾ سوال جواب | 280 |
| چُمي وغيره جي باري ۾ سوال جواب | 282 |
| اِحرام ۾ اَمرَد سان هٿ ملايو ۽ .....؟ | 284 |
| زال مڙس جو هٿ ۾ هٿ وجهي هلڻ | 284 |
| همبستري جي باري ۾ سوال جواب | 285 |
| ننهن ڪٽڻ جي باري ۾ سوال ۽ جواب | 287 |
| وار ڪُوڙڻ جي بابت سوال جواب | 288 |
| خوشبو جي باري ۾ سوال ۽ جواب | 292 |
| اِحرام ۾ خوشبودار صابڻ جو استعمال | 300 |
| مُحرِم ۽ گلاب جي گلن جا هار | 301 |
| سبيل کڻڻ وغيره متعلق سوال جواب | 305 |
| اِحرام ۾ ٽشو پيپر جو استعمال | 307 |
| وقوفِ عرفات جي باري ۾ سوال جواب | 312 |
| مُزدَلِفہ جي باري ۾ سوال جواب | 313 |
| رمي جي باري ۾ سوال جواب | 313 |
| قرباني جي باري ۾ سوال جواب | 314 |
| حلق ۽ تقصير جي باري ۾ سوال جواب | 315 |
| مختلف سوال ۽ جواب | 316 |
| 13 تي سج لهڻ کانپوءِ احرام پٽڻ؟ | 321 |
| حجّ اَڪبَر (اڪبري حج) | 325 |
| عمري جي ويزا تي حج جي لاءِ ترسڻ ڪيئن آهي؟ | 330 |
| غير قانوني ترسڻ واري جي نماز جو اهم مسئلو | 331 |
| حرم ۾ ڪبوترن، تِڏِين کي اُڏائڻ، ستائڻ | 332 |
| حرم جا وڻ وغيره ڪٽڻ | 337 |
| ميقات مان بغير احرام جي گذرڻ جي باري ۾ سوال جواب | 339 |
| **ٻارن جو حج** | 340 |
| درود شريف جي فضيلت | 340 |
| بي سمجهہ ٻار جي حج جو طريقو | 343 |
| بي سمجهہ ٻار جي طرفان نِيّت ۽ لَبَّيڪ جو طريقو | 345 |
| بي سمجهہ ٻار جي طرفان طواف جي نيت ۽ اسِتلام جو طريقو | 347 |
| ٻار جي عُمري جو طريقو | 349 |
| ٻار ۽ نفلي طواف | 350 |
| ٻار ۽ روضہ انور جي حاضري | 353 |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# حج ۽ عُمري ڪرڻ واري جي لاءِ 56 نيتون

(روايتن، حڪايتن ۽ مدني گلن تي مشتمل)

(حج ۽ عُمري ڪرڻ وارا اِنهن مان موقعي جي مناسبت سان أهي نيتون ڪري وٺن جنهن تي عمل ڪرڻ جو واقعي ذهن هجي)

**﴿1﴾** صرف رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ حج ڪندس. (قبوليت جي لاءِ اخلاص شرط آهي ۽ اخلاص حاصل ڪرڻ لاءِ اها ڳالهه نهايت مددگار آهي جو رياڪاري ۽ شهرت جا سڀ اسباب ڇڏي ڏنا وڃن. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ماڻهن تي اهڙو زمانو ايندو جو منهنجي اُمّت جا مالدار سير ۽ تفريح جي لاءِ، ۽ وچ واري طبقي جا ماڻهو تجارت (خريد و فروخت) جي لاءِ ۽ قُرّاء (يعني قاري) ڏيکارڻ ۽ بُڌائڻ جي لاءِ ۽ فقير سوال ڪرڻ لاءِ حج ڪندا. (تاريخ بغداد ج 10 ص 295) **﴿2﴾** هن آيت مبارڪ تي عمل ڪندس: **وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ** ط (پ 2 البقرة 196) (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ حج ۽ عمرو الله جي لاءِ پورو ڪيو) **﴿3﴾** (هي نيت صرف فرض حج ڪرڻ وارو ڪري) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت جي نيّت سان هِن قرآني حڪم: **وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا** ط (پ 4 آل عمران 97) ترجمو ڪنزالايمان: ۽ الله

جي لاءِ انهن ماڻهن تي ان جي گهر جو حج ڪرڻ آهي جيڪو انهي تائين وڃي سگهي) تي عمل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس ﴿4﴾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيروي ۾ حج ڪندس ﴿5﴾ ماءُ پيءُ جي رضامندي وٺي ڇڏيندس. (زال مُڙس کي راضي ڪري، قرضدار جيڪو هينئر قرض ادا نٿو ڪري سگهي ته اُن (يعني جنهن کان قرض ڪنيو آهي) کان به اجازت وٺي، جيڪڏهن حج فرض تي چڪو آهي ته اجازت نه به هجي تڏهن به وڃڻو پوندو. (ملخص از بهار شريعت ج 1 ص 1051) ها عُمري يا نفلي حج جي لاءِ والدين جي اجازت کان سواءِ سفر نه ڪريو . اِها ڳالهه غلط مشهور آهي ته جيستائين والدين حج ناهي ڪيو اولاد به حج نٿو ڪري سگهي) ﴿6﴾ حلال مال مان حجّ ڪندس (نه ته حج قبول ٿيڻ جي اُميد نه آهي جيتوڻيڪ فرض لهي ويندو، جيڪڏهن پنهنجي مال ۾ ڪجهه شُبهو هجي ته قرض کڻي ڪري حج تي وڃي ۽ اُهو قرض پنهنجي انهي مشڪوڪ (يعني شڪ واري) مال مان ادا ڪري ڇڏي.(ايضاً) حديث شريف ۾ آهي: جيڪو حرام مال کڻي ڪري حج تي وڃي ٿو جڏهن لَبَّيڪ چوندو آهي، هاتِف غيب مان جواب ڏيندو آهي: نه تنهنجي لَبَّيڪ قبول، نه خدمت پذير (يعني منظور) ۽ تنهنجو حج تنهنجي مُنهن تي مَردود آهي ايستائين جو تون اُهو حرام مال جيڪو تنهنجي قبضي ۾ آهي اُن جي مستحقن کي واپس ڏئي ڇڏين. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 541) ﴿7﴾ حجّ جي سفر جي خريدارين ۾ قيمت گهٽ ڪرائڻ کان بچندس (منهنجا

آقا اعلىٰ حضرت، امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: قيمت (۾ گهٽتائي) جي لاءِ حُجَّت (يعني بحث ۽ تڪرار) ڪرڻ بهتر آهي بلڪ سنّت آهي، سواءِ اُن شيءِ جي جيڪا حج جي سفر جي لاءِ خريد ڪئي وڃي، هن (يعني سفرِ حج جي خريداري) ۾ بهتر اِهو آهي تہ جيڪو گهري ڏيئي ڇڏي. (فتاويٰ رضويہ ج 17 ص 128) ﴿8﴾ وڃڻ وقت گهر وارن، رشتيدارن ۽ دوستن کان قصور معاف ڪرائيندس، اُنهن کان دعا ڪرائيندس. (ٻين کان دعا ڪرائڻ سان برڪت حاصل ٿيندي آهي، ٻنهنجي حق ۾ ٻين جي دعا قبول ٿيڻ جي وڌيڪ اُميد هوندي آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل 326 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فضائلِ دعا“ صفحي 111 تي منقول آهي: حضرت موسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪي خطاب ٿيو: اي موسيٰ! مون کان اُن مُنهن سان دعا گهر جنهن سان تو گناهہ نہ ڪيو . عرض ڪيائين: الٰهي! اُهو مُنهن ڪِٿان آڻيان؟ (هتي اَنبياءَ عليهمُ الصَّلٰوۃُ والسَّلام جي تواضُع آهي نہ تہ اُهي يقيناً هر گناهہ کان معصوم آهن) فرمايو: ٻين کان دعا ڪراءِ جو اُنهن جي مُنهن سان تو گناهہ نہ ڪيو آهي. (ملخص از مثنوي مولانا روم دفتر سوم ص 31) ﴿9﴾ حاجت کان وڌيڪ اخراجات (يعني خرچ پڪو) رکي ڪري ساٿين تي خرچ ۽ فقيرن تي تَصَدُّق (يعني خيرات) ڪري ثواب ڪمائيندس. (ائين ڪرڻ حج مَبرُور جي نشاني آهي) مَبرور اُهي حج ۽ عُمري کي چوندا آهن تہ

جنهن ۾ خير ۽ ڀلائي هجي، ڪو گناهه نہ هجي، ڏيکارڻ ٻُڌائڻ نہ هجي، ماڻهن تي احسان ڪرڻ، ڪاڏو ڪارائڻ، نرمي سان ڳالهائڻ، سلام ڦهلائڻ، خوش اخلاقي سان پيش اچڻ، اهي سڀ شيون آهن جيڪي حج کي مَبرور بڻائن ٿيون، جڏهن تہ ڪاڏو ڪارائڻ بہ حجّ مَبرور ۾ داخل آهي تہ پوءِ ضرورت کان وڌيڪ خرچ گڏ کڻو تہ جيئن ساٿين جي مدد ۽ فقيرن تي خيرات بہ ڪندا هلو . اصل ۾ مَبرور "بِر" مان نڪتو آهي، ۽ هن مان مراد اها اطاعت ۽ احسان آهي جنهن سان خدا جو تَقَرُّب (يعني قُرب) حاصل ڪيو ويندو آهي. (ڪتاب الحج ص 98) **﴿10﴾ زبان ۽ اک وغيره جي حفاظت ڪندس.** (نصيحتن جا مدني گل صفحي 29 ۽ 30 تي آهي: (1) (حديث پاڪ آهي: الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو) اي ابنِ آدم! تنهنجو دين اُن وقت تائين درست نٿو ٿي سگهي جيستائين تنهنجي زبان سِڌي نہ هجي ۽ تنهنجي زبان تيستائين سِڌي نٿي ٿي سگهي جيستائين تون پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان حياء نہ ڪرين (2) جنهن مُنهنجي حرام ڪيل شين کان پنهجين اکين کي جهڪائي ورتو (يعني انهن کي ڏسڻ کان بچيو) مان اُن کي جهنّم کان امان (يعني پناهه) عطا ڪري ڇڏيندس) **﴿11﴾ سفر جي دوران ذڪر ۽ درود سان دل وِندرائيندس.** (انهيءَ ڪري فرشتو گڏ رهندو! ڳاني باجي ۽ لغويات (يعني واهيات ڳالهين يا ڪمن) جو سلسلو رکيو تہ شيطان گڏ

رهندو) ﴿12﴾ پنهنجي لاءِ ۽ سيني مسلمانن جي لاءِ دعا ڪندو رهندس. (مسافر جي دعا قبول ٿيندي آهي. ”فضائلِ دعا“ صفحي 220 تي آهي: مسلمان جيڪڏهن مسلمان جي لاءِ ان جي غير موجودگي ۾ (جيڪا) دعا گهري (اُها قبول ٿيندي آهي) حديث شريف ۾ آهي: اِها (يعني غير موجودگي واري) دعا تمام جلدي قبول ٿيندي آهي. فرشتا چوندا آهن: انهي جي حق ۾ تنهنجي دعا قبول ۽ توکي بہ اهڙي ئي طرح جي نعمت ملي) ﴿13﴾ سيني سان گڏ سُني گفتگو ڪندس، ۽ حيثيت جي مطابق مسلمانن کي کاڌو کارائيندس. (فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مبرور حج جو بدلو جنت آهي. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! حج جي مَبروريَت ڪهڙي شيء سان گڏ آهي؟ فرمايائون: سُني گفتگو ۽ کاڌو کارائڻ. (شعب الايمان ج 3 ص 479 حديث 4119) ﴿14﴾ پريشانيون اينديون تہ صبر ڪندس. (حُجَّة الاسلام حضرت سيدنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن ٿا: مال يا بدن ۾ ڪو نقصان يا مصيبت پهچي تہ اُنهي کي خوش دلي سان قبول ڪري ڇاڪاڻ تہ اِهو اُن جي حج مبرور جي نشاني آهي. (احياءُالعلوم ج 1 ص 354) ﴿15﴾ پنهنجي ساٿين سان حُسنِ اخلاق جو مظاهرو ڪندي اُنهن جي آرام وغيره جو خيال رکندس، ڪاوڙ کان بچندس، بيڪار ڳالهين ۾ ڪونہ پوندس، ماڻهن جون (ناخوشگوار) ڳالهيون برداشت ڪندس

﴿16﴾ سيني خوش عقيده مسلمان عربن سان (اُهي چاهي ڪيتري ئي سختي ڪن، آئون) نرمي سان پيش ايندس. (بهار شريعت جلد 1 حصو 6 صفحو 1060 تي آهي: بدوئن (يعني عرب جي ڳوٺاڻن) ۽ سيني عربن سان تمام نرمي سان پيش اچي، جيڪڏهن اهي سختي ڪن (تہ بہ) ادب سان تَحَمُّل (يعني برداشت) ڪري اِنهي تي شفاعت نصيب ٿيڻ جو واعدو آهي . خاص ڪري حرم وارا، خاص ڪري مديني وارا . اهلِ عرب جي ڪمن تي اعتراض نہ ڪري، نہ دل ۾ ڪدورت (يعني مير) آڻي، ان ۾ ٻنهي جهانن جي سعادت آهي) ﴿17﴾ رَش جي موقعي تي بہ ماڻهن کي اذيت نہ پهچي ان جو خيال رکندس ۽ جيڪڏهن پاڻ کي ڪنهن کان تڪليف پهتي تہ صبر ڪندي معاف ڪندس. (حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيندو الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن اُنهي کان پنهنجو عذاب روڪي ڇڏيندو. (شعب الايمان ج 6 ص 315 حديث 8311) ﴿18﴾ مسلمانن تي انفرادي ڪوشش ڪندي ”نيڪي جي دعوت“ ڏيئي ڪري ثواب ڪمائيندس ﴿19﴾ سفر جي سنتن ۽ آداب جو حتي الامڪان خيال رکندس ﴿20﴾ احرام ۾ لَبَّيڪ جي خوب ڪثرت ڪندس (اسلامي ڀاءُ وڏي آواز سان چوي ۽ اسلامي ڀيڻ هلڪي آواز سان) ﴿21﴾ مسجِدَين ڪريمَين (بلڪ هر جڳهہ هر مسجد) ۾ داخل ٿيڻ وقت پهرين ساڄو پير اندر رکندس ۽ مسجد ۾ داخل

تيڻ جي دعا پڙهندس. اهڙي ئي طرح نڪرڻ وقت کاٻو پير پهرين ڪڍندس ۽ ٻاهر نڪرڻ جي دعا پڙهندس ﴿22﴾ جڏهن جڏهن ڪنهن مسجد خاص ڪري مسجدَين ڪريمَين ۾ داخلا نصيب ٿئي، نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ثواب ڪمائيندس. (ياد رهي! مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ، آبِ زم زم پيئڻ، سحري ۽ افطار ڪرڻ ۽ سُمهڻ جائز نہ آهي، اعتڪاف جي نيت ڪئي هوندي تہ ضمناً اِهي سڀ ڪم جائز ٿي ويندا) ﴿23﴾ ڪعبي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّ تَعظِيماً تي پهرين نظر پوندي ئي درود پاڪ پڙهي ڪري دعا گُهرندس ﴿24﴾ طواف جي دوران "مُستَجَاب" تي (جتي ستر هزار فرشتا دعا تي اٰمين چوڻ جي لاءِ مقرر آهن اُتي) پنهنجي ۽ پوري اُمت جي مَغفِرت جي لاءِ دعا گهرندس ﴿25﴾ جڏهن بہ آبِ زم زم پيئندس، سنّت جي ادائگي جي نيّت سان قبلي ڏانهن منهن ڪري، بيهي ڪري، بِسمِ الله پڙهي، چوسي چوسي، ٽِن ساهن ۾، پيٽ ڀري پيئندس، پوءِ دعا گهرندس ڇو تہ اهو قبوليت جو وقت آهي. (فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اسان ۾ ۽ منافقن ۾ اهو فرق آهي جو اُهي زم زم پيٽ ڀري نٿا پيئن. (ابن ماجہ ج 3 ص 489 حديث 3061) ﴿26﴾ مُلتزم سان چنبڙندي وقت اها نيت ڪريو تہ محبت ۽ شوق سان گڏ ڪعبہ ۽ ربِّ ڪعبہ عَزَّوَجَلَّ جو قُرب

حاصل ڪري رهيو آهيان ۽ ان جي تعلق سان برڪت ماڻي رهيو آهيان . (اُن وقت اِها اميد رکو تہ بدن جو هر اُهو حصو جيڪو ڪعبي شريف سان مَس (Touch) ٿيو آهي اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ جهنم کان آزاد ٿيندو) **﴿27﴾ ڪعبي جي غلاف سان چنبڙندي** هي نيت ڪريو تہ مغفرت ۽ عافيت جي سوال ۾ اِصرار ڪري رهيو آهيان، جيئن ڪو خطاڪار اُنهي شخص جي ڪپڙن سان چنبڙي ڪري ٻاڏائيندو آهي جنهن جو هو مجرم آهي ۽ خوب عاجزي ڪندو آهي تہ جيستائين پنهنجي ڏوهہ جي معافي ۽ آئينده جي امن ۽ سلامتي جي ضمانت نہ ملندي دامن نہ ڇڏيندس. (ڪعبي جي غلاف وغيره تي ماڻهو ڪافي خوشبو لڳائيندا آهن تنهن ڪري احرام جي حالت ۾ احتياط ڪريو) **﴿28﴾ جَمَرات جي رَمي ۾** حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي مشابهت (يعني موافقت) ۽ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنت تي عمل، شيطان کي رُسوا ڪري مار ي ڀڄائڻ ۽ نفس جي خواهشن کي رَجم (يعني سنگسار) ڪرڻ جي نيت ڪريو .

(حڪايت: حضرت سيدنا جنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي جن هڪ حاجي کان پڇيو تہ تو رمي جي وقت نفساني خواهشن کي پٿريون هنيون يا نہ؟ اُن جواب ڏنو: نہ . فرمايائون: تہ پوءِ تو رمي ئي نہ ڪئي . (يعني رمي جو پورو حق ادا نہ ڪيو) (ملخص از ڪشف المحجوب ص 363)

﴿29﴾ سرڪار مديني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاص ڪري ڇهن جڳهين يعني صفا، مَرْوَه، عَرَفات، مُزْدَلِفه، جَمرهٴ اوليٰ، جَمرهٴ وُسطيٰ، تي دعا جي لاءِ ترسيا، آئون به اداءِ مصطفيٰ جي ادا جي نيت سان انهن جڳهن مان جِتي جِتي ممڪن ٿيو اُتي بيهي ڪري دعا گهرندس ﴿30﴾ طواف ۽ سعي ۾ ماڻهن کي ڌِڪا ڏيڻ کان بچندو رهندس. (ڄاڻي ڪري ڪنهن کي اهڙي طرح ڌِڪا ڏيڻ جو ايذاءُ پهچي ٻانهي جي حق تلفي ۽ گناهه آهي، توبهه به ڪرڻي پوندي ۽ جنهن کي ايذاءُ پهچائي اُن کان معاف به ڪرائڻو پوندو . بزرگن کان منقول آهي: هڪ دانگ (يعني معمولي) مقدار، الله تعاليٰ جي ڪنهن ناپسنديده فعل کي ڇڏي ڏيڻ جي، مون کي پنج سؤ نفلي حج ڪرڻ کان وڌيڪ پسنديده آهي. (جامع العلوم والحكم لابن رجب ص 125) ﴿31﴾ اهلسنت جي عالمن ۽ مشائخن جي زيارت ۽ صحبت سان برڪت حاصل ڪندس، انهن کان پنهنجي لاءِ بي حساب مغفرت جي دعا ڪرائيندس ﴿32﴾ عبادتن جي ڪثرت ڪندس، خاص طور تي پنج وقت جون نمازون پابندي سان ادا ڪندس ﴿33﴾ گناهن کان هميشه جي لاءِ توبهه ڪريان ٿو ۽ صرف سُنّي صحبت ۾ رهندس. (احياءُ العلوم ۾ آهي: حج جي مبروريّت جي هڪ نشاني هي آهي ته جيڪي گناهه ڪندو هو اُنهن کي ڇڏي ڏي خراب دوستن کي ڇڏي نيڪ ٻانهن سان دوستي ڪري، راند

روند ۽ غفلت پريل ڪچهرين کي ڇڏي ذِڪر ۽ سجاڳي جون مجلسون اختيار ڪري. امام غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِی هڪ ٻي جڳهه فرمائن ٿا: حجِ مَبرور جي علامت هي آهي ته دنيا کان بي رغبت ٿئي ۽ آخرت ڏانهن متوَجّهه ٿئي ۽ بيت الله شريف جي زيارت کان پوءِ پنهنجي ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي ملاقات جي لاءِ تياري ڪري. (احياءُ العلوم ج 1 ص 354،349) **﴿34﴾ واپسي کان پوءِ گناهن جي ويجهو به نه ويندس، نيڪين ۾ خوب اضافو ڪندس ۽ سنتن تي وڌيڪ عمل وڌائيندس** (اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: (حج کان پهرين جا حُقُوقُ الله ۽ حُقُوقُ العِباد جنهن جي ذمي هئا) جيڪڏهن حج کان پوءِ قدرت هجڻ باوجود انهن (مثلاً قضا نماز ۽ روزا، باقي رهيل زڪوٰة وغيره ۽ ضايع ڪيل بقايا حقوق العباد جي ادائگي) ۾ ڪوتاهي ڪندو رهيو ته اهي سڀ گناهه نئين سِري کان هن جي مَٿي هوندا جو حقوق ته باقي ئي هئا انهن جي ادا ۾ وري دير ۽ ڪوتاهي سان گناهه تازه ٿيا ۽ اهو حج انهن جي اِزالي جي لاءِ ڪافي نه ٿيندو جو حج گذريل گناهن کي ڌوئي ٿو آئينده جي لاءِ ٻي قيدي جو پروانو (يعني گناهه ڪرڻ جو اجازت نامو) ناهي هوندو بلڪ حجِ مَبرور جي نشاني ئي اها آهي ته پهرين کان سٺو ٿي ڪري موٽي . (فتاوىٰ رضويه ج 24 ص 466) **﴿35﴾ مڪهءِ مڪرمه ۽ مدينهءِ منوره** زَادَهُمَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعۡظِيۡماً **جي يادگار مبارڪ جڳهن جي زيارت ڪندس ﴿36﴾ سعادت سمجهندي ثواب جي نيت سان مدينهءِ منوره** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّ تَعۡظِيۡماً **جي زيارت**

كندس ﴿37﴾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار عاليشان جي پهرين حاضري کان پهريان غسل ڪندس، نئون سفيد لباس، مٿي تي نئون سربند نئين ٽوپي ۽ ان تي نئون عمامو شريف ٻڌندس، سرمو ۽ عمده خوشبو لڳائيندس ﴿38﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي هِن فرمانِ عاليشان:

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾ (پ 5 النساء 64)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن تہ اي محبوب تنهنجي بارگاه ۾ حاضر ٿين پوءِ الله کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور الله کي گهڻو توبہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا) تي عمل ڪندي مديني جي شهنشاهہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ حاضري ڏيندس ﴿39﴾ جيڪڏهن وس ۾ هوندو تہ پنهنجي محسن ۽ غمگسار آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ ائين حاضر ٿيندس جهڙي طرح هڪ ڀڳل غلام پنهنجي آقا جي بارگاه ۾ ڏڪندو ڪنبدو، لڙڪ وهائيندو حاضر ٿيندو آهي. (حڪايت: سيدنا امام مالڪ عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْخَالِق جڏهن سيدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ذڪر ڪندا هئا تہ سندن رنگ بدلجي ويندو هو ۽ جُهڪي ويندا هئا . حڪايت: حضرت سيدنا امام مالڪ عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْخَالِق کان ڪنهن حضرت سيدنا ايوب سختياني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي باري ۾

پڇيو تہ فرمايائون: آئون جن ماڻهن کان روايت ڪندو آهيان اُنهن ۾ اِهي سيني کان افضل آهن، مون انهن کي بہ پيرا حج جي سفر ۾ ڏٺو تہ جڏهن اُنهن جي سامهون نبيءِ ڪريم، رءُوف رَّحيم عليه افضل الصّلوٰة والتّسليم جو مبارڪ ذڪر ٿيندو تہ اُهي ايترو روئيندا هئا جو مون کي انهن تي رحم اچڻ لڳندو هو. مون انهن ۾ جڏهن تعظيمِ مصطفيٰ ۽ عشقِ حبيبِ خدا جو اِهو عالم ڏٺو تہ متاثر ٿي ڪري انهن کان حديثون روايت ڪرڻ شروع ڪيون. (الشفاء ج 2 ص 42، 41)

﴿40﴾ سرڪارِ نامدار صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم جن جي شاهي دربار ۾ ادب ۽ احترام ۽ ذوق و شوق سان گڏ درد ڀري مُعتَدِل (يعني وچٿري) آواز ۾ سلام عرض ڪندس ﴿41﴾ حڪم قرآني: يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَ لَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ۝۲

(پ 26 الحجرات 2) (اي ايمان وارؤ! پنهنجو آواز مٿي نہ ڪريو ۽ هن نبي (غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ) جي آواز کان ۽ ان جي بارگاهہ ۾ رڙ ڪري نہ ڳالهايو جيئن پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي سامهون رڙ ڪندا آهيو، متان توهان جا عمل ڇٽ ٿي وڃن ۽ توهان کي خبر نہ هجي) تي عمل ڪندي پنهنجي آواز کي ننڍو ۽ ٿورو هلڪو (نرم) رکندس ﴿42﴾ اَسْـَٔلُكَ الشَّفَاعَةَ يَا رَسُوْلَ الله (يعني يا رسول الله صلّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم ! آئون اوهان جي شفاعت جو سوالي آهيان) جو تڪرار ڪري شفاعت جي خيرات گهرندس ﴿43﴾ شيخين

ڪَرِيمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا جن جي عظمت واري بارگاهن ۾ بہ سلام عرض ڪندس ﴿44﴾ حاضري جي وقت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ ۽ سنهري جالين جي اندر جهاتيون پائڻ کان بچندس ﴿45﴾ جن ماڻهن سلام پيش ڪرڻ جو چيو هو اُنهن جو سلام بارگاهِ شاهِ انام صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪندس ﴿46﴾ سنهري جارين جي طرف پُٺ نہ ڪندس ﴿47﴾ جنّتُ البَقِيع ۾ دفن ٿيل بزرگن جي خدمتن ۾ سلام عرض ڪندس ﴿48﴾ حضرت سيدنا حمزه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ ۽ شهداءِ اُحُد جي مزارن جي زيارت ڪندس، دعا ۽ ايصال ثواب ڪندس، اُحُد جبل جو ديدار ڪندس ﴿49﴾ مسجدِ قُبا شريف ۾ حاضري ڏيندس ﴿50﴾ مدينۂ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعظِيماً جي در ۽ ديوار، پَنن ۽ ميوَن، گُلن ۽ ڪَندَن، پٿر ۽ خاڪ ۽ اُتي جي هر شيءِ جو خوب اَدب و اِحترام ڪندس. (حڪايت: حضرت سيدنا امام مالڪ عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الخَالِق جن خاڪِ مدينہ جي تعظيم جي خاطر مدينۂ طيبہ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعظِيماً ۾ ڪڏهن بہ قضاءِ حاجت نہ ڪئي بلڪ هميشہ حرم کان ٻاهر تشريف کڻي ويندا هئا، البت بيماري جي حالت ۾ مجبوري جي ڪري معذور هئا. (بستان المحدثين ص ١٩)) ﴿51﴾ مدينۂ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعظِيماً جي ڪنهن بہ شيءِ تي عيب نہ لڳائيندس. (حڪايت: مدينۂ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعظِيماً ۾ هڪ شخص هر وقت روئيندو ۽ معافي گهرندو رهندو هو،

جڏهن ان جو سبب پڇيو ويو ته چيائين: مون هڪ ڏينهن مديندءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعظِيماً جي دهي شريف کي کٽو ۽ خراب چئي ڇڏيو، اِهو چوندي ئي منهجي نسبت کسجي ويئي ۽ مون تي عتاب ٿيو (يعني دڙڪو ڏنو ويو) ته ”او ديارِ محبوب جي دهي کي خراب چوڻ وارا! محبت جي نگاهه سان ڏِس! محبوب جي گهٽي جي هر هر شيءِ عمده آهي.“ (ماخوذ از بهار مثنوي ص 128) حڪايت: حضرت سيدنا امام مالڪ عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الخالق جي سامهون ڪنهن هي چئي ڇڏيو ته ”مديني جي مٽي خراب آهي“ اِهو ٻڌي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تعالىٰ عَلَيْه جن فتويٰ ڏني ته هِن گستاخ کي 30 دُرّا (يعني ڦٽڪا) لڳايا وڃن ۽ قيد ۾ وِجهي ڇڏيو وڃي. (الشفاء ج 2 ص 57) ﴿52﴾ عزيزن ۽ اسلامي ڀائرن کي تحفو ڏيڻ جي لاءِ آبِ زم زم، مدينءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّ تَعظِيماً جون ڪجورون ۽ ساديون تسبيحيون وغيره آڻيندس . (بارگاهه اعليٰ حضرت ۾ سوال ٿيو: تسبيح ڪهڙي شيءِ جي هئڻ گهرجي؟ ڇا ڪاٺي جي يا پٿر وغيره جي؟ الجواب: تسبيح ڪاٺي جي هجي يا پٿر جي پر قيمتي هئڻ مڪروهه آهي ۽ سون چاندي جي حرام . (فتاويٰ رضويه ج23 ص 597)) ﴿53﴾ جيستائين مدينءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعظِيماً ۾ رهندس درود ۽ سلام جي ڪثرت ڪندس ﴿54﴾ مدينءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّ تَعظِيماً ۾ قيام جي دوران جڏهن جڏهن سبز گنبذ جي طرف گذر ٿيندو، فوراً اُن طرف رُخ ڪري بيٺي بيٺي هٿ ٻڌي

ڪري سلام عرض ڪندس. (حڪايت: مديني منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعظِيماً ۾ سيدنا ابو حازم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري هڪ صاحب ٻڌايو: مون کي خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت ٿي، فرمايائون: ابو حازم کي چئي ڇڏ، ”تون مون وٽان ائين ئي گذري وڃين ٿو رُڪي ڪري سلام به نٿو ڪرين!“ ان ڪان پوءِ سيدنا ابو حازم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو ته جڏهن به روضهءِ انور جي طرف گُذر ٿيندو هو ته ادب ۽ احترام سان بيهي ڪري سلام عرض ڪندا، پوءِ اڳتي ويندا هئا. (المنامات مع موسوعة ابن ابي الدنيا ج3 ص 153 حديث 323)) ﴿55﴾ جيڪڏهن جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن نصيب نه ٿيو ۽ مديني منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّ تَعظِيماً ڪان رخصت جي تڪليف ده گهڙي اچي وڃي ته بارگاهِ رسالت ۾ اَلوداعي حاضري ڏيندس ۽ ٻاڏائي ڪري ٻلڪ ممڪن ٿيو ته روئي روئي ڪري بار بار حاضري جي التجا ڪندس ﴿56﴾ جيڪڏهن وَس ۾ ٿيو ته ماءُ جي محبت ڀري هنج ڪان جدا ٿيڻ واري ٻار وانگر بي قرار ٿي شدت سان روئيندي دربارِ رسول کي بار بار حسرت ڀريل نگاهن سان ڏسندي روانو ٿيندس.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# توهان کي مديني جو سفر مبارڪ هجي

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”عِلم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي.“ (ابن ماجہ ج 1 ص 146 حديث 34) ان جي شرح ۾ هي بہ آهي تہ حج ادا ڪرڻ واري تي فرض آهي تہ حج جا ضرروي مسئلا ڄاڻندو هجي، عام طور تي حاجي سڳورا طواف ۽ سعي وغيره ۾ پڙهڻ وارين عربي دعائن ۾ گھڻي دلچسپي وٺندا آهن، جيتوڻيڪ هي بہ سٺو آهي جڏهن تہ صحيح پڙهي سگھندا هجن، جيڪڏهن ڪو اهي دعائون نہ بہ پڙهي تہ گنهگار ناهي، پر حج جا ضروري مسئلا نہ ڄاڻڻ گناهہ آهي، **رفيقُ الحرمين** ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي ڪيئي گناهن کان بچائي وٺندو، ڪجھہ مفت تقسيم ٿيندڙ اُردو ڪتابن ۾ شرعي مسئلن ۾ سخت بي احتياطي ڪئي وئي آهي، ان سان تشويش ٿيندي آهي تہ انهن ڪتابن سان رهنمائي وٺندڙ حاجين جو ڇا ٿيندو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **رفيقُ الحرمين** سالن کان لکن جي تعداد ۾ ڇپجي رهيو آهي، هن ۾ فتاويٰ رضويہ شريف ۽ بهار شريعت جهڙن مستند ڪتابن ۾ بيان ٿيل مسئلن کي آسان ڪري

بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، هاڻي هن ۾ وڌيڪ ترميم ۽ اضافو ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ دعوت اسلامي جي مجلس "اَلمَدينةُ العِلمِيہ" نظر ثاني ڪئي آهي ۽ "دارُالافتاءِ اهلسنت" شروع ڪان آخر تائين هڪ هڪ مسئلي کي ڏسي ڪري رهنمائي فرمائي آهي، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ خوب سٺيون نيتون ڪري **رفيقُ الحرمين** جي ترڪيب ڪئي وئي آهي، والله **رفيقُ الحرمين** سان مديني جي مسافرن جي رهنمائي ڪري صرف رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ مقصد آهي، ذاتي آمدني جو تَصَوُّر بہ ناهي، شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري **رفيقُ الحرمين** مهرباني ڪري شروع ڪان آخر تائين پورو پڙهي وٺو.

بيان ڪيل مسئلن تي غور ڪريو. ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي تہ اهلسنت جي عالمن ڪان پڇو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **رفيقُ الحرمين** ۾ ڪافي تعداد ۾ حج ۽ عمري وغيره جي مسئلن سان گڏوگڏ عربي دعائون بہ ترجمي سان شامل آهن، جيڪڏهن مديني شريف جي سفر ۾ **رفيقُ الحرمين** توهان سان گڏ هوندو تہ ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ حج جي ڪنهن ٻئي ڪتاب جي ضرورت گهٽ رهندي، ها جيڪو ان ڪان وڌيڪ مسئلا سکڻ چاهي ۽ سکڻ بہ گهرجن تہ اهو **بهارِ شريعت**

حصو 6 جو مطالعو ڪري.

**مدني التجا:** ٽي سگهي تہ 12 عدد **رفيقُ الحرمين**، 12 عدد پاڪٽ سائز ڪي بہ رسالا ۽ 12 عدد سنتن ڀري بيان جون VCDs مڪتبة المدينہ تان هديةً وٺي ساڻ کڻي وڃو ۽ ثواب جي حصول جي لاء اتي ورهايو ۽ (حج ۽ عمري مان) فراغت کان پوءِ پنهنجو **رفيقُ الحرمين** بہ حرمين طيبين ۾ ئي ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي پيش ڪري ڇڏيو. بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، **شيخين ڪريمين** رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُمَا ۽ سيدنا حمزه، شُهداءِ اُحُد، بقيع ۽ معليٰ ۾ دفن ٿيڻ وارن جي بارگاهہ ۾ منهنجو سلام عرض ڪجو. ۽ سفر جي دوران خاص ڪري حَرَمَين طَيِّبَين ۾ مون گنهگار جي بي حساب بخشش ۽ سڀني امت جي مغفرت جي دعا جي لاءِ مدني التجا آهي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اوهان جي حج جي زيارت کي آسان ڪري ۽ قبول فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان کي شاد و آباد رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي.

(جامع ترمذي ج 4 ص 298 رقم الحديث 366)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مديني جو مسافر ۽ اِمدادِ مُصطفيٰ

هڪ نوجوان ڪعبي جو طواف ڪندي صرف درود شريف ئي پڙهي رهيو هو، ڪنهن ان کي چيو: ڇا تو کي طواف جي ڪا بہ دعا نہ ٿي اچي يا ڪا بہ ڳالهہ آهي؟ ان چيو: ها دعائون تہ اچن ٿيون پر ڳالهہ هيءَ آهي تہ مان ۽ منهنجو والد ٻئي حج جي لاءِ نڪتاسين، تہ منهنجو والد رستي ۾ بيمار ٿي ڪري فوت ٿي ويو، سندس چهرو ڪارو ٿي ويو، اکيون ڦري ويون ۽ پيٽ سُڄي ويو، مان تمام گهڻو رُنس ۽ چيو: اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْن جڏهن رات ٿي وئي تہ مون تي ننڊ جو غلبو ٿيو، مان سُمهي پيس تہ مون خواب ۾ هڪ سفيد لباس ۾ مُعَطَّر مُعَطَّر حَسين و جميل هستي جي زيارت ڪئي، انهن منهنجي والد صاحب جي ميّت جي ويجهو تشريف ڪٺي آيا ۽ پنهنجو نوراني هٿ سندس چهري ۽ پيٽ تي ڦيريو. ڏسندي ئي ڏسندي منهنجي مرحوم پيءُ جو چهرو کير کان وڌيڪ سفيد ۽ روشن ٿي ويو ۽ پيٽ بہ اصلي حالت تي اچي ويو، جڏهن اهي بزرگ وڃڻ لڳا تہ مون سندن دامنِ اَقدَس پڪڙيو ۽

عرض ڪيو: يا سيّدي! (اي منهنجا سردار) توهان کي ان جو قسم! جنهن توهان کي هن جهنگ ۾ منهنجي مرحوم والد جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي، توهان ڪير آهيو؟ تہ پاڻ فرمايائون: تون اسان کي نہ ٿو سڃاڻين؟ اسان مُحَمَّد رَّسُولُ الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهيون. تنهنجو هي پيءُ وڏو گنهگار هو پر هي اسان تي درود شريف تمام گهڻو پڙهندو هو. جڏهن ان تي هيءَ مصيبت نازل ٿي تہ ان اسان کان فرياد ڪئي تنهنڪري اسان ان جي فرياد رسي ڪئي آهي ۽ اسان هر ان شخص جي فرياد رسي ڪندا آهيون جيڪو هن دنيا ۾ اسان تي گهڻو درود موڪليندو آهي.

(روض الرياحين ص 125)

فریاد اُمّتی جو کرے حالِ زار میں
ممکن نہیں کہ خیرِ بشر کو خبر نہ ہو (حدائق بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”توهان جو حج قبول ٿئي“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان حاجين جي لاءِ 16 ڪارائتا مدني گل

❁ الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جا طلب گار پيارا پيارا حاجيو! توهان کي حج ۽ مديني جي زيارت جو سفر مبارڪ هجي. سفر جي ضروري شين جو روانگي کان ٽي يا چار ڏينهن پهرين ئي انتظام ڪري

ڇڏيو، ۽ ڪنهن تجربيڪار حاجي سان مشورو بہ ڪريو ۞ پنهنجي وطن مان ميوا، پڪل ڪاڌي جا ڊبا، مٺائي وغيره ۽ ڪائڻ جون شيون گڏ ڪٽي وڃڻ جي گورنمينٽ جي طرفان ممانعت آهي ۞ مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً جي رهائش گاهہ کان مسجد الحرام پيادل وڃڻو پوندو، ان ۾، طواف ۽ سعي ۾ سڀ ملائي ڪري تقريباً 7 ڪلوميٽر تين ٿا، منيٰ عرفات ۽ مُزدلفہ ۾ بہ ڪافي پنڌ هلڻو پوندو آهي تنهن ڪري حج کان پهريان روزانو منو ڪلاڪ پيادل هلڻ جي ترڪيب رکو (ان جي مستقل عادت بڻائي وجي تہ صحت جي لاءِ اِنْ شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بيحد مفيد آهي) نہ تہ پهرين پيرو وڏيڪ پيادل هلڻ جي ڪري حج ۾ اوهان آزمائش ۾ پئجي سگهو ٿا! ۞ گهٽ ڪائڻ جي عادت بڻايو فائدو نہ ٿئي تہ پوءِ ڳالهہ ڪجو! خاص ڪري حج جي 5 ڏينهن ۾ هلڪي غذا تي قناعت ڪيو تہ جيئن هر هر استنجا جي "حاجت" نہ ٿئي، خاص ڪري مِنيٰ، مُزدَلِفہ ۽ عرفات جي استنجا خانن ۾ وڏيون وڏيون قطارون لڳنديون آهن! ۞ اسلامي ڀينرون شيشي جون چوڙيون پائي ڪري طواف نہ ڪن، رش ۾ ٽٽڻ سان پاڻ ۽ ٻين جي زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۞ اسلامي ڀينرون وڏي ڳُڙي واريون جُتيون

نہ پائن جو رستي ۾ پيادل هلڻ ۾ پريشاني ٿيندي ۞ حرمَين طيِّبَين جي رهائش گاهن جي واش روم ۾ ”انگلش ڪموڊ“ هوندا آهن، وطن ۾ ان جو استعمال سکي وٺو، نہ تہ ڪپڙا پاڪ رکڻ نهايت دشوار آهن ۞ ڪنهن جو ڏنل پيڪٽ کولي ڪري چيڪ ڪرڻ بغير هرگز پاڻ سان گڏ نہ کڻو جيڪڏهن ڪا ممنوع شيءِ نڪري آئي تہ هوائي اڏي (Air port) تي مصيبت ۾ پئجي سگهو ٿا ۞ هوائي جهاز ۾ پنهنجي ضرورت جون دوائون ۽ ڊاڪٽر جي پرچي هينڊ بيگ ۾ رکو تہ جيئن ايمرجنسي ۾ آساني ٿئي ۞ زبان ۽ اکين جو قفل مدينہ لڳايو، جيڪڏهن بنا ضرورت ڳالهائڻ جي عادت رهي تہ غيبتن، تُهمتن ۽ دل آزارين وغيره گناهن کان بچڻ دشوار رهندو، اهڙي طرح اکين جي حفاظت ۽ اکثر نگاهون هيٺ رکڻ جي ترڪيب نہ ٿي تہ بد نگاهي کان محفوظ رهڻ نهايت مشڪل ٿيندو، حرم ۾ هڪ نيڪي لک نيڪين ۽ هڪ گناهہ لک گناهہ (جي برابر) آهي، حرم مان مراد صرف مسجد الحرام ناهي بلڪ حرم جون حدون شامل آهن ۞ نماز ۾ اکثر مُحرِم جي سيني يا پيٽ جو ڪجهہ حصو کلي ويندو آهي ان ۾ ڪنهن قسم جي ڪراهت ناهي ڇوتہ اِحرام ۾ هي خلافِ مُعتاد (يعني

خلاف عادت) نہ آهي ۽ ان جو خيال رکڻ تمام دشوار آهي ۞ ڪفن آبِ زم زم ۾ پسائي ڪري ڪٺي اچڻ بهتر آهي تہ جيئن مکي مديني جون هوائون بہ ان کي ڇمي وڃن، نپوڙڻ ۾ اهو احتياط ڪرڻ مناسب آهي تہ ان مقدّس پاڻي جو هڪ ڦڙو بہ وهي نالي وغيره ۾ نہ وڃي، ڪنهن ٻوٽي وغيره ۾ وجهڻ گهرجي (آبِ زم زم شريف پنهنجي وطن ۾ بہ لڳائي سگهو ٿا) ۞ طواف ۽ سعي ڪندي ڪڏهن ڪڏهن حج جي ڪتابن جا صفحا وڪريل نظر ايندا آهن ٿي سگهي تہ انهن کي ڪٺي وٺو پر ڪعبي شريف کي پٺي يا سينو نہ ٿئي ان جو خيال رکو، البت ڪنهن جي ڪريل رقم ۽ ٻٽون نہ ڪٺو (ڪجھ سال پهرين هڪ پاڪستاني حاجي طواف دوران همدردي ۾ ڪنهن جي ڪريل رقم کڻي رقم واري کي غلط فهمي ٿي ۽ ان کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو، ويچارو هڪ عرصي جي لاءِ جيل ۾ بند ڪيو ويو!) ۞ حجازِ مقدَّس ۾ پيرين اگهاڙي رهڻ سٺو آهي، پر گهر ۽ مسجد جي حمام ۽ رستي جي گپ وغيره ۾ چپل پائي وڃو ۽ گرد آلود، ميرا پير ڪٺي مسجدَين ڪريمَين بلڪ ڪنهن بہ مسجد ۾ داخل نہ ٿيو، جيڪڏهن صفائي نٿا رکي سگهو تہ بغير چپل جي نہ رهو ۞ مستعمل (يعني استعمالي) چپل پائي ڪري واش

بيسن تي وضو ڪرڻ ۾ احتياط ڪيو جو اڪثر هيٺ پاڻي ڪريل هوندو آهي جيڪڏهن چپل ناپاڪ ٿيا ته انديشو آهي ته ڇنڊا اُڏامي ڪري اوهان جي لباس تي پون (هي ذهن ۾ رهي ته جيستائين چپل يا پاڻي يا ڪنهن ٻه شيءِ جي باري ۾ يقيني طور تي نجس يعني ناپاڪ هجڻ جو علم نه هجي ته اهو پاڪ آهي) ❁ مِنىٰ شريف جي اِستنجا خانن جي ٽونٽين ۾ عام طور تي پاڻيءَ جو وهڪرو تورو تيز هوندو آهي، تنهنڪري تمام تورو کوليو ته جيئن توهان ڇنڊڻ کان محفوظ رهي سگهو.

## انهن مان ضرورت واريون شيون پاڻ سان گڏ کڻي وڃو

❁ مدني پنج سوره ❁ پنهنجي پير ۽ مرشد جو شجرو ❁ بهارِ شريعت جو ڇهون حصو ۽ 12 عدد رفيق الحرمين، پاڻ به پڙهو، حاجين ۾ ورهائي ڪري خوب ثواب ڪمايو ❁ قلم ۽ پيڊ ❁ ڊائري ❁ قِبلہ نما (اهو حجازِ مُقدّس ۾ ئي خريد ڪريو. مِنىٰ، عرفات وغيره ۾ قبلي جو طرف معلوم ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏيندو) ❁ ڪتاب، پاسپورٽ، ٽڪيٽ، ٽريول چيڪ، هيلٿ سرٽيفڪيٽ وغيره رکڻ جي لاءِ هيند بيگ (يعني لٽڪائڻ وارو ننڍڙو ٿيلهو) ❁ اِحرام ❁ اِحرام جي

تهبند تي ٻڌڻ لاءِ ڪيسي وارو نائيلون يا چمڙي جو بيلٽ ❁ عِطر ❁ مُصَلّو ❁ تسبيح ❁ چار عدد وڳا، گنجي، سوئيٽر وغيره ڪپڙا (موسم جي مناسبت سان) ❁ اوڍڻ جي لاءِ ڪمبل يا چادر ❁ هوا ڀرجڻ وارو وهاڻو ❁ عمامو شريف، سربند ۽ ٽوپيءَ ❁ وڇائڻ جي لاءِ تڏو يا چادر ❁ آئينو، تيل، ڦڻي، ڏندڻ، سُرمو، سئي ڌاڳو، قينچي سفر ۾ ساڻ کڻڻ سنّت آهي ❁ ننهن ڪٽڻي ❁ سامان تي تالو، پتو لکڻ لاءِ ٿلهي مارڪر پين ❁ توال ❁ رومال ❁ استعمال ڪندا هجو ته ۽ نظر جا چشما ❁ صابڻ ❁ ڏندن جو پائوڊر (يا ٽوٿ پيسٽ) ❁ سيفٽي ريزر ❁ ڪوئرو ❁ گلاس ❁ پليٽ ❁ پيالو ❁ دسترخوان ❁ ڳچيءَ ۾ لڙڪائڻ واري پاڻيءَ جي بوتل ❁ چمچو ❁ ڇُري ❁ مٽي جي سور ۽ نزلي وغيره جي لاءِ ٽِڪيون ۽ پنهنجي ضرورت جون دوائون ❁ گرميءَ جي موسم ۾ پنهنجي مٿان ڇڻڪڻ لاءِ اسپريئر (مِنيٰ ۽ عرفات ۾ ان جو قدر ٿيندو) ❁ ضرورت آهر ڪاڌي پيتي جا ٿانوَ.

## "مديني" جي پنج اکرن جي نسبت سان سامان کڻڻ جي لاءِ 5 مدني گل

❁ هٿ جي سامان جي لاءِ مضبوط هينڊ بيگ ❁

لگيج ڪرائڻ لاءِ وڏي بيگ (ان تي وڏي مارڪر پين سان نالو پتو ۽ فون نمبر وغيره لکي ڇڏيو ۽ ڪو نشان ضرور لڳايو مثال طور ★ وڏيڪ اهو ته پنهنجي بيگ جي لوهه جي حلقي وغيره ۾ رنگين ڪپڙي جي پٽي يا ليس (lace) جي ننڍي پٽي نمايان ڪري ٻڌي ڇڏيو) ۞ بيگ کي تالو لڳائي ڇڏيو پر ان جي هڪ چاٻي اِحرام جي بيلٽ جي کيسي ۾ ۽ هڪ هينڊ بيگ ۾ رکي ڇڏيو، نه ته چاٻي گم ٿيڻ جي صورت ۾ جده ڪسٽم ۾ وڏين وڏين قينچين سان ڪٽي ڪري بيگ کوليا ويندا آهن اوهان ٽينشن ۾ اچي ويندؤ ۞ اٽاچي ڪيس (هينڊ بيگ) جي اندر به نالي پتي ۽ فون نمبر جي پرچي وجهي ڇڏيو ۞ ٻئي "ٽرالي بيگ" (يعني ٽائرن وارا) هجن ته سهولت رهندي. (ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ)

## هيلٿ سرٽيفڪيٽ جا مدني گُل

قانون جي مطابق سيئي سفري ڪاغذات پهريان ئي تيار ڪرائي ڇڏيو. مثلاً "هيلٿ سرٽيفڪيٽ" اهو توهان کي حاجي ڪيمپ ۾ گردن توڙ بخار جو ٽڪو لڳرائڻ ۽ پوليو ويڪسين جي قطرا پيارڻ وڃڻ کان پوءِ ملندو، جيڪڏهن ان ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي ٿي ته توهان کي جهاز ۾ چڙهڻ کان روڪي سگهجي ٿو يا جدي شريف جي

ايئرپورٽ تي بہ رڪاوٽ پيش اچي سگهي ٿي ❁ حفاظتي ٽڪا روانگي کان صرف چار ڏينهن پهريان لڳائڻ ڪو خاص فائديمند ناهي، 15 ڏينهن پهريان لڳائڻ بيحد مفيد رهندو نہ تہ مبارڪ سفر جي گهما گهمي ۾ خطرناڪ بلڪ جان ليوا بيماري جو خطرو رهندو، ۽ ❁ قانوناً لازمي نہ سهي پر فِلو ۽ هيپاٽائيٽس جا ٽڪا لڳائڻ بہ اوهان جي لاءِ بهتر آهن انهن طبي ڪاروائين کي بوجھ نہ سمجهو ان ۾ اوهان جو ڀلو آهي ❁ اڪثر ٽريول ايجنٽ يا ڪاروان وارا گهر ويٺي ئي هيلٿ سرٽيفڪيٽ فراهم ڪندا آهن، جيڪو اوهان جي صحت جي لاءِ نقصان ڪار هجڻ سان گڏوگڏ ڌوڪو، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، ٽريول ايجنٽ، قصداً دستخط ڪرڻ وارو ڊاڪٽر ۽ ڄاڻي واڻي غلط سرٽيفڪيٽ وٺي ڪري استعمال ڪرڻ وارو حاجي (يا عمرو ڪرڻ وارو) سڀئي گناهگار ۽ عذابِ نار جا حقدار آهن، جنهن اهڙي طرح جا ڪم ڪيا اهي سڀ سچي توبہ ڪن.

## هوائي جهاز وارا ڪڏهن اِحرام ٻڌن؟

هوائي جهاز ذريعي بابُ المدينہ ڪراچي کان جدي شريف جو تقريبًا چار ڪلاڪ جو سفر آهي. (دنيا ۾ ڪٿان بہ سفر ڪيو) اَڪثر جي دؤران **مِيقات** جي خبر ناهي پوندي،

تنهنڪري پنهنجي گهر مان تياري ڪري نڪرو، جيڪڏهن مَڪروهه وقت نہ هجي تہ اِحرام جا نفلَ بہ گهر ۾ ئي پڙهي وٺو، ۽ اِحرام جون چادرون بہ گهر مان پائي ڇڏيو، البت گهر مان اِحرام جي نيّت نہ ڪريو. هوائي جهاز ۾ نيّت ڪجو ڇو تہ نيّت ڪان پوءِ لَبَّيۡڪ پڙهڻ سان مُحرِم ٿي ويندؤ ۽ پابنديون شروع ٿي وينديون، ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن سبب جي ڪري اُڏام ۾ دير ٿي وڃي، مُحۡرِم ايئرپورٽ تي خوشبودار گلن جا هار وغيره نہ ٿو پائي سگهي[1] انهيءَ ڪري پاڪستان ڪان سفر ڪرڻ وارا ائين بہ ڪري سگهن ٿا جو اِحرام جون چادرون پائي هوائي اڏي تي تشريف ڪٺي اچن يا عام لباس ۾ اچن. ايئرپورٽ تي بہ غسل خاني، وضو خاني ۽ نماز جي جڳهہ جو اِهتِمام هوندو آهي، اتي ئي اِحرام جي ترڪيب ڪيو، آساني انهيءَ ۾ آهي تہ جڏهن توهان جو هوائي جهاز فضا ۾ هموار ٿي وڃي تہ ان وقت نيّت ۽ لَبَّيۡڪ جي ترڪيب ڪريو. ها جيڪي عِلم رکندا آهن ۽ احرام جون پابنديون نڀائي سگهن ٿا اهو جيتري جلدي مُحرم ٿي وڃندا انهن

(1) احرام جي حالت ۾ خوشبوءِ جي استعمال جا اَحڪام تفصيلي اڳتي اچي رهيا آهن، ها احرام جون چادرون جيڪڏهن پائي ورتيون آهن پر اڃا تائين نيّت ڪري لبّيڪ ناهي چيو تہ خوشبو لڳائڻ، خوشبودار گلن جا هار پائڻ سڀ جائز آهن.

کي احرام جو ثواب ملڻ شروع ٿي ويندو (نيت ۽ ميقات وغيره جو تفصيل اڳتي اچي رهيو آهي)

## جهاز جا خوشبودار ٽشو پيپر

خبردار! جهازن ۾ اکثر سينٽ لڳل (خوشبودار) ٽشو پيپرن جو ننڍو پيڪٽ ڏنو ويندو آهي، اِحرام وارو ان کي هرگز نہ کولي، جيڪڏهن هٿ تي خوشبو جي وڏيڪ تري (يعني آلاڻ) لڳي وئي آهي تہ دم واجب ٿي ويندو، گهٽ لڳي تہ صدقو، جيڪڏهن تري نہ لڳي هٿ صرف خوشبودار ٿي ويا تہ پوءِ ڪجهہ ناهي.

## جَدّه شريف کان مڪي شريف

جَدّه شريف جي هوائي اڏي تي پهچي پنهنجو سامان کڻي لَبَّيْڪ پڙهندي، ڌڙڪندڙ دل سان هوائي جهاز مان لهو ۽ ڪسٽم شيڊ جي پرسان ڪائونٽر تي پنهنجو پاسپورٽ ۽ هيلٿ سرٽيفڪيٽ چيڪ ڪرائي شيڊ ۾ جمع ٿيل سامان مان پنهنجي سامان جي سُڃاڻپ ڪري الڳ ڪريو. ڪسٽم وغيره مان فراغت ۽ بس جي روانگي جي ڪاروائي ۾ تقريباً 6 کان 8 ڪلاڪ لڳي سگهن ٿا، خوب صبر ۽ همت سان ڪم وٺو، جَدّي شريف جي حج ٽرمينل کان مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جو فاصلو تقريباً هڪ يا

ڏيڍ ڪلاڪن ۾ طئي ٿي سگهي ٿو پر گاڏين جي رش ۽ قانوني ڪاروائين جي سبب ڪيترن ئي قسمن جون پريشانيون پيش اچي سگهن ٿيون، بس وغيره جو به انتظار ڪرڻو پوندو آهي، هر موقعي تي صبر ۽ رضا جا پيڪر بڻجي ڪري لَبَّيۡڪ پڙهندا رهو، ڪاوڙ ۾ اچي انتظاميه جي باري ۾ گوڙ ۽ شور ڪرڻ سان مسئلا حل ٿيڻ جي بدران ويتر وڌيڪ مسئلن ۾ پوڻ ۽ صبر جي ثواب جو برباد ٿيڻ ۽ مَعاذَالله مسلمان کي ايذاءُ ڏيڻ، غيبتن، اِلزام تراشين ۽ بدگمانين وغيره جي گناهن ۾ ڦاسڻ جون صورتون پيدا ٿي سگهن ٿيون. هڪ چُپ سؤ سُک. روانگي جي ترڪيب ٿيڻ کان پوءِ سامان سميت پنهنجي مُعَلِم جي بس ۾ لَبَّيۡڪ پڙهندي مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا ڏانهن روانا ٿيو.

## مديني جي اُڏام وارن جو اِحرام

جنهن جي وطن کان سنئون سِڌو مديني منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا جي اُڏام هجي انهن کي اهو سفر اِحرام جي بغير ڪرڻو آهي، مديني شريف کان جڏهن مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا جي طرف اچڻ لڳو انهيءَ وقت مسجد نبوي شريف (عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) کان يا ذوالحُلَيفه (اَبيار علي) کان احرام

جي نيت ڪيو.

## مُعَلِّم جي طرفان سواري

جدي شريف کان مڪي پاڪ، مديني شريف، مِنيٰ، عرفات، مُزدَلِفہ ۽ واپسيءَ ۾ وري مڪي پاڪ کان جدي شريف تائين پهچائڻ ۽ پنهنجي وطن کان مديني شريف جي پرواز وارن کي اهي سهولتون ڏيڻ مُعَلِّم جي ذمي آهن ۽ ان جي فيس توهان کان پهريان ئي وصول ڪئي وئي آهي، جڏهن توهان پهريون ڀيرو مڪي پاڪ ۾ مُعَلِّم جي آفيس تي لهندؤ ان وقت جو ڪاڌو ۽ عرفات شريف ۾ منجهند جو ڪاڌو بہ مُعَلِّم جي ذمي آهي.

## سفر جا 26 مَدَني گُل

❁ هلڻ وقت مٽن مائٽن، دوستن کان قصور مُعاف ڪرايو ۽ جن کان مُعافي گهري وڃي انهن تي بہ لازم آهي تہ دل سان مُعاف ڪن. حديث شريف ۾ آهي: جنهن وٽ ان جو (اسلامي) ڀاءُ مَعذرت آڻي، (ان تي) واجب آهي تہ قبول ڪري (يعني مُعاف ڪري) نہ تہ حوضِ ڪوثر تي اچڻ (نصيب) نہ ٿيندو. (فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 627) ❁ ڪنهن جي امانت پاڻ وٽ هجي يا قرض هجي تہ موٽائي ڏيو، جن جو ناحق مال ورتو هجي واپس ڪري ڇڏيو يا مُعاف ڪريو،

(جيڪڏهن) خبر نہ پوي تہ اوترو مال (شرعِي) فقيرن کي ڏئي ڇڏيو ❁ نماز، روزو، زڪوٰة جيتريون عبادتون ذمي هجن. ادا ڪريو ۽ توبهہ بہ ڪريو، هن سفر مبارڪ جو مقصد صرف الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشنودي هجي. رياڪاري ۽ تَڪَبُّر کان بچو ❁ عورت سان گڏ جيستائين گهروارو يا قابلِ اِطمِينان بالغ مَحْرَم (جنهن سان نڪاح هميشہ جي لاءِ حرام آهي) نہ هجي تہ ان کي سفر ڪرڻ حرام آهي، جيڪڏهن ڪندي تہ حج تي ويندو پر هر قدم تي گناهہ لکيو ويندو. (بهار شريعت ج 1 ص 1051) (اهو حڪم صرف حج جي سفر جي لاءِ ئي نہ هر سفر جي لاءِ آهي) ❁ ڪرايي جي گاڏي تي جيڪو سامان رکڻو هجي، پهريان کان ڏيکاريو ۽ ان کان وڌيڪ مالڪ جي اجازت کان بغير گاڏي ۾ نہ رکو. **حڪايت:** سيّدُنا عبدالله بن مُبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪنهن سفر تي روانو ٿيڻ وقت ٻئي کي پهچائڻ لاءِ خط پيش ڪيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن ارشاد فرمايو: اُٺ ڪرايي تي ڪنيو آهي سواري واري کان اجازت وٺڻي پوندي ڇوتہ مون ان کي سڄو سامان ڏيکاري ڇڏيو آهي ۽ اهو خط واڌاري شيء آهي. (ماخوذاً احياءُ العُلوم ج 1 ص 353) ❁ حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن ٽي ماڻهو سفر تي

وجن تہ پاڻ منجهان هڪ کي امير بڻائن. (ابوداؤد ج 3 ص 51 حديث 2608) ان سان ڪمن ۾ انتظام رهندو آهي ❁ امير ان اسلامي ڀاءُ کي بڻايو جيڪو خوش اخلاق، سمجهدار، ديانتدار ۽ سنّتن جو پابند هجي ❁ امير کي گهرجي تہ همسفر اسلامي ڀائرن جي خدمت ڪري ۽ انهن جي آرام جو پورو خيال رکي ❁ جڏهن سفر تي وڃڻ لڳو تہ اهڙي طرح موڪلايو جو ڄڻ دنيا مان رخصت ٿيندا هجو. هلڻ وقت اها دعا پڙهو: اَللّٰھُمَّ اِنَّا نَعُوْذُبِكَ مِنْ وَّعْثَآءِ السَّفَرِ وَكَآبَةِ الْمُنْقَلَبِ وَسُوْٓءِ الْمَنْظَرِ فِي الْمَالِ وَالْاَھْلِ وَالْوَلَدِ واپسي تائين اهل و عيال محفوظ رهندا ❁ سفر جو لباس پائي، جيڪڏهن مڪروهہ وقت نہ هجي تہ گهر ۾ چار رڪعتون نفل اَلحَمد شريف ۽ قُل شريف سان پڙهي ڪري ٻاهر نڪرو، اهي رڪعتون واپسيءَ تائين گهروارن ۽ مال جي نگهباني ڪنديون ❁ گهر مان نڪرڻ وقت اٰيَةُ الكُرسي ۽ قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ کان قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاس تائين تبت کان علاوه پنج سورتون پڙهو، سڀئي سورتون بِسْمِ اللهِ سان پڙهو. آخر ۾ بہ بِسْمِ اللهِ شريف پڙهو، ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سڄي رستي ۾ آرام رهندو ۽ ان وقت ﴿اِنَّ الَّذِیْ فَرَضَ عَلَیْكَ الْقُرْاٰنَ لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ﴾

(پ 20 القصص 85) (ترجموڪنزالايمان: بيشڪ جنهن تو تي قرآن فرض ڪيو اهو توهان کي موٽائيندو جتي موٽڻ چاهيو ٿا) هڪ پيرو پڙهي ته خيريت سان واپسي ٿيندي ۞ مڪروهه وقت نه هجي ته پنهنجي مسجد ۾ به رڪعتون نفل ادا ڪيو.

## هوائي جهاز جي ڪرڻ ۽ سڙڻ کان امن ۾ رهڻ جي دعا

هوائي جهاز ۾ سوار ٿي اول آخر درود شريف سان گڏ هي دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَعُوۡذُ بِكَ مِنَ الۡهَدۡمِ وَاَعُوۡذُ بِكَ مِنَ التَّرَدِّیۡ ط وَاَعُوۡذُ بِكَ مِنَ الۡغَرَقِ وَالۡحَرَقِ وَالۡهَرَمِ وَاَعُوۡذُ بِكَ اَنۡ یَّتَخَبَّطَنِیَ الشَّیۡطٰنُ عِنۡدَ الۡمَوۡتِ ط وَاَعُوۡذُ بِكَ اَنۡ اَمُوۡتَ فِیۡ سَبِیۡلِكَ مُدۡبِرًا وَاَعُوۡذُ بِكَ اَنۡ اَمُوۡتَ لَدِیۡغًا ط

ترجمو: يا الله مان پناه چاهيان ٿو، عمارت جي ڪرڻ کان، ۽ تنهنجي پناه چاهيان ٿو بلندي تان ڪرڻ کان، ۽ تنهنجي پناه چاهيان ٿو ٻُڏڻ ۽ سڙڻ ۽ پوڙهائپ[1] کان، ۽ تنهنجي پناه چاهيان ٿو ان کان جو شيطان مون کي موت جي وقت وسوسا ڏي، ۽ تنهنجي پناه چاهيان ٿو جو تنهنجي راه مان پٺ ڦيري مري وڃان ۽ تنهنجي پناه چاهيان ٿو نانگ جي ڏنگڻ کان.

بلند مقام تان ڪرڻ کي تَرَدِّي ۽ سڙڻ کي حَرَق چوندا آهن، حضور پاڪ، صاحب لولاڪ، سَيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) يعني اهڙي پوڙهائپ سان جنهن سان زندگي جو اصل مقصد فوت ٿي وڃي يعني علم وعمل ختم ٿيندو رهي. (مراة ج 4 ص 3)

هي دعا گهرندا هئا، هي دعا هوائي جهاز جي لاءِ خاص
ناهي جيئن تہ ان دعا ۾ بلندي تان ڪِرڻ ۽ سڙڻ کان بہ
پناهہ گهري وئي آهي ۽ هوائي سفر ۾ اهي ٻئي خطرا
موجود آهن تنهنڪري اميد آهي ان جي پڙهڻ جي برڪت
سان هوائي جهاز حادثي کان محفوظ رهي ۞ ريل يا بس
وغيره ۾ بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَكْبَرُ، اَلْحَمْدُ لِلّٰه ۽ سُبْحٰنَ الله سڀ ٽي ٽي ڀيرا،
لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله هڪ ڀيرو، پوءِ هيءَ قرآني دعا پڙهو، اِنْ شَآءَالله
عَزَّوَجَلَّ سواري هر قسم جي حادثي کان محفوظ رهندي، دعا
هي آهي: سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ﴿۱۳﴾ وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ﴿۱۴﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** پاڪائي آهي ان جي جنهن هن سواريءَ ڪي
ڪي اسان جي قابو ۾ ڪري ڏنو ۽ اسان ان ڪي قابو ۾ رکي سگهڻ وارا نہ
هئاسين ۽ بيشڪ اسان ڪي پنهنجي رب جي طرف موٽڻو آهي. (پ 25
زُخرف 14،13) ۞ جڏهن ڪنهن منزل تي لهو تہ ٻہ رڪعتون
نفل پڙهو. (جيڪڏهن مڪروهہ وقت نہ هجي تہ) سنّت آهي ۞
جڏهن ڪنهن منزل تي لهو تہ وقت بوقت هيءَ دعا پڙهو،
اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان منزل تان نڪرڻ وقت ڪا شيءِ نقصان نہ
ڏيندي. دعا هي آهي: اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ
ترجمو: مان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪامل ڪلمات جي واسطي سان سڄي
مخلوق جي شر کان پناهہ گهران ٿو. ۞ يَاصَمَدُ 134 ڀيرا روزانو

پڙهو ٻُک ۾ اُڃ کان ۾ امن رهندؤ ۞ جڏهن دشمن يا ڌاڙيل جو خوف هجي تہ سورهٴ لِاِيْلٰفِ پڙهي ونو، ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ هر مصيبت کان امان (يعني پناه) ملندي ۞ دشمن جي خوف جي وقت هي دعا پڙهڻ نهايت فائديمند آهي:

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَجْعَلُكَ فِيْ نُحُوْرِهِمْ وَنَعُوْذُبِكَ مِنْ شُرُوْرِهِمْ ترجمو: اي الله اسان تو کي انهن جي سامهون ڪيون ٿا ۽ ان جي برائين کان تنهنجي پناه گهرون ٿا. جيڪڏهن ڪا شيءِ گم ٿي وڃي تہ

يٰجَامِعَ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ○ اِجْمَعْ بَيْنِيْ وَبَيْنَ ضَآلَّتِيْ (اي ماڻهن کي ان ڏينهن جمع ڪرڻ وارا جنهن ۾ شڪ نہ آهي، بيشڪ الله واعدي جو خلاف ناهي ڪندو، (مون کي) منهنجي گميل شيءِ جي وچ ۾ جمع ڪري ڇڏ) ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ملي ويندي ۞ هر بلندي تي چڙهندي وقت اَللّٰهُ اَكْبَرُ چئو ۽ هيٺ لهڻ وقت سُبْحٰنَ الله ۞ سمهڻ وقت هڪ ڀيرو آيَةُ الكُرسي هميشہ پڙهو جو تہ هي چور ۽ شيطان کان امان (يعني پناه) آهي ۞ جڏهن ڪنهن مشڪل ۾ مدد جي ضرورت پوي تہ حديث شريف ۾ آهي تہ هن طرح ٽي ڀيرا پڪاريو: يَاعِبَادَ اللّٰهِ اَعِيْنُوْنِيْ ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪريو. (حِصن حَصين ص 86) ۞ سفر کان واپسيءَ ۾ بہ ذڪر ڪيل سفر جي آدابِ جو لحاظ رکو ۞ ماڻهن کي گهرجي

تہ حاجي جو استقبال ڪن ۽ ان جي گهر پهچڻ ڪان پهريان ان ڪان دعا ڪرائن ڇو تہ حاجي جيستائين پنهنجي گهر ۾ قدم ناهي رکندو ان جي دعا قبول آهي ❁ وطن پهچي ڪري سڀ ڪان پهرين پنهنجي مسجد ۾ مڪروهہ وقت نہ هجي تہ ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪيو ❁ ٻہ رڪعتون گهر اچي ٻہ (مڪروهہ وقت نہ هجي تہ) ادا ڪريو ❁ پوءِ سيني سان خوش دلي سان ملاقات ڪيو. (تفصيلي معلومات جي لاءِ بهار شريعت جلد 1 حصو 6 صفحي 1051 تا 1066، فتاويٰ رضويہ جلد 10 صفحي 726 ڪان 731 جو مطالعو فرمايو)

## "ياالله" جي 6 اکرن جي نسبت سان سفر ۾ نماز جا 6 مدني گل

﴿1﴾ شرعًا مسافر اهو آهي جيڪو ٽن ڏينهن جي فاصلي تائين وڃڻ جي ارادي سان پنهنجي مقامِ اِقامت مثلاً شهر يا ڳوٺ ڪان ٻاهر ويو، خشڪي ۾ سفر تي ٽن ڏينهن جي مسافت مان مراد ساڍا ٻاونجاهہ ميل (تقريباً 92 ڪلوميٽر) جو فاصلو آهي. (فتاوٰي رضويہ ج 8 ص 243، 270، بهارِ شريعت ج 1 ص 740،741) ﴿2﴾ جتي سفر ڪري پهچو ۽ پندرهن يا وڌيڪ ڏينهن ترسڻ جي نيّت آهي تہ هاڻي مسافر نہ رهيؤ، بلڪ مُقِيم ٿي ويؤ. اهڙي صورت ۾ نماز ۾ قصر نہ ڪندؤ،

جڏهن پندرهن ڏينهن کان گهٽ رهڻ جي نيّت هجي تہ پوءِ نمازن ۾ قصر ڪندؤ، يعني ظهر، عصر ۽ عشاء جي فرض رڪعتن ۾ چار فرضن جي جاءِ تي ٻہ رڪعتون فرض ادا ڪنداسين، فجر ۽ مغرب ۾ قصر ناهي باقي سڀ سنتون، وِتْر وغيره سڀ پوريون ادا ڪريو ﴿3﴾ بي شمار حاجي سڳورا شَوالُ المُڪَرَّم يا ذِيقعدةُ الحَرام ۾ مڪي شريف پهچي ويندا آهن، جيئن تہ حج جا ڏينهن اچڻ ۾ ڪافي وقت باقي هوندو آهي تنهنڪري ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ انهن کي تقريباً 9 ڏينهن جي لاءِ مديني منوره موڪليو ويندو آهي انهيءَ صورت ۾ اهي مديني شريف ۾ مسافر ئي رهندا آهن، بلڪ ان کان پهريان مڪي شريف ۾ 15 ڏينهن کان گهٽ وقفي ملڻ جي صورت ۾ اهي اتي بہ مسافر ئي هوندا آهن. ها مڪي يا مديني ۾ يعني هڪ ئي شهر ۾ 15 يا وڌيڪ ڏينهن رهڻ جو يقيني موقعو ملڻ جي صورت ۾ اِقامت جي نيت درست ٿيندي ﴿4﴾ جنهن اِقامت جي نيّت ڪئي پر ان جي حالت ٻُڌائي ٿي تہ پندرهن ڏينهن نہ ترسندو تہ نيّت صحيح ناهي، مثلاً حج ڪرڻ ويو ۽ ذُوالحَج شريف جو مهينو شروع ٿي وڃڻ باوجود پندرهن ڏينهن مڪي شريف ۾ رهڻ جي نيّت ڪيائين تہ اها نيّت

بيڪار آهي ڇو تہ جڏهن حَجّ جو ارادو ڪيو آهي تہ (15 ڏينهن ان ڪي ملندا ئي نہ ڇو) تہ (8 ذوالحج شريف) مِنٰي شريف (۽ نائين جو) عَرفات شريف ضرور ويندو پوءِ ايترن ڏينهن تائين (يعني لاڳيتو 15 ڏينهن) مڪي شريف ۾ ڪيئن ترسي سگهي ٿو؟ مِنيٰ شريف کان واپس موٽي ڪري نيّت ڪري تہ صحيح آهي. جڏهن تہ واقعي 15 يا وڌيڪ ڏينهن مڪي شريف ۾ ترسي سگهندو هجي ۽ جيڪڏهن غالب گمان آهي تہ 15 ڏينهن جي اندر اندر مديني شريف يا وطن لاءِ روانو ٿي ويندو تہ هاڻي بہ مسافر آهي **﴿5﴾** هي سٽون لکڻ تائين جده شريف جي آبادي جي ختم ٿيڻ کان مڪي شريف جي آبادي جي آغاز تائين جو فاصلو روڊ ذريعي 53 ڪلوميٽر ۽ هوائي جهاز ذريعي 47 ڪلوميٽر آهي ۽ جدي شريف جي آبادي جي ختم ٿيڻ کان عرفات شريف تائين هڪ روڊ تان سفر 78 ڪلوميٽر ۽ ٻين ٻن روڊن کان 80 ڪلوميٽر جو سفر آهي. جڏهن تہ مطار (Airport) کان هوائي فاصلو 67 ڪلوميٽر آهي. تنهنڪري جَدّہ شريف کان مڪي شريف وڃجي تہ تڏهن بہ ۽ سڌو سنئون عرفات شريف پهچجي تڏهن بہ اهي نمازون پوريون پڙهندا **﴿6﴾** هوائي جهاز ۾ فرض وتر سنتون ۽ نفل وغيره تمام نمازون

اُڏام دوران پڙهي سگهو ٿا، اِعادو (يعني ٻيهر پڙهڻ) جي حاجت ناهي، فرض وِتر ۽ سنتِ فجر قبلي رخ قاعدي مطابق ادا ڪريو، جهاز جي پُڇ، غسل خاني، بورچيخاني وغيره وٽ بيهي ڪري نماز پڙهڻ ممڪن هوندو آهي، باقي سنتون ۽ نفل پرواز جي دوران پنهنجي نشست تي ويهي به پڙهي سگهو ٿا، ان حالت ۾ قبلي رخ هجڻ شرط نه آهي. (وڌيڪ معلومات جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "نماز جا احڪام" ۾ شامل رسالو "مسافر جي نماز" جو مطالعو ڪيو)

رُکے ہیبت سے جب مجرم تو رحمت نے کہا بڑھ کر
چلے آؤ چلے آؤ یہ گھر رحمٰن کا گھر ہے (ذوقِ نعت)

## "ڪرم" جي ٽن اکرن جي نسبت سان

## 3 فرمان مصطفيٰ[1] صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ حاجي پنهنجي گهروارن مان چار سؤ جي شفاعت ڪندو ۽ گناهن کان ائين نڪري ويندو جيئن ان ڏينهن جڏهن ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو. (مسند البزار ج 8 ص 169 حديث 3196)

﴿2﴾ حاجي جي مَغْفِرت ٿي ويندي آهي ۽ حاجي جنهن جي لاءِ اِستِغفار ڪري ان جي لاءِ به مغفرت آهي. (مجمع الزوائد ج 3 ص 483 حديث 5278) ﴿3﴾ جيڪو حج يا عمري جي لاءِ نڪتو ۽ رستي ۾ مري ويو، ان جي پيشي نه ٿيندي، نه حساب

ٽيندو ۽ ان کي چيو ويندو: اُدۡخُلِ الۡجَنَّةَ يعني تون جنّت ۾ داخل ٿي وڃ.“ (المعجم الاوسط ج 4 ص 111 حديث 8835)

## هر قدم تي ست ڪروڙ نيڪيون

منهنجا آقا اعليٰ حضرت مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن رسالي ”اَنوَرُ البِشارَة“ ۾ پيادل هلڻ جي ترغيب ڏياريندي فرمائن ٿا: ٿي سگهي تہ پيادل (مکي پاڪ زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعۡظِيۡماً کان مِنيٰ، عرفات، وغيره) وڃو جو جيستائين مکي پاڪ زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعۡظِيۡماً واپس موٽي ايندؤ تہ هر قدم تي ست ڪروڙ نيڪيون لکيون وينديون، اهي نيڪيون اندازًا اٺهتر ڪرب چاليهہ اَرب ٽين ٽيون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو فضل، ان جي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ هن اُمت تي بي شمار آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 746) سگِ مدينہ عُفِيَ عنه عرض ڪري ٿو تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پراڻي ڏکهي رستي جو حساب لڳايو آهي، هاڻي تہ مکي پاڪ زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعۡظِيۡماً کان مِنيٰ شريف جي لاءِ جبلن ۾ سرنگهون (Tunnels) کڙيون ويون آهن ۽ پيادل هلڻ وارن جي لاءِ رستو مختصر ۽ آسان ٿي ويو آهي، ان حساب سان نيڪين جي تعداد ۾ بہ گهٽتائي ٿيندي.

وَاللهُ وَ رَسولُه اَعلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# پيادل حاجي سان فرشتا ڀاڪر پائيندا آهن

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن حاجي سوار ٿي ايندا آهن ته فرشتا انهن سان مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن ۽ جيڪي پيادل هلي ڪري ايندا آهن فرشتا انهن سان معانقو ڪندا (يعني ڀاڪر پائيندا) آهن.

(اتحاف السادة للزبيدي ج 4 ص 465)

# دوران حج جي لاءِ قرآني حڪم

سيپاري 2 سورة البقرة آيت نمبر 197 ۾ ارشاد رباني آهي: فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ؕ ترجمو ڪنزالايمان: ته نه عورتن جي آڏو صحبت جو ذڪر ٿئي، نه ڪو ڏوهه، نه ڪنهن سان جهيڙو حج جي وقت تائين.

هن آيت مبارڪ جي تحت صدرُ الشَّريعة، بدرُالطَّريقه حضرت علامه مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوی فرمائن ٿا: (حج ۾) ته انهن ڳالهين کان نهايت پري رهڻ گهرجي، جڏهن ڪاوڙ اچي يا جهيڳڙو ٿئي يا ڪنهن معصيت (يعني نافرماني) جو خيال اچي ته هڪدم مٿو جهڪائي ڪري انهيءَ آيت جي تلاوت ڪري ۽ هڪ ٻه ڀيرو لاحول شريف پڙهي، اهو خيال ختم ٿي ويندو، اهو ناهي ته پاڻ ان (يعني حاجي) جي طرفان ابتداء ٿئي يا پنهنجي ساٿين سان جهيڳڙو ٿي وڃي، بلڪ ڪڏهن امتحان طور راهه هلندي

ماڻهن کي پيش ڪيو ويندو آهي جيڪي بي سبب اُلجهندا آهن بلڪ گار گند ۽ لعن طعن جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن، ان کي (يعني حاجي کي) هر وقت هوشيار رهڻ گهرجي متان (يعني ائين نہ ٿئي، خدا نہ ڪري) جو هڪ ٻن جملن ۾ سڄي محنت ۽ پيسا برباد ٿي وڃن. (بهار شريعت ج ۱ ص 1061)

سنبھل کر پاؤں رکھنا حاجیو! راہِ مدینہ میں
کہیں ایسا نہ ہو سارا سفر بیکار ہو جائے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حاجي جي لاءِ عشق جو سرمايو ضروري آهي

پيارا حاجيو! حج جي لاءِ جهڙي طرح ظاهري سرمايي جي ضرورت هوندي آهي اهڙي طرح باطني سرمايي يعني عشق ۽ محبت جي سخت حاجت آهي ۽ اهو سرمايو عاشقانِ رسول وٽان ملندو آهي، **حڪايت:** سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالٰی عنہ جي بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو. پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ حاضرين کي فرمايو: "هي هاڻي هاڻي بيتُ المَقدّس کان هڪ قدم ۾ مون وٽ آيا آهن تہ جيئن مون کان عشق جا آداب سکن." (اخبار الاخيار ص 14 بتصرف) **الله** عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# ڪنهن عاشق سان نسبت قائم ڪريو!

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! هڪ باڪرامت ولي به عشق جي سرمايي کي حاصل ڪرڻ خاطر پاڻ کان وڏي ولي جي بارگاهه ۾ حاضري ڏيندو آهي ته پوءِ اسان ڪهڙي ڳڻپ ۾ آهيون! تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان به ڪنهن عاشقِ رسول سان نسبت قائم ڪري ان کان عشق جا آداب سکڻ ۽ پوءِ سفرِ مدينه اختيار ڪريون.

پہلے ہم سیکھیں قرینہ پھر ملے مُرشِد سے سینہ
چل پڑے اپنا سفینہ اور پہنچ جائیں مدینہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا حاجيو!** هاڻي عاشقانِ رسول حاجين جي عشق ۽ محبت ڀريل ۽ رقت انگيز حڪايتون پڙهو ۽ جهومو:

## ﴿1﴾ پُراسرار حاجي

حضرتِ سيِّدُنا فُضيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: "عرفات جي ميدان ۾ حاجي دعا ۾ مشغول هئا، منهنجي هڪ نوجوان تي نظر پئي جيڪو مٿو جهڪائي شرمسار ويٺو هو، مون چيو: اي نوجوان! تون به دعا ڪر. اهو چوڻ لڳو: مون کي ته ان ڳالهه جو خوف ٿي رهيو آهي جيڪو وقت مون کي حاصل ٿيو هو، شايد اهو ختم

تي ويو هاڻي ڪهڙي منهن سان دعا ڪيان! مون چيو تہ تون بہ دعا ڪر تہ جيئن الله عَزَّوَجَلَّ تو ڪي بہ هنن دعا گهرڻ وارن جي بَرَڪت سان ڪامياب فرمائي. حضرت سيِّدُنا فُضيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ان دعا جي لاءِ هٿ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هڪدم ان تي رقت طاري ٿي وئي ۽ هڪ رَڙ ان جي وات مان نڪتي، تڙپي ڪِري پيو ۽ ان جو روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو. (ڪشف المحجوب 363)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ﴿2﴾ ذبح ٿيڻ وارو حاجي

حضرتِ سيّدُنا ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون مِنيٰ ۾ هڪ نوجوان کي ڏٺو تہ آرام سان ويٺو آهي جڏهن تہ ماڻهو قربانين ۾ مشغول هئا. ايتري ۾ ان پڪاريو: اي منهنجا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجا سمورا ٻانها قربانين ۾ مشغول آهن، مان بہ تنهنجي بارگاهہ ۾ پنهنجي جان قربان ڪرڻ چاهيان ٿو، منهنجا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! مون کي قبول فرماءِ، اِهو چئي پنهنجي آڱر پنهنجي ڳچيءَ تي ڦيريائين ۽ تڙپي ڪِري پيو. مون ان جي ويجهو وڃي ڪري ڏٺو تہ هو فوت ٿي چڪو هو. (ڪشف المحجوب ص 364)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

یہ اِک جان کیا ہے اگر ہوں کروڑوں

ترے نام پر سب کو وارا کروں میں (سامانِ بخشش)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنهنجي نالي سان گڏ ”حاجي“ لڳائڻ ڪيئن آهي؟

محترم حاجيو! ڏٺو توهان؟ حج هجي تہ اهڙو! الله عَزَّوَجَلَّ انهن ٻنهي بابرڪت حاجين جي صدقي اسان کي بہ قلبي سوز نصيب فرمائي. ياد رکو! هر عبادت جي قبوليّت جي لاءِ اِخلاص شرط آهي. هاءِ! هاڻي علمِ دين ۽ سُني صحبت کان دوري جي ڪري اسان جون اڪثر عبادتون رياڪاري جي نذر ٿي برباد ٿي وينديون آهن. جهڙي طرح هاڻي هر ڪم ۾ ڏيکاءُ جي عمل دخل کي ضروري سمجهيو وڃي ٿو، ائين هاڻي حج جهڙي عظيم سعادت بہ ڏيکاءُ جي وَر چڙهي ويندي آهي. مثال طور بي شمار ماڻهو حج ادا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي پنهنجي زبان سان بنا ضرورت جي حاجي چوندا آهن ۽ پنهنجي قلم سان لکندا آهن، توهان شايد سوچ ۾ پئجي ويا هوندؤ

تہ آخر ان ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ ها واقعي هن صورت ۾ ڪو حرج ناهي تہ ماڻهو توهان ڪي پنهنجي مرضي سان حاجي صاحب چئي سڏ ڪن، پر **پيارا حاجيو!** پنهنجي زبان سان پنهنجو پاڻ ڪي حاجي چوڻ، پنهنجي عبادت جو پنهنجو پاڻ اعلان ڪرڻ ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ان ڪي هن مثال مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو: **لطيفو:** ٽرين ڇُڪ ڇُڪ ڪندي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهي هئي ٻہ شخص گڏ ويٺا هئا. هڪ گفتگو جي شروعات ڪندي پُڇيو: سائين توهان جو نالو ڇا آهي؟ ٻئي جواب ڏنو: ”حاجي شفيق“ ۽ توهان جو نالو ڇا آهي؟ هاڻي ٻئي سوال ڪيو، تہ پهرين شخص جواب ڏنو: ”نمازي رفيق“ حاجي صاحب ڪي ڏاڍي حيرت ٿي، پُڇيائين: سائين نمازي رفيق! اهو نالو تہ ڏاڍو عجيب ٿو لڳي. ”نمازي صاحب“ پُڇيو: ٻڌايو توهان ڪيترا ڀيرا حج جو شرف حاصل ڪيو آهي؟ حاجي صاحب چيو: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ گذريل سال ئي تہ حج تي ويو هئس، نمازي صاحب چوڻ لڳو: توهان زندگي ۾ صرف هڪ ڀيرو حج بيتُ الله جي سعادت حاصل ڪئي آهي تہ علي الاعلان پنهنجو پاڻ ڪي ”حاجي“ چوڻ چورائڻ لڳا آهيو ۽ هي عاجز تہ سالن کان روزانو پنج وقت پابنديءَ سان نماز

ادا ڪندو آهي تہ پوءِ پنهنجو پاڻ کي جيڪڏهن ”نمازي“ چوَرائي تہ ان ۾ تَعَجُّب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي!

## حج مبارڪ جو بورڊ لڳائڻ ڪيئن؟

سمجهي ويؤ نہ! بلڪ اڄ ڏيکاءُ ۽ نمائش جي حد تي وئي آهي، عجيب تماشو آهي، حاجي صاحب حج لاءِ ويندا يا ايندا آهن تہ بغير سني نيت جي سڄي عمارت کي ننڍن بلبن سان سينگاريو ويندو آهي ۽ گهر تي ”حج مبارڪ“ جو بورڊ لڳايو ويندو آهي بلڪ توبهہ توبهہ، ڪٿي ڪٿي تہ حاجي اِحرام سان خوب تصويرون ڪيرائيندا آهن. آخر اهو ڇا آهي؟ ڇا ڀڄي ويل مُجْرِم جو پنهنجي رحمت واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ اهڙي طرح ڌام ڌوم سان وڃڻ مناسب آهي؟ نہ هرگز نہ بلڪ روئندي ۽ آهون ڀريندي لرزندي، ڏڪندي وڃڻ گهرجي.

آنسوؤں کی لڑی بن رہی ہو اور آہوں سے پھٹتا ہو سینہ
وِردِ لب ہو ”مدینہ مدینہ“ جب چلے سُوئے طیبہ سفینہ
جب مدینے میں ہو اپنی آمد جب میں دیکھوں ترا سبز گنبد
ہچکیاں باندھ کر روؤں بے حد کاش! آجائے ایسا قرینہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# بصره کان پيادل حج!

بغير سٺي نيت جي صرف نفس جي لذت ۽ حُبِّ جاه جي سبب پنهنجي گهر تي حج مبارڪ جو بورڊ لڳائڻ وارن ۽ پنهنجي حج جو خوب چرچو ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪمال درجي جي عاجزي تي مشتمل حڪايت پيشِ خدمت آهي جيئن تہ حضرت سيِّدُنا سفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي حج جي لاءِ بصره کان پيادل نڪتا. ڪنهن عرض ڪيو: توهان سوار ڇو نہ ٿا ٿيو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: ڇا ڀڄي ويل غلام کي پنهنجي مولا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ صلح جي لاءِ سواري تي وڃڻ گهرجي؟ مان انهيءَ مقدّس زمين ڏانهن ويندي وڏيڪ شرم محسوس ڪيان ٿو. (تنبيہ المغترين ص 267)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اے زائرِ مدینہ! تُو خوشی سے ہنس رہا ہے
دلِ غمزدہ جو پاتا تو کچھ اور بات ہوتی!

# مان طواف جي قابل نہ آهيان

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي نقل ڪن ٿا: هڪ بزرگ کان سوال ٿيو تہ ڇا اوهان ڪڏهن ڪعبي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً جي

اندر داخل تيا؟ (انهن انکساري کندي) فرمايو: ڪٿي بيت الله شريف ۽ ڪٿي منهنجا گندا قدم! مان ته پنهنجي قدمن کي بيت الله شريف جي طواف جي به قابل نٿو سمجهان، ڇو ته مان هي ڄاڻان ٿو ته هي قدم ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙين ڪهڙين جڳهن تان گذريا آهن! (احياء العلوم ج ۱ ص 345) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اُن کے دِیار میں تُو کیسے چلے پھرے گا؟
عطّارؔ تیری جُرأت! تُو جائے گا مدینہ!! (وسائل بخشش ص ۳۲۰)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حاجي تي حُبِّ جاه ۽ ريا جا سخت حملا

پيارا حاجيو! مٺي مديني جا مسافرو! غالباً نماز روزي جي مقابلي ۾ حج ۾ وڌيڪ بلڪ قدم قدم تي رياڪاري جا خطرات پيش ايندا آهن، حج هڪ اهڙي عبادت آهي جيڪا علي الاعلان ڪئي ويندي آهي ۽ بيو هر هڪ کي نصيب ناهي ٿيندي، انهيءَ ڪري ماڻهو حاجي سان عاجزي سان ملندا آهن، خوب اِحترام ڪندا، هٿ چمندا، هار پارائيندا ۽ دعائن جي درخواست ڪندا آهن. اهڙي موقعي تي حاجي سخت امتحان ۾ پئجي ويندو آهي ڇو ته

ماڻهن جي عقيدت ڀرئي سلوڪ ۾ ڪجهہ اهڙي لذت هوندي آهي جو انهيءَ سبب عبادت جي وڏي ڪان وڏي تڪليف بہ نندي محسوس ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو حبِّ جاه ۽ رياڪاري جي تباهہ ڪاري جي ڪڏ ۾ ڪِري چڪو هوندو آهي پر ان کي خبر نہ پوندي آهي! ان جي دل چوندي آهي تہ سيني ماڻهن کي منهنجي حج تي وڃڻ جي خبر پئجي وڃي تہ جيئن اهي مون سان اچي ملن، مبارڪ باد ڏين، تحفا ڏين، منهنجي ڳلي ۾ گلن جا هار وجهن، مون کي دعا جي لاءِ عرض ڪن، مديني ۾ سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ باڏائي ڪري دعا جي درخواست ڪن ۽ مون کي رخصت ڪرڻ جي لاءِ ائيرپورٽ تائين اچن وغيره وغيره خواهشن جي ڪثرت ۽ علم دين جي ڪمي سبب ڪڏهن ڪڏهن حاجي "شيطان جو رانديڪو" ٿي ڪري رهجي ويندو آهي تنهنڪري شيطان جي وار ڪان خبردار ڪندي، پنهنجي دل جي اندر خوب عاجزي پيدا ڪيو. نمائشي انداز ڪان پاڻ کي بچايو. خدا جو قسم! رياڪاري جو عذاب ڪنهن ڪان بہ برداشت ٿي نہ سگهندو، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 576 صفحن تي مشتمل ڪتاب "نيڪي جي دعوت"

حصو پهريون صفحي 53 تي **فرمانِ مصطفيٰ** صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم آهي: بيشڪ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کان جهنم روزانو چار سؤ ڀيرا پناهه گهري ٿو، الله عزّوجلّ هي وادي امتِ محمديه علٰی صاحبِہا الصّلوٰۃ والسّلام جي ان رياڪارن جي لاءِ تيار ڪئي آهي جيڪي قرآن شريف جا حافظ، غير الله جي لاءِ صدقو ڪرڻ وارا، الله عزّوجلّ جي گهر جا حاجي، ۽ راهِ خدا ۾ نڪرڻ وارا هوندا. (المعجم الكبير ج 12 ص 136 حديث 12803)

## حاجين جي رياڪاري جا ۾ مثال

نيڪي جي دعوت حصو پهريون صفحي 50 تي آهي: ﴿1﴾ پنهنجي حج ۽ عمري جو تعداد، تلاوت قرآن جي يوميه مقدار، رَجَبُ المُرَجَّب ۽ شَعبانُ المُعَظَّم جا مڪمل ۽ ٻين نفلي روزن، نفلن، درود شريف جي ڪثرت جو انهيءَ ڪري اظهار ڪرڻ جو واهه واهه ٿئي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ احترام پيدا ٿئي ﴿2﴾ انهيءَ لاءِ حج ڪرڻ يا پنهنجي حج جو اظهار ڪرڻ جو ماڻهو حاجي چون، ملاقات جي لاءِ حاضر ٿين، ٻاڏائي ڪري دعائن جون التجائون ڪن، هار پارائن، تحفا وغيره پيش ڪن (جيڪڏهن پنهنجي عزت ڪرڻ يا تحفا وغيره وصول ڪرڻ مقصد نہ هجي بلڪ تحديثِ نعمت وغيره سني نيت هجي تہ حج ۽ عمري جو اظهار ڪرڻ عزيزن ۽

رشتيدارن کي جمع ڪري "محفل مدينہ" سجائڻ جي ممانعت ناهي بلڪ ثواب جو ڪم آهي) (رياڪاري جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع "نيڪي جي دعوت" حصو پهريون صفحي 37 تا 73 تائين جو مطالعو ڪيو)

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو

کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی (وسائل بخشش ص ۷۸)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ياد رکڻ جا 55 اصطلاح

حاجي سڳورا هيٺ ڏنل اِصطِلاح ۽ جڳهن جا نالا وغيره ذهن نشين ڪري ڇڏين تہ اهڙيءَ ريت اڳتي مطالعو ڪندي ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ آساني ٿيندي.

**﴿1﴾ اَشْهُرِ حَج:** حج جا مهينا يعني شَوالُ المُڪَرّم ۽ ذُوالقَعده بئي مڪمل ۽ ذوالحِجَّة جا شروعاتي ڏهہ ڏينهن.

**﴿2﴾ اِحرام:** جڏهن حج يا عمري يا ٻنهي جي نيّت ڪري تلبيہ (يعني لَبَّيڪ) پڙهندا آهن تہ ڪجهہ حلال شيون بہ حرام ٿي وينديون آهن انهيءَ ڪري ان کي "اِحرام" چيو ويندو آهي ۽ مَجازي طور تي انهن اڻ سبيل چادرن کي بہ اِحرام چئبو آهي جن کي مُحرِم استعمال ڪندو آهي.

**﴿3﴾ تَلْبِيَہ:** يعني لَبَّيڪَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيڪَ...... اِلَخ پڙهڻ.

﴿4﴾ **اِضطِباع:** اِحرام جي مٿين چادر کي ساڄي بغل مان ڪڍي ڪري اهڙي طرح کاٻي ڪلهي تي وجهڻ تہ جيئن ساڄو ڪلهو کليل رهي.

﴿5﴾ **رَمَل:** اَڪڙ ڪري ڪلها لوڏيندي ننڍا ننڍا قدم کڻندي تورو تيزيءَ سان هلڻ.

﴿6﴾ **طَواف:** خانہءِ ڪعبہ جي چوڌاري ست چڪر يا ڦيرا لڳائڻ، هڪ چڪر کي "شَوط" چئبو آهي. ۽ هن جو جمع "اَشْوَاط" آهي.

﴿7﴾ **مَطاف:** جنهن جڳهہ ۾ طواف ڪيو ويندو آهي.

﴿8﴾ **طوافِ قُدُوم:** مکي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْمًا ۾ **داخل** ٿيڻ تي پهريون طواف. اهو "اِفراد" يا "قِران" جي نيّت سان حج ڪرڻ واري جي لاءِ سنّتِ مُؤَکَّدہ آهي.

﴿9﴾ **طوافِ زيارت:** ان کي طوافِ اِفاضہ بہ چئبو آهي، اهو حج جو رڪن آهي، ان جو وقت 10 ذُوالحِجَّةِ الحرام جي صبح صادق کان 12 ذُوالحِجَّةِ الحرام جي سج لهڻ تائين آهي پر 10 ذُوالحِجَّةِ الحرام تي ڪرڻ اَفضل آهي.

﴿10﴾ **طوافِ وَداع:** هن کي "طوافِ رخصت" ۽ "طوافِ صَدَر" بہ چوندا آهن هي حج کان پوءِ مکي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْمًا کان واپسي تي هر "آفاقي" حاجي تي واجب آهي.

﴿11﴾ **طواف عمره:** هي عمرو ڪرڻ وارن تي فرض آهي.
﴿12﴾ **اِسْتِلام:** حَجرِ اَسوَد کي چمڻ يا هٿ يا ڪانيءَ سان ڇهي ڪري هٿ يا ڪانيءَ کي چمڻ يا هٿن سان ان جي طرف اشارو ڪري انهن کي چمڻ.
﴿13﴾ **سَعي:** "صَفا" ۽ "مَرْوَه" جي وچ ۾ ست ڦيرا لڳائڻ، (صفا کان مَرْوَه تائين هڪ ڦيرو مڪمل ٿيندو آهي، ائين مَرْوَه تي ست چڪر پورا ٿيندا)
﴿14﴾ **رَمي:** جَمَرات (يعني شيطانن) کي پٿريون هڻڻ.
﴿15﴾ **حَلْق:** اِحرام کان ٻاهر ٿيڻ جي لاءِ حرم جي حدن ۾ ئي سڄو مٿو ڪوڙائڻ.
﴿16﴾ **قَصر:** چوٿائي (1/4) مٿي جو هر وار گهٽ ۾ گهٽ آڱر جي هڪ سَنڌ جي (يعني انچ) برابر ڪترائڻ.
﴿17﴾ **مسجدُ الحرام:** مڪي شريف زادھا اللہ شرفاً وتعظیما جي اها مسجد جنهن ۾ ڪعبو شريف موجود آهي.
﴿18﴾ **بابُ السَّلام:** مسجد الحرام جو اهو مبارڪ دروازو جنهن مان پهريون ڀيرو داخل ٿيڻ افضل آهي ۽ اهو اوڀر پاسي موجود آهي. (هاڻي عام طور تي بند رهندو آهي)
﴿19﴾ **ڪعبو:** ان کي "بيت الله" به چوندا آهن يعني الله عَزَّوَجَلَّ جو گهر، اهو پوري دنيا جي وچ تي واقع آهي ۽

سجي دنيا جا ماڻهو انهيءَ ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندا آهن ۽ مسلمان پروانن جيان ان جو طواف ڪندا آهن.

## ڪعبي شريف جي چئن ڪنڊن جا نالا

﴿20﴾ **رُڪنِ اَسوَد:** ڏکڻ ۽ اوڀر (SOUTH-EAST) جي ڪنڊ ۾ موجود آهي، انهيءَ ۾ جنّتي پٿر "حَجرِ اَسوَد" لڳل آهي.

﴿21﴾ **رُڪنِ عراقي:** اها عراق جي طرف اُتر اوڀر (NORTH-EASTERN) واري ڪنڊ آهي .

﴿22﴾ **رُڪنِ شامي:** اها ملڪ شام جي طرف اُتر اولهه (NORTH-WESTERN) واري ڪنڊ آهي.


﴿23﴾ **رڪنِ يماني:** اها يمن جي طرف اولهائين (WESTERN) ڪنڊ آهي.

﴿24﴾ **بابُ الڪعبہ:** رڪنِ اَسوَد ۽ رڪنِ عراقي جي وچ واري اوڀارين ڀت ۾ زمين کان ڪافي مٿي سون جو دروازو آهي.

﴿25﴾ **مُلتَزَم:** رڪن اَسوَد ۽ بابُ الڪعبہ جي وچ واري ڀت جو حصو.

﴿26﴾ **مُستَجار:** رڪن يماني ۽ شامي جي وچ اُلهندي ڀت جو اهو حصو جيڪو "مُلتَزَم" جي مقابل يعني بلڪل پويان سِڌ تي موجود آهي.


حَجرِ اَسوَد
مُلتَزَم
حَطِيم


حَجرِ اَسوَد
مُلتَزَم
حَطِيم


بابُ الكعبة


بابُ الكعبة

﴿27﴾ **مُستَجاب:** رڪنِ يماني ۽ رڪنِ اَسوَد جي وچ واري ڏاڪڻي پٽ. هتي ستر هزار فرشتا دعا تي آمين چوڻ جي لاءِ مقرر آهن. انهيءَ لاءِ سيّدي اعليٰ حضرت مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ان جڳهه جو نالو "مُستَجَاب" (يعني دعا جي قبوليت جي جڳهه) رکيو.

﴿28﴾ **حَطِيم:** ڪعبي مُعَظَّم زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً جي اُترين پٽ وٽ نصف دائري (Half circle) جي شڪل ۾ بائونڊري جو اندريون حصو آهي، "حَطِيم" ڪعبي شريف جو ئي حصو آهي ۽ ان ۾ داخل ٿيڻ ڪعبة الله شريف ۾ داخل ٿيڻ آهي.

﴿29﴾ **مِيزابِ رحمت:** سون جو هي نيسارو رڪنِ عراقي ۽ شامي جي اترئين ديوار جي ڇت تي لڳل آهي هن مان برسات جو پاڻي "حَطِيم" ۾ نڇاور ٿيندو آهي.

﴿30﴾ **مقامِ ابراهيم** (عَلَيهِ السَّلام): ڪعبي جي دروازي جي سامهون هڪ قُبي ۾ اهو جنّتي پٿر جنهن تي بيهي ڪري حضرتِ سيّدُنا ابراهيم **خليلُ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪعبي شريف جي عمارت تعمير ڪئي ۽ اهو حضرتِ سيّدُنا ابراهيم **خليل الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو زنده مُعجزو آهي جو اڄ به هن مبارڪ پٿر تي سندن جي پاڪ قدمن جا نقش موجود آهن.

﴿31﴾ **بيرِزَمْ زَمْ:** مکي پاڪ زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيمًا جو اهو مُقَدَّس کوهہ جيکو حضرتِ سيّدُنا اسماعيل عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ننڍپڻ ۾ سندن ننڍن ننڍن مبارڪ قدمن جي رڳڙڻ سان جاري ٿيو هو. (تفسير نعيمي ج 1 ص 694) ان جو پاڻي ڏسڻ، پيئڻ ۽ جسم تي وجهڻ ثواب ۽ بيمارين جي لاءِ شِفا آهي. اهو مبارڪ کوهہ مقامِ ابراهيم (عَلَيْهِ السَّلَام) جي ڏکڻ ۾ موجود آهي. (هاڻي هن کوهہ جي زيارت نٿي ٿي سگهي)

﴿32﴾ **بابُ الصَّفا:** مسجد الحرام جي ڏاکڻي دروازن مان هڪ دروازو آهي جنهن جي پرسان "**کوهہ صفا**" آهي.

﴿33﴾ **کوهِ صفا:** ڪعبي شريف زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيمًا جي ڏکڻ ۾ موجود هڪ جبل آهي.

﴿34﴾ **کوهِ مَروَه:** "کوهِ صفا" جي سامهون موجود آهي.

﴿35﴾ **مَيْلَيْن اَخْضَرَيْن:** يعني ٻہ ساوا نشان، "صفا" کان "مَرْوَه" ڏانهن ٿورو پري هلڻ کان پوءِ ٿوري ٿوري فاصلي تي ٻنهي پاسن جي پٿين ۽ ڇت ۾ سايون لائيٽون لڳل آهن، انهن ٻنهي ساوَن نشانن جي وچ ۾ "سعي" جي دؤران مردن کي ڊوڙڻو آهي.

﴿36﴾ **مَسْعىٰ:** مَيْلَيْنِ اَخْضَرَيْن جو وچ وارو فاصلو جتي سعي جي دؤران مرد جي لاءِ ڊوڙڻ سنّت آهي.

﴿37﴾ **مِيقات:** مِيقات ان جڳھ کي چئبو آهي جتي مکي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعۡظِيۡمًا وڃڻ واري آفاقي لاءِ بغير اِحرام جي اتان کان اڳتي وڃڻ جائز ناهي، چاهي واپار يا ڪنهن ٻئي ڪم سان ويندو هجي، ايتري تائين جو مکي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعۡظِيۡمًا ۾ رهڻ وارا به جيڪڏهن "مِيقات" جي حدن کان ٻاهر (يعني طائف يا مديني شريف) وڃن ته انهن کي به هاڻي بغير اِحرام جي مکي پاڪ ۾ اچڻ ناجائز آهي.

## مِيقات پنج آهن

﴿38﴾ **ذُوالحُلَيفَہ:** مديني شريف کان مکي پاڪ جي طرف اٽڪل ڏهه ڪلوميٽرن تي آهي، جيڪو مديني شريف جي طرف کان اچڻ وارن لاءِ "ميقات" آهي، هاڻي ان جڳھ جو نالو "اَبيَارِ علي" (كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم) آهي.

﴿39﴾ **ذاتِ عِرق:** عراق جي طرف کان ايندڙن لاءِ مِيقات آهي.

﴿40﴾ **يَلَمۡلَمۡ:** اهو يمن وارن لاءِ ميقات آهي، پاڪ ۽ هِند وارن جي لاءِ ميقات يَلَمۡلَمۡ جي ويجهو آهي.

﴿41﴾ **جُحۡفَہ:** ملڪِ شام جي طرف کان ايندڙن جي لاءِ ميقات آهي.

﴿42﴾ **قَرۡنُ المَنازِل:** نجد (هاڻوڪو رياض) جي طرف کان

ايندڙن جي لاءِ ميقات آهي. اها جڳهه طائف جي ويجهو آهي.

﴿43﴾ **حرم:** مکي پاڪ زادھا اللّٰہ شرفاً وّتعظیماً جي چئني طرفن کان ميلن تائين ان جون حدون آهن ۽ ان زمين کي حُرمت ۽ تَقدُّس جي ڪري "حرم" چئبو آهي. هر پاسي ان جي حدن تي نشان لڳل آهن. حرم جي جهنگ جو شڪار ڪرڻ ۽ پاڻ ئي پيدا ٿيندڙ وڻ ۽ سائو گاهه ڪٽڻ، حاجي، غير حاجي سڀني جي لاءِ حرام آهي، جيڪو شخص حرم جي حدن ۾ رهندو هجي ان کي "حَرَمِي" يا "اَهلِ حرم" چيو ويندو آهي.

﴿44﴾ **حِل:** حرم جي حدن کان ٻاهر ميقات تائين جي زمين کي "حِل" چئبو آهي، ان جڳهه تي اهي شيون حلال آهن جيڪي حرم جي ڪري حرم جي حدن ۾ حرام آهن جيڪو شخص حِل جي زمين جو رهڻ وارو هجي ان کي "حِلّي" چئبو آهي.

﴿45﴾ **آفاقي:** اهو شخص جيڪو "مِيقات" جي حدن کان ٻاهر رهندو آهي.

﴿46﴾ **تَنعِيم:** حرم جي حدن کان ٻاهر اها جڳهه جتان مڪي پاڪ ۾ ترسڻ دؤران عمري جي لاءِ احرام ٻڌندا آهن

۽ اها جڳهه مسجد الحرام کان اٽڪل ست ڪلوميٽر مديني شريف جي طرف آهي، هاڻي هتي مسجدِ عائشه نهيل آهي ان جڳهه کي ماڻهو ”ننڍو عمرو“ چوندا آهن.

﴿47﴾ **جِعرّانه:** حرم جي حدن کان ٻاهر مڪي پاڪ کان اٽڪل 26 ڪلوميٽر پري طائف جي رستي تي واقع آهي، هتان کان بہ مڪي شريف ترسڻ دؤران عمري جو احرام ٻڌو ويندو آهي. ان جڳهه کي عوام ”وڏو عمرو“ چوندا آهن.

﴿48﴾ **مِنيٰ:** مسجد الحرام کان پنج ڪلوميٽرن تي اها وادي آهي جتي حاجي سڀئي حج جي ڏينهن ۾ ترسندا آهن. ”مِنيٰ“ حرم ۾ شامل آهي.

﴿49﴾ **جَمَرات:** مِنيٰ ۾ اهي ٽي جڳهون آهن جتي پٿريون هنيون وينديون آهن پهرين جو نالو جَمَرَةُ الأخريٰ يا جَمَرَةُ العَقَبَه آهي، ان کي وڏو شيطان بہ چئبو آهي. ٻئي کي جَمَرَةُ الوُسطيٰ (وچون شيطان) ٽئين کي جَمَرَةُ الأوليٰ (ننڍو شيطان) چئبو آهي.

﴿50﴾ **عَرَفات:** منيٰ کان اٽڪل يارهن ڪلوميٽر پري ميدان جتي 9 ذوالحج تي سيئي حاجي سڀورا گڏ ٿيندا آهن. عرفات شريف حرم جي حدن کان ٻاهر آهي.

﴿51﴾ **جبلِ رَحمت:** عرفات جو اهو مُقَدَّس جبل جنهن

جي ويجهو وُقُوف ڪرڻ افضل آهي.

﴿52﴾ **مُزْدَلِفَه:** ”مِنيٰ“ کان عرفات جي طرف تقريبًا پنج ڪلوميٽرن تي موجود ميدان جتي عرفات کان واپسيءَ تي رات گذارڻ سنّتِ مُؤڪَّده آهي. صبح صادق ۽ سج اُڀرڻ جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ گهڙي وُقُوف واجب آهي.

﴿53﴾ **مُحَسِّر:** مُزْدَلِفه جي ڀرسان ميدان آهي، هتي اصحابِ فيل تي عذاب نازل ٿيو هو. تنهنڪري هتان کان گذرڻ وقت تيزيءَ سان گذرڻ ۽ عذاب کان پناهه گهرڻ گهرجي.

﴿54﴾ **بطنِ عُرَنَه:** عرفات جي ڀرسان هڪ جهنگ جتي حاجيءَ جو وُقوف صحيح ناهي.

﴿55﴾ **مَدْعيٰ:** مسجد الحرام ۽ مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْمًا جي قبرستان ”جنّتُ المَعْليٰ“ جي وچ واري جڳهه، جتي دعا گهرڻ مُسْتَحب آهي.

بڑے دربار میں پہنچایا مجھ کو میری قسمت نے
میں صدقے جاؤں کیا کہنا مِرے اچھے مُقدّر کا (سامانِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دُعا قبول ٿيڻ جون 29 جڳهيون

محترم حاجيو! هونئن ته حَرَمَيْن شَرِيْفَيْن ۾ هر جڳهه تي انوار ۽ تجليات جون برساتون ڇماڇم وسي رهيون

آهن، تنهن هوندي بہ ”اَحسَنُ الوِعا لآدابِ الدُّعاء“ مان دعا قبول تيڻ جون ڪجهہ مخصوص جڳهون ذڪر ڪريان ٿو تہ جيئن توهان انهن جڳهن تي وڏيڪ اِطمينان ۽ توَجُّهہ سان دعا ڪري سگهو.

مڪي پاڪ جون جڳهون هي آهن. ﴿1﴾ مَطاف ﴿2﴾ مُلْتَزَم ﴿3﴾ مُسْتَجَار ﴿4﴾ بيتُ الله جي اندر ﴿5﴾ مِيزابِ رَحْمت جي هيٺان ﴿6﴾ حَطِيم ﴿7﴾ حَجَرِ اَسْوَد ﴿8﴾ رُڪنِ يَماني خاص طور تي جڏهن طواف جي دؤران اتان ڪان گذر ٿئي ﴿9﴾ مقامِ ابراهيم (عليه السّلام) جي پٺيان ﴿10﴾ زَمْ زَم جي کوهہ جي ويجهو ﴿11﴾ صَفا ﴿12﴾ مَرْوَه ﴿13﴾ مَسْعيٰ خاص طور تي ساوَن ميلن جي وچ ۾ ﴿14﴾ عَرَفات خاص طور تي مَوقفِ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڀرسان ﴿15﴾ مُزْدَلِفہ خاص طور تي مَشْعَرُ الْحَرام ﴿16﴾ مِنيٰ ﴿17﴾ ٽنهي جَمَرَات جي ڀرسان ﴿18﴾ جڏهن جڏهن ڪعبي شريف تي نظر پوي. مديني منور جون جڳهون هي آهن ﴿19﴾ مسجد نبوي عَلٰى صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ﴿20﴾ مُواجَهہ شريف، امام اِبنُ الجَزَرِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ دعا هتي قبول نہ ٿيندي تہ ٻيو ڪٿي ٿيندي؟ (حصن حصين ص 31) ﴿21﴾ مِنبرِ اَطْهَر وٽ ﴿22﴾ مسجد نبوي شريف عَلٰى صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ٿلهن جي

پرسان ﴿23﴾ مسجد قُبا شريف ﴿24﴾ مَسجدُ الفَتح ۾ خاص ڪري اربع جي ڏينهن ظهر ۽ عصر جي وچ ۾ ﴿25﴾ باقي مبارڪ مسجدون جن ڪي سرڪارِ مدينه، سڪونِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت آهي (مثال طور تي مسجدِ غمام، مسجد قِبلتَين وغيره وغيره) ﴿26﴾ اهي مبارڪ ڪوهه جن ڪي سروَرِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت آهي ﴿27﴾ جبلِ اُحُد شريف ﴿28﴾ مَشَاهِد مبارڪ[1] ﴿29﴾ مَزارات بَقيع. تاريخي روايتن جي مطابق جنّت البقيع ۾ تقريباً ڏهه هزار صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان آرام فرما آهن.

افسوس 1926ع ۾ جنّتُ البَقِيع جون مزارون شهيد ڪيون ويون آهن ۽ جڳهه جڳهه تي مبارڪ قبرون ڊاهي ڪري هاڻي اتان رستا ڪيا ويا آهن. تنهنڪري اڄ تائين سگِ مدينه عُفِيَ عَنه ڪي جنّتُ البَقِيع جي اندر داخل ٿيڻ جي جُرئت ناهي ٿي. متان ڪنهن مزارِ فائضُ الانوار تي پير پئجي وڃي، ۽ مسئلو به اهو آهي ته مسلمان جي قبر تي

---

[1] مَشَاهِد، مَشهَد جو جمع آهي، ۽ ”مَشهَد“ جي معني آهي، حاضر ٿيڻ جي جڳهه ته هتي مراد هي آهي ته جنهن جڳهه تي سرڪارِ مدينه صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم تشريف ڪڻي ويا اتي دعا قبول ٿيندي آهي ۽ خاص طور تي مڪي پاڪ ۾ ۽ مديني پاڪ ۾ بيشمار جڳهن تي پاڻ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم تشريف فرما ٿيا، مثال طور حضرت سيّدُنا سلمان فارسي رضي الله تعالىٰ عنه جو مقدس باغ وغيره.

پير رکڻ، ويهڻ وغيره سڀ حرام آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 48 صفحن جي رسالي ”قبر وارن جون 25 حڪايتون“ صفحي 36 تي آهي: (قبرستان ۾ قبرون ڊاهي ڪري) جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو هجي اُنهيءَ تي هلڻ حرامِ آهي. (رَدُّالْمُحتار ج۱، ص 612) بلڪ نئين رستي جو صِرف گمان بہ هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز و گناهہ آهي. (رَدُّالْمُحتار ج 3 ص 183) ٺنهنڪري عاشقان رسول کي درخواست آهي تہ اهي ٻاهران ئي سلام عرض ڪن بقيع شريف جي وڏي دروازي تان سلام عرض ڪرڻ ضروري ناهي صحيح طريقو هي آهي تہ قبرستان ۾ اهڙي جڳهہ بيهو جتي اوهان جي پٺي قبلي ڏانهن نہ ٿئي اهڙي طرح بقيع ۾ دفن ٿيڻ وارن جي چهرن ڏانهن اوهان جو رخ ٿي ويندو.

ہیں مَعاصی حد سے باہَر پھر بھی زاہِد غم نہیں
رحمتِ عالَم کی اُمّت، بندہ ہوں غفّار کا (سامانِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حج جا قسم

حج جا ٽي قسم آهن: (1) قِران (2) تَمَتُّع (3) اِفراد

**قِران:** اهو سڀ کان افضل آهي ان حج جي ادا ڪرڻ واري

کي "قارِن" چئبو آهي. ان ۾ حج ۽ عمري جو اِحرام هڪ ئي دفعي گڏجي ٻَڌو ويندو آهي پر عمرو ڪرڻ کان پوءِ "قارِن" "حلق" يا "قصر" نہ تہ ڪرائي سگهي بلڪ بدستور "اِحرام" ۾ رهڻو پوندو. ڏهين، يارهين يا ٻارهين ذُوالحج تي قرباني ڪرڻ کان پوءِ "حلق" يا "قصر" ڪرائي اِحرام کولي ڇڏي.

**تَمَتُّع:** انهيءَ حج جي ادا ڪرڻ واري کي "مُتَمَتِّع" چئبو آهي، هي بہ اَشْهُرِ حج ۾ "مِيقات" جي ٻاهر کان ايندڙ ادا ڪري سگهن ٿا. مثال طور پاڪستان ۽ هندوستان مان ايندڙ عام طور تي "تَمَتُّع" ئي ڪندا آهن ڇو تہ ان ۾ آساني هي آهي تہ ان ۾ عمرو تہ ٿيندو آهي پر عمرو ادا ڪرڻ کان پوءِ "حلق" يا "قصر" ڪرائي اِحرام کوليو ويندو آهي ۽ پوءِ اٺين ذوالحج يا ان کان پهرين حج جو اِحرام ٻَڌو ويندو آهي.

**اِفراد:** اِفراد ڪرڻ واري حاجي کي "مُفْرِد" چئبو آهي ان حج ۾ "عمرو" شامل ناهي ان ۾ صرف حج جو اِحرام ٻَڌو ويندو آهي. "اهلِ مڪہ" ۽ "حِلِّي" يعني ميقات ۽ حرم جي حدن جي وچ ۾ رهڻ وارا رهواسي (مثال طور جَدَّه شريف جا رهاڪو) "حج اِفراد" ڪندا آهن. قِران يا تَمَتُّع ڪندا تہ دم

واجب ٿيندو، آفاقي چاهي تہ اِفراد بہ ڪري سگھي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اِحرام ٻڌڻ جو طريقو

حج هجي يا عمرو احرام ٻڌڻ جو طريقو ٻنهي جو هڪ آهي. ها نيّت ۾ ان جي لفظن ۾ ٿورو فرق آهي نيّت جو بيان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اڳتي اچي رهيو آهي پهريان احرام ٻڌڻ جو طريقو ملاحظہ فرمايو: ﴿1﴾ ننهن ڪٽيو ﴿2﴾ بغل ۾ ڌُن جي هيٺيان جا وار ڪوڙيو، بلڪ پويان جا وار بہ صاف ڪريو ﴿3﴾ ڏندڻ ڪريو ﴿4﴾ وضو ڪريو ﴿5﴾ خوب چڱيءَ طرح مهنّي غسل ڪريو ﴿6﴾ جسم ۾ اِحرام جي چادرن تي خوشبو لڳايو جو هي سنّت آهي، ڪپڙن تي اهڙي خوشبو (مثال طور: خُشڪ عَنبر) نہ لڳايو جنهن جو تهہ ڪپڙن تي ڄمي وڃي ﴿7﴾ اسلامي ڀائر سبيل ڪپڙا لاهي ڪري هڪ نئين يا ڌوتل اڇي چادر ويڙهين ۾ اهڙي ئي چادر جي گوڏ ٻڌن (گوڏ يعني تهبند جي لاءِ بافتي ۾ اوڍڻ جي لاءِ ٽوال هجي تہ سهولت رهندي آهي گوڏ جو ڪپڙو ٿلهو ونو تہ جيئن بدن جي چمڙي ظاهر نہ ٿئي ۾ ٽوال بہ وڏي سائيز جو ونو تہ بهتر آهي) ﴿8﴾ پاسپورٽ يا رقم وغيره رکڻ جي لاءِ کيسي وارو بيلٽ چاهيو تہ ٻڌي سگھو ٿا، ريگزين جو بيلٽ اڪثر ڦاٽي

پوندو آهي، اڳيان واري پاسي زپ (Zip) وارو ڪيسو لڳل نائيلون (Nylon) يا چمڙي جو بيلٽ ڪافي مضبوط هوندو آهي ۽ ڪيئي سالن تائين ڪم ڏئي سگهي ٿو.

## اسلامي ڀينرن جو احرام

اسلامي ڀينرون معمول موجب سبيل ڪپڙا پائن، دستانا ۽ جوراب به پائي سگهن ٿيون، اهي مٿو به ڍڪين پر چهري تي چادر نه ٿيون ويڙهي سگهن، غير مردن کان چهرو لڪائڻ لاءِ وِڃڻو يا ڪو ڪتاب وغيره ضرورت پوي ته آڏو رکي ڇڏين. اِحرام ۾ عورتن کي ڪنهن اهڙي شيءِ سان چهرو لڪائڻ جيڪا چهري سان چنبڙيل هجي ته حرام آهي.

## اِحرام جا نفل

جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي ته ٻه رڪعتون نفل نماز احرام جي نيّت سان (مرد به مٿو ڍڪي ڪري) پڙهن، بهتر هي آهي ته پهرين رڪعت ۾ اَلحَمدُ شريف ڪانپوءِ قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۽ ٻي رڪعت ۾ قُل هُوَ الله شريف پڙهن.

## عمري جي نيّت

هاڻي اسلامي ڀائر مٿو اُگهاڙو ڪري ڇڏين ۽ اسلامي ڀينرون مٿي تي دستور مطابق چادر ويڙهي رکن جيڪڏهن

(عام ڏينهن جو) عمرو آهي تہ تڏهن بہ ۽ جيڪڏهن حج تَمَتُّع ڪري رهيا آهيو تہ تڏهن بہ عمري جي هن طرح نيّت ڪريو:

**اَللّٰهُمَّ اِنِّيْۤ اُرِيْدُ الْعُمْرَةَ فَيَسِّرْهَا لِيْ وَتَقَبَّلْهَا مِنِّيْ وَاَعِنِّيْ عَلَيْهَا وَبَارِكْ لِيْ فِيْهَا ط نَوَيْتُ الْعُمْرَةَ وَاَحْرَمْتُ بِهَا لِلّٰهِ تَعَالٰى ط**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ مان عمري جو ارادو ڪريان ٿو، منهنجي لاءِ هن کي آسان ڪر ۽ ان کي منهنجي طرفان قبول فرماءِ، ۽ ان جي (ادا ڪرڻ ۾ منهنجي) مدد فرما، ان کي منهنجي لاءِ بابرڪت فرماءِ مون عمري جي نيت ڪئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ان جو اِحرام ٻڌو.

## حج جي نيّت

مُفْرِد بہ اهڙيءَ طرح نيّت ڪري ۽ مُتَمَتِّع بہ جڏهن 8 ذُوالحِجَّة يا ان کان پهرين حج جو اِحرام ٻَڌي، هيٺ ڏنل لفظن ۾ نيّت ڪري:

**اَللّٰهُمَّ اِنِّيْۤ اُرِيْدُ الْحَجَّ فَيَسِّرْهُ لِيْ وَتَقَبَّلْهُ مِنِّيْ وَاَعِنِّيْ عَلَيْهِ وَبَارِكْ لِيْ فِيْهِ ط نَوَيْتُ الْحَجَّ وَاَحْرَمْتُ بِهٖ لِلّٰهِ تَعَالٰى ط**

ترجمو : اي الله عَزَّوَجَلَّ مان حج جو ارادو ڪريان ٿو، تون ان کي منهنجي لاءِ آسان فرماءِ ۽ ان کي منهنجي طرفان قبول فرماءِ، ۽ ان ۾ منهنجي مدد فرما ان کي منهنجي لاءِ بابرڪت فرماءِ مون حج جي نيت ڪئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ان جو احرام ٻڌو.

# حج قِران جي نيّت

قارِن "عمري ۽ حج" ٻنهي جي گڏجي نيّت ڪري، ۽ اهو نيّت هيئن ڪري:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْۤ اُرِیْدُ الْعُمْرَةَ وَالْحَجَّ فَیَسِّرْهُمَا لِیْ وَتَقَبَّلْهُمَا مِنِّیْ ط نَوَیْتُ الْعُمْرَةَ وَالْحَجَّ وَاَحْرَمْتُ بِهِمَا مُخْلِصًا لِّلّٰهِ تَعَالٰی ط

ترجمو : اي الله عَزَّوَجَلَّ مان عمري ۽ حج ٻنهي جو ارادو ڪريان ٿو، تون انهن کي منهنجي لاءِ آسان ڪري ڇڏ ۽ انهن کي منهنجي طرفان قبول فرماءِ، مون عمري ۽ حج ٻنهي جي نيت ڪئي ۽ خالص الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ انهن ٻنهي جو احرام ٻڌو.

## لَبَّيْڪ

چاهي عمري جي نيّت ڪريو يا حج جي يا حج قِران جي ٽنهي صورتن ۾ نيّت ڪان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو لَبَّيْڪ چوڻ لازمي آهي ۽ ٽي ڀيرا چوڻ افضل، لَبَّيْڪ هي آهي:

لَبَّیْكَ ط اَللّٰهُمَّ لَبَّیْكَ ط لَبَّیْكَ لَاشَرِیْكَ لَكَ لَبَّیْكَ ط اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ ط لَاشَرِیْكَ لَكَ ط

ترجمو: مان حاضر آهيان يا الله مان حاضر آهيان، (ها) مان حاضر آهيان تنهنجو ڪو شريڪ ناهي مان حاضر آهيان، بيشڪ تمام خوبيون ۽

نعمتون تنهنجي لاءِ آهن ۽ تنهنجو ئي ملڪ ڀ، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي.

اي مديني جا مسافرو! اوهان جو اِحرام شروع ٿي ويو، هاڻي هي لَبَّيْڪ ئي اوهان جو وظيفو ۽ وِرد آهي. اُٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي انهيءَ جو خوب وِرد ڪريو. **ﭘﮢ فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **﴿1﴾** جڏهن "لَبَّيْڪ" چوڻ وارو لَبَّيْڪ چوندو آهي ته ان کي خوشخبري ٻُڌائي ويندي آهي، عرض ڪيو ويو: ڇا جنّت جي خوشخبري ٻُڌائي ويندي آهي؟ ارشاد فرمايائون: "ها" (معجم الاوسط ج 5 ص 410 حديث 7779) **﴿2﴾** جڏهن مسلمان "لَبَّيْڪ" چوندو آهي ته ان جي ساڄي ۽ کاٻي زمين جي آخري ڇيڙي تائين جيڪو ڀ پٿر، وڻ ۽ ڍير آهي، اهي سڀ لَبَّيْڪ چوندا آهن.

(ترمذي ج 2 ص 226 حديث 829)

## معنيٰ تي نظر رکندي لَبَّيْڪ پڙهو

هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي بي دلي سان پڙهڻ جي بدران نهايت خُشُوع و خُضُوع سان معنيٰ تي نظر رکندي لَبَّيْڪ پڙهڻ مناسب آهي. اِحرام ٻڌڻ وارو لَبَّيْڪ چوندي وقت پنهنجي پياري پياري الله عَزَّوَجَلَّ سان مخاطب ٿيندو آهي ۽ عرض ڪندو آهي: لَبَّيْڪ يعني "آءُ حاضر آهيان" پنهنجي ماءُ پيءُ کي جيڪڏهن ڪو هي لفظ چوي ته يقيناً

توجھ سان چوندو، پوءِ پنھنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ سان عرض ڪرڻ مھل ڪيترو توجھ ھجڻ گھرجي ھي ھر ذي شعور سمجھي سگھي ٿو، انھيءَ ڪري حضرت سيدنا علامہ علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِى فرمائن ٿا: ھڪ شخص لَبَّيْڪ پڙھائي ۽ ٻيا ان جي پويان پڙھن ھي مستحب ناھي، بلڪ ھر شخص پاڻ تَلبِيَہ (يعني لَبَّيْڪ) پڙھي. (المسلک المتقسط للقاري ص 103)

## لَبَّيڪ چوڻ ڪان پوءِ جي ھڪ سنت

لَبَّيْڪ ڪان فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ دعا گھرڻ سنّت آھي جيئن تہ حديث شريف ۾ آھي تہ رسول اڪرم، نور مُجَسَّم، شاھِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏھن لَبَّيْڪ ڪان فارغ ٿيندا ھئا تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪان سندس رضامندي ۽ جنّت جو سوال ڪندا ھئا ۽ جھنّم ڪان پناھ گھرندا ھئا. (مسند امام شافعي ص 123) يقيناً اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان الله عَزَّوَجَلَّ خوش آھي، بيشڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قطعي جنّتي بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان جنّت جا مالڪ آھن، پر اھي سڀ دعائون ڪيئي حڪمتن سان گڏوگڏ اُمت جي تعليم جي لاءِ آھن تہ جيئن اسان بہ سنّت سمجھي دعا گھرندا رھون.

# ”اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ“ جي نواڪرن جي نسبت سان لَبَّيْڪ جا 9 مدني گل

﴿1﴾ اُٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي، وضوء بي وضو هر حال ۾ لَبَّيْڪ چئو ﴿2﴾ خاص طور تي بلندي (يعني اوچائي يا ڏاڪڻ) تي چڙهڻ وقت يا لهڻ وقت، ٻن قافلن جي ملڻ وقت، صبح ۽ شام، رات جي آخري حصي ۾، پنجن وقتن جي نماز کان پوءِ مطلب ته هر حالت بدلڻ تي لَبَّيْڪ چئو ﴿3﴾ جڏهن به لَبَّيْڪ شروع ڪيو گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا چئو ﴿4﴾ مُعْتَمِر يعني عمرو ڪرڻ وارو ۽ ”مُتَمَتِّع“ به عمرو ڪرڻ وقت جڏهن ڪعبي شريف جو طواف شروع ڪري ان وقت حَجرِ اَسود جو پهريون اِسْتِلام ڪندي ئي ”لَبَّيْڪ“ چوڻ ڇڏي ڏئي ﴿5﴾ ”مُفْرِد“ ۽ ”قارِن“ لَبَّيْڪ چوندي مڪي پاڪ ۾ ترسن چوته ان جي لَبَّيْڪ ۽ مُتَمَتِّع جڏهن اِحرام ٻڌي ان جي لَبَّيْڪ 10 ذوالحج شريف جو ”جَمْرَةُ العَقبه“ (يعني وڏي شيطان) کي پهرين پٿري هڻڻ وقت ختم ٿيندي ﴿6﴾ اسلامي ڀائر وڏي آواز سان لَبَّيْڪ چون، پر آواز ايترو بلند نه ڪن جو ان سان پاڻ کي يا ڪنهن ٻئي کي تڪليف ٿئي ﴿7﴾ اسلامي ڀينرون جڏهن به لَبَّيْڪ چون هلڪي آواز سان چون، ۽ اها ڳالهه سڀ ياد

رکن تہ حج کان علاوہ بہ جڏهن جيڪو ڪجهہ بہ پڙهن ان تَلَفُّظ جي ادائگي ۾ ايترو آواز لازمي آهي جو جيڪڏهن ٻوڙو نہ هجي يا گوڙ نہ هجي تہ پاڻ ٻُڌي سگهي **﴿8﴾** احرام جي لاءِ نيّت شرط آهي جيڪڏهن بنا نيّت جي لَبَّيڪ چئي تہ اِحرام نہ ٿيو، اهڙي طرح صرف نيّت بہ ڪافي ناهي جيستائين لَبَّيڪ يا ان جي قائم مقام ڪا ٻي شيءِ نہ هجي. (عالمگيري ج 1 ص 222) **﴿9﴾** اِحرام جي لاءِ هڪ ڀيرو زبان سان لَبَّيڪ چوڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ان جي جڳهہ تي **سُبْحٰنَ الله** يا **اَلْحَمْدُلِله** يا **لَآاِلٰهَ اِلَّا الله** يا ڪو ٻيو ذِڪرُالله ڪيو ۽ اِحرام جي نيّت ڪئي تہ اِحرام ٿي ويو پر سنّت لَبَّيڪ چوڻ آهي. (ايضاً)

ڪروں خوب احرام میں لبیک کی تکرار
دے حج کا شرف ہر برس ربّ غفّار

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيّت جي باري ۾ ضروري هدايت

ياد رکو! نيّت دل جي ارادي کي چئبو آهي چاهي نماز، روزو، اِحرام ڪجهہ بہ هجي، جيڪڏهن دل ۾ نيّت موجود نہ هجي تہ صرف زبان سان نيّت جا الفاظ ادا ڪرڻ

سان نيّت نہ ٿيندي ۽ نيّت جا الفاظ عربي زبان ۾ چوڻ لازمي ناهن پنهنجي مادري زبان ۾ بہ چئي سگهو ٿا، بلڪ زبان سان ادا ڪرڻ بہ لازمي ناهي صرف دل ۾ ارادو بہ ڪافي آهي، ها زبان سان چئي ڇڏڻ افضل آهي ۽ عربي زبان ۾ وڌيڪ بهتر آهي ڇو تہ اها اسان جي مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٺي مٺي زبان آهي، عربي زبان ۾ نيّت جا الفاظ چئو تہ ان جي معنيٰ بہ ضرور ذهن ۾ رکو.

## اِحرام جي معنيٰ

اِحرام جي لفظي معنيٰ حرام ڪرڻ آهي ڇوتہ اِحرام ٻَڌڻ واري تي ڪجهہ حلال ڳالهيون بہ حرام ٿي وينديون آهن. اِحرام ٻڌڻ واري اسلامي ڀاءُ کي "مُحْرِم" ۽ اسلامي ڀيڻ کي "مُحْرِمَہ" چئبو آهي.

## اِحرام ۾ هي ڳالهيون حرام آهن

**﴿1﴾** اسلامي ڀاءُ لاءِ سبيل ڪپڙو پائڻ **﴿2﴾** مٿي تي ٽوپي پائڻ، عمامو يا رومال ٻَڌڻ **﴿3﴾** مرد لاءِ مٿي تي ڪپڙي جي ڳنڍ رکڻ (اسلامي ڀينرون مٿي تي چادرون اوڍين ۽ انهن لاءِ مٿي تي ڪپڙي جي ڳنڍ ڪٽڻ منع ناهي) **﴿4﴾** مرد جي لاءِ دستانا پائڻ (ها اسلامي ڀينرن لاءِ منع ناهي) **﴿5﴾** اسلامي ڀائر اهڙا جوراب يا جوتا نہ ٿا پائي سگهن جيڪي پير جي وچ

جو اُيريل حصو لڪائن، (هوائي چپل مناسب آهي) ﴿6﴾ جسم، لباس يا وارن ۾ خوشبو لڳائڻ ﴿7﴾ خالص خوشبو مثلاً ڦوٽا، لونگ، دار چيني، زعفران، جاوتري وغيره ڪائڻ يا پلوَ سان ٻَڌڻ، اهي شيون جيڪڏهن ڪنهن ڪاڌي يا پاڃي وغيره ۾ وجهي ڪري پچايون ويون هجن ته پوءِ چاهي خوشبو به اچي رهي هجي ته ڪائڻ ۾ حرج ناهي ﴿8﴾ جِماع ڪرڻ يا چمي ڏيڻ يا ڇهڻ، ڳلي لڳائڻ، عورت جي شرم گاهه ڏانهن ڏسڻ جڏهن ته هي آخري چار ئي يعني جماع جي علاوه وارا ڪم شهوَت سان هجن ﴿9﴾ بي حيائيءَ جون ڳالهيون ۽ هر قسم جو گناهه هميشه حرام هيو هاڻي اچا وڌيڪ سخت حرام ٿي ويو ﴿10﴾ ڪنهن سان دنيوي جهڳڙو ﴿11﴾ جهنگ جو شڪار ڪرڻ يا ڪنهن به طرح سان ان تي مُعاوِن ٿيڻ، ان جو گوشت يا آنو وغيره خريد ڪرڻ، وڪڻڻ يا ڪائڻ ﴿12﴾ پنهنجا يا ٻئي جا ننهن ڪٽڻ يا ٻئي کان پنهنجا ننهن ڪٽرائڻ ﴿13﴾ مٿي يا ڏاڙهي جا وار ڪٽڻ، بغل جا وار صاف ڪرڻ، ڌُن جي هيٺ جا وار صاف ڪرڻ، بلڪ مٿي کان پيرن تائين ڪٿان کان به ڪو وار الڳ ڪرڻ ﴿14﴾ وَسمو يا ميندي‌ءَ جو خِضاب هڻڻ ﴿15﴾ زيتون يا ترن جو تيل چاهي بنا خوشبو وارو هجي،

وارن يا جسم تي لڳائڻ ﴿16﴾ ڪنهن جو مٿو ڪوڙڻ، چاهي اهو اِحرام ۾ هجي يا نه (ها احرام کان ٻاهر ٿيڻ جو وقت اچي ويو ته پنهنجو يا ٻئي جو مٿو ڪوڙي سگهي ٿو) ﴿17﴾ جوءِ مارڻ، اُڇلائڻ، ڪنهن کي مارڻ جي لاءِ اشارو ڪرڻ، انهن کي مارڻ جي لاءِ ڪپڙو ڌوئڻ يا اُس ۾ وجهڻ، وارن ۾ جوءِ مارڻ جي لاءِ ڪنهن قسم جي دوا وغيره وجهڻ، مطلب ته ڪنهن به طريقي سان به انهن جي مارڻ جو سبب بڻجڻ. (بهارشريعت ج 1 ص 1078، 1079)

## اِحرام ۾ هي ڳالهيون مڪروهه آهن

﴿1﴾ جسم جي مَرُ مٿي لاهڻ ﴿2﴾ وار يا جسم صابڻ وغيره سان ڌوئڻ ﴿3﴾ ڦڻي ڏيڻ ﴿4﴾ اهڙي طرح کنهڻ جنهن سان وار ڪرڻ يا جوءِ ڪرڻ جو انديشو هجي ﴿5﴾ ڪڙتو يا شيرواني وغيره پائڻ وانگر ڪلهي تي وجهڻ ﴿6﴾ چاٽي واٽي خوشبو سنگهڻ ﴿7﴾ خوشبودار ميوا يا پن مثال طور ليمو، ڦودنو، نارنگي وغيره سنگهڻ (کائڻ ۾ حرج ناهي) ﴿8﴾ عِطر وڪڻندڙ جي دڪان تي ان نيت سان ويهڻ ته جيئن خوشبو اچي ﴿9﴾ مهڪندڙ خوشبوءِ هٿ سان ڇُهڻ جڏهن ته هٿ تي نه لڳي، نه ته حرام آهي ﴿10﴾ ڪا اهڙي شيءِ کائڻ يا پيئڻ جنهن ۾ خوشبوءِ وڌل هجي ۽ اها پچايل نه

هجي، نہ ان جي مهڪ ختم ٿي وئي هجي ﴿11﴾ ڪعبي جي غلاف جي اندر اهڙيءَ طرح داخل ٿيڻ جو غلاف شريف مٿي يا ڇهري سان لڳي ﴿12﴾ نڪ وغيره منهن جو ڪوبہ حصو ڪپڙي سان ڍڪڻ ﴿13﴾ رَفو ڪيل يا چتيون لڳل اڻ سبيل ڪپڙا پائڻ ﴿14﴾ وهاڻي تي منهن رکي ڪري اونڌو ليٽڻ (احرام ڪان علاوه بہ اونڌو سُمهڻ منع آهي، حديث پاڪ ۾ انهيءَ طرح سمهڻ کي جهنمين جو طريقو چيو ويو آهي) ﴿15﴾ تعويذ جيتوڻيڪ اڻ سبيل ڪپڙي ۾ ويڙهيل هجي ان کي ٻَڌڻ مڪروهہ آهي، ها جيڪڏهن اڻ سبيل ڪپڙي ۾ ويڙهيل تعويذ ٻانهن وغيره تي ناهي ٻڌو، بلڪ ڳچيءَ ۾ پائي ڇڏيو تہ حرج ناهي ﴿16﴾ مٿي يا ڇهري تي پٽي ٻڌڻ ﴿17﴾ بنا عُذر جي پٽي ٻَڌڻ ﴿18﴾ سينگار ڪرڻ ﴿19﴾ چادر اوڍي ڪري ان جي ڪنارن ۾ ڳنڍ ڏيڻ جڏهن تہ مٿو کليل هجي نہ تہ حرام آهي ﴿20﴾ تهبند (يعني گوڏ) جي ٻن ڪنارن تي ڳنڍ ٻڌڻ ﴿21﴾ رقم وغيره رکڻ جي نيت سان ڪيسي وارو بيلٽ (يعني پٽو) ٻَڌڻ جي اجازت آهي، البت صرف تهبند کي قابو ٻڌڻ جي نيت سان بيلٽ يا رسي وغيره ٻَڌڻ مڪروه آهي.

(بهارشريعت ج 1 ص 1079، 1080)

# هي ڳالهيون احرام ۾ جائز آهن

﴿1﴾ مِسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪرڻ ﴿2﴾ مُندڙي پائڻ [1] ﴿3﴾ بي خوشبو سرمو پائڻ، پر مُحْرِم جي لاءِ بغير ضرورت جي ان جو استعمال مڪروهِ تنزيهي آهي (خوشبو دار سرمو هڪ يا ٻه ڀيرا لڳايو تہ صدقو آهي ۽ ٽي يا ان کان وڌيڪ ۾ ”دم“) ﴿4﴾ بنا مَرُ مٽي لاهڻ جي غسل ڪرڻ ﴿5﴾ ڪپڙا ڌوئڻ، (پر جونءِ مارڻ جي لاءِ حرام آهي) ﴿6﴾ مٿو يا جسم اهڙي طرح آهستي

---

1 مندڙي جي باري ۾ عرض آهي تہ تاجدارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ باعظمت ۾ هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي پٽل جي مندڙي پاتل هئي، مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا ڳالهہ آهي جو تو کان بُت جي بوءِ اچي ٿي؟ ان اها (پٽل جي) مندڙي لاهي اڇلائي ڇڏي پوءِ لوهہ جي مندڙي پائي ڪري حاضر ٿيو . فرمايائون: ڇا ڳالهہ آهي تو جهنمين جو زيور پاتو آهي؟ ان هن کي بہ اُڇلائي ڇڏيو پوءِ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي مندڙي ٺهرايان؟ فرمايائون: چانديءَ جي ٺهراءِ ۽ هڪ مثقال پورو نہ ڪر. (ابوداود ج 4 ص 122 حديث 4223) يعني ساڍن چئن ماسن کان گهٽ وزن جي هجي. اسلامي ڀائر جڏهن بہ مندڙي پائن تہ چاندي جي ساڍي چار ماشا (يعني 4 گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ وزن جي هڪ مندڙي پايو، هڪ کان وڌيڪ نہ پايو ۽ ان مندڙي ۾ نگينو (يعني پڙو) بہ هڪ ئي هجي، هڪ کان وڌيڪ نگينا نہ هجن ۽ بغير نگينن جي بہ نہ پايو، نگينن جي وزن جو ڪو شرط ناهي، چاندي يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جو ڇلو (ڇاهي مدينہءِ منوره جو ڇونہ هجي) يا چاندي جي بيان ڪيل وزن وغيره کان علاوه ڪنهن ٻي ڌاتوءَ (مثال طور سون، ٽامي، لوهہ پٽل، اسٽيل وغيره) جي مندڙي نہ ٿا پائي سگهو . سون چاندي يا ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي زنجير ڳچيءَ ۾ پائڻ گناهہ آهي اسلامي ڀينرون سون چانديءَ جون منڊيون ۽ زنجيريون وغيره پائي سگهن ٿيون. وزن ۽ پڙي جو ڪو شرط ناهي (مندڙي جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنت جلد 2 جي نيڪي جي دعوت حصو پهريون صفحي 374 کان 377 جو مطالعو فرمايو)

ڪنهڻ جو وار نہ ڪِرن ﴿7﴾ چنٽي لڳائڻ يا ڪنهن شيءِ جي چانوَ ۾ ويهڻ ﴿8﴾ چادر جي ڪنارن کي تهبند (يعني گوڏ) ۾ وجهڻ ﴿9﴾ هوڙ ڪيڻ ﴿10﴾ پڳل ننهن کي جدا ڪرڻ ﴿11﴾ ڦُرڙي کي ڦيهڻ ﴿12﴾ اک مان جيڪو وار نڪري ان کي جدا ڪرڻ ﴿13﴾ ختنو (يعني طهر) ڪرڻ ﴿14﴾ فصد (يعني بغير وار ڪترائڻ جي) سنگيون هٽائڻ ﴿15﴾ چيل، ڪانءُ، ڪوئو، ڪِرڙي، سانڊو، نانگ، وڇون، منگهڻ، مڇر، مک وغيره خبيث ۽ ايذاءُ ڏيندڙ جانورن کي مارڻ (حرم ۾ بہ انهن کي ماري سگهو ٿا) ﴿16﴾ مٿي يا منهن کان علاوه ڪنهن بي جڳهہ زخم تي پٽي ٻڌڻ[1] ﴿17﴾ مٿي يا ڳل جي هيٺان وهاڻو رکڻ ﴿18﴾ ڪپڙي سان ڪن ڍڪڻ ﴿19﴾ مٿي يا نک تي پنهنجو يا ٻئي جو هٿ رکڻ (ڪپڙو يا رومال نہ ٿا رکي سگهو) ﴿20﴾ ڪاڏيءَ کان هيٺ ڏاڙهيءَ تي ڪپڙو اچڻ ﴿21﴾ مٿي تي ڏات جو نهيل ٿانوَ، اناج جي ٻوري کڻڻ جائز آهي پر مٿي تي ڪپڙي جي ڳنڍ کڻڻ حرام آهي، ها "مُحْرِم" ٻئي کڻي سگهي ٿي ﴿22﴾ جنهن کاڌي ۾ ڦوٽا، دارچيني، لونگ وغيره پچايا ويا هجن جيتوڻيڪ انهن جي

---

1 مجبوري جي صورت ۾ مٿي يا منهن تي پٽي تہ ٻڌي سگهو ٿا پر ان تي ڪفارو ڏيڻو پوندو، ان جو مسئلو ص 205 تا 207 تي ملاحظہ فرمايو.

خوشبو بہ اچي رهي هجي (مثال طور قورمو، برياني، زردو وغيره) ان جو کائڻ يا بنا پچائڻ جي جنهن کاڌي پيتي ۾ کا خوشبو وڌي وئي هجي اها بوءِ نہ ٿي ڏئي ان جو کائڻ پيئڻ ﴿23﴾ گيهہ يا چربي يا کوڙو تيل، بادام يا ناريل يا کدو، کاهو جو تيل جنهن ۾ خوشبو نہ وڌي وئي هجي ان جو وارن يا جسم تي لڳائڻ ﴿24﴾ اهڙا جوتا پائڻ جائز آهن جيڪي پير جي وچ جي جوڙ يعني پير جي وچ جي اُڀريل هڏي کي نہ ڍڪن (تنهنڪري مُحرِم جي لاءِ ان ۾ آساني آهي تہ اهو هوائي چپل پائي) ﴿25﴾ اڻ سبيل ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري تعويذ ڳلي ۾ وجهڻ ﴿26﴾ پالتو جانور مثال طور اُٺ، ٻڪري، مرغي، ڳئون وغيره کي ذبح ڪرڻ، ان جو گوشت پچائڻ کائڻ. ان جا آنا ٽوڙڻ، ڀُڄڻ، کائڻ.

(بهار شريعت ج 1 ص 1081، 1082)

## مرد ۽ عورت جي اِحرام ۾ فرق

احرام جي مٿي ڏنل اَحڪام ۾ مرد ۽ عورت ٻئي برابر آهن، تنهن هوندي بہ ڪجهہ ڳالهيون اسلامي ڀينرن جي لاءِ جائز آهن. اڄڪلهہ احرام جي نالي ۾ سبيل "اِسڪارف" بازار ۾ ملندا آهن معلومات جي گهٽتائي سبب اسلامي ڀينرون انهي کي اِحرام سمجهنديون آهن

حالانڪ ائين ناهي، معمول مطابق ڪپڙا پايو. ها جيڪڏهن اِسڪارف ڪي شرعًا ضروري نہ سمجهي ۽ ائين ٿي پائن تہ منع ناهي.

﴿1﴾ مٿو ڍڪڻ بلڪ احرام کان علاوه بہ نماز ۾ ۽ نامَحرم (جن ۾ ماسڙ، پڦڙ، پيڻويو، ماروٽ، سوٽ، پڦاٽ، ماساٽ ۽ خاص ڪري ڏير بہ شامل آهي) جي سامهون فرض آهي. نامحرمن جي آڏو عورت جو اهڙي طرح اچڻ جو ان جو مٿو ڪليل هجي يا ايترو سنهو رئو پاتل هجي جو وارن جي ڪاراڻ چمڪندي هجي، اِحرام جي علاوه بہ حرام آهي ۽ اِحرام ۾ سخت حرام آهي ﴿2﴾ "مُحْرِمَہ" جڏهن مٿو ڍڪي سگهي ٿي تہ ڪپڙي جي ڳنڍ مٿي تي ڪٽڻ بدرجہٴ اوليٰ جائز ٿيو ﴿3﴾ سبيل تعويذ ڳچيءَ يا ٻانهن ۾ ٻَڌڻ ﴿4﴾ ڪعبي شريف جي غلاف ۾ ائين داخل ٿيڻ جو غلاف مٿي تي رهي چهري تي نہ اچي ان ڪي بہ چهري تي ڪپڙو وجهڻ حرام آهي (اڄڪلهہ ڪعبي جي غلاف تي ماٺهو خوشبو لڳائيندا آهن، تنهنڪري احرام ۾ ان جو احتياط ڪريو) ﴿5﴾ دستانا، جوراب ۽ سبيل ڪپڙا پائڻ ﴿6﴾ اِحرام ۾ چهرو لڪائڻ عورت ڪي حرام آهي. نامحرم کان بچڻ لاءِ ڪو وِڃڻو (يا پائو) وغيره منهن کان بچائي سامهون رکي. (بهار

شريعت ج 1 ص 1083) ﴿7﴾ اسلامي ڀيڻ پي ڪيپ وارو نقاب ٻه پائي سگهي ٿي پر اهو احتياط رهي ته چهري سان نه لڳي، هن ۾ هي انديشو رهندو آهي ته تيز هوا هلي ۽ نقاب چهري سان چنبڙي ويو يا ٻي ڏياني ۾ پگهر وغيره انهي نقاب سان اڳهڻ لڳو، تنهن ڪري سخت احتياط ڪرڻو پوندو.

## "حج جي احرام" جي نوا ڪرڻ جي نسبت سان اِحرام جا 9 مفيد احتياط

﴿1﴾ احرام خريد ڪرڻ وقت کولي ڪري ڏسي وٺو نه ته روانگي جي موقعي تي پائڻ وقت ننڍو وڏو نڪتو ته سخت آزمائش ٿي سگهي ٿي ﴿2﴾ روانگي کان ڪجهه ڏينهن پهريان گهر ۾ اِحرام ٻڌڻ جي مشق ڪري وٺو ﴿3﴾ متي واري چادر ٽوال جي ۽ تهبند (يعني گوڏ) ٿلهي بافتي جو هجي، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ نمازن ۾ سهولت رهندي ۽ مِنيٰ شريف وغيره ۾ هوا جي ڪري اُڏڻ جو امڪان ٻه گهٽ رهندو ﴿4﴾ احرام ۾ بيلٽ وغيره ٻڌي ڪري گهر ۾ ڪجهه هلو ته جيئن مشق ٿي وڃي، نه ته هڪدم ٻڌي هلڻ سان تهبند خوب ٽائيٽ هجڻ يا کُلي وڃڻ وغيره جي صورت ۾ پريشاني ٿيندي ﴿5﴾ خاص ڪري بافتي جو اِحرام عمده ۽ ٿلهي ڪپڙي جو وٺو نه ته سنهو ڪپڙو هوندو ۽ پگهر ٿيو

تہ تهبند چنبڙڻ جي صورت ۾ رانن وغيره جي رنگت ظاهر ٿي سگهي، ڪڏهن تہ تهبند جو ڪپڙو ايترو سنهو هوندو آهي جو پگهر نہ بہ اچي تڏهن بہ رانن وغيره جي رنگت ظاهر ٿيندي آهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 496 صفحن جي ڪتاب ”نماز جا احڪام“ صفحي 199 تي آهي: جيڪڏهن اهڙا سنها ڪپڙا پاتل هجن جن سان جسم جو اهو حصو جنهن کي نماز ۾ ڍڪڻ فرض آهي نظر اچي يا جسم جي رنگت ظاهر ٿئي تہ نماز نہ ٿيندي. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 58) اڄڪلهہ سنهن ڪپڙن جو رواج وڌي رهيو آهي. اهڙن سنهن ڪپڙن جو پاجامو يا سلوار پائڻ جنهن سان ران يا اوگهڙ جو ڪو حصو ڏسڻ ۾ ايندو هجي نماز کان علاوه بہ پائڻ حرام آهي. (بهارِشريعت ج 1 ص 480) **﴿6﴾** نيّت کان پهريان اِحرام تي خوشبو لڳائڻ سنّت آهي، بيشڪ لڳايو پر لڳائڻ کان پوءِ عطر جي شيشي بيلٽ جي کيسي ۾ نہ رکو، نہ تہ نيّت کان پوءِ کيسي ۾ هٿ وجهڻ جي صورت ۾ خوشبو لڳي سگهي ٿي، جيڪڏهن ايترو عِطر لڳي ويو جو ڏسڻ وارا چون تہ گهڻو آهي تہ دم واجب ٿي ويندو ۽ گهٽ چون تہ صدقو. جيڪڏهن عطر جي آلاڻ وغيره ناهي لڳي هٿ ۾

صرف مهڪ محسوس ٿئي تہ ڪو ڪفارو ناهي، بيگ ۾ رکڻو هجي تہ ڪنهن ٿيلهي وغيره ۾ ويڙهي خوب احتياط واري جاءِ تي رکو ﴿7﴾ مٿان واري چادر درست ڪرڻ ۾ اهو احتياط ڪري جو پنهنجي يا ڪنهن ٻئي مُحرِم جي مٿي يا چهري تي نہ پئي. سگ مدينہ عُفِيَ عَنه رش وغيره ۾ اِحرام درست ڪرڻ وارن جي چادرن ڪي ٻين جي ڪوڙيل مٿي ۾ ڦاسندي ڏٺو آهي ﴿8﴾ اڪثر مُحرِم اِحرام جي گوڏ ڏُن جي هيٺان ٻڌندا آهن ۽ پوءِ مٿان واري چادر بي احتياطي جي سبب پيٽ تان سرڪي ويندي آهي، جنهن سان ڏُن جي هيٺان جو ڪجهہ حصو سيني جي سامهون ظاهر ٿيندو رهندو آهي ۽ اهي ان جي پرواهہ ناهن ڪندا، اهڙي طرح هلڻ يا ويهڻ وقت بي احتياطي ۾ ڪي احرام وارن جي ران وغيره ٻين جي سامهون ظاهر ٿي ويندي آهي. براءِ مهرباني ان مسئلي کي ياد رکو تہ ڏُن جي هيٺان کان وٺي گوڏن سميت جسم جو سمورو حصو سَتر آهي ۽ ان مان ٿورو حصو بہ ٻئي جي سامهون بنا اجازت شرعي جي کولڻ حرام آهي. سَتر (يعني اوگهڙ) جا مسئلا صرف اِحرام سان خاص ناهن، احرام کان علاوه بہ ٻين جي اڳو پنهنجي اوگهڙ کولڻ ۽ ٻين جي اوگهڙ ڏانهن ڏسڻ حرام

آهي ﴿9﴾ ڪجھ ماڻھن جي اِحرام جو تهبند ڏُن کان هيٺ هوندو آهي بي احتياطي جي ڪري مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ بين جي موجودگي ۾ ڏُن کان هيٺ وارو حصو ڪجھ کليل رهندو آهي بهار شريعت ۾ آهي: نماز ۾ چوٿائي (1/4) مقدار کليل رهيو تہ نماز نہ ٿيندي ۽ ڪيئي بيباڪ اهڙا بہ آهن ماڻھن جي سامهون گوڏا بلڪ رانون کليل رکندا آهن هي (نماز ۽ احرام جي علاوه) بہ حرام آهي ۽ ان جي عادت آهي تہ فاسق آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 481)

## احرام جي باري ۾ ضروري تنبيهہ

جيڪي ڳالهيون احرام ۾ ناجائز آهن جيڪڏهن اهي ڪنهن مجبوري جي ڪري يا ڀُلجي ڪري ٿين تہ گناهہ ناهي، پر انهن تي جيڪو جرمانو مقرر آهي، اهو هرحال ۾ ادا ڪرڻو پوندو. هاڻي اهي ڳالهيون چاهي بغير ارادي ٿين، ڀُلجي ٿين، سُمهڻ دؤران ٿين، يا جبرًا (يعني زوري) ڪو ڪرائي. (ايضاً ص 1083)

میں اِحرام باندھوں کروں حج و عُمرہ
ملے لُطفِ سَعْیِ صفا اور مَروَہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# حَرم جي وضاحت

عام طور تي ماڻهو صرف "مسجدُ الحرام" کي حرم شريف چوندا آهن، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مسجدِ حرام شريف حرمِ مُحْتَرم ۾ ئي داخل آهي پر حرم شريف مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيمًا سميت [1] ان جي چوڌاري ڪيترن ئي ميلن تائين پکڙيل آهي ۽ هر طرف ان جون حدون نهيل آهن مثال طور جدي شريف کان ايندي مڪي پاڪ کان 23 ڪلوميٽر پهريان پوليس چوڪي ايندي آهي. هتي روڊ جي مٿان بورڊ تي صاف اکرن ۾ لِلمُسْلِمين فَقَط (يعني صرف مسلمانن جي لاءِ) لکيل آهي، انهيءَ روڊ تي جڏهن اڃا اڳتي وڌبو آهي تہ بيرِ شَمِيْس يعني حُدَيبِيہ جي جڳھ آهي. انهيءَ طرف "حرم شريف" جي حد هتان کان شروع ٿيندي آهي. هڪ تاريخ دان جي جديد پيمائش جي حساب سان حرم جو علائقو 127 ڪلوميٽر آهي جڏهن تہ ڪُل ايراضي 550 چورس ڪلوميٽر آهي، (تاريخ مڪہ مڪرمہ ص 15) (جهنگ جي ڪٽائي، جبلن کي ڪٽي ۽ سرنگهن (Tunnels) جي ترڪيب وغيره جي ذريعي بڻايا ويندڙ نون رستن ۽ روڊن جي سبب اتي

---

[1] مڪي پاڪ ۾ آبادي وڌندي پئي وڃي ۽ ڪٿي ڪٿي حرم جي ٻاهر تائين ڦهلجي چڪي آهي مثال طور تنعيم حرم کان ٻاهر آهي پر شايد هينئر مڪي شهر ۾ آهي.

فاصلي ۾ ڪمي بيشي ٿيندي رهندي آهي، حرم جون اصل حدون اهي ئي آهن جنهن جو حديث مبارڪن ۾ بيان ٿيو آهي)

ٹھنڈی ٹھنڈی ہوا حرم کی ہے
بارِش **اللہ** کے کرم کی ہے (وسائلِ بخشش ص۱۲۴)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مڪي پاڪ جي حاضري

حرم جڏهن ويجهو اچي ته مٿو جهڪائي، اکيون شرمِ گناهه کان هيٺ ڪري خُشُوع و خُضُوع سان ان جي حد ۾ داخل ٿيو، ذِڪر، دُرود ۽ لَبَّيْڪ جي خوب ڪثرت ڪريو ۽ جيئن ئي رَبُّ العٰلمين جَلّ جَلاله جي مُقدّس شهر مڪي پاڪ زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيماً تي نظر پوي ته هي دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ لِّيْ قَرَارًا وَّارْزُقْنِيْ فِيْهَا رِزْقًا حَلَالًا

ترجمو: **ياالله** عَزَّوَجَلَّ مون کي هن ۾ قرار ۽ حلال رزق عطا فرماءِ.

مڪي پاڪ زادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيماً پهچي ضرورت موجب جڳهه ۽ سامان جي حفاظت وغيره جو انتظام ڪري "لَبَّيْڪ" چوندي بابُ السّلام تي حاضر ٿيو ۽ ان پاڪ دروازي کي چمي ڪري پهريان ساڄو پير مسجد الحرام ۾ رکي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت واري دعا پڙهو:

بِسْمِ اللّٰهِ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ[1] اَللّٰهُمَّ افْتَحْ لِيْ اَبْوَابَ رَحْمَتِكَ[1]

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام هجن، اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ.

## اِعتِڪاف جي نيّت ڪري وٺو

جڏهن بہ ڪنهن مسجد ۾ داخل ٿيو تہ اِعتِڪاف جي نيّت ڪيو تہ ثواب ملندو آهي، مسجد الحرام ۾ بہ نيّت ڪري وٺو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هتي هڪ نيڪي هڪ لک نيڪين جي برابر آهي تنهنڪري هڪ لک اِعتڪافن جو ثواب ملندو، جيستائين مسجد ۾ رهندو اعتڪاف جو ثواب ملندو ۽ ضمنًا کائڻ، زَمزَم شريف پيئڻ ۽ سُمهڻ وغيره بہ جائز ٿي ويندو، نہ تہ مسجد ۾ اهي شيون شرعي طور ناجائز آهن:

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ[ط] ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي.

## ڪعبي شريف تي پهرين نظر

جيئن ئي ڪعبي شريف تي پهرين نظر پوي تي ٽيرا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ[ط] چئو ۽ دُرُود شريف پڙهي ڪري دعا گهرو جو ڪعبةُ الله شريف تي جڏهن پهرين نظر پوندي آهي، ان وقت گهري ويندڙ دعا ضرور قبول ٿيندي آهي.

توهان چاهيو تہ هي دعا گھرو ”ياالله عَزَّوَجَلَّ مان جڏهن بہ ڪا جائز دعا گھران ان ۾ بهتري هجي تہ اها قبول ٿئي.“ حضرت علامہ شامي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوي فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي حوالي سان لکيو آهي: ڪعبي شريف تي پھرين نظر پوڻ وقت جنت ۾ بي حساب داخلي جي دعا گھري وڃي ۽ درود شريف پڙهيو وڃي. (ردالمحتار ج 3 ص 575)

نوری چادر تنی ہے کعبے پر
بارِش الله کے کرم کی ہے (وسائلِ بخشش ص ۱۲۴)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان افضل دعا

الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جا طلب گار محترم عاشقان رسول! جيڪڏهن طواف ۽ سعي وغيره ۾ هر جڳهہ تي ڪنهن بہ دعا جي بدران درود شريف ئي پڙهندا رهو تہ اهو سڀ کان افضل آهي ۽ ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ درود ۽ سلام جي برڪت سان بگڙيل ڪم صحيح ٿي ويندا. اهو اختيار ڪريو جيڪو مُحَمَّدٌ رَّسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي واعدي جي ڪري سيني دعائن کان بهتر ۽ افضل آهي يعني هتي ۽ سيني جڳهن تي پنهنجي لاءِ دعا جي بدلي پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪليو،

رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”ائين ڪندؤ تہ الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجا سڀ ڪم ناهي ڇڏيندو ۽ تنهنجا گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو.“

(ترمذي ج 4 ص 207 حديث 2465، فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 740)

## طواف ۾ دُعا جي لاءِ بيهڻ منع آهي

محترم حاجيو! تي سگهي تہ صرف دُرود ۽ سلام تي ڪفايت ڪريو جو اهو آسان بہ آهي ۽ افضل بہ، تنهن هوندي بہ دعا جي شوقينن جي لاءِ دعائون بہ ترڪيب ۾ شامل ڪري ڇڏيون آهن، پر ياد رهي تہ دعائون پڙهو يا دُرُود ۽ سلام انهن سيني ڪي آهستي پڙهڻو آهي، وڏي آواز سان نہ، جيئن ڪجهہ طواف ڪرائڻ وارا پڙهائيندا آهن، ۽ هلندي هلندي پڙهڻو آهي، پڙهڻ جي لاءِ طواف دوران رُڪڻو ناهي.

## عُمري جو طريقو

## طواف جو طريقو

طواف شروع ڪرڻ کان پهرين مرد اِضْطِباع ڪن يعني چادر ساڄي بانهن جي بغل جي هيٺان ڪڍي ڪري ان جا ٻئي ڪنارا کابي ڪلهي تي اهڙي طرح وجهو جو ساڄو ڪلهو کليل هجي، هاڻي پرواني جيان شمع ڪعبہ

جي چوڌاري طواف جي لاءِ تيار ٿي وڃو.

اِضْطِباعي حالت ۾ ڪعبي شريف جي طرف چهرو ڪندي حَجَرِ اَسْوَد جي ڪابي (left) طرف رُڪن يماني ڏانهن حَجَرِ اَسْوَد جي ويجهو اهڙي طرح بيهو جو پورو حَجَرِ اَسْوَد اوهان جي ساڄي پاسي رهي. هاڻي بنا هٿ کڻڻ جي هن طرح طواف جي نيّت ڪريو [1]

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْۤ اُرِیْدُ طَوَافَ بَیْتِكَ الْحَرَامِ فَیَسِّرْهُ لِیْ وَتَقَبَّلْهُ مِنِّیْ ؕ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي عزّت واري گهر جو طواف ڪرڻ جو ارادو ڪريان ٿو تون ان کي منهنجي لاءِ آسان فرماءِ ۽ ان کي منهنجي طرف کان قبول فرماءِ.

نيّت ڪري وڃڻ کان پوءِ ڪعبي شريف جي ئي طرف منهن ڪري ساڄي هٿ جي طرف ايترو هلو جو حَجَرِ اَسْوَد توهان جي بلڪل سامهون ٿي وڃي. (اهو معمولي سرڪڻ سان ٿي ويندو، اوهان حَجَرِ اَسْوَد جي بلڪل سِڌ ۾ اچي ويا ان جي نشاني هي آهي ته پري ٿنڀ ۾ جيڪا سبز لائيٽ لڳل آهي

(1) نماز، روزي، اعتڪاف، طواف وغيره هر جڳهه تي هن ڳالهه جو خيال رکو ته عربي زبان ۾ نيّت انهيءَ وقت ڪارآمد ٿيندي جڏهن ته ان جي معنيٰ معلوم هجي، نه نه اُردو ۾ بلڪ پنهنجي مادري زبان ۾ به ٿي سگهي ٿي. هر صورت ۾ دل ۾ نيّت هجڻ شرط آهي ۽ زبان سان نه چئو ته به صحيح آهي دل ۾ ئي نيّت هجڻ ڪافي به آهي، ها زبان سان چئي وٺڻ افضل آهي.

اها اوهان جي پُٺ جي بلڪل پويان تي ويندي)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! هي جنت جو اهو خوشنصيب پٿر آهي، جنهن کي اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يقينًا چميو آهي، هاڻي ٻئي هٿ ڪن تائين اهڙي طرح کڻو جو ترِيون حَجَرِ اَسْوَد جي طرف رهن ۽ پڙهو:

**بِسْمِ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللهُ اَكْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ الله ط**

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان ۽ سڀئي خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود ۽ سلام هجن.

هاڻي جيڪڏهن تي سگهي ته حَجَرِ اَسْوَد شريف تي ٻئي ترِيون ۽ انهن جي وچ ۾ منهن رکي ائين چُمي ڏيو جو آواز پيدا نه ٿئي ٽي ڀيرا ائين ئي ڪريو، سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! جهومي وڃو جو توهان جا چَپ ان مبارڪ جڳهه کي چمي رهيا آهن، جتي يقينًا مديني واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ چپ لڳا آهن، بيقرار ٿي وڃو. تڙپي وڃو ۽ ٿي سگهي ته اکين کي نير وهائڻ ڏيو جوته اها به سنّت آهي، حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا ته اسان جا منا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "حَجَرِ اَسْوَد" تي چپ مبارڪ

ركي كري روئيندا رهيا، پوءِ تَوَجُّهه فرمايائون، تہ ڇا ٿا ڏسن تہ حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه بہ روئي رهيا آهن، ارشاد فرمايائون: اي عمر (رضي الله تعالىٰ عنه) هي روئڻ ۽ ڳوڙها وهائڻ جي تہ جڳهہ آهي. (ابن ماجہ ج 3 ص 434 حديث 2945)

رونے والی آنکھیں مانگو رونا سب کا کام نہیں
ذِکرِ محبت عام ہے لیکن سوزِ محبت عام نہیں

ان ڳالهہ جو خيال رکو تہ ماڻهن کي توهان جا ڌکا نہ لڳن ڇوتہ هي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ جو موقعو ناهي بلڪ عاجزي ۽ مسڪيني جي اظهار جي جاءِ آهي، رش جي سبب جيڪڏهن چُمي نہ سگهو تہ نہ ٻين کي ايذاءُ ڏيو ۽ نہ پاڻ ڦاسو نہ دٻجو، هٿ يا ڪاني سان حَجَرِ اَسوَد کي ڇهي ڪري ان کي چمي وٺو، اهو بہ نہ ٿي سگهي تہ هٿن جو اشارو ڪري پنهنجي هٿن کي چمي وٺو، ڇا اهو گهٽ آهي جو مڪي مدني سرڪار صلّى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلّم جي مبارڪ منهن رکڻ جي جڳهہ تي اوهان جون نگاهون پئجي رهيون آهن.

حَجرِ اَسوَد کي چمڻ يا ڪاني يا هٿ سان ڇهي ڪري چمڻ يا هٿن جو اشارو ڪري چمڻ کي "اِستِلام" چئبو آهي.

فرمان مصطفيٰ صلّى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلّم آهي: قيامت جي

ڏينهن هي پٿر کنيو ويندو، هن جون اکيون هونديون جنهن سان هي ڏسندو، زبان هوندي جنهن سان ڪلام ڪندو، جنهن حق سان ان جو اِستِلام ڪيو ان جي لاءِ گواهي ڏيندو. (ترمذي ج 2 ص 286 حديث 963)

هاڻي **اَللّٰهُمَّ اِيْمَانًا بِكَ وَاتِّبَاعًا لِّسُنَّةِ نَبِيِّكَ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمْ** (ترجمو: الاهي تو تي ايمان آڻي ۽ تنهنجي نبي محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي سنت جي پيروي ڪرڻ جي لاءِ هي طواف ڪيان ٿو) پڙهندي ڪعبي شريف جي طرف ئي چهرو ڪري ساڄي هٿ جي طرف ٿورو سرڪو جڏهن حَجَرِ اَسوَد توهان جي چهري جي سامهون نہ رهي (۽ اهو ٿورو سِرڪڻ سان ٿي ويندو) تہ فورًا ان طرح سڌا ٿي وڃو جو ڪعبو شريف توهان جي کابي هٿ جي طرف رهي، اهڙي طرح هلو جو ڪنهن کي توهان جو ڌڪو نہ لڳي. مرد شروعاتي ٽن ڦيرن ۾ "رَمل" ڪندي هلن يعني جلدي جلدي ننڍا قدم کڻندي، ڪلها لوڏيندي هلو، جيئن قوي ۽ بهادر ماڻهو هلندا آهن، ڪي ماڻهو ٽپا ڏيندي ۽ ڊوڙندي هلندا آهن، اها سنّت ناهي. جتي جتي رش گهڻي هجي ۽ **رمل** ۾ پنهنجو پاڻ کي يا ٻين ماڻهن کي تڪليف ٿيندي هجي تہ ايتري دير تائين رمل ترڪ ڪري ڇڏيو پر **رمل** جي ڪري رڪجو

نہ، طواف ۾ مشغول رهو، پوءِ جيئن ئي موقعو ملي اوتري دير تائين جي لاءِ **رمل** سان گڏ طواف ڪريو.

طواف ۾ جيتري قدر خانهءِ ڪعبہ سان قريب رهو، هي بهتر آهي پر ايترو گهڻو قريب بہ نہ ٿي وڃو جو توهان جو ڪپڙو يا جسم ڪعبي جي ديوار جي بنيادن سان لڳي ۽ جيڪڏهن ويجهڙائيءِ ۾ رش جي سبب رمل نہ ٿي سگهي تہ هاڻي دوري بهتر آهي اسلامي ڀينرن جي لاءِ طواف ۾ ڪعبي شريف کان دوري افضل آهي، پهرين چڪر ۾ هلندي هلندي دُرُود شريف پڙهي هي دعا پڙهو.

## پهرين چڪر جي دعا

سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ؕ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ؕ اَللّٰهُمَّ اِيْمَانًا بِكَ وَتَصْدِيْقًا بِكِتَابِكَ وَوَفَآءً بِعَهْدِكَ وَاتِّبَاعًا لِّسُنَّةِ نَبِيِّكَ وَحَبِيْبِكَ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ؕ اَللّٰهُمَّ

# اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ وَالْمُعَافَاةَ الدَّآئِمَةَ فِي الدِّيْنِ وَالدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَالْفَوْزَ بِالْجَنَّةِ وَالنَّجَاةَ مِنَ النَّارِ ؕ

(درود شريف پڙهي وٺو)

ترجمو: الله تعاليٰ پاڪ آهي ۽ سڀ خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ثي آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي، ۽ گناهه کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي توفيق الله جي طرفان آهي، جيڪو سڀ کان بلند ۽ عظمت وارو آهي، ۽ رحمتِ ڪامله ۽ سلام نازل ٿئي الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي، اي الله عَزَّوَجَلَّ توتي ايمان آڻيندي ۽ تنهنجي ڪتاب جي تصديق ڪندي ۽ توسان ڪيل عهد کي پورو ڪندي ۽ تنهنجي نبي ۽ تنهنجي حبيب محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪندي (مون طواف شروع ڪيو آهي) اي الله عَزَّوَجَلَّ! آئون تو کان (گناهن کان) معافي جو، ۽ (بلائن کان) عافيت جو ۽ دائمي حفاظت جو، دين و دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ جنّت جي حصول ۾ ڪاميابي ۽ دوزخ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو سوال ڪيان ٿو.

رُڪنِ يماني تي پهچڻ تائين اها دعا پوري ڪري ڇڏيو. هاڻي جيڪڏهن رش جي ڪري پنهنجي يا ٻئي جي تڪليف جو انديشو نه هجي ته رڪنِ يماني کي ٻنهي هٿن سان يا ساڄي هٿ سان برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ لڳايو، رڳو کاٻي هٿ سان نه ڇهو، موقعو ملي ته رڪنِ يماني کي چمي ونو، پر اهو احتياط ضروري آهي قدم ۽ سينو

ڪعبي شريف جي طرف نہ ٿين، جيڪڏهن چُمڻ يا ڇهڻ جو موقعو نہ ملي تہ هتي هٿن سان اشارو ڪري چمڻ ناهي. (رڪن يماني تي اڪثر ماڻهو ڪافي خوشبو لڳائي ڇڏائيندا آهن تنهنڪري احرام وارا ڇهڻ ۽ چمڻ ۾ احتياط ڪيو)

هاڻي توهان ڪعبي شريف جي ٽن ڪندن جو طواف پورو ڪري چوٿين ڪنڊ "رڪنِ اَسوَد" جي طرف وڌي رهيا آهيو. "رڪنِ يماني" ۽ "رڪنِ اسود" جي وچين ديوار کي "مُستَجَاب" چئبو آهي، هتي دعا تي آمين چوڻ جي لاءِ ستر هزار فرشتا مقرر آهن. توهان جيڪو چاهيو، پنهنجي زبان ۾ پنهنجي لاءِ ۽ سيني مسلمانن جي لاءِ دعا گهرو يا سيني جي نيّت سان ۽ مون گناهگار سگِ مدينہ عُفِيَ عنه جي بہ نيّت شامل ڪري هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهي وٺو، ۽ هي قرآني دعا بہ پڙهي وٺو:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠١﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

سُبْحٰنَ اللّٰه! توهان **حَجرِ اَسود** جي ويجهو پهچي ويا آهيو، هتي توهان جو هڪ چڪر پورو ٿيو، ماڻهو هتي هڪٻئي کي ڌڪي ڪري پري کان ئي هٿ لوڏيندي گذرندا

آهن، ائين ڪرڻ هرگز سنّت ناهي، توهان اڳ جيان قبلي ڏانهن منهن ڪري حَجَرِ اَسوَد ڏانهن رخ ڪريو، هاڻي نيّت ڪرڻ جي ضرورت ناهي جو اها تہ شروع ۾ ٿي چڪي، هاڻي ٻيو چڪر شروع ڪرڻ جي لاءِ اڳ جيان ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي هي دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ ط پڙهي ڪري اِسۡتِلام ڪريو. يعني موقعو ملي تہ حَجَرِ اَسوَد کي چمي ڏيو، نہ تہ ساڳي طرح هٿ سان اشارو ڪري انهن کي چمي وٺو، اڳ جيان ڪعبي ڏانهن چهرو ڪري ٿورو ساڄي پاسي سِرڪو، جڏهن حَجَرِ اَسوَد سامهون نہ رهي تہ فورًا انهيءَ طرح ڪعبي شريف کي کاٻي (left) طرف ڪري طواف ۾ مشغول ٿي وڃو ۽ دُرُود شريف پڙهي هي دعا پڙهو:

## ٻئي چڪر جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنَّ هٰذَا الْبَيْتَ بَيْتُكَ وَالْحَرَمَ حَرَمُكَ وَالْاَمْنَ اَمْنُكَ وَالْعَبْدَ عَبْدُكَ وَاَنَا عَبْدُكَ وَابْنُ عَبْدِكَ وَهٰذَا مَقَامُ الْعَائِذِ بِكَ مِنَ النَّارِ ط فَحَرِّمْ لُحُوْمَنَا وَبَشَرَتَنَا عَلَى النَّارِ ط

اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا الْاِيْمَانَ وَزَيِّنْهُ فِيْ قُلُوْبِنَا وَكَرِّهْ اِلَيْنَا الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَالْعِصْيَانَ وَاجْعَلْنَا مِنَ الرَّاشِدِيْنَ ط اَللّٰهُمَّ قِنِيْ عَذَابَكَ يَوْمَ تَبْعَثُ عِبَادَكَ ط اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِی الْجَنَّةَ بِغَيْرِ حِسَابٍ ط (درود شريف پڙهي وٺو)

ترجمو: **يا الله** عَزَّوَجَلَّ بيشڪ هي گهر تنهنجو گهر آهي ۽ هي حرم تنهنجو حرم آهي ۽ (هتي جو) امن تنهنجو ئي ڏنل آهي ۽ هر ٻانهو تنهنجو ئي ٻانهو آهي ۽ مان بہ تنهنجو ئي ٻانهو آهيان ۽ تنهنجي ئي ٻانهي جو پٽ آهيان ۽ هيءَ جڳهہ جهنم کان تنهنجي پناهہ گهرڻ وارن جي آهي، تون اسان جي گوشت ۽ کل کي دوزخ تي حرام ڪري ڇڏ. اي **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان جي لاءِ ايمان کي محبوب بڻاءِ ۽ اسان جي دلين ۾ ان جو چاهہ پيدا ڪر ۽ اسان جي لاءِ ڪفر، بدڪاري ۽ نافرماني کي ناپسنديده بڻاءِ ۽ اسان کي هدايت حاصل ڪرڻ وارن ۾ شامل ڪر. اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! جنهن ڏينهن تون پنهنجي ٻانهن کي ٻيهر زندهہ ڪري اٿارين، مون کي پنهنجي عذاب کان بچائجانءِ . اي **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي بغير حساب جي جنّت عطا فرماءِ.

**رڪنِ يماني** تي پهچڻ کان پهرين پهرين اها دعا ختم ڪري ڇڏيو، هاڻي موقعو ملي تہ اڳ جيان چمي ڪري يا صرف انهيءَ طرح ڇهي حَجَرِ اَسوَد جي طرف وڌندي دُرُود شريف پڙهو ۽ هي قرآني دعا پڙهو:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

سُبْحٰنَ اللّٰه! اوهان وري حجرِ اَسْوَد جي قريب پهچي ويا آهيو، هاڻي توهان جو ٻيو چڪر به پورو ٿي ويو، وري اڳ جيان ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي هي دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰه ط پڙهي حَجَرِ اَسْوَد جو اِسْتِلام ڪريو ۽ اڳ جيان ٽيون چڪر شروع ڪريو ۽ درود شريف پڙهي هي دعا پڙهو:

## ٽئين چڪر جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِكَ مِنَ الشَّكِّ وَالشِّرْكِ وَالنِّفَاقِ وَالشِّقَاقِ وَسُوْٓءِ الْاَخْلَاقِ وَسُوْٓءِ الْمَنْظَرِ وَالْمُنْقَلَبِ فِي الْمَالِ وَالْاَهْلِ وَالْوَلَدِ ط اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ رِضَاكَ وَالْجَنَّةَ وَ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ سَخَطِكَ وَالنَّارِ ط اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْقَبْرِ وَاَعُوْذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالْمَمَاتِ ط (درود شريف پڙهي وٺو)

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان شڪ کان ۽ شرڪ کان ۽ نفاق ۽ حق جي مخالفت کان، ۽ بري اخلاق ۽ بري حال کان ۽ اهل و عيال ۾ ۽ مال ۾ بري انجام کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو. اي الله عَزَّوَجَلَّ مان توکان تنهنجي رضا ۽ جنّت گهران ٿو ۽ تنهنجي غضب ۽ جهنم کان پناهہ چاهيان ٿو. اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان قبر جي آزمائش ۽ زندگي ۽ موت جي فتني کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو.

**رڪنِ يماني** تي پهچڻ کان اڳ هي دعا ختم ڪري ڇڏيو ۽ اڳ جيان عمل ڪندي حَجَرِ اَسْوَد جي طرف وڌندي درود شريف پڙهي هي قرآني دعا پڙهو:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

سُبْحٰنَ الله! اوهان وري حَجَرِ اَسْوَد جي ويجهو پهچي ويا. هاڻي توهان جو ڇيون چڪر بہ مڪمل ٿي ويو وري اڳ جيان ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي هيءَ دعا پڙهو:

بِسْمِ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللهُ اَكْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی رَسُوْلِ اللهِ ﷺ پڙهي حَجَرِ اَسْوَد جو اِسْتِلام ڪريو ۽ اڳ جيان ئي چوٿون چڪر شروع ڪريو، هاڻي رَمَل نہ ڪريو جو رَمَل صرف ابتدائي ٽن ڦيرن ۾ ڪرڻو هو، هاڻي توهان کي معمول مطابق وچٿري چال سان باقي

قيرا مڪمل ڪرڻا آهن. دُرُود شريف پڙهي هي دعا پڙهو:

## چوٿين چڪر جي دعا

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ حَجًّا مَّبْرُوْرًا وَّسَعْيًا مَّشْكُوْرًا وَّذَنْبًا مَّغْفُوْرًا وَّعَمَلًا صَالِحًا مَّقْبُوْلًا وَّ تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ ط يَا عَالِمَ مَا فِي الصُّدُوْرِ اَخْرِجْنِيْ يَا اَللّٰهُ مِنَ الظُّلُمَاتِ اِلَى النُّوْرِ ط اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ مُوْجِبَاتِ رَحْمَتِكَ وَعَزَائِمَ مَغْفِرَتِكَ وَالسَّلَامَةَ مِنْ كُلِّ اِثْمٍ وَّالْغَنِيْمَةَ مِنْ كُلِّ بِرٍّ وَّالْفَوْزَ بِالْجَنَّةِ وَالنَّجَاةَ مِنَ النَّارِ ط اَللّٰهُمَّ قَنِّعْنِيْ بِمَا رَزَقْتَنِيْ وَبَارِكْ لِيْ فِيْهِ وَاخْلُفْ عَلٰى كُلِّ غَائِبَةٍ لِّيْ بِخَيْرٍ ط

(درود شريف پڙهي وٺو)

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي هن حج کي مَبرور حج ۽ منهنجي ڪوشش کي ڪامياب ۽ گناهن کان مغفرت جو ذريعو ۽ مقبول نيڪ عمل ۽ بنا نقصان وارو واپار بڻاءِ، اي دلين جا حال ڄاڻڻ وارا! اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي (گناهہ جي) اونداهيءَ کان (عملِ صالح جي) روشني جي طرف ڪڍ. اي الله عَزَّوَجَلَّ مان توکان تنهنجي رحمت (جي حاصل ٿيڻ) جي ذريعن، تنهنجي مغفرت جي اسباب ۽ سڀني گناهن کان بچندي رهڻ ۽

هر نيڪي جي توفيق جو ۽ جنت ۾ وڃڻ ۽ جهنم کان نجات جو سوال ڪريان ٿو، ۽ اي الله عزوجل تون مون کي پنهنجي ڏنل رزق ۾ قناعت عطا فرماءِ ۽ ان ۾ مون لاءِ برڪت به ڏئي ۽ هر نقصان جو پنهنجي ڪرم سان مون کي سٺو بدلو عطا فرماءِ.

**رڪنِ يماني** تائين اها دعا ختم ڪري وري اڳ جيان عمل ڪندي حَجَرِ اَسوَد ڏانهن وڌو ۽ دُرُود شريف پڙهي ڪري هي قرآني دعا پڙهو:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار عزوجل! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

سُبْحٰنَ اللّٰه! اوهان وري حجرِ اَسوَد وٽ پهچي ويا آهيو، اڳ جيان ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي هيءَ دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰه ﷺ پڙهي ڪري اِستِلام ڪريو ۽ پنجون چڪر شروع ڪريو ۽ درود شريف پڙهي هيءَ دعا پڙهو:

## پنجين چڪر جي دعا

اَللّٰهُمَّ اَظِلَّنِیْ تَحْتَ ظِلِّ عَرْشِكَ یَوْمَ لَا ظِلَّ اِلَّا ظِلُّ عَرْشِكَ وَلَا بَاقِیَ اِلَّا وَجْهُكَ وَاسْقِنِیْ مِنْ حَوْضِ نَبِیِّكَ سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شَرْبَةً

هَنِيْٓئَةً مَّرِيْٓئَةً لَّا نَظْمَأُ بَعْدَهَا اَبَدًا ط اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ مِنْ خَيْرِ مَا سَئَلَكَ مِنْهُ نَبِيُّكَ سَيِّدُنَا مُحَمَّدٌ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وَاَعُوْذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا اسْتَعَاذَكَ مِنْهُ نَبِيُّكَ سَيِّدُنَا مُحَمَّدٌ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ط اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ الْجَنَّةَ وَنَعِيْمَهَا وَمَا يُقَرِّبُنِيْٓ اِلَيْهَا مِنْ قَوْلٍ اَوْ فِعْلٍ اَوْ عَمَلٍ ط وَاَعُوْذُ بِكَ مِنَ النَّارِ وَمَا يُقَرِّبُنِيْٓ اِلَيْهَا مِنْ قَوْلٍ اَوْ فِعْلٍ اَوْ عَمَلٍ ط (درود شريف پڙهي وٺو)

ترجمو: اي الله عزوجل! مون کي ان ڏينهن پنهنجي عرش جي ڇانو ۾ جڳهه ڏي جنهن ڏينهن تنهنجي عرش جي سايي کان علاوه ڪو سايو نه هوندو ۽ تنهنجي پاڪ ذات کانسواءِ ڪو باقي نه رهندو ۽ مون کي پنهنجي نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جي حوض ڪوثر مان اهڙو خوشگوار ۽ خوش ذائقه ڍُڪ پيارجانءِ جو ان کان پوءِ ڪڏهن به مون کي اُڃ نه لڳي، اي الله عزوجل مان توکان انهن شين جي ڀلائي گهران ٿو جن کي تنهنجي نبي سيدنا محمد صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم توکان طلب ڪيو ۽ انهن شين جي برائيءَ کان تنهنجي پناهه گهران ٿو، جن کان تنهنجي نبي سيدنا محمد صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم پناهه گهري. اي الله عزوجل مان توکان جنّت ۽ ان جي نعمتن جو ۽ ان قول فعل جو يا عمل (جي توفيق) جو سوال ڪريان ٿو جيڪو مون کي جنت جي قريب ڪري ۽ مان دوزخ کان ۽ هر ان قول يا فعل يا عمل کان تنهنجي پناهه گهران ٿو جيڪو مون کي دوزخ جي ويجهو ڪري ڇڏي.

**رڪنِ يماني** تائين اها دعا ختم ڪري وري اڳ جيان عمل ڪندي حَجرِ اَسوَد ڏانهن وڌو ۽ دُرُود شريف پڙهي ڪري هي قرآني دعا پڙهو:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

پوءِ وري **حَجرِ اَسود** تي اچي ڪري ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي ڪري هيءَ دعا پڙهو:

بِسْمِ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ پڙهي اِستِلام ڪريو ۽ هاڻي ڇهون چڪر شروع ڪريو ۽ درود شريف پڙهي هيءَ دعا پڙهو:

## ڇهين چڪر جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنَّ لَكَ عَلَيَّ حُقُوْقًا كَثِيْرَةً فِيْمَا بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ وَحُقُوْقًا كَثِيْرَةً فِيْمَا بَيْنِيْ وَبَيْنَ خَلْقِكَ اَللّٰهُمَّ مَا كَانَ لَكَ مِنْهَا فَاغْفِرْهُ لِيْ وَمَا كَانَ لِخَلْقِكَ فَتَحَمَّلْهُ عَنِّيْ وَاَغْنِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَبِطَاعَتِكَ

عَنْ مَّعْصِيَتِكَ وَبِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ يَا وَاسِعَ الْمَغْفِرَةِ ط اَللّٰهُمَّ اِنَّ بَيْتَكَ عَظِيْمٌ وَّوَجْهَكَ كَرِيْمٌ وَّاَنْتَ يَا اَللّٰهُ حَلِيْمٌ كَرِيْمٌ عَظِيْمٌ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّيْ ط (درود شريف پڙهي وٺو)

ترجمو: اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! بيشڪ مون تي تنهنجا تمام گهڻا حق آهن، انهن معاملن ۾ جيڪي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ آهن ۽ تمام گهڻا حق آهن، انهن معاملن ۾ جيڪي منهنجي ۽ تنهنجي مخلوق جي وچ ۾ آهن. اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! انهن مان جن جو تعلق تنهنجي ذات سان هجي، انهن ۾ (ڪوتاهي ڪئي) مون کي معافي ڏي ۽ جن جو تعلق تنهنجي مخلوق سان (بہ) هجي انهن جي معافي پنهنجي ڪرم جي ذمي وٺ. اي **الله** مون کي حلال (رزق) عطا فرمائي حرام کان بي پرواه ڪر، ۽ پنهنجي فرمانبرداري جي توفيق عطا فرمائي نافرماني کان، ۽ پنهنجي فضل سان نوازي ڪري پاڻ کان سواءِ ٻين کان بي پرواهہ ڪري ڇڏ. اي وسيع مغفرت وارا! اي **الله**! بيشڪ تنهنجو گهر وڏي عظمت وارو آهي ۽ تنهنجي ذات ڪريم آهي ۽ اي **الله** تون حلم وارو، ڪرم وارو ۽ عظمت وارو آهين، تون معافي کي پسند ڪندو آهين سو منهنجي خطائن کي بخشي ڇڏ.

**رڪنِ يماني** تائين اها دعا ختم ڪري وري اڳ جيان عمل ڪندي حَجَرِ اَسوَد ڏانهن وڌو ۽ دُرُود شريف پڙهي ڪري هي قرآني دعا پڙهو:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

وري اڳ جيان ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي ڪري هي دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ ط پڙهي ڪري حَجَرِ اَسْوَد جو اِسْتِلام ڪريو ۽ ستون ۽ آخري چڪر شروع ڪريو ۽ درود شريف پڙهي ڪري هيءَ دعا پڙهو:

## ستين چڪر جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ اِيْمَانًا كَامِلًا وَّيَقِيْنًا صَادِقًا وَّ رِزْقًا وَّاسِعًا وَّقَلْبًا خَاشِعًا وَّ لِسَانًا ذَاكِرًا وَّ رِزْقًا حَلَالًا طَيِّبًا وَّتَوْبَةً نَّصُوْحًا وَّتَوْبَةً قَبْلَ الْمَوْتِ وَرَاحَةً عِنْدَ الْمَوْتِ وَمَغْفِرَةً وَّ رَحْمَةً بَعْدَ الْمَوْتِ وَالْعَفْوَ عِنْدَ الْحِسَابِ وَالْفَوْزَ بِالْجَنَّةِ وَالنَّجَاةَ مِنَ النَّارِ بِرَحْمَتِكَ يَا عَزِيْزُ يَا غَفَّارُ ط رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا وَّاَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ط (درود شريف پڙهي وٺو)

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان توکان تنهنجي رحمت جي وسيلي سان ڪامل ايمان، سچو يقين، ۽ ڪشادو رزق ۽ عاجزي ڪرڻ واري دل ۽

ذڪر ڪرڻ واري زبان ۽ حلال ۽ پاڪ روزي ۽ سچي توبه ۽ موت کان پهريان جي توبه ۽ موت جي وقت جي راحت ۽ مرڻ کان بعد مغفرت ۽ رحمت، ۽ حساب جي وقت معافي ۽ جنّت جو حصول ۽ دوزخ کان نجات گهران ٿو. اي عزت وارا! اي وڏيڪ بخشڻ وارا، اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! منهنجي علم ۾ اضافو ڪر ۽ مون کي نيڪ ماڻهن ۾ شامل فرماءِ.

**رڪنِ يماني** تائين اها دعا ختم ڪري وري اڳ جيان عمل ڪندي دُرُود شريف پڙهي ڪري هي قرآني دعا پڙهو:

رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

حَجَرِ اَسوَد تي پهچي توهان جا ست ڦيرا ته ٿي ويا وري اڳين ڀيري اڳ جيان ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي هيءَ دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللّٰهُ اَکْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ پڙهي اِستِلام ڪريو ۽ هي هميشه ياد رکو ته جڏهن به طواف ڪريو ان ۾ ڦيرا ست هوندا آهن ۽ اِستِلام اٺ (8).

## مقامِ ابراهيم

هاڻي ساجو ڪلهو ڍڪي ڇڏيو. مقامِ ابراهيم (عليه السّلام) تي اچي سيپاري 1 سورةُ البَقرة جي هي آيت شريف پڙهو:

وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ

ترجموڪنزالايمان: ۽ ابراهيم عَلَيهِ السَّلام جي بيهڻ جي جڳهه کي نماز جي جڳهه بڻايو.

# طواف جي نماز

هاڻي مقامِ ابراهيم (عَلَيه السَّلام) جي ويجهو جڳهه ملي ته بهتر، نه ته مسجدِ حرام ۾ جتي به جڳهه ملي، جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي ته ٻه رڪعتون طواف جي نماز ادا ڪريو، پهرين رڪعت ۾ سُورۃُالفَاتحه کانپوءِ قُل يَاايها الکافرون ۽ ٻي ۾ قُل هُوَ الله شريف پڙهو، اها نماز واجب آهي ۽ ڪا مجبوري نه هجي ته طواف کان فورًا پوءِ پڙهڻ سنّت آهي، گهڻا ماڻهو ڪلهو کُليل رکي ڪري نماز پڙهندا آهن اهو مَڪروهه آهي. اِضطِباع يعني ڪلهو کُليل رکڻ صرف ان طواف جي ستن ڦيرن ۾ آهي جنهن کان پوءِ سعي هوندي آهي، جيڪڏهن مَڪروهه وقت داخل ٿي ويو هجي ته بعد ۾ پڙهي وٺو ۽ ياد رکو! هن نماز جو پڙهڻ لازمي آهي.

مقامِ ابراهيم (عليه السَّلام) تي ٻه رڪعتون پڙهي ڪري دعا گهرو حديث شريف ۾ آهي: الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: جيڪو اها دعا ڪندو مان ان جي خطا بخشي ڇڏيندس، غم پري ڪندس، محتاجي مان ان کي ڪڍندس، هر

واپاري کان وڌيڪ ان جي تجارت رکندس، دنيا لاچار ۽ مجبور ٿي ان وٽ ايندي جيتوڻيڪ اهو ان کي نہ چاهي. (ابن عساکر ج 7 ص 431) اها دعا هي آهي:

## مقامِ ابراهيم جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ تَعْلَمُ سِرِّيْ وَعَلَانِيَتِيْ فَاقْبَلْ مَعْذِرَتِيْ وَتَعْلَمُ حَاجَتِيْ فَاَعْطِنِيْ سُؤْلِيْ وَتَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِيْ فَاغْفِرْلِيْ ذُنُوْبِيْ ط اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ اِيْمَانًا يُّبَاشِرُ قَلْبِيْ وَيَقِيْنًا صَادِقًا حَتّٰى اَعْلَمَ اَنَّهٗ لَا يُصِيْبُنِيْ اِلَّا مَا كَتَبْتَ لِيْ وَرِضًا بِمَا قَسَمْتَ لِيْ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ ط

ترجمو: اي **الله** عَزَّوَجَلَّ توُن منهنجي سڀ لِڪل ۽ ڪليل ڳالهين کي ڄاڻين ٿو تنهن ڪري منهنجي معذرت کي قبول فرماءِ ۽ تون منهنجي حاجت کي ڄاڻين ٿو، تنهنڪري منهنجي خواهش کي پورو ڪر ۽ تون منهنجي دل جو حال ڄاڻين ٿو تنهنڪري منهنجي گناهن کي معاف فرماءِ، اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! مان توکان اهڙو ايمان گهران ٿو جيڪو منهنجي دل ۾ سمائجي وڃي. اهڙو سچو يقين جو مان ڄاڻي وٺان تہ جيڪو ڪجهہ تو منهنجي تقدير ۾ لکي ڇڏيو آهي اهو ئي مون کي پهچندو، ۽ تنهنجي طرف کان پنهنجي قسمت تي پنهنجي رضامندي، اي سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارا.

# ”خليل“ جي چاڪرن جي نسبت سان مقام ابراهيم تي نماز پڙهڻ جا 4 مدني گل

﴿1﴾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مقام ابراهيم جي پويان ٻه رڪعتون پڙهي ان جا اڳيان پويان گناهه بخش ڪيا ويندا ۽ قيامت جي ڏينهن امن وارن ۾ محشور ٿيندو (يعني اُٿاريو ويندو) (الشفا الجز الثاني ص 93) ﴿2﴾ اڪثر ماڻهو رش ۾ ڌڪا ٿاٻا کائي به زبردستي ”مقام ابراهيم“ جي پويان نماز پڙهندا آهن، ڪجهه ماڻهو عورتن جي لاءِ نماز پڙهڻ جي لاءِ هٿن جو حلقو ٺاهي رستو گهيري وٺندا آهن، انهن کي ائين ڪرڻ بدران رش جي موقعي تي ”نمازِ طواف“ مقام ابراهيم کان پري پڙهڻ گهرجي ته جيئن طواف ڪرڻ وارن کي به تڪليف نه ٿئي ۽ پاڻ کي به ڌڪا نه لڳن ﴿3﴾ مقام ابراهيم کان پوءِ ان نماز جي لاءِ سڀ کان افضل ڪعبي شريف جي اندر پڙهڻ آهي، پوءِ حطيم ۾ ميزاب رحمت جي هيٺ، ان کان پوءِ حطيم ۾ ڪنهن ٻي جڳهه، پوءِ ڪعبي معظم جي ويجهو واري جڳهه، پوءِ مسجد الحرام ۾ ڪنهن جڳهه، پوءِ حرم مڪي جي اندر جتي به هجو. (لُبابُ المَناسِڪ ص 165) ﴿4﴾ سنت هي آهي ته وقت ڪراهت نه هجي ته طواف کان پوءِ يڪدم

نماز پڙهو، وچ ۾ فاصلو نہ هجي ۽ جيڪڏهن نہ پڙهي تہ سڄي عمر ۾ جڏهن بہ پڙهندؤ ادا ٿي آهي قضا نہ آهي، پر بُرو ڪيائين ڇوتہ سنت فوت ٿي وئي. (المسلک المتقسط ص 155)

# هاڻي مُلتَزَم تي اچو

نماز ۽ دعا کان فارغ ٿي ڪري، (ملتزم جي حاضري مستحب آهي) مُلتَزَم سان چنبڙي پئو، ڪعبي جي دروازي ۽ حَجرِ اَسوَد جي وچين حصي کي مُلتَزَم چئبو آهي ان ۾ ڪعبي جو دروازو شامل ناهي، مُلتَزَم سان ڪڏهن سينو لڳايو تہ ڪڏهن پيٽ، ان تي ڪڏهن ساڄو ڳل ۽ ڪڏهن کابو ڳل ۽ ٻئي هٿ مٿي کان اوچا ڪري مُقدَّس ديوار تي ڦهلايو، يا ساڄو هٿ ڪعبي جي دروازي ڏانهن ۽ کابو هٿ حَجرِ اَسوَد ڏانهن ڦهلايو. خوب ڳوڙها ڳاڙيو، ۽ نهايت ئي عاجزيءَ سان ٻاڏائي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي لاءِ ۽ سڄي اُمت جي لاءِ پنهنجي زبان ۾ دعا گهرو جو هي قبول ٿيڻ جي جڳهہ آهي ۽ دُرود شريف پڙهي هي دعا بہ پڙهو:

يَاوَاجِدُ يَامَاجِدُ لَا تُزِلْ عَنِّيْ نِعْمَةً اَنْعَمْتَهَا عَلَيَّ

ترجمو: اي قدرت وارا! اي بزرگ تو مون کي جيڪا نعمت ڏني ان کي مون کان زائل نہ ڪر.

حديث ۾ فرمايو: جڏهن مان چاهيان ٿو جبرئيل کي ڏسان ٿو تہ اهي مُلتَزَم سان چنبڙي ڪري هي دعا ڪري رهيا آهن. (بهار شريعت ج 1 ص 1104) ۽ ٿي سگهي تہ درود شريف پڙهي هي دعا بہ پڙهو:

## مقامِ مُلْتَزَم تي پڙهڻ واري دعا

اَللّٰهُمَّ يَارَبَّ الْبَيْتِ الْعَتِيْقِ اَعْتِقْ رِقَابَنَا وَرِقَابَ اٰبَآئِنَا وَاُمَّهَاتِنَا وَاِخْوَانِنَا وَاَوْلَادِنَا مِنَ النَّارِ يَاذَا الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ وَالْفَضْلِ وَالْمَنِّ وَالْعَطَآءِ وَالْاِحْسَانِ ط اَللّٰهُمَّ اَحْسِنْ عَاقِبَتَنَا فِى الْاُمُوْرِ كُلِّهَا وَاَجِرْنَا مِنْ خِزْيِ الدُّنْيَا وَعَذَابِ الْاٰخِرَةِ ط اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ عَبْدُكَ وَابْنُ عَبْدِكَ وَاقِفٌ تَحْتَ بَابِكَ مُلْتَزِمٌ بِاَعْتَابِكَ مُتَذَلِّلٌ بَيْنَ يَدَيْكَ اَرْجُوْ رَحْمَتَكَ وَاَخْشٰى عَذَابَكَ مِنَ النَّارِ يَاقَدِيْمَ الْاِحْسَانِ ط اَللّٰهُمَّ اِنِّىْٓ اَسْئَلُكَ اَنْ تَرْفَعَ ذِكْرِىْ وَتَضَعَ وِزْرِىْ وَتُصْلِحَ اَمْرِىْ وَتُطَهِّرَ قَلْبِىْ وَتُنَوِّرَ لِىْ فِىْ قَبْرِىْ

وَتَغْفِرَلِيْ ذَنْۢبِيْ وَاَسْئَلُكَ الدَّرَجَاتِ الْعُلٰى مِنَ الْجَنَّةِ ط اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلى الله عليه وسلم

ترجمو: اي الله عزوجل! اي هن قديم گهر جا مالڪ! اسان جي ڪنڌن کي ۽ اسان جي (مسلمان) ابن ڏاڏن، مائرن، ڀائرن، (ڀينرن) ۽ ڀائرن ۽ اولاد جي ڪنڌن کي دوزخ کان آزاد ڪري ڇڏ. اي بخشڻ وارا، ڪرم وارا، فضل وارا، احسان وارا، عطا وارا، ڀلائي وارا، اي الله عزوجل سڀني معاملن ۾ اسان جو خيريت سان انجام فرماءِ ۽ اسان کي دنيا جي ذلت ۽ آخرت جي عذاب کان بچاءِ، اي الله عزوجل مان تنهنجو ٻانهو آهيان، ۽ تنهنجي ٻانهي جو پٽ آهيان، تنهنجي (مقدس گهر جي) دروازي جي هيٺان بيٺو آهيان ۽ تنهنجي دروازي جي چائٺن سان چنبڙيل آهيان، تنهنجي سامهون عاجزيءَ جو اظهار ڪري رهيو آهيان، ۽ تنهنجي رحمت جو طلبگار آهيان ۽ تنهنجي دوزخ جي عذاب کان ڊڄي رهيو آهيان، اي هميشه جا محسن! (هاڻي به احسان فرماءِ) اي الله عزوجل مان توکان سوال ڪريان ٿو ته منهنجي ذڪر کي بلندي عطا فرماءِ ۽ منهنجي گناهن جو بار هلڪو ڪري ڇڏ ۽ منهنجي ڪمن کي درست فرماءِ، ۽ منهنجي دل کي پاڪ ڪري ڇڏ ۽ منهنجي لاءِ قبر ۾ روشني فرمائي ڇڏ ۽ منهنجا گناهه معاف فرماءِ ۽ مان توکان جنّت جي بلند درجن جو سوال ڪريان ٿو. آمين.

## هڪ اهم مسئلو

مُلْتَزَم وٽ "نمازِ طواف" کان پوءِ اچڻ ان طواف ۾ آهي جنهن کان پوءِ سَعي آهي ۽ جنهن کان پوءِ سعي نه هجي مثال طور طوافِ نفل يا طوافُ الزِّيارة (جڏهن ته حج جي سعي کان اڳ ۾ فارغ ٿي چڪا هجو) ان ۾ نماز کان اڳ

۾ مُلتَزَم سان چنبڙو، پوءِ مقامِ ابراهيم(عليه السّلام) جي ويجهو وجي ڪري ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪريو.(المسلك المتقسط ص 138)

## هاڻي زَم زَم تي اچو!

هاڻي بابُ الكعبہ جي سامهون واري سڌائي ۾ پري رکيل آبِ زَمَ زَمَ جي ڪولرن وٽ تشريف ڪٺي اچو ۽ (ياد رهي! مسجد ۾ آبِ زم زم پيئڻ وقت اعتڪاف جي نيّت ڪرڻ ضروري آهي) قبلي ڏانهن منهن ڪري بيٺي بيٺي ٽن ساهين ۾ خوب پيٽ ڀري زم زم پيئو، فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اسان جي ۽ منافقن جي وچ ۾ فرق هي آهي تہ اهي آب زم زم پيٽ ڀري ڪري ڪونہ پيئندا آهن. (ابن ماجہ ج 3 ص 489 حديث 3061) هر ڀيري بِسمِ الله سان شروع ڪيو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ چئو، هر ڀيري ڪعبي شريف ڏانهن نظر ڪٺي ڪري ڏسو. باقي پاڻي جسم تي وجهو يا منهن، مٿي ۽ جسم تي ان سان مسح بہ ڪريو پر اهو احتياط رکو تہ ڪو ڦڙو زمين تي نہ ڪري. پيئڻ وقت دعا ڪيو تہ قبول آهي.

ٻہ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ هي (آبِ زم زم) بابرڪت آهي ۽ بکايل جي لاءِ کاڌو آهي ۽ مريض جي لاءِ شِفا آهي.(ابوداؤد طيالسي ص 61 حديث 457) ﴿2﴾ ”زَمَ زَم جنهن مقصد

لاءِ پيتو وڃي، انهيءَ جي لاءِ آهي.“ (ابن ماجہ ج 3 ص 490 حديث 3062)

يہ زَم زَم اُس لئے ہے جس لئے اِس کو پئے کوئی

اِسی زَم زَم میں جنّت ہے، اِسی زَم زَم میں کوثر ہے (ذوقِ نعت)

## آبِ زَم زَم پيئڻ کان پوءِ هيءَ دعا پڙهو

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ عِلْمًا نَّافِعًا وَّ رِزْقًا وَّاسِعًا وَّشِفَآءً مِّنْ كُلِّ دَآءٍ ؕ

ترجمو : اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان توکان نفعو ڏيندڙ علم، وسيع رزق ۽ هر بيماري کان شفا جو سوال ڪيان ٿو.

## آبِ زم زم پيئڻ وقت دعا گهرڻ جو طريقو

شارح مسلم حضرت سيدنا امام نَوَوِي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: پوءِ ان شخص جي لاءِ مُستَحب آهي جيڪو مغفرت يا مرض وغيره کان شفا جي لاءِ آبِ زَم زَم پيئڻ چاهي ٿو تہ قبلي ڏانهن چهرو ڪري پوءِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ پڙهي پوءِ چوي: اي الله مون کي اها حديث پهچي آهي تہ تنهنجي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: آب زَمْ زَم انهيءَ مقصد لاءِ آهي جنهن لاءِ ان کي پيتو وڃي.“ (مسند امام احمد ج 5 ص 136 حديث 1855) (پوءِ هيٺين دعائون گهري مثلاً) اي الله! مان هن کي پيئان ٿو تہ جيئن مون کي بخشي ڇڏين يا اي الله مان هن کي پيئان ٿو هن جي ذريعي پنهنجي مرض مان شفا

چاهيندي، اي الله مون کي شفا عطا فرماءِ ۽ ان جي مثل (يعني ضرورت مطابق اهڙيون مختلف دعائون گهري)
(الايضاح في مناسک الحج للنووي ص 401)

## گهٽو ٿڌو پاڻي نہ پيئو

گهڻو ٿڌو پاڻي استعمال نہ فرمايو ڪٿي اوهان جي عبادت ۾ رڪاوٽ جا سبب پيدا نہ ٿي وڃن! نفس جي خواهش کي دٻائيندي اهڙي ڪولر مان آب زم زم پيئو جنهن تي لکيل هجي: **زَمْ زَمْ غَيْرُ مُبَرَّد** (يعني غير ٿڌو زم زم)

## نظر تيز ٿيندي آهي

آبِ زَم زَم ڏسڻ سان نظر تيز ٿيندي ۽ گناھ پري ٿيندا آهن، ٿي ٻُڪون مٿي تي وجهڻ سان ذلت ۽ رسوائي کان حفاظت ٿيندي آهي. (البحر العميق في المناسک ج 5 ص 2569، 2583)

تُو ہر سال حج پر بُلا یاالٰہی
وہاں آبِ زم زم پِلا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صَفاءِ مَروَه جي سَعي (1)

جيڪڏهن ڪا مجبوري يا ٿڪاوٽ وغيره نہ هجي تہ

(1) تهہ خاني (Basement) ۾ سعي ڪيو

هيئنئر، نہ تہ آرام ڪري صفا ۽ مَرْوَہ جي **سعي** ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿيو، ياد رهي تہ سعي ۾ اِضطِباع يعني ڪلهو ڳُليو رکڻ نہ آهي، هاڻي سعي جي لاءِ حَجَرِ اَسْوَد جو اڳ جيان ئي ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي ڪري هيءَ دعا

**بِسْمِ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَاللهُ اَكْبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللهِ** پڙهي ڪري اِستِلام ڪريو ۽ هي نہ ٿي سگهي تہ ان ڏانهن منهن ڪري **اَللهُ اَكْبَرُ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ** ۽ درود شريف پڙهندي فوراً بابُ الصَّفا تي اچو، "ڪوهِ صفا" جيئن تہ "مسجدِ حرام" کان ٻاهر موجود آهي ۽ مسجد کان ٻاهر نڪرڻ وقت هميشہ کاٻو پير پهرين ڪيڻ سنّت آهي، تنهنڪري هتي بہ پهريان کاٻو پير ڪيو جو سنّت آهي ۽ معمول مطابق مسجد کان ٻاهر اچڻ جي هي دعا پڙهو:

**اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ وَرَحْمَتِكَ**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان توکان تنهنجي فضل ۽ تنهنجي رحمت جو سوال ڪريان ٿو.

هاڻي درود و سلام پڙهندي صفا تي ايترو چڙهو جو ڪعبو شريف نظر اچي وڃي ۽ هتي ٿورو مٿي چڙهڻ سان ڪعبو شريف نظر اچي ويندو. عوام وانگر گهڻو مٿي نہ چڙهو، هاڻي هيءَ دعا پڙهو:

اَبْدَءُ بِمَا بَدَأَ اللّٰهُ تَعَالٰى بِهٖ ﴿ اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىٕرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَیْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیْهِ اَنْ یَّطَّوَّفَ بِهِمَا ؕ وَ مَنْ تَطَوَّعَ خَیْرًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ شَاكِرٌ عَلِیْمٌ ﴿۱۵۸﴾ ﴾

ترجمو: مان شروع ڪريان ٿو ان سان جنهن سان الله عَزَّوَجَلَّ شروعات ڪئي آهي. (ترجمو ڪنزالايمان: ”بيشڪ صفا ۽ مروه الله عَزَّوَجَلَّ جي نشانين مان آهن تہ جيڪو هن گهر جو حج يا عمرو ڪري ان تي ڪو گناهہ ناهي جو هنن ٻنهي جا ڦيرا ڪري ۽ جيڪو چڱي ڳالهہ پنهنجي طرف کان ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ نيڪيءَ جو صلو ڏيڻ وارو خبروار آهي.“ (پ 2، اَلبَقَرة 158)

## صفا تي عوام جا مختلف انداز

گهڻا ماڻهو ڪعبي شريف جي طرف تريون ڪندا آهن، ڪي هٿ لوڏيندا آهن تہ ڪي ٽي ڀيرا ڪنن تائين هٿ کڻي ڇڏي ڏيندا آهن، اوهان ائين نہ ڪيو بلڪ معمول مطابق دعا وانگر هٿ ڪلهن تائين کڻي ڪعبي شريف ڏانهن منهن ڪري ايتري دير تائين دعا گهرڻ کپي، جيتري دير ۾ ”سُورَةُ البَقَره“ جي پنجويهن آيتن جي تلاوت ٿيندي آهي، خوب ٻاڏائي ۽ ٿي سگهي تہ روئي دعا گهرو جو اها قبوليت جي جڳهہ آهي، پنهنجي لاءِ ۽ سڀني مسلمان جنن ۽ انسانن جي خير ۽ ڀلائي جي لاءِ، ۽ عظيم

احسان تيندو جو مون گناهگارن جي سردار سگِ مدينہ عُفِيَ عنه جي لاءِ بي حساب مغفرت جي دعا گهرو ۽ پڻ دُرُود شريف پڙهي ڪري هي دعا پڙهو [1]

## ڪوهِ صفا جي دعا

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ
اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ
اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى مَا هَدٰنَا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى مَآ اَوْلٰنَا
اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى مَآ اَلْهَمَنَا ط اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ
هَدٰنَا لِهٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِىَ لَوْلَآ اَنْ هَدٰنَا
اللّٰهُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ط لَهُ
الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِىْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَىٌّ
لَّا يَمُوْتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ
قَدِيْرٌ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ صَدَقَ وَعْدَهٗ
وَنَصَرَ عَبْدَهٗ وَاَعَزَّ جُنْدَهٗ وَهَزَمَ الْاَحْزَابَ
وَحْدَهٗ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَلَا نَعْبُدُ اِلَّآ اِيَّاهُ

---

1 رمي، جمرات ۽ وقوف عرفات وغيره جي لاءِ جهڙي طرح نيّت شرط ناهي اهڙي طرح سعي ۾ بہ شرط ناهي. بغير نيت جي بہ جيڪڏهن ڪنهن سعي ڪئي تہ ٿي ويندي، پر سعي ۾ نيت ڪرڻ مستحب آهي، نيت نہ ڪئي تہ ثواب نہ ملندو.

مُخۡلِصِیۡنَ لَهُ الدِّیۡنَ ۬ وَلَوۡ کَرِهَ الۡکٰفِرُوۡنَ ؕ
﴿فَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ حِیۡنَ تُمۡسُوۡنَ وَحِیۡنَ
تُصۡبِحُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَلَهُ الۡحَمۡدُ فِی السَّمٰوٰتِ
وَالۡاَرۡضِ وَعَشِیًّا وَّحِیۡنَ تُظۡهِرُوۡنَ ﴿۱۸﴾
یُخۡرِجُ الۡحَیَّ مِنَ الۡمَیِّتِ وَیُخۡرِجُ
الۡمَیِّتَ مِنَ الۡحَیِّ وَیُحۡیِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ
مَوۡتِهَا ؕ وَکَذٰلِکَ تُخۡرَجُوۡنَ ﴿۱۹﴾﴾ اَللّٰهُمَّ
کَمَا هَدَیۡتَنِیۡ لِلۡاِسۡلَامِ اَسۡاَلُکَ اَنۡ لَّا
تَنۡزِعَهٗ مِنِّیۡ حَتّٰی تَوَفَّانِیۡ وَاَنَا مُسۡلِمٌ ؕ
سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَلَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
وَاللّٰهُ اَکۡبَرُ وَلَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ
الۡعَلِیِّ الۡعَظِیۡمِ ؕ اَللّٰهُمَّ اَحۡیِنِیۡ عَلٰی سُنَّةِ
نَبِیِّکَ مُحَمَّدٍ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ
وَتَوَفَّنِیۡ عَلٰی مِلَّتِهٖ وَاَعِذۡنِیۡ مِنۡ مُّضِلَّاتِ
الۡفِتَنِ ؕ اَللّٰهُمَّ اجۡعَلۡنَا مِمَّنۡ یُّحِبُّکَ
وَیُحِبُّ رَسُوۡلَکَ وَاَنۡۢبِیَآئَکَ وَمَلٰٓئِکَتَکَ
وَعِبَادَکَ الصّٰلِحِیۡنَ ؕ اَللّٰهُمَّ یَسِّرۡ لِیۡ

الْيُسْرٰى وَجَنِّبْنِى الْعُسْرٰى اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِىْ
عَلٰى سُنَّةِ رَسُوْلِكَ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ
تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وَتَوَفَّنِىْ مُسْلِمًا وَّ
اَلْحِقْنِىْ بِالصّٰلِحِيْنَ وَاجْعَلْنِىْ مِنْ
وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيْمِ وَاغْفِرْلِىْ خَطِيْئَتِىْ
يَوْمَ الدِّيْنِ ط اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْئَلُكَ اِيْمَانًا كَامِلًا
وَّقَلْبًا خَاشِعًا وَّنَسْئَلُكَ عِلْمًا نَّافِعًا
وَّيَقِيْنًا صَادِقًا وَّدِيْنًا قَيِّمًا وَّنَسْئَلُكَ
الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ مِنْ كُلِّ بَلِيَّةٍ وَّنَسْئَلُكَ
تَمَامَ الْعَافِيَةِ وَنَسْئَلُكَ دَوَامَ الْعَافِيَةِ
وَنَسْئَلُكَ الشُّكْرَ عَلَى الْعَافِيَةِ وَنَسْئَلُكَ
الْغِنٰى عَنِ النَّاسِ ط اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ
وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ
وَصَحْبِهٖ عَدَدَ خَلْقِكَ وَرِضَا نَفْسِكَ
وَزِنَةَ عَرْشِكَ وَمِدَادَ كَلِمَاتِكَ كُلَّمَا
ذَكَرَكَ الذَّاكِرُوْنَ وَغَفَلَ عَنْ ذِكْرِكَ
الْغَافِلُوْنَ ط اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن ﷺ

ترجمو: **الله** عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي، ۽ حمد آهي الله جي لاءِ، ۽ حمد آهي الله جي لاءِ جو ان اسان کي هدايت ڏني، حمد آهي الله جي لاءِ جو ان اسان کي ڏنو، حمد آهي الله جي لاءِ جو ان کي اسان کي اِلهام ڪيو، حمد آهي الله جي لاءِ جنهن اسان کي هن جي هدايت ڪئي. جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي هدايت نہ ڏئي ها تہ اسان کي هدايت نہ ملي ها. **الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ناهي، اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ ناهي، ان جي بادشاهي آهي ان جي لاءِ حمد آهي، اهو ئي زندهہ ڪري ٿو ۽ ماري ٿو، اهو پاڻ زندهہ آهي، مري نہ ٿو، ان جي هٿ ۾ خير آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو معبود ناهي، اهو اڪيلو آهي ۽ ان پنهنجو واعدو سچو ڪيو، ۽ ان پنهنجي ٻانهي جي مدد فرمائي ۽ پنهنجي لشڪر کي ڪامياب ڪيو ۽ ڪافرن جي جماعتن کي اڪيلي ان شڪست ڏني. الله کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ اسان ان جي عبادت ڪيون ٿا، ان جي لاءِ دين کي خالص ڪندي جيتوڻيڪ ڪافرن کي نہ وڻي، (پوءِ الله جي پاڪائي بيان ڪريو جڏهن شام ڪيو ۽ صبح جي وقت ۽ انهيءَ جي تعريف آهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ ڏينهن ڪجهہ باقي هجي ۽ ٻن پهرن جي وقت اهو زندهہ کي ڪڍي ٿو مئل منجهان ۽ مئل کي ڪڍي ٿو جيئري مان ۽ زمين کي جياري ٿو ان جي مري وڃڻ بعد ۽ اهڙيءَ طرح اوهان کي ڪڍيو ويندو) اي **الله** عَزَّوَجَلَّ جهڙي طرح تو مون کي اسلام جي هدايت ڏني، تون کان سوال ڪيان ٿو ان کي مون کان جدا نہ ڪجانءِ ايستائين جو مون کي اسلام تي موت ڏي، الله تعاليٰ جي لاءِ پاڪائي آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ حمد آهي ۽ الله کان سواءِ ڪو معبود ناهي، ۽ الله تعاليٰ سڀ کان وڏو آهي ۽ گناهہ کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪيءَ ڪرڻ جي قوت ناهي پر الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد سان جيڪو بلند تر ۽ بزرگ

آهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ، پنهنجي نبي جي سنت تي زنده رک، سندن جي ملت تي وفات ڏي، فتنن جي گمراهين کان بچاءِ، الاهي مون کي انهن ماڻهن مان کر جيکي تون سان محبت رکن ٿا ۽ تنهنجي رسولن نبين ۽ ملائڪن ۽ نيڪ ٻانهن سان محبت رکن ٿا، الاهي! منهنجي لاءِ آساني مُيسر ڪر ۽ مون کي سختي کان بچاءِ، الاهي! پنهنجي رسول محمد جي سنت تي مون کي زنده رک ۽ مسلمان ڪري مار، ۽ نيڪن سان ملاءِ ۽ جنتُ النّعيم جو وارث ڪر، ۽ قيامت جي ڏينهن منهنجي خطا بخشي ڇڏ، الاهي! تون کان ڪامل ايمان ۽ خوف رکڻ واري دل جو اسان سوال ڪيون ٿا، ۽ اسان تون کان علم نافع ۽ سچو يقين ۽ دين مستقيم جو سوال ڪرون ٿا ۽ هر بلا کان عفو ۽ عافيت جو سوال ڪيون ٿا ۽ پوري عافيت ۽ عافيت جي هميشگي ۽ عافيت تي شڪر جو سوال ڪيون ٿا، ۽ ماڻهن کان بي نيازي جو سوال ڪيون ٿا، الاهي تون درود سلام ۽ برڪت نازل ڪر اسان جي سردار محمد تي ۽ سندن آل ۽ اصحاب تي پنهنجي مخلوق جي ڳڻپ جي مطابق ۽ تنهنجي رضا ۽ تنهنجي عرش جي وزن (مطابق) ۽ تنهنجي ڪلمات جي ڊيگهه جي مطابق جيستائين ذڪر ڪرڻ وارا تنهنجو ذڪر ڪندا رهن، ۽ جيستائين غافل تنهنجي ذڪر کان غافل رهن. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دعا ختم ٿيڻ کان پوءِ هٿ ڇڏي ڏيو ۽ درود شريف پڙهي ڪري سعي جي نيّت پنهنجي دل ۾ ڪري ڇڏيو، پر زبان سان چوڻ بهتر آهي، معنيٰ ذهن ۾ رکندي هن طرح نيّت ڪريو:

# سَعي جي نيّت

اَللّٰھُمَّ اِنِّیْٓ اُرِیْدُ السَّعْیَ بَیْنَ الصَّفَا وَالْمَرْوَۃِ سَبْعَۃَ اَشْوَاطٍ لِّوَجْھِکَ الْکَرِیْمِ فَیَسِّرْہُ لِیْ وَتَقَبَّلْہُ مِنِّیْ ط

ترجمو: اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي خوشنودي جي خاطر صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي جي ست چڪرن جو ارادو ڪري رهيو آهيان، تون ان کي منهنجي لاءِ آسان فرماءِ ۽ ان کي منهنجي طرفان قبول فرماءِ.

## صفا يا مَروَه کان لهڻ جي دعا

اَللّٰهُمَّ اسْتَعْمِلْنِیْ بِسُنَّةِ نَبِيِّكَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وَتَوَفَّنِیْ عَلٰی مِلَّتِهٖ وَاَعِذْنِیْ مِنْ مُّضِلَّاتِ الْفِتَنِ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِیْنَ ط

ترجمو: اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! تون مون کي پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت جو پيروڪار بڻاءِ ۽ مون کي سندن دين تي موت نصيب فرماءِ ۽ مون کي پناهه ڏي فتنن جي گمراهين کان پنهنجي رحمت سان، اي سڀ کان گهڻو رحم ڪرڻ وارا.

صفا کان هاڻي ذِڪر و درود ۾ مشغول ٿي وچٿري چال سان مَرْوَه ڏانهن هلو. (اڄڪلهه ته هتي سنگِ مَرمَر لڳل آهي ۽ ايئر ڪولر به لڳي ويا آهن. هڪ سعي اها به هئي جيڪا سيّده هاجره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ڪئي هئي، ٿورو پنهنجي ذهن ۾ اهو دل ڏڪائيندڙ منظر تازو ڪريو، جڏهن هتي غيرآباد ميدان هو ۽ ننڍيا معصوم اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام اُڃ جي شدت کان بيقرار ٿي رهيا هئا ۽ حضرتِ سيدتنا هاجره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا پاڻيءَ جي ڳولا ۾ بيتاب ٿي ڪري تيز اُس ۾ انهن پٿريلي رستن ۾ ڦري رهيون هيون) جيئن پهريون سائو ميل اچي ته مرد ڊوڙڻ شروع ڪن (پر مُهَذّب طريقي سان، گهڻو تيز نه) ۽ سوار پنهنجي سواريءَ کي تيز ڪن. ها!

جيڪڏهن رش گهٽي هجي تہ ٿورو رڪجي وڃو جڏهن تہ رش گهٽ ٿيڻ جي اميد هجي، ڊوڙڻ ۾ اهو ياد رکو تہ پاڻ کي يا ڪنهن ٻئي کي تڪليف نہ پهچي جو هتي ڊوڙڻ سنّت آهي جڏهن تہ ڪنهن مسلمان کي ڄاڻي واڻي تڪليف ڏيڻ حرام آهي، اسلامي ڀينرون نہ ڀڄن. هاڻي اسلامي ڀائر ڊوڙندي ۽ اسلامي ڀينرون هلندي هيءَ دعا پڙهن:

## ساون ميلن جي وچ ۾ پڙهڻ جي دعا

رَبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ وَتَجَاوَزْ عَمَّا تَعْلَمُ اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا لَا نَعْلَمُ ط اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعَزُّ الْاَكْرَمُ وَاهْدِنِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ ط اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ حَجًّا مَّبْرُوْرًا وَّسَعْيًا مَّشْكُوْرًا وَّذَنْبًا مَّغْفُوْرًا ط

ترجمو: اي الله عزوجل مون کي معاف فرماءِ ۽ مون تي رحم ڪر ۽ منهنجيون خطائون جيڪي تنهنجي علم ۾ آهن انهن کان درگذر فرماءِ بيشڪ تون ڄاڻين ٿو اسان کي ان جو علم ناهي، بيشڪ تون عزّت ۽ اڪرام وارو آهين ۽ مون کي صراطِ مستقيم تي قائم رک، اي الله عزوجل! منهنجي حج کي مبرور ۽ منهنجي سعي کي مشڪور (يعني پسنديده) ڪر ۽ منهنجي گناهن کي بخشي ڇڏ.

جڏهن ٻيو سائو ميل اچي تہ آهستي ٿي وڃو ۽ وچٿري چال سان مَرْوَه ڏانهن وڌندا وڃو، هي ڏسو! مَرْوَه شريف اچي ويو، عوام تمام پري متي چڙهيل آهي توهان انهن

جي پيروي نہ ڪريو، هتي پهرين ڏاڪڻ تي چڙهڻ بلڪ ان جي پرسان زمين تي بيهڻ سان بہ مَرْوَہ تي چڙهڻ ٿي ويو، هتي جيتوڻيڪ عمارتون ٺهي وڃڻ جي ڪري ڪعبو شريف نظر نہ ٿو اچي پر ڪعبي شريف ڏانهن منهن ڪري صفا وانگر اوتري ئي دير تائين دعا گهرو. هاڻي نيّت ڪرڻ جي ضرورت ناهي ڇوتہ اها تہ پهريان ڪري چڪا، اهو هڪ ڦيرو ٿيو.

هاڻي اڳ جيان دعا پڙهندي مَرْوَہ کان صَفا ڏانهن هلو ۽ معمول مطابق مَيْلَيْنِ اَخْضَرَيْن (يعني ساوَن ٽِنين) جي وچ ۾ مرد ڊوڙندي ۽ اسلامي ڀينرون هلندي اها ئي دعا پڙهن، هاڻي **صفا** تي پهچي ڪري بہ ڦيرا پورا ٿيا. اهڙي طرح صفا ۽ مَرْوَہ جي وچ ۾ ڊوڙندي ستون ڦيرو مَرْوَہ تي ختم ٿيندو. توهان جي سعي مڪمل ٿي.

## سعي جي دوران هڪ ضروري احتياط

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو مَسْعيٰ ۾ نماز پڙهي رهيا هوندا آهن، طواف جي دوران تہ نمازي جي اڳيان گذرڻ جائز آهي پر سعي جي دوران ناجائز . اهڙي موقعي تي رڪجي ڪري نمازيءَ جي سلام ڦيرڻ جو انتظار ڪريو. ها ڪنهن گذرڻ واري کي اوٽ بڻائي گذري سگهو ٿا .

# سَعي جي نماز مستحب آهي

هاڻي تي سگهي تہ مسجد حرام ۾ ٻہ رڪعتون نفل نماز (جيڪڏهن مڪروهہ وقت نہ هجي تہ) ادا ڪري وٺو جو مُستَحب آهي. اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سعي کان پوءِ مَطاف جي ڪناري حَجَرِ اَسوَد جي سِڌائي ۾ ٻہ نفل ادا فرمايا آهن. (مسند امام احمد ج 10 ص 354 حديث 27313، ردالمحتار ج 3 ص 589)

انهيءَ طواف ۽ سعي جو نالو عمرو آهي، قارِن ۽ مُتَمَتِّع جي لاءِ اهو ٿي "عمرو" ٿي ويو.

شَرَف مجھ کو عُمرے کا مولیٰ دِیا ہے

کرم مجھ گنہگار پر یہ بڑا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# طوافِ قُدُوم

مُفْرِد جي لاءِ هي طواف، طوافِ قُدُوم يعني دربار ۾ حاضري جي سلامي ٿي، قارِن ان کان پوءِ طوافِ قُدُوم جي نيّت سان وڌيڪ هڪ طواف ۽ سَعي ڪري، طوافِ قُدُوم قارن ۽ مُفرِد ٻنهي جي لاءِ سنّتِ مؤڪّده آهي، جيڪڏهن ڇڏيو ويو تہ بُرو ڪيو، پر دَم وغيره واجب ناهي. (بهارشريعت ج 1 ص 1111)

# حلق يا تَقصِير

هاڻي مرد حلق ڪن (يعني مٿو ڪوڙائين) يا تَقصِير ڪن يعني وار ڪترائين. پر حلق ڪرائڻ بهتر آهي. حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حِجَّةُ الْوَدَاع ۾ حلق ڪرايو ۽ مٿو ڪوڙائڻ وارن جي لاءِ ٽي ڀيرا رحمت جي دعا فرمائي ۽ ڪترائڻ واري جي لاءِ هڪ ڀيرو. (بخاري ج 1 ص 574 حديث 1728)

# تَقصِير جي وضاحت

تقصِير يعني گهٽ ۾ گهٽ مٿي جي چوٿين حصي (1/4) جا وار آڱر جي پور (يعني آڱر جي ٽن حصن مان هڪ حصي) جيترا ڪترائڻ. ان ۾ اهو احتياط رکو ته هڪ پور (يعني آڱر جي هڪ سَنڌ) کان وڌيڪ ڪتجن ته جيئن مٿي جي وچ ۾ جيڪي ننڍا ننڍا وار هوندا آهن، اهي به هڪ پور جيترا ڪتجي وڃن، ڪي ماڻهو قينچيءَ سان ڪجهه وار ڪٽي ڇڏيندا آهن، حَنَفِين جي لاءِ اهو طريقو بلڪل غلط آهي ۽ ائين ڪرڻ سان اِحرام جون پابنديون به ختم نه ٿينديون.

# اسلامي ڀينرن جي تقصير

اسلامي ڀينرن لاءِ مٿو ڪوڙائڻ حرام آهي، اهي صرف تقصير ڪرائن، ان جو آسان طريقو هي آهي ته

پنهنجي وارن جي چوٿيءَ جي مُنڍ کي آڱر جي چوڏاري ويڙهي ايترو حصو ڪٽي ڇڏين، پر هي احتياط لازمي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ مٿي جي چوٿين حصي (1/4) جا وار هڪ سَنڌ جي برابر ڪٽجي وڃن.

لگاؤ دل کو نہ دنیا میں ہر کسی شے سے

تعلّق اپنا ہو کعبے سے یا مدینے سے (سامانِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## طوافِ قُدُوم وارن جي لاءِ هدايت

طوافِ قُدُوم ۾ اِضْطِباع، رَمَل ۽ سعي ضروري ناهي، پر ان ۾ نه ڪيا ته هي سمورا ڪم "طوافُ الزِّيارة" ۾ ڪرڻا پوندا. ٿي سگهي ٿو ان وقت ٿڪاوٽ وغيره جي ڪري ڏکيائي پيش اچي، تنهنڪري مون ان کي مطلقًا ترڪيب ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي جو ان طرح طوافُ الزِّيارة ۾ هنن شين جي ضرورت نه پوندي.

## مُتَمَتِّع جي لاءِ هدايت

مُفْرِد ۽ قارِن ته حج جي رَمَل ۽ سَعي کان "طوافِ قُدُوم" ۾ فارغ ٿي چڪا پر مُتَمَتِّع جيڪي سعي ۽ طواف ڪيا اهي "عمري" جا هئا ۽ ان جي لاءِ "طوافِ قُدُوم" سنّت

ناهي جو ان کان فراغت حاصل ڪري، تنهنڪري جيڪڏهن ”مُتَمَتِّع“ بہ پهريان ڪان فارغ ٿيڻ چاهي تہ جڏهن حج جو اِحرام ٻڌي، ان وقت هڪ نفلي طواف ۾ رَمَل ۽ سعي ڪري وٺي، هاڻي ان کي بہ ”طوافُ الزِّيارة“ ۾ انهن ڪمن جي حاجت نہ رهندي. (بهار شريعت ج 1 ص 1112) جيڪڏهن 6 يا 7 يا 8 ذُوالْحِجَّة جو حج جو احرام ٻڌيو تہ عام طور تي گهڻي رش هوندي آهي، جيڪڏهن چاهيو تہ حج جي رَمَل ۽ سعي جي لاءِ هاڻي نفلي طواف نہ ڪريو، طوافُ الزِّيارة ۾ ڪريو جو احرام بہ نہ هوندو ۽ اميد آهي رش ۾ بہ ڪجهہ گهٽتائي هوندي، 10 تي وري خوب هجوم هوندو آهي، البت 11 ۽ 12 جو رش ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي.

## سيني حاجين جي لاءِ مدني گل

هاڻي سيئي حاجي سڀ گورا (قارن، مُتَمَتِّع، مُفْرِد) سڀ جا سڀ مِنيٰ شريف وڃڻ جي لاءِ مڪي پاڪ ۾ اٺين ذُوالْحِجَّة جي انتظار ۾ پنهنجي زندگي جون انمول گهڙيون گذاري رهيا آهن. پيارا عاشقان رسول! هي اهي مقدس گهڙيون آهن، جن ۾ اسان جي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ زندگي جا اٽڪل 53 سال گذاريا آهن، هتي هر جڳهہ تي محبوب اڪرم، رسولِ مُحْتَشم

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا نقش قدم آهن، انهن مبارڪ گهٽين جو** خوب ادب ڪريو، خبردار! هتي گناهه ته پري جي ڳالهه گناهه جو تصور به نه اچڻ گهرجي ڇو ته حرم جي حدن ۾ هڪ نيڪي هڪ لک جي برابر آهي ته گناهه به لک ڀيرا وڏيڪ آهي. گارگند، غيبت، چغلي، ڪوڙ، بدنگاهي، بدگماني وغيره هميشه حرام آهن. پر هتان جو ڏوهه ته لک ڀيرا وڏيڪ آهي ۽ هرگز اها ناداني نه ڪجو جو حلق ڪرائڻ سان گڏوگڏ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ ڏاڙهي به ڪوڙائي ڇڏيو! ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا ڪٽائي هڪ مُٺ کان ننڍي ڪرائڻ ٻئي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن ۽ هتي هڪ ڀيرو اها حرڪت ڪئي لک ڀيرا حرام جو گناهه ملندو، اي عاشقان رسول! هاڻي ته توهان جي چهري کي مڪي مديني جون هوائون چمي رهيون آهن. مڃي وٺو! انهن مبارڪ وارن کي وڏڻ ئي ڏيو ۽ اڄ تائين جيتري ڀيرا ڪوڙائي يا هڪ مُٺ کان گهٽ ڪرائي آهي ته ان کان توبه ڪريو، ۽ هميشه جي لاءِ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سنّت ڏاڙهي مبارڪ کي پنهنجي چهري تي سجائي ڇڏيو.

سرکار کا عاشق بھی کیا ڈاڑھی منڈاتا ہے؟
کیوں عشق کا چہرے سے اِظہار نہیں ہوتا! (وسائل بخشش ص ۲۳۴)

## جيستائين مکي پاڪ ۾ رهجي ته ڇا ڪجي؟[1]

﴿1﴾ خوب نفلي طواف ڪندا رهو، هي ياد رهي ته نفلي طواف ڪان پوءِ پهريان مُلْتَزَم سان چنبڙڻو آهي، پوءِ ان ڪان بعد ٻه رڪعتون مقامِ ابراهيم (عَلَيهِ السَّلام) تي ادا ڪرڻيون آهن ﴿2﴾ ڪڏهن حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي جو طواف ڪريو ته ڪڏهن غوثِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي نالي جو، ڪڏهن پنهنجي پير و مرشد جي نالي جو ڪريو ته ڪڏهن پنهنجي والدين جي نالي جو ﴿3﴾ خوب نفلي روزا رکي في روزو لک لک روزن جو ثواب حاصل ڪريو، هن ڳالهه جو احتياط رکو جو مسجد حرام (يا ڪنهن به مسجد) ۾ روزو افطار ڪرڻ لاءِ ڪجور وغيره کائو يا آبِ زم زم پيئو ته اِعتِڪاف جي نيّت هجڻ ضروري آهي ﴿4﴾ جڏهن جڏهن به ڪعبة الله شريف تي نظر پوي ته ٽي ڀيرا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ چئو ۽ درود شريف پڙهي ڪري دعا گهرو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ قبول ٿيندي ﴿5﴾ جنهن جي پيادل حج ڪرڻ جي نيّت آهي اهو به چار ڏينهن پهريان مِنيٰ شريف، مُزدَلِفه شريف ۽ عرفات شريف حاضر ٿي پنهنجا خيما ڏسي ڪري نشانيون مقرر ڪري ونن ۽

---

[1] مقدس جڳهن جي زيارتن جي تفصيل ص 238 تي ملاحظه فرمايو

ان رستي جي چونڊ ڪن جيڪو آساني سان خيمن تائين پهچائي، نہ تہ رش ۾ سخت آزمائش ٿي سگهي ٿي. (اسلامي ڀينرن ڪي بس ۾ ئي عافيت آهي پيادل هلڻ ۾ اسلامي ڀائرن سان ملي وڃڻ ۽ وڇڙڻ جو خطرو رهندو آهي ۽ مُزدَلِفہ ۾ داخل ٿيڻ وقت لڪن جي رش ۾ اسلامي ڀينرن ڪي سنڀالڻ ۾ اها آزمائش ٿيندي آهي جو اَلامان وَالحَفِيظ) ﴿6﴾ شاپنگ (خريداري) ۾ گهٽو وقت گذارڻ بدران عبادت ۾ وقت گذارڻ جي ڪوشش ڪريو جو هر هر هي سونهري موقعو ناهي ملندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چپلن جي باري ۾ ضروري مسئلو

مسجدِ حرام ۽ مسجد نبوي شريف عَلٰی صاحِبِہا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام جي مبارڪ دروازي جي ٻاهران بي شمار ماڻهو جوتا لاهي ڇڏيندا آهن پوءِ واپسيءَ ۾ جيڪو بہ جوتو پسند آيو پائي هليا ويندا آهن! اهي جوتا يا چپل بنا شرعي اجازت جي جيترا ڀيرا بہ استعمال ڪيا اوتري تعداد ۾ گناهہ ٿيندو رهندو، مثلاً بنا شرعي اجازت جي هڪ ڀيري جا ڪنيل جوتا 100 ڀيرا پاتا تہ 100 ڀيرا پائڻ جو گناهہ ٿيو. انهن جوتن جا احڪام "لُقَطہ" (يعني ڪنهن جي ڪري پيل شيءِ) جهڙا آهن جو جيڪڏهن مالڪ ملڻ جي اميد ختم ٿي وڃي

تہ جنهن کي هي ”لُقطہ“ مليو جيڪڏهن پاڻ فقير آهي تہ پاڻ رکي سگهي ٿو نہ تہ ڪنهن فقير کي ڏئي ڇڏي.

## جنهن ٻين جا جوتا ناجائز استعمال ڪري ورتا تہ هاڻي ڇا ڪن؟

اهڙيءَ طرح دنيا ۾ جنهن بہ جتي بہ اهڙيون حرڪتون ڪيون اهو گنهگار آهي، پنهنجي لاءِ ”لقطہ“ يعني ڪريل شيون کڻي وڃڻ واري تي فرض آهي تہ توبہ بہ ڪري ۽ انهي طرح جا جيترا بہ جوتا يا چپل يا شيون ڪنيون آهن، جيڪڏهن ان جي اصل مالڪن يا اهي نہ رهيا هجن تہ ان جي وارثن تائين پهچائڻ ممڪن نہ هجي تہ اهي سموريون شيون يا جيڪڏهن اهي شيون باقي نہ رهيون هجن تہ ان جي قيمت ڪنهن مسڪين کي ڏئي ڇڏي يا ان جي قيمت مسجد ۽ مدرسي وغيره کي ڏئي ڇڏيو. (”لقطي“ جي تفصيلي مسئلن جي لاءِ بهار شريعت جلد 2 صفحي 471 تا 484 جو مطالعو فرمايو)

آه! جو ہو چکا ہوں، وقتِ دِرَو[1]

ہو گا حسرت کا سامنا یا رب! (ذوقِ نعت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] يعني پوک لڻڻ وقت

# اسلامي ڀينرن جي لاءِ مدني گل

عورتون نماز قيام گاهه ۾ پڙهن. نمازن جي لاءِ جيڪي مَسْجِدَين ڪريمَين ۾ حاضر ٿينديون آهن جهالت آهي، جو مقصد ثواب آهي ۽ اسان جي پياري سرڪار، مدني تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشبودار آهي: "عورت کي منهنجي مسجد (يعني مسجد نبوي شريف عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ۾ نماز پڙهڻ کان گهڻو ثواب گهر ۾ پڙهڻ آهي." (بهار شريعت ج 1 ص 1112، مسند امام احمد ج 10 ص 310 حديث 27158)

# طواف ۾ ست ڳالهيون حرام آهن

طواف جيتوڻيڪ نفل هجي، ان ۾ هي ست ڳالهيون حرام آهن:

﴿1﴾ بي وضو طواف ڪرڻ ﴿2﴾ بغير مجبوري جي ڏوليءَ ۾ يا ڪنهن جي هنج يا ڪلهن وغيره تي طواف ڪرڻ ﴿3﴾ بنا عذر جي ويهي ڪري سرڪڻ يا گوڏن تي هلڻ ﴿4﴾ ڪعبي کي ساڄي پاسي ڪري اُبتو طواف ڪرڻ ﴿5﴾ طواف ۾ "حَطِيم" جي اندر کان ٿي ڪري گذرڻ ﴿6﴾ ست ڦيرن کان گهٽ ڪرڻ ﴿7﴾ جيڪو عضوو ستر ۾ داخل آهي، ان جو چوٿائي حصو (1/4) کُليل هجڻ، مثال طور ران يا آزاد عورت جو ڪن يا ڪارائي. (بهارشريعت ج 1 ص 1112)

اسلامي ڀينرون خوب احتياط ڪن، طواف جي دؤران خاص ڪري ”حَجَرِ اَسۡوَد“ جو اِسۡتِلام ڪرڻ وقت ڪيئي عورتن جي چوٿائي ڪارائي، بلڪ ڪڏهن ته پوري ڪارائي کلي ويندي آهي. (طواف کان علاوه به غير مَحۡرَم جي سامهون مٿي جا وار يا ڪن يا ڪارائي کولڻ حرام ۽ گناهه آهي. پردي جا تفصيلي احڪام معلوم ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل ڪتاب ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ جو مطالعو فرمايو)

## طواف جا ٻارهن مَڪروهه

﴿1﴾ فضول ڳالهيون ڪرڻ ﴿2﴾ ذِڪر ۽ دعا يا تلاوت يا نعت ۽ مناجات يا ڪو ڪلام بلند آواز سان ڪرڻ ﴿3﴾ حمد، صلوات ۽ منقبت کان سواءِ ڪو ٻيو شعر پڙهڻ ﴿4﴾ ناپاڪ ڪپڙن ۾ طواف ڪرڻ (استعمال ٿيل چپل يا جوتا ڳڏ ڪٽي ڪري طواف نه ڪندا ڪريو، احتياط انهيءَ ۾ آهي) ﴿5﴾ رَمَل ﴿6﴾ يا اِضۡطِباع يا ﴿7﴾ حَجَرِ اَسۡوَد کي چُمڻ جو جتي جتي ان جو حڪم آهي ترڪ ڪرڻ ﴿8﴾ طواف جي ڦيرن ۾ گهڻو فاصلو ڏيڻ، ها ضرورت ٿئي ته اِسۡتِنجا جي لاءِ وڃي سگهو ٿا، وضو ڪري باقي پورو ڪريو ﴿9﴾ هڪ طواف کان پوءِ جيستائين ان جون ٻه رڪعتون نه پڙهي وٺو ٻيو طواف

شروع ڪرڻ، ها جيڪڏهن مڪروهه وقت هجي ته حرج ناهي، مثال طور صبح صادق کان وٺي سج مٿي ٿيڻ تائين يا عصر جي نماز کان پوءِ سج لهڻ وقت تائين، جو ان ۾ ڪيترائي طواف بنا ”نمازِ طواف“ جي جائز آهن، البت مڪروهه وقت گذري وڃڻ کان پوءِ هر طواف جي لاءِ ٻه ٻه رڪعتون ادا ڪرڻيون پونديون ﴿10﴾ طواف ۾ ڪجهه کائڻ ﴿11﴾ پيشاب يا ريح وغيره جي شدت هجي ته طواف ڪرڻ. (بهارشريعت ج 1 ص 1113، المسلڪ المتقسط للقاري ص 165)

## طواف ۽ سعي ۾ هي ست ڪم جائز آهن

﴿1﴾ سلام ڪرڻ ﴿2﴾ جواب ڏيڻ ﴿3﴾ ضرورت جي وقت ڳالهائڻ ﴿4﴾ پاڻي پيئڻ (البت سعي ۾ کائي به سگهو ٿا) ﴿5﴾ حمد ۽ نعت يا مَنقبت جا اَشعار آهستي پڙهڻ ﴿6﴾ طواف جي دؤران نمازي جي اڳيان گذرڻ جائز آهي جو طواف به نماز جيان ئي آهي، پر سعي جي دؤران گذرڻ جائز ناهي ﴿7﴾ فتويٰ پُڇڻ يا فتويٰ ڏيڻ .

(ايضاً ص 1114، المسلڪ المتقسط للقاري ص 162)

## سَعي جا 10 مڪروهه

﴿1﴾ بغير ضرورت ان جي ڦيرن ۾ گهڻو فاصلو ڏيڻ (يعني وقفو ڪرڻ) ها قضاءِ حاجت يا تجديد وضو (يعني نئين

وضو) جي لاءِ وجي سگهو ٿا (سعي ۾ وضو ضروري ناهي مُستَحب آهي) ﴿2﴾ خريد ۽ ﴿3﴾ فروخت ڪرڻ ﴿4﴾ فضول گفتگو ڪرڻ ﴿5﴾ ”پريشان نظري“ يعني فضول هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سعي ۾ به مڪروهه آهي ۽ طواف ۾ اڃا وڌيڪ مڪروهه ﴿6﴾ صفا يا ﴿7﴾ مَرْوَه تي نه چڙهڻ (معمولي چڙهو چوٽي تائين نه چڙهو) ﴿8﴾ بنا مجبوريءَ جي مرد جو ”مَسْعيٰ“ ۾ نه ڊوڙڻ ﴿9﴾ طواف کان پوءِ گهڻي دير کان پوءِ سعي ڪرڻ ﴿10﴾ ستر عورت نه هجڻ. (بهار شريعت ج 1 ص 1115)

## سَعي جا چار مختلف مدني گل

﴿1﴾ سعي ۾ پيادل هلڻ واجب آهي، جڏهن ته ڪو عُذر نه هجي (بنا عذر جي سواري تي يا رڙهي ڪري ڪئي ته دم واجب ٿيندو) (لباب المناسک ص 178) ﴿2﴾ سَعي جي لاءِ طهارت شرط ناهي بلڪ حيض ۽ نفاس واريءَ به ڪري سگهي ٿي. (عالمگيري ج 1 ص 227) ﴿3﴾ جسم ۽ لباس پاڪ هجڻ ۽ باوضو به هجو، اهو مُستَحب آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1110) ﴿4﴾ سعي شروع ڪرڻ وقت پهرين صفا جي دعا پڙهو پوءِ نيّت ڪيو، سعي جا ڪيترائي افعال آهن، جهڙوڪ حَجَرِ اَسوَد جو اِستِلام، صفا تي چڙهڻ، دعا گهرڻ وغيره ان سيني جون نيتون ڪري وٺو ته سٺو آهي، گهٽ ۾ گهٽ دل ۾

هي نيّت هجڻ ڪافي آهي ”حصولِ ثواب جي لاءِ اصل سعي ڪان پهريان جا افعال ڪري رهيو آهيان.“

## اسلامي ڀينرن جي لاءِ خاص تاڪيد

اسلامي ڀينرون هتي بہ ۽ هر جڳهہ مردن ڪان بلڪل الڳ ٿلڳ رهن. اڪثر نادان عورتون حَجَرِ اَسْوَد ۽ رڪنِ يماني کي چمڻ جي لاءِ يا ڪعبة الله شريف جو قُرب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بنا هٻڪ جي مردن ۾ وڃي شامل ٿينديون آهن. توبهہ! توبهہ! هي سخت بيباڪي آهي. اسلامي ڀينرن جي لاءِ نيڪ ٻنپهرن جو مثلاً ڏينهن جي 10 بجي طواف ڪرڻ مناسب آهي جو ان وقت رش گهٽ هوندي آهي.

## برسات ۽ مِيزابِ رحمت

برسات جي دوران حطيم شريف ۾ تمام گهڻي رش هوندي آهي، ميزابِ رحمت مان ڪِرڻ وارو مبارڪ پاڻي حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاجي سڳورا ديوانن وانگر وڏندا آهن ان ۾ زخمي ٿيڻ بلڪ چيپاڻجي مري وڃڻ جو خطرو هوندو آهي، اهڙي موقعي تي اسلامي ڀينرن کي پري رهڻ ضروري آهي.

ہے طوافِ خانۂ کعبہ سعادت مرحبا!
خوب برستا ہے یہاں پر ابرِ رحمت مرحبا!

# حج جو اِحرام ٻڌو

جيڪڏهن توهان اڃا تائين حج جو اِحرام ناهي ٻڌو ته 8 ذوالحج تي به ٻڌي سگهو ٿا پر سهولت 7 تي رهندي ڇوته مُعَلِّم پنهنجي پنهنجي حاجين کي ستين جي عشاء کان پوءِ مِنىٰ شريف ۾ پهچائڻ شروع ڪندا آهن مسجدِ حرام ۾ غير مڪروه وقت ۾ اِحرام جا ٻه نفل ادا ڪري معنىٰ تي نظر رکندي هن طرح حج جي نيّت ڪريو:

اَللّٰھُمَّ اِنِّیْۤ اُرِیْدُ الْحَجَّ فَیَسِّرْہُ لِیْ وَتَقَبَّلْہُ مِنِّیْ ؕ وَاَعِنِّیْ عَلَیْہِ وَبَارِکْ لِیْ فِیْہِ ؕ نَوَیْتُ الْحَجَّ وَاَحْرَمْتُ بِہٖ لِلّٰہِ تَعَالٰی ؕ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ مان حج جو ارادو ڪريان ٿو سو تون منهنجي لاءِ هن کي آسان ڪر ۽ مون کان قبول فرماءِ ۽ ان ۾ منهنجي مدد ڪر ۽ منهنجي لاءِ ان ۾ برڪت ڏي، مون نيّت ڪئي حج جي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ان جو احرام ٻڌو.

نيّت کان پوءِ اسلامي ڀائر وڏي آواز سان ۽ اسلامي ڀينرون هلڪي آواز سان ٽي ٽي ڀيرا لَبَّيڪ پڙهن، هاڻي وري توهان تي اِحرام جون پابنديون لاڳو ٿي ويون.

# هڪ مفيد مشورو

جيڪڏهن اوهان چاهيو ته هڪ نفلي طواف ۾ حج

جي اِضطِباع، رَمَل ۽ سعي کان فارغ ٿي وڃو، اهڙي طرح طوافُ الزِّيارة ۾ توهان کي رَمل ۽ سعي جي ضرورت نہ رهندي. پر هي ذهن ۾ رهي تہ 7 ۽ 8 تي رش گهٽي هوندي آهي، ۽ 10 تي طوافُ الزِّيارة ۾ ڪافي رش هوندي آهي البت 11 ۽ 12 جي طوافُ الزِّيارة ۾ رش ۾ ڪمي اچي ويندي آهي ۽ سعي ۾ بہ ڪجھ آساني رهندي آهي.

## مِنيٰ لاءِ روانگي

اڄ اٺين جي رات عشاء کان پوءِ هر طرف ڌوم مچل آهي، سيني کي هڪڙي ئي ڌُن آهي تہ مِنيٰ هلو! توهان بہ تيار ٿي وڃو پنهنجي ضرورت جي شين مثال طور، تَسْبِيح، مُصَلّو، قِبلہ نما (يعني قبلي جو طرف ڏيکاريندڙ اوزار)، ڳچيءَ ۾ لڙڪائڻ واري پاڻيءَ جي بوتل، ضرورت مطابق دوائون، مُعَلِّم جي ايڊريس ۽ اها تہ هر وقت ساڻ هجڻ گهرجي تہ جيئن رستو وسري وڃڻ يا مَعَاذَالله حادثي يا بي هوشي جي صورت ۾ ڪم اچي، جيڪڏهن حاجياڻيون گڏ آهن تہ سائي يا ڪنهن بہ تيز رنگ جو ڪپڙو ان جي مٿي جي پويان برقعي ۾ سبرائي ڇڏيو تہ جيئن رش وغيره ۾ سُڃاڻپ ٿي سگهي، راھ هلندي خاص ڪري رش ۾ انهن کي پنهنجي اڳيان ڪريو، جيڪڏهن اوهان اڳيان هلندا

رهيا ۽ اهي وڏيڪ پوئتي رهجي ويون ته وچڙي سگهن ٿيون، طعام ۽ قرباني وغيره وغيره جو خرچ گڏ ڪٺو نه وساريو، چُلهه وغيره نه ڪٺو ڇوته اهو منع آهي. جيڪڏهن تي سگهي ته مِنيٰ، عَرَفات، مُزدَلِفه وغيره جو سفر پيادل ئي طئي ڪريو جو جيستائين مڪي شريف موٽندؤ ته هر هر قدم تي ست ڪروڙ نيڪيون ملنديون، وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ سڄي رستي ۾ لَبَّيْڪ، ذِڪر ۽ درود جي خوب ڪثرت ڪريو، جيئن ئي مِنيٰ شريف نظر اچي درود شريف پڙهي هيءَ دعا گهرو:

اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ مِنًى فَامْنُنْ عَلَيَّ بِمَا مَنَنْتَ بِهٖ عَلٰى اَوْلِيَآئِكَ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! هي مِنيٰ آهي مون تي اهو احسان فرماءِ جيڪو تو پنهنجي اولياڻن تي فرمايو آهي.

سُبْحٰنَ الله! هينئر توهان منيٰ شريف جي حسين وادين ۾ داخل ٿي ويا آهيو، مرحبا! ڪيتري قدر حسين منظر آهي، ڇا زمين، ڇا جبل، هر طرف خيما ئي خيما نظر اچي رهيا آهن، توهان به پنهنجي مُعَلِّم جي طرفان ڏنل خيمي ۾ ترسو. 8 جي ظهر کان وٺي سياڻي نائين جي فجر تائين پنج نمازون توهان کي منيٰ شريف ۾ ادا ڪرڻيون آهن ڇوته الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ائين ئي ڪيو آهي.

# منيٰ ۾ پهرين ڏينهن جڳهه جي لاءِ جهڳڙا

مِنيٰ شريف ۾ اڄ جي حاضري عظيم عبادت آهي ۽ لڪين حاجي انهيءَ عبادت جي لاءِ جمع ٿي ويا آهن انهي ڪري شيطان بہ گهڻو ڪاوڙيل هوندو آهي ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي حاجين کي ڪاوڙ ڏياريندو رهندو آهي، انهي جو اظهار ائين پڻ ٿيندو آهي جو خيمن جي جڳهن جي لاء ڪيئي حاجي وڙهندا ۽ شور شرابي ۾ مصروف هوندا آهن، اوهان شيطان جي وار کان هوشيار ٿي وڃو جيڪڏهن ڪو حاجي صاحب اوهان جي جڳهہ تي واقعي قبضو ڪري وٺي تہ هٿ ٻڌي ڪري نرمي سان ان کي سمجهايو جيڪڏهن اهو نٿو مڃي ۽ اوهان وٽ ڪا متبادل جڳهہ بہ ناهي تہ جهڳڙڻ بدران مُعلّم جي ماڻهو کي گهرايو، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ اوهان جو مسئلو حل ٿي ويندو، بهرحال اوهان کي دل وڏي رکڻ گهرجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي مهمانن سان نرمي ۽ در گذر کان ڪم وٺڻ گهرجي. اڄ جو ڏينهن تمام اهم آهي ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهہ نادان ماڻهو ڳالهيون ڪري رهيا هجن، پر توهان پنهنجي عبادت ۾ لڳا رهو. ٿي سگهي تہ انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيو جو اها بہ هڪ اعليٰ درجي جي عبادت آهي اڄ ايندڙ رات "شَبِ عَرَفَہ" آهي ٿي سگهي تہ اها

رات ضرور عبادت ۾ گذاريو جو سُمهڻ جا ڏينهن پيا جام آهن، اهڙا موقعا بار بار ڪٿي نصيب ٿيندا آهن.

# شبِ عَرَفہ جي دعا

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص عَرَفہ جي رات ۾ هي دعائون هزار ڀيرا پڙهي ته جيڪو ڪجهه اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان گهرندو، اهو ملندو جڏهن ته گناهه يا قطع رحم (يعني رشتيداري ڪٽڻ) جو سوال نه ڪري (دعا هي آهي:)

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ فِی السَّمَآءِ عَرۡشُهٗ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ فِی الۡاَرۡضِ مَوۡطِئُهٗ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ فِی الۡبَحۡرِ سَبِیۡلُهٗ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ فِی النَّارِ سُلۡطَانُهٗ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ فِی الۡجَنَّةِ رَحۡمَتُهٗ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ فِی الۡقَبۡرِ قَضَآئُهٗ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ فِی الۡهَوَآءِ رُوۡحُهٗ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ رَفَعَ السَّمَآءَ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ وَضَعَ الۡاَرۡضَ ط سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ لَا مَلۡجَاَ وَلَا مَنۡجٰی مِنۡهُ اِلَّآ اِلَیۡهِ ط

ترجمو: پاڪ آهي اهو جنهن جو عرش بلنديءَ ۾ آهي، پاڪ آهي اهو جنهن جي حڪومت زمين ۾ آهي، پاڪ آهي اهو جنهن جو رستو درياءَ ۾ آهي، پاڪ آهي اهو جو باهه ۾ ان جي سلطنت آهي، پاڪ آهي اهو جو جنّت ۾ ان جي

رحمت آهي، پاڪ آهي اهو جو قبر ۾ ان جو حڪم آهي، پاڪ آهي اهو جو هوا ۾ جيڪي روح آهن انهيءَ جي ملڪيت آهن، پاڪ آهي اهو جنهن آسمان کي بلند ڪيو، پاڪ آهي اهو جنهن زمين کي جهڪايو، پاڪ آهي اهو جو ان جي عذاب کان پناهه ۽ ڇوٽڪاري جي ڪا جڳهه ناهي، پر انهيءَ جي طرف.

## نائين رات منىٰ ۾ گذارڻ سنت مؤڪده آهي

رات جو ئي معلمن جون بسون عرفات شريف ڏانهن هلڻ شروع ٿي وينديون آهن ۽ مِنيٰ شريف ۾ نائين جي رات گذارڻ جي سنت مؤڪّده لڪين حاجين جي فوت ٿي ويندي آهي، بهارشريعت ۾ آهي: جيڪڏهن رات جو مِنيٰ ۾ رهيو پر صبح صادق ٿيڻ کان پهريان يا نمازِ فجر کان پهريان يا سج نڪرڻ کان پهريان عرفات ڏانهن هليو ويو ته برو ڪيائين. (بهار شريعت ج 1 ص 1120) معلومات جي گهٽتائي سبب بي شمار حاجي صبح صادق کان پهريان نماز فجر ادا ڪندا آهن! جلد بازي کان ڪم وٺڻ بدران حاجي سڳورا پنهنجي مُعَلِم سان ملي ڪري مِنيٰ شريف ۾ رات گذارڻ جي ترڪيب ڪن، انشاءَالله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي لاءِ سج نڪرڻ کان پوءِ بس جو بندوبست ٿي ويندو.

چلو عرفات چلتے ہیں وہاں حاجی بنیں گے ہم
گنہ سے پاک ہوں گے لوٹ کے جس دم چلیں گے ہم

# عرفات شريف لاءِ روانگي

اج نائين ذُوالحِجَّة فجر جي نماز مُستَحب وقت ۾ ادا ڪري لَبَّيڪ، ذِڪر ۽ دعا ۾ مشغول رهو ايتري تائين جو سج اُڀرڻ ڪان پوءِ مسجدِ خَيف شريف جي سامهون موجود ڪوهِ ثَبِير تي چمڪي. هاڻي ڏاڪڻ دل سان عرفات شريف ڏانهن هلو، لَبَّيڪ، ذِڪر ۽ درود جي ڪثرت سڄي رستي ۾ رکو، دل کي غير جي خيال کان پاڪ ڪري ڪوشش ڪريو تہ اج اهو ڏينهن آهي جو ڪِن جو حج قبول ڪيو ويندو ۽ ڪجهہ انهن مقبولين جي طفيل بخشيا ويندا ۽ محروم اهو آهي جيڪو اج جي ڏينهن محروم رهيو، جيڪڏهن وسوسا اچن تہ انهن سان بہ نہ وڙهو (يعني توجهہ نہ ڏيو) چو تہ ائين بہ شيطان جي ڪاميابي آهي تہ ان اوهان کي ڪنهن ٻي ڪم تي لڳائي ڇڏيو آهي! بس اوهان جي هڪ ئي ڏن هجي تہ مون کي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان ڪم آهي، ائين ڪرڻ سان ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ شيطان ناڪام ۽ نامراد دفع ٿي ويندو.

محبت میں اپنی گما یاالٰہی
نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۷۸)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عرفات جي رستي جي دعا

(مِنيٰ شريف مان نڪري ڪري هي پڙهي وٺو)

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا خَيْرَ غُدْوَةٍ غَدَوْتُهَا قَطُّ وَقَرِّبْهَا مِنْ رِضْوَانِكَ وَاَبْعِدْهَا مِنْ سَخَطِكَ ط اَللّٰهُمَّ اِلَيْكَ تَوَجَّهْتُ وَعَلَيْكَ تَوَكَّلْتُ وَ وَجْهَكَ اَرَدْتُّ فَاجْعَلْ ذَنْبِيْ مَغْفُوْرًا وَّ حَجِّيْ مَبْرُوْرًا وَّارْحَمْنِيْ وَلَا تُخَيِّبْنِيْ وَبَارِكْ لِيْ فِيْ سَفَرِيْ وَاقْضِ بِعَرَفَاتٍ حَاجَتِيْ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي هن صبح کي سيني صبحن کان سٺو بڻاءِ ۽ ان کي پنهنجي رضامندي سان قريب ڪر ۽ پنهنجي ناراضگي کان دور ڪر، اي الله عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي طرف متوجه ٿيس ۽ توتي مون توڪل ڪئي ۽ تنهنجي وجہ ڪريم جو ارادو ڪيو، منهنجا گناھ بخش ۽ منهنجي حج کي مَبرور (يعني مقبول) ڪر! ۽ مون تي رحم فرماءِ ۽ مون کي محروم نہ ڪر ۽ منهنجي سفر ۾ منهنجي لاءِ برَڪت عطا فرماءِ ۽ عرفات ۾ منهنجي حاجت پوري ڪر، بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين.

## عرفات شريف ۾ داخلا

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! هاڻي توهان عـرفاتِ مُقَدَّسہ جي ويجهو اچي ويا آهيو تڙپي وڃو ۽ ڳوڙهن کي وهڻ ڏيو جو

عنقريب توهان ان مُقدّس ميدان ۾ داخل ٿيندؤ جتي اچڻ وارو محروم ناهي موٽندو، جڏهن نظر جبلِ رحمت کي چُمي تہ لَبَّيْک ۽ دعا ۾ اجا گهڻي ڪوشش ڪريو جو هاڻي جيڪا دعا گهرندؤ انشاءَالله عَزَّوَجَلَّ قبول ٿيندي، دل کي سنيالي نگاهون هيٺ ڪري لاڳيتو لَبَّيْک پڙهندي روئيندي روئيندي ميدانِ عرفات پاڪ ۾ داخل ٿيو.

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! هي اها مُقدّس جڳهہ آهي جتي اڄ لکين مسلمان هڪ ئي لباس (اِحرام) ۾ مَلبوس آهن، هر طرف لَبَّيْک جون صدائون گونجي رهيون آهن، يقين ڄاڻو بيشمار اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻہ نبي حضرتِ سيدنا خضر ۽ حضرتِ سيّدُنا الياس عَلَيهِمَا السَّلام بہ عَرَفہ جي ڏينهن ميدانِ عرفات مبارڪ ۾ تشريف فرما هوندا آهن. هاڻي توهان چڱيءَ طرح اڄ جي ڏينهن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. حضرت سيدنا امام جعفر صادق عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الخالق کان مروي آهي: ڪجهہ گناهہ اهڙا آهن جنهن جو ڪفارو وُقوفِ عرفہ ئي آهي (يعني اهي صرف وقوفِ عرفہ جي ڪري ئي معاف ٿيندا آهن) (قوت القلوب ج 2 ص 199)

## عَرَفہ جي ڏينهن جا ٻہ عظيم الشان فضائل

﴿1﴾ الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن کي عرفي جي ڏينهن

ڪان وڏيڪ ڪنهن ڏينهن ۾ جهنم کان آزاد ناهي ڪندو پوءِ انهن سان ملائڪ تي فخر ڪندو آهي. (مسلم ص 703 حديث 1348) ﴿2﴾ عرفي جي ڏينهن کان وڏيڪ ڪنهن ڏينهن ۾ شيطان کي وڏيڪ صغير و ذليل و حقير ۽ غيظ (يعني سخت ڪاوڙ) ۾ ڀريل ناهي ڏٺو ويو ۽ ان جو سبب هي آهي ته ان ڏينهن ۾ رحمت جو نُزُول ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو ٻانهن جي وڏن وڏن گناهن کي معاف ڪرڻ، شيطان ڏسندو آهي.

(موطا امام مالڪ ج 1 ص 386 حديث 982)

## ڪنهن جذهن عورتن کي ڏٺو!!!!!

هڪ شخص عَرَفه جي ڏينهن عورتن جي طرف نظر ڪئي ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اڄ اهو ڏينهن آهي جو جنهن شخص ڪن، اک ۽ زبان کي قابو ۾ رکي، ان جي مغفرت ٿي ويندي. (شعب الايمان ج 3 ص 461 حديث 4071)

يا الٰہی حج کروں تیری رِضا کے واسِطے

کر قبول اِس کو محمد مصطفٰے کے واسطے

اٰمين بجاه النّبي الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عرفات ۾ پٿرن کي گواهه ڪرڻ جي ايمان افروز حڪايت

حضرت سيدنا ابراهيم واسطي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي هڪ پيري

حج جي موقعي تي ميدان عرفات مان ست پٿريون هٿ ۾ کنيون ۽ انهن کي فرمايو: اي پٿريون! توهان گواهه (يعني شاهد) ٿي وڃو مان چوان ٿو: لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي ۽ بيشڪ محمد الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا خاص ٻانها ۽ رسول آهن. پوءِ جڏهن ستا ته خواب ۾ ڏٺائون ته محشر قائم آهي ۽ حساب ڪتاب ٿي رهيو آهي، انهن کان به حساب ورتو ويو ۽ دوزخ جو حڪم ٻڌايو ويو، هاڻي فرشتا کين جهنم ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن جڏهن جهنم جي دروازي تي پهتا ته انهن ستن پٿرين مان هڪ پٿري دروازي تي روڪ بڻجي وڃي ٿي پوءِ ٻئي دروازي تي پهتا ته ٻي پٿري سامهون اچي وئي، اٿين جهنّم جي ستن دروازن تي ٿيو پوءِ ملائڪ عرش مُعَلّٰي وٽ وٺي حاضر ٿيا، الله تعالٰي ارشاد فرمايو: اي ابراهيم! تو پٿرين کي پنهنجي ايمان تي گواهه رکيو ته ان ٻي جان پٿرين تنهنجو حق ضايع نه ڪيو، ته مان تنهنجي گواهي جو حق ڪيئن ضايع ڪري سگهان ٿو! پوءِ الله تعالٰي حڪم جاري ڪيو ته انهن کي جنت ڏانهن وٺي وڃو، پوءِ جڏهن جنت ڏانهن ڪڍي ويا ته جنت جو دروازو بند ڏٺو، ڪلمي شريف جي گواهي آئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جنت ۾

داخل تي ويا. (درة الناصحين ص 37)

## خوش نصيب حاجيوءِ حاجيائيو!

اوهان بہ ميدان عرفات ۾ ست پٿريون کڻي ڪري ذِڪر ڪيل ڪلمات يا ڪلمءِ شهادت پڙهي ڪري انهن ڪي گواهہ بڻائي ڪري واپس انهيءَ جڳهہ تي رکي ڇڏيو ۽ دنيا ۾ جتي بہ هجو موقعو ملڻ تي وڻن، جبلن، دريائن، نهرن، ۽ بارش جي قطرن وغيره وغيره کي ڪلمو شريف ٻڌائي ڪري پنهنجي ايمان جو گواهہ بڻائيندا رهو.

## "باران رحمت" جي نواڪرن جي نسبت سان وُقُوفِ عَرفات شريف جا 9 مدني گل

﴿1﴾ جڏهن ٻنپهرن جو وقت ويجهو اچي تہ غسل ڪريو جو سنتِ مُؤَڪّده آهي جيڪڏهن نہ ڪري سگهو تہ صرف وضو ڪريو (بهارشريعت ج 1 ص 1123) ﴿2﴾ اڄ يعني نائين ذُوالحِجَّة جي ٻنپهرن (يعني ظهر جو وقت شروع ٿيڻ) کان وٺي ڪري ڏهين جي صبح صادق جي وچ ۾ جيڪو اِحرام سان هڪ گهڙي جي لاءِ بہ ميدانِ عرفات پاڪ ۾ داخل ٿي ويو اهو حاجي ٿي ويو، اڄ هتي جو وُقُوف، حج جو رڪن اعظم آهي ﴿3﴾ عرفات شريف ۾ ظهر جي وقت، ظهر ۽

عصر ملائي ڪري پڙهي ويندي آهي[1] پر ان جا ڪجهه شرط آهن ﴿4﴾ حاجي لاءِ اڄ بنا روزي جي هجڻ ۽ هر وقت باوضو رهڻ سنّت آهي ﴿5﴾ جبلِ رحمت جي پرسان جتي ڪاري پٿر جو فرش آهي اتي وُقوف ڪرڻ افضل آهي ﴿6﴾ ڪي ماڻهو "جبلِ رحمت" جي مٿان چڙهي ويندا آهن ۽ اتان ڪان بيٺي بيٺي رومال لوڏيندا رهندا آهن، توهان ائين نہ ڪريو ۽ انهن جي لاءِ بہ دل ۾ بُرو خيال نہ ڪريو، اڄ جو ڏينهن بين جا عيب ڏسڻ جو ناهي، پنهنجي عيبن تي شرمساري ۽ روئڻ جو ڏينهن آهي ﴿7﴾ وقوف جي لاءِ بيهڻ افضل آهي، شرط يا واجب ناهي، وينو رهيو تڏهن بہ وُقوف ٿي ويو، وُقوف ۾ قبلي رخ هجڻ افضل آهي ﴿8﴾ نماز ڪان بعد فوراً وقوف ڪرڻ سنت آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1124) ﴿9﴾ مَوَقف (يعني ترسڻ جي جڳهه) ۾ ٿي سگهي تہ هر طرح جي پاڇي ايتري قدر جو ڇٽي جي پاڇي ڪان بہ بچي، ها جيڪو مجبور آهي اهو معذور آهي. (ايضاً ص 1128) ڇٽي لڳايو تہ مرد اهو احتياط فرمائن تہ مٿو مس (Touch) نہ ٿئي نہ تہ ڪفاري جون صورتون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

(1) توهان پنهنجي پنهنجي خيمن ۾ ئي ظهر جي نماز ظهر جي وقت ۾ ۽ عصر جي نماز عصر جي وقت ۾ باجماعت ادا ڪريو.

## امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي خاص نصيحت

بدنگاهي هميشه حرام آهي نه رڳو احرام ۾، نه ڪي صرف موقف ۾، يا مسجد الحرام ۾، نه ڪي فقط ڪعبي جي سامهون، نه ڪي رڳو طواف بيت الله ۾ (بلڪ هر جڳهه حرام آهي) اهو توهان جي امتحان جو موقعو آهي، عورتن کي حڪم ڏنو ويو آهي ته هتي منهن نه ڍڪيو ۽ توهان کي حڪم ڏنو ويو آهي ته انهن جي طرف نگاهه نه ڪريو، يقين ڄاڻو ته هي وڏي عزّت واري بادشاهه جون ٻانهيون آهن هن وقت توهان ۽ اهي سڀ خاص دربار ۾ حاضر آهيو، بنا تَشبِيهه جي شينهن جو ٻچو ان جي بغل ۾ هجي ان وقت ڪير ان جي طرف نظر ڪڻي سگهي ٿو ته الله واحد قهار عَزَّوَجَلَّ جون ٻانهيون ان جي خاص دربار ۾ حاضر آهن، انهن تي بدنگاهي ڪيتري قدر سخت هوندي. وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى (ترجمو ڪنزالايمان: الله جو شان سمورن کان بلند آهي. (پ 14 النحل 60) ها! ها! هوشيار ايمان بچائيندي قلب ۽ نگاهه کي سنڀاليندي. حرم (ياد رهي عرفات حرم جي حدن کان ٻاهر آهي) اها جڳهه آهي، جتي گناهه جي ارادي سان به پڪڙيو ويندو آهي، ۽ هڪ گناهه هڪ لک جي برابر هوندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ خير جي توفيق ڏئي. (فتاويٰ رضويه ج 10 ص 750)

أمين بجاه النّبي الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی

بُری عادتیں بھی چُھڑا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص ۷۹)

## عرفات شريف جون دُعائون (عربي)

﴿1﴾ ٻنپهرن جي وقت وُقوف جي دؤران مَوقف ۾ هيٺ ڏنل ڪلمهٔ توحيد، سورةُ الاِخلاص شريف ۽ پوءِ ان کان پوءِ ڏنل درود شريف سؤ سؤ ڀيرا پڙهڻ واري جي حديث جي حڪم مطابق بخشش ڪئي ويندي آهي، ۽ جيڪڏهن اهو سيني عرفات شريف وارن جي سفارش ڪري ته اها به قبول ڪئي وڃي.

(الف) هي ڪلمهٔ توحيد سؤ ڀيرا پڙهو.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ط لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ ناهي، انهيءَ جي لاءِ مُلڪ آهي ۽ تمام خوبيون انهيءَ جي لاءِ آهن، اهو ئي زنده ڪندو ۽ ماريندو آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي.

(ب) سورةُ الاِخلاص شريف 100 ڀيرا پڙهو:

(ج) هي درود شريف 100 ڀيرا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى (سَيِّدِنَا) مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ

عَلٰى (سَيِّدِنَا) اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ (سَيِّدِنَا) اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ وَّعَلَيْنَا مَعَهُمْ ط

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دُرود موڪل، جهڙي طرح تون درود موڪليا اسان جي سردار حضرت ابراهيم عليه السَّلام تي ۽ اسان جي سردار حضرت ابراهيم عليه السَّلام جي آل تي، بيشڪ تون تعريف ڪيل بزرگ آهين ۽ اسان تي به انهن سان گڏ.

﴿2﴾ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ٽي ڀيرا پوءِ ڪلمهء توحيد هڪ ڀيرو ان ڪان پوءِ هي دعا ٽي ڀيرا پڙهو.

اَللّٰهُمَّ اهْدِنِىْ بِالْهُدٰى وَنَقِّنِىْ وَاعْصِمْنِىْ بِالتَّقْوٰى وَاغْفِرْ لِىْ فِى الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ط

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي رهنمائي ڪر هدايت سان گڏ، ۽ پاڪ ڪر ۽ پرهيزگاري سان گناهه کان محفوظ رک ۽ دنيا و آخرت ۾ منهنجي مغفرت فرماءِ.

ان ڪان پوءِ هر ڀيرو هي دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ حَجًّا مَّبْرُوْرًا وَّذَنْبًا مَّغْفُوْرًا ط اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ كَالَّذِىْ نَقُوْلُ وَخَيْرًا مِّمَّا نَقُوْلُ ط اَللّٰهُمَّ لَكَ صَلَاتِىْ وَنُسُكِىْ وَمَحْيَاىَ وَمَمَاتِىْ وَاِلَيْكَ مَاٰبِىْ وَلَكَ رَبِّ تُرَاثِىْ ط اَللّٰهُمَّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَوَسْوَسَةِ الصَّدْرِ وَشَتَاتِ الْاَمْرِ ط

اَللّٰھُمَّ اِنِّیْٓ اَسْئَلُكَ مِنْ خَیْرِ مَا تَجِیْٓءُ بِهِ الرِّیْحُ وَنَعُوْذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا تَجِیْٓءُ بِهِ الرِّیْحُ ؕ اَللّٰھُمَّ اھْدِنَا بِالْھُدٰی وَزَیِّنَّا بِالتَّقْوٰی وَاغْفِرْ لَنَا فِی الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰی ؕ اَللّٰھُمَّ اِنِّیْٓ اَسْئَلُكَ رِزْقًا طَیِّبًا مُّبَارَكًا ؕ اَللّٰھُمَّ اِنَّكَ اَمَرْتَ بِالدُّعَآءِ وَقَضَیْتَ عَلٰی نَفْسِكَ بِالْاِجَابَةِ وَاِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِیْعَادَ وَلَا تَنْكُثُ عَهْدَكَ ؕ اَللّٰھُمَّ مَآ اَحْبَبْتَ مِنْ خَیْرٍ فَحَبِّبْهُ اِلَیْنَا وَیَسِّرْهُ لَنَا وَمَا كَرِهْتَ مِنْ شَرٍّ فَكَرِّهْهُ اِلَیْنَا وَجَنِّبْنَاهُ وَلَا تَنْزِعْ مِنَّا الْاِسْلَامَ بَعْدَ اِذْ هَدَیْتَنَا ؕ اَللّٰھُمَّ اِنَّكَ تَرٰی مَكَانِیْ وَتَسْمَعُ كَلَامِیْ وَتَعْلَمُ سِرِّیْ وَعَلَانِیَتِیْ وَلَا یَخْفٰی عَلَیْكَ شَیْءٌ مِّنْ اَمْرِیْ اَنَا الْبَآئِسُ الْفَقِیْرُ الْمُسْتَغِیْثُ الْمُسْتَجِیْرُ الْوَجِلُ الْمُشْفِقُ الْمُقِرُّ الْمُعْتَرِفُ بِذَنْبِهٖ اَسْئَلُكَ مَسْأَلَةَ الْمِسْكِیْنِ

وَابْتَهِلُ اِلَيْكَ اِبْتِهَالَ الْمُذْنِبِ الذَّلِيْلِ وَادْعُوْكَ دُعَآءَ الْخَآئِفِ الْمُضْطَرِّ دُعَآءَ مَنْ خَضَعَتْ لَكَ رَقَبَتُهٗ وَفَاضَتْ لَكَ عَيْنَاهُ وَنَحِلَ لَكَ جَسَدُهٗ وَرَغِمَ اَنْفُهٗ ؕ اَللّٰهُمَّ لَا تَجْعَلْنِىْ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا وَّكُنْ بِىْ رَءُوْفًا رَّحِيْمًا يَا خَيْرَ الْمَسْئُوْلِيْنَ وَخَيْرَ الْمُعْطِيْنَ ؕ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ هن حج کي مبرور کر ۽ گناهہ بخشي ڇڏ، الاهي تنهنجي لاءِ حمد آهي جهڙو اسان چئون ٿا ۽ ان کان بهتر جنهن کي اسان چئون، اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي نماز ۽ عبادت ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ تنهنجي لاءِ ٿي آهي ۽ تنهنجي طرف ٿي منهنجي واپسي آهي ۽ اي پروردگار تون ٿي منهنجو وارث آهين. اي الله عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي پناهہ گهران ٿو، قبر جي عذاب ۽ سيني جي وسوسي ۽ ڪم جي پريشاني کان، الاهي مان سوال ڪريان ٿو، ان شيءِ جي خير جو جنهن کي هوا آڻيندي آهي ۽ ان شيءِ جي شر کان پناهہ گهران ٿو جنهن کي هوا آڻي ٿي، الاهي هدايت جي طرف اسان جي رهنمائي ڪر ۽ تقويٰ سان اسان کي سينگار ۽ آخرت ۽ دنيا ۾ اسان کي بخشي ڇڏ. الاهي مان پاڪيزه ۽ مبارڪ رزق جو توکان سوال ڪريان ٿو، الاهي تون دعا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ قبول ڪرڻ جو ذمو تو پاڻ کنيو ۽ بيشڪ تون واعدي جي خلاف نہ ڪندو آهين ۽ پنهنجي عهد کي نہ ٽوڙيندو آهين، الاهي جيڪي سٺيون ڳالهيون توکي پياريون آهن، انهن کي اسان جون پياريون ڪري ڇڏ ۽ اسان جي لاءِ ميسر ڪري ڇڏ ۽ جيڪي بريون ڳالهيون توکي ناپسند آهن، انهن کي اسان جون ناپسند ڪري ڇڏ ۽ اسان کي انهن کان بچاءِ ۽ اسلام جي طرف تون اسان کي هدايت فرمائي تہ ان کي اسان کان جدا نہ ڪر،

الاهي تون منهنجي جڳهہ کي ڏسين ۽ منهنجي ڳالهائڻ کي ٻڌين ٿو ۽ منهنجي لڪل ۽ ظاهر کي ڄاڻين ٿو، منهنجي ڪم مان ڪا شيءِ توتي لڪل ناهي، مان نامراد، محتاج، فرياد ڪرڻ وارو پناهہ گهرڻ وارو، تو کان ڊڄڻ وارو، پنهنجي گناهن جو اقرار ۽ اعتراف ڪرڻ وارو آهيان، مسڪين جيان توکان سوال ڪريان ٿو ۽ گناهگار ذليل جيان توسان عاجزي ڪريان ٿو ۽ ڊڄندڙ پريشان جيان توکان دعا ڪريان ٿو، ان جهڙي دعا جنهن جو ڪنڌ تو لاءِ جهڪيل ۽ اکيون جاري ۽ جسم ڪمزور ۽ نڪ مٽيءَ ۾ مليل آهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ تون پنهنجي هدايت سان مون کي محروم نہ ڪر ۽ مون تي تمام گهڻو مهربان ٿي، اي تمام بهتر سوال ڪيل ۽ بهتر ڏيڻ وارا .

﴿3﴾ اميرُالمُؤمِنين حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم راوي آهن تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ منهنجي ۽ انبيا جي دعا عَرَفہ جي ڏينهن هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ط لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ فِيْ سَمْعِيْ نُوْرًا وَّفِيْ بَصَرِيْ نُوْرًا وَّفِيْ قَلْبِيْ نُوْرًا ط اَللّٰهُمَّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ وَيَسِّرْ لِيْٓ اَمْرِيْ ط وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ وَّسَاوِسِ الصَّدْرِ وَتَشْتِيْتِ الْاَمْرِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ ط اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُبِكَ مِنْ شَرِّ مَا يَلِجُ فِي الَّيْلِ وَشَرِّ مَا يَلِجُ فِي النَّهَارِ وَشَرِّ مَا تَهُبُّ بِهِ الرِّيْحُ وَشَرِّ بَوَآئِقِ الدَّهْرِ ط

ترجمو: الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، هو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ ناهي، انهيءَ جي لاءِ ملڪ آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ سڀ خوبيون آهن هو زنده آهي ۽ ان کي ڪڏهن موت نہ ايندو ۽ اهو هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي. اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ٻڌڻ جي قوت کي نور ڪر ۽ منهنجي نظر کي نور ڪر، منهنجي دل ۾ نُور ڀري ڇڏ، اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو سينو کولي ڇڏ ۽ منهنجو ڪم آسان ڪر ۽ مان تنهنجي پناه گهران ٿو، سيني جي وسوسن ۽ ڪم جي انتشار ۽ قبر جي عذاب کان. اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي پناه گهران ٿو، ان جي بُرائي کان جيڪا رات ۾ داخل ٿيندي آهي، ۽ ان جي بُرائي کان جيڪا ڏينهن ۾ داخل ٿيندي آهي ۽ ان جي بُرائي کان جنهن کي هوا اُڏائي کڻي ايندي آهي ۽ زماني جي آفتن جي بُرائي کان.

**مدني گل:** صدرُ الشَّريعة بدرُ الطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِی ميدان عرفات ۾ پڙهڻ واريون ڪجهہ دعائون نقل ڪرڻ کانپوءِ فرمائن ٿا: انهيءَ مقام تي پڙهڻ جون ڪيئي دعائون ڪتابن ۾ لکيل آهن پر ايتري ئي ۾ ڪفايت آهي ۽ درود شريف ۽ قرآن شريف جي تلاوت سيني دعائن کان وڌيڪ مفيد آهي.

(بهار شريعت ج 1 ص 1127)

## ميدانِ عرفات ۾ بيٺي بيٺي دعا گهرڻ سنت آهي

پيارا پيارا حاجيو! سچيءَ دل سان پنهنجي ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ ڏانهن رجوع ڪريو ۽ ميدانِ قيامت ۾ عملن جي حساب جي لاءِ ان جي بارگاه ۾ حاضري جو تَصَوُّر ڪريو،

نهايت خُشُوع ۽ خُضُوع سان ڏڪندي، ڪنبندي، خوف ۽ اميد واري ڪيفيت سان اکيون بند ڪري متو جهڪائي، دعا جي لاءِ هٿ آسمان ڏانهن متي ڪان بلند ڦهلائي، توبهہ ۽ اِسۡتِغۡفار ڪريو، دعا جي دؤران وقت بوقت لَبَّيۡڪ ڪي دهرائيندا رهو، خوب روئي روئي پنهنجي، پنهنجي والدين ۽ سڀني اُمت جي مغفرت جي دعا گهرو. ڪوشش ڪريو جو ڪجهہ لُڙڪ تہ نڪري ئي وڃن جو اهي قبوليت جو دليل آهن، جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ گهٽ ۾ گهٽ روئڻ جهڙي صورت ئي بڻائي ڇڏيو جو سنن جو نقل بہ سٺو هوندو آهي. تاجدارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ تمام انبياء عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ تمام صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو وسيلو پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ پيش ڪيو، حضور غوث پاڪ، خواجہ غريب نواز، اعليٰ حضرت امام احمد رَحۡمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى جو واسطو ڏيو، هر ولي ۽ هر عاشقِ رسول جو صدقو گهرو. اڄ رحمت جا دروازا کوليا ويا آهن. اِنۡ شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ گهرڻ وارو ناڪام نہ تيندو. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جا ڪارا ڪڪر جهومي جهومي ڪري اچي رهيا آهن. رحمتن جي برسات وسي رهي آهي، سڀني جو سڀو عرفات شريف انوار و تَجَلِّيَات، رحمتن ۽ برڪتن ۾

ٻڌل آهي، ڪڏهن پنهنجي گناهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي قهاري ۽ ان جي عذاب کان پناهه گهرندي بيدَ جي وڻ وانگر ڏڪو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا جذبا هجن جو ان جي اڻ ڳڻت رحمت جي اميد سان ڪومايل دل نئين نڙيل گل جيان ٽِڙي پئي.

عدل کرے تاں تھر تھر کمبن اُچیاں شاناں والے
فَضل کرے تاں بخشے جاوَن میں جہے مُنہ کالے

# دعاءِ عَرفات (سنڌي)

(دعا جي دؤران وقت بوقت لَبَّيڪ ۽ درود شريف پڙهو)

ٻئي هٿ اهڙي طرح کڻو جو سيني يا ڪلهي يا چهري جي سامهون رهن يا ايترا بلند ڪيو جو بغل جي رنگت نظر اچي، ڇنئي صورتن ۾ هٿن جون تريون آسمان ڏانهن ڦهلائي ڇڏيو جو دعا جو قبلو آسمان آهي، هاڻي هئين دعا شروع ڪريو:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ ۔ (1)

---

(1) مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اسم پاڪ "اَرحمُ الرَّاحِمِين" تي هڪ فرشتو الله عَزَّوَجَلَّ مقرر فرمايو آهي جيڪو شخص ان کي (يعني اَرحمُ الرَّاحِمِين) ٽي ڀيرا چوندو آهي فرشتو آواز ڏيندو آهي: "گهُر جو ارحم الراحمين تنهنجي طرف متوجهه ٿيو آهي." (احسن الوعاء ص 70)

## يَا رَبَّنَا يَا رَبَّنَا يَا رَبَّنَا يَا رَبَّنَا يَا رَبَّنَا [1]

جيتري قدر دعاءِ ماثوره (يعني قرآن ۽ حديث واريون دعائون) ياد هجن، اهي عربي ۾ عرض ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي دلي جذبات پنهنجي مادري زبان ۾ پنهنجي رحمت واري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ انهي پختي يقين سان تہ توهان جي دعا قبول ٿي رهي آهي، هن طرح عرض ڪريو: يَا اَللّٰهُ يَا رَحْمٰنُ يَا رَحِيْمُ!

تنهنجا ڪروڙين احسان جو تو مون کي انسان بڻايو، مسلمان ڪيو ۽ منهنجي هٿن ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامن عطا فرمايو، ياالله عَزَّوَجَلَّ! اي محمد عربي صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خالق عَزَّوَجَلَّ! مان ڪهڙي زبان سان تنهنجو شڪر ادا ڪريان جو تو مون کي حج جو شرف بخشيو، منهنجي ڪيتري قدر خوشنصيبي آهي جو ان عرفات جي ميدان ۾ حاضر آهيان جنهن کي يقينًا مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدم بوسي جو شرف مليو آهي. دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان اچي لکين مسلمان اچ هتي جمع ٿيا آهن، انهن ۾ يقينًا تنهنجا بہ نبي حضرت

---

(1) سيّدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص عِجز (يعني لاچاري) جي وقت پنج ڀيرا ”يا ربنا“ چوي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ان شيءِ کان امان بخشيندو، جنهن مان خوف رکي ٿو ۽ اهو جيڪا دعا گهرندو آهي هو عطا ڪندو آهي.
(احسن الوعاء ص 71)

الياس ۽ حضرت خِضر عليهما السّلام ۽ بيشمار اولياء ڪرام بہ موجود آهن، پوءِ اي ربِّ رسولِ ڪريم عَزَّوَجَلَّ! اڄ جيڪي رحمت جون برساتون نبين ۽ ولين تي وسي رهيون آهن انهن جي صدقي هڪ اڌ ڦڙو مون گناهگار تي بہ وساءِ.

يَــا اللّٰـــهُ يَــا رَحمٰنُ   يَــا حنّـــانُ يَـا مَنّـا نُ

بخش دے بخشے ہوؤں کا صدقہ   یاالله میری جھولی بھر دے (وسائل بخشش ص۱۰۷)

(اول آخر درود شريف ۽ تي ڀيرا لَبَّيۡڪ پڙهو)

يا رب مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! منهنجي ڪمزوري ۽ هيٺائي توتي ظاهر آهي. آه! مان تہ اهو ڪمزور ٻانهو آهيان جو نہ گرمي برداشت ڪري سگهان ٿو نہ سردي، مان مُنگهڻ، مڇر جو چڪ بہ برداشت نہ ٿو ڪري سگهان، ايتري تائين جو جيڪڏهن ڪِيولي بہ چڪ پائي تہ چين ختم ٿي ويندو آهي. آه! جيڪڏهن ڪو پرن وارو معمولي ڪيڙو ڪپڙن ۾ گهڙي ڪري پر هلائي تہ اهو مون کي بي چين ڪري ڇڏيندو آهي. آه! منهنجي بربادي! جيڪڏهن گناهن جي سبب مون کي قبر ۾ تنهنجي قهر ۽ غضب جي باھ گهيري ورتو تہ مان ڇا ڪندس؟ آه! جيڪڏهن منهنجي ڪفن ۾ نانگ يا وڇون گهڙي ويا تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ اي ربِّ محمد عَزَّوَجَلَّ! بطفيل محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم ڪر.

مون کي نزع ۽ قبر و حشر جي تڪليفن کان بچاءِ، يقينًا تنهنجي ڪرم جي فقط هڪ نظر تي وڃي ته مون پاپي ۽ بدڪار جا ٻئي جهان سنورجي ويندا، اي ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ! مون تي پنهنجو فضل ۽ احسان فرما ۽ مون کان هميشه هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ، ۽ مون کي پنهنجو پسنديده ٻانهو بڻائي.

گناہ گار طلبگارِ عَفْو و رَحمت ہے

عذاب سہنے کا کس میں ہے حوصلہ یاربّ (وسائلِ بخشش ص۹۷)

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيْڪ پڙهو)

يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! تنهنجا پيارا رسول، محمد عربي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنهنجو هي ارشاد مون تائين پهچائي چڪا آهن ته ”اي ابنِ آدم! جيستائين تون مون کان دعا ڪندو رهندين ۽ اميد ڪندو رهندين، مان تنهنجي گناهن کي بخشيندو رهندس. اي ابنِ آدم! جيڪڏهن تنهنجا گناهه آسمان تائين پهچي وڃن ۽ پوءِ به جيڪڏهن تون مون کان بخشش طلب ڪندين ته مان مُعاف ڪري ڇڏيندس ۽ مون کي ڪا پرواهه نه هوندي. اي ابنِ آدم! جيڪڏهن تون سڄي زمين جيترن گناهن سان مون وٽ ايندين پر ان حال ۾ ته تون ڪو ڪفر ۽ شرڪ نه ڪيو هجي ته مان زمين

جيتري رحمت ۽ مغفرت سان تو وٽ پهچندس، (ترمذي ج 5 ص 318 حديث 3551) تہ اي منهنجي مڪي مدني محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مَعبود عَزَّوَجَلَّ! جيتوڻيڪ مان گناهن سان زمين ۽ آسمان کي ڀري ڇڏيو آهي، پر پوءِ بہ مون کي تنهنجي رحمت تي ناز آهي. الاهي عَزَّوَجَلَّ! منهنجي غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه، منهنجي غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه منهنجي امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جو ۽ منهنجي مرشد ڪريم جو واسطو منهنجي بي حساب مغفرت فرماءِ، منهنجي بي حساب مغفرت فرماءِ، منهنجي بي حساب مغفرت فرماءِ.

تو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جُرم
دیتا ہوں واسِطہ تجھے شاہِ حجاز کا (ذوقِ نعت)

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيۡڪ پڙهو)

اي ربِّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! آئون اِقرار ڪريان ٿو تہ مون تمام وڏا وڏا گناهہ ڪيا آهن، پر هي سڀ جو سڀ تنهنجي عفو ۽ درگذر واري شان جي سامهون تمام ننڍڙا آهن. اي منهنجا پيارا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! يقيناً تنهنجي مغفرت ۽ بخشش تہ گناهگارن کي ڳوليندي آهي ۽ مون کان وڌيڪ هن ميدانِ عرفات ۾ ڪير وڏو ڏوهاري هوندو؟ اي منهنجي مدني نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ربّ غني عَزَّوَجَلَّ مان پنهنجي

گناهن تي شرمسار آهيان ۽ اميد ڪريان ٿو تہ تنهنجي بخشش جو انعام مون گناهگار تي ضرور ٿيندو. يا اِلٰهَ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ! توکي خُلفاءِ راشدين عَلَيهِمُ الرِّضوَان ۽ اُمَّهاتُ المُؤمنين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُنَّ جو واسطو، بيبي فاطمہ ۽ حسنين ڪريمين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُمَا)، بلال حبشي (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ) ۽ اويس قرني (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ) جو صدقو، منهنجي بہ بخشش فرماءِ ۽ منهنجي مرشدِ ڪريم، منهنجي استادن، اهلسنت جي تمام عالمن ۽ مشائخن، منهنجي والدين ۽ گهر جي تمام ڀاتين کي بخشي ڇڏ ۽ سڄي امت جي مغفرت فرماءِ.

دوام دین پہ اللہ مرحمت فرما

ہماری بلکہ سب امّت کی مغفِرت فرما

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيڪ پڙهو)

اي محمدمعصوم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خداءِ حيّ و قيّوم! بيشڪ مسلمانن جو صدقو ۽ خيرات ڪرڻ تون پسند فرمائين ٿو، تہ اي جَواد و ڪريم مون کان وڌيڪ نيڪين جي معاملي ۾ غريب و مسڪين ڪير هوندو؟ ۽ ڏيڻ وارن ۾ توکان وڌيڪ عطا ڪرڻ وارو ڪير هوندو! تہ اي مالڪ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! بطفيل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي دين تي استقامت، پنهنجي دائمي رضا، جهنم

كان امان، بي حساب مغفرت جي خيرات سان نوازي مون تي عظيم احسان فرماءِ.

حُسین ابنِ علی کے لاڈلوں کا واسِطہ مولیٰ
بچا لے ہم کو تو نارِ جہنَّم سے بچا مولیٰ

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيْک پڙهو)

اي پنهنجي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پگهر ۾ خوشبو پيدا ڪرڻ وارا! اي مريضن کي شفا ڏيڻ وارا! سيني مسلمانن ۾ سڀ کان وڏو دنيا جي محبت جو مريض، گناهن جو مريض، شِفا جو سوالي بڻجي تنهنجي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ حاضر ٿيو آهي، ياشافِيَ الاَمْرَاض مان حُبِّ دنيا ۽ گناهن جي بيماري کان تندرستي جو سوال ڪريان ٿو، اي پروردگار عَزَّوَجَلَّ سيّدُالابرار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ مون کي ڪامل شِفا عطا فرماءِ ۽ مون کي نيڪ بڻاءِ ۽ مون کي مريضِ عشق مصطفيٰ بڻاءِ ۽ مون کي غمِ مدينه سان نوازي ڇڏ.

میں گناہوں میں لِتھڑا ہوا ہوں بد سے بد تر ہوں بگڑا ہوا ہوں
عَفْوِ جرم و قُصُور و خطا کی میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيْک پڙهو)

يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! تو کي تمام انبياء ۽ صحابہ، اهلبيت ۽ سيني اوليائن جو واسطو، اسان جي تمام

بيمارن کي شفا عطا فرماءِ، قرضدارن کي قرض جي بار کان آجو فرماءِ. تنگدستن کي فراخي ڏي، بيروزگارن کي حلال ۽ آسان روزي عطا فرماءِ. بي اولادن کي بغير آپريشن جي عافيّت سان نيڪ اولاد عطا ڪر. جن جي رشتن ۾ رڪاوٽون آهن انهن کي نيڪ رشتا نصيب فرماءِ. يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! مسلمانن کي فرنگي فيشن جي آفت کان دور ڪري سنت جي پيروي جي سعادت عنايت فرماءِ. يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! جيڪي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاٿل آهن انهن کي نجات عطا فرماءِ، جن جا رُٺل آهن انهن کي راضي ڪر، جن جا وڇڙيل آهن انهن کي ملائي ڇڏ، جن جي گهرن ۾ اڻبڻت آهي انهن کي پاڻ ۾ کير کنڊ ڪري ڇڏ، يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! جن تي جادو آهي يا جيڪي جِنّات جي اثر هيٺ آيل آهن انهن کي جادو ۽ جِنات کان ڇوٽڪارو عطا فرماءِ. يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! مسلمان کي آفت ۽ مصيبت کان بچاءِ. دشمنن جي دشمني، شريرن جي شر، حاسدن جي حسد ۽ بدنگاهن جي نگاهِ بد کان محفوظ ۽ مامون فرماءِ.

وہ کہ عرصے سے بیمار ہیں جو  جِنّ و جادو سے بیزار ہیں جو
اپنی رحمت سے اُن کو شِفا کی  میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيۡک پڙهو)

**يا ربِّ ڪريم!** بيبي فاطمه رضی اللہ تعالٰی عنہا جو واسطو، سيّده زينب رضی اللہ تعالٰی عنہا جو واسطو، سيدتنا سڪينه، بيبي حوا، بيبي ساره، بيبي هاجره، بيبي آسيه ۽ بيبي مريم رضی اللہ تعالٰی عنہن جو صدقو، اسان جي مائرن، ڀينرن، ڌيئرن، ڏيئرن کي شرم ۽ حياءَ جي چادر نصيب فرماءِ، انهن کي هر نا مَحرم، ۽ سندن ڏير، سوٽ، ماسات، پُڦات، ماروٽ، ڀيڻويي، پڦڙ، ماسڙ[1] سيني کان صحيح شرعي پردو ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

دیدے پردہ مری بیٹیوں کو ماؤں بہنوں سبھی عورتوں کو
بھیک دیدے تُو اپنی عطا کی میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيۡک پڙهو)

**يا الله** عزوجل! اهڙو عمل جيڪو تنهنجي بارگاهه ۾ مقبول نه هجي، اهڙي دل جيڪا تنهنجي ياد کان غافل رهي، اهڙي اک جيڪا فلمون ڊراما ڏسندي رهي ۽ بدنگاهي ڪندي رهي، اهڙا ڪن جيڪي گانا باجا ۽ غيبت ۽ چُغلي ٻڌندا رهن، اهڙا پير جيڪي بُرين مجلسن ڏانهن هلي ڪري ويندا رهن، اهڙا هٿ جيڪي ظلم لاءِ کڄندا

---

(1) بدقسمتي سان هنن سيني مائٽن کان اڄڪلهه عام طور پردو ناهي ڪيو ويندو، حالانڪ شريعت انهن کان پردي جو حڪم ڏنو آهي. انهن مائٽن سان بي پردگي ۽ بي تڪلفي ۾ سخت گنهگاري ۽ عذاب نار جي حقداري آهي.

رهن، اهڙي زبان جيڪا فضول ڳالهائڻ ۽ ڪارڳند ڪان نہ مُڙي، اهڙو دماغ جيڪو بُرا منصوبا ٺاهيندو رهي ۽ اهڙي سيني ڪان جيڪو مسلمانن جي ڪيني ڪان پريل هجي تنهنجي پناهہ گهران ٿو تہ اي منهنجا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ مڪي مديني جي تاجدار ۽ تنهنجي عطا سان سڄي خدائي جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ سيني مُجتَهِدين، اَئِمَّہِ اَربَعہ (يعني چئني امامن) ۽ چئني سلسلن جي تمام اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي وسيلي سان مون ڪي پنهنجو فرمانبردار بڻائي ڪري مون تي فضل ۽ احسان فرماءِ.

اي خداءِ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! توکي هر عاشقِ رسول جو واسطو، مون ڪي غم مصطفيٰ ۾ روئڻ واري اک ۽ تڙپڻ واري دل عطا فرما ۽ سچو عاشقِ رسول بڻاءِ، منهنجو سينو محبتِ حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مدينو بڻاءِ ۽ مون ڪي بيوفا دنيا جو نہ مديني جو ديوانو بڻاءِ.

پیچھا مرا دُنیا کی محبت سے چھُڑا دے

یارب! مجھے دیوانہ مدینے کا بنادے (وسائل بخشش ص ۱۰۰)

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيْک پڙهو)

يا ربِّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ توکي ڪعبي شريف ۽ گنبذِ

خضرا جو واسطو، منهنجي حج ۽ زيارت، منهنجون جائز دعائون جيڪي منهنجي حق ۾ بهتر هجن اهي قبول فرماءِ ۽ مون کي مُسْتَجَابُ الدَّعوَات بڻائي ڇڏ، منهنجي ۽ ميدان عرفات ۾ حاضر هر حاجي جي مغفرت فرماءِ ۽ مون کي هر سال حج ۽ مديني منور جي زيارت جي شرف سان مُشَرَّف فرماءِ ۽ مون کي مديني شريف ۾ گنبذ خضرا جي سايي ۾، محبوب پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلوَن ۾، عافيّت سان شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّتُ الفِردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ. يا ربِّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ مون کي جن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن دعائن جي لاءِ چيو آهي تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي انهن جي هر جائز مراد ۾ ان جي بهتري تي نظر فرما ۽ انهن سڀني جي بخشش ڪري ڇڏ.

اٰمين بِجاهِ النّبيّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن جن مرادوں کے لیے احباب نے کہا
پیشِ خبیر کیا مجھے حاجت خبر کی ہے (حدائقِ بخشش شریف)

(اول آخر درود شريف ۽ ٽي ڀيرا لَبَّيڪ پڙهو)

## سج لهڻ ڪان پوءِ تائين دعا جاري رکو

اهڙي طرح روئندي روئندي دعا جاري رکو ايتري

تائين جو سج لهي وڃي ۽ رات جو ٿورو حصو اچي وڃي. ان کان اڳ وُقوف جي جاءِ (يعني جتي توهان ترسيل آهيو) کان نڪرڻ مَڪروهه آهي ۽ سج لهڻ کان اڳ عرفات جي حد مان ٻاهر نڪري وڃڻ حرام آهي ۽ دم لازم، جيڪڏهن سج لهڻ کان پهريان واپس عرفات ۾ داخل ٿي ويو تہ دم ساقط ٿي ويندو، ياد رهي تہ اڄ حاجي ڪي مغرب جي نماز هتي ناهي پڙهڻي بلڪ عشاء جي وقت ۾ مُزْدَلِفہ ۾ مغرب ۽ عشاء ملائي ڪري پڙهڻي آهي.

## گناهن کان پاڪ ٿي ويؤ

پيارا پيارا حاجيو! توهان جي لاءِ هي ضروري آهي تہ اللهعَزَّوَجَلَّ جي سچن واعدن تي ڀروسو ڪري يقين ڪري وٺو جو اڄ مان گناهن کان ائين پاڪ ٿي ويس جهڙو ان ڏينهن هئس جڏهن ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيو هئس. هاڻي ڪوشش ڪريو تہ آئنده گناهہ نہ ٿين. نماز روزي، زڪواة وغيره ۾ هرگز ڪوتاهي نہ ٿئي، فلمن، ڊرامن، ۽ گانن باجن ۽ حرام روزي ڪمائڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مُٺ کان گهٽائڻ، ماءُ پيءُ جي دل ڏکائڻ وغيره وغيره گناهن ۾ ملوث ٿي ڪري ڪٿي وري توهان شيطان جي ڄار ۾ ڦاسي نہ پئو.

# مُزدلِفہ لاءِ روانگي

جڏهن سج لهي وڃڻ جو يقين ٿي وڃي تہ عرفات شريف کان مُزْدَلِفَہ شريف ڏانهن هلو، سڄي رستي ۾ ذِڪر و درود ۽ دعا، لَبَّيْڪ ۽ آه و زاري ڪندا رهو. ڪلهہ ميدانِ عرفات شريف ۾ حُقُوقُ الله مُعاف ٿيا، هتي حُقُوقُ العِباد معاف فرمائڻ جو واعدو آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1131، 1133) سُبْحٰنَ الله! مُزْدَلِفہ شريف اچي ويو! هر پاسي رونق لڳي پئي آهي. مُزْدَلِفَہ جي شروع ۾ ڪافي رش هوندي آهي، اوهان بنا خوف جي اڳتي وڌندا وڃو ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ اندر جي طرف ڪافي ڪشادي جڳهہ ملي ويندي پر اهو احتياط رهي تہ ڪٿي مِنيٰ شريف جي حد ۾ داخل ٿي نہ وڃو. پيادل هلڻ واري جي لاءِ مشورو آهي تہ مُزْدَلِفَہ ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان استنجا وضو جي ترڪيب بڻائي ونو نہ تہ رش ۾ آزمائش ٿي سگهي ٿي.

# مغرب ۽ عشاء ملائي ڪري پڙهڻ جو طريقو

هتي توهان کي هڪ اَذان ۽ هڪ ئي اِقامت سان ٻئي نمازون ادا ڪرڻيون آهن تنهنڪري اَذان ۽ اِقامت کان پوءِ پهريان مغرب جا ٽي فرض ادا ڪري ونو، سلام ڦيريندي ئي فورًا عشاء جا فرض پڙهو، پوءِ مَغْرب جون سنّتون،

نفل (اَوّابِين)، ان کان پوءِ عشاء جون سنّتون، نفل ۽ وِتر ادا ڪريو. (بهار شريعت ج 1 ص 1132)

## پٿريون چونڊي وٺو

اڄ جي رات ڪجھ اَڪابِر عالمن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مطابق لَيلۃُ القَدر کان بہ افضل آهي. هي رات غفلت يا فضول ڳالهين ۾ ضايع ڪرڻ سخت محرومي آهي، تي سگهي تہ سڄي رات لَبَّيک ۽ ذِڪر و دُرود ۾ گذاريو. (ايضاً ص 1133) رات جو ئي شيطانن کي هڻڻ لاءِ اٽونجاهہ پٿريون ڪارڪ جي ڪڪڙي جيتريون چونڊي وٺو، بلڪ ڪجھ وڌيڪ کڻي وٺو تہ جيئن نشانو گُسي وڃڻ وغيره جي صورت ۾ ڪم اچي سگهن. ۽ انهن کي ٽي ڀيرا ڌوئي وٺو، پٿريون وڏي پٿر کي ڀڃي ڪري نہ ٺاهيو، ناپاڪ جڳھ يا مسجد کان يا جَمري جي ويجهو کان پٿريون نہ کڻو.

## هڪ ضروري احتياط

اڄ فجر جي نماز اول وقت ۾ ادا ڪرڻ افضل آهي، پر نماز ان وقت ادا ڪريو جڏهن صبح صادق يقيني طور تي ٿي وڃي، عام طور تي مُعَلِم جا ماڻهو جلد بازي ڪندا آهن ۽ فجر جي ابتدائي وقت کان پهريان ئي "صَلوٰة صَلوٰة" چوڻ شروع ڪندا آهن ۽ ڪجھ حاجي وقت کان پهريان ئي

نماز ادا ڪندا آهن! توهان ائين نہ ڪريو، بلڪ ٻين ڪي نرمي سان نيڪي جي دعوت ڏيو تہ اڃا وقت ناهي ٿيو، هاڻي توپ جو گولو[1] هلايو ويندو پوءِ نماز ادا ڪيو.

# وُقُوفِ مُزدَلِفہ

مُزْدَلِفہ ۾ رات گذارڻ سنّتِ مؤڪّده آهي پر ان جو وُقوف واجب آهي، وقوفِ مُزْدَلِفہ جو وقت صبح صادق کان وٺي ڪري، سج اُڀرڻ تائين آهي. ان جي وچ ۾ جيڪڏهن هڪ گهڙي بہ هتي گذاري تہ وُقوف ٿي ويو، ظاهر آهي تہ جنهن فجر جي وقت ۾ مُزْدَلِفہ جي اندر فجر جي نماز ادا ڪئي، ان جو وُقوف صحيح ٿي ويو. جيڪو صبح صادق کان اڳ ۾ ئي مُزْدَلِفہ کان هليو ويو ان جو واجب ترڪ ٿي ويو، تنهنڪري ان تي دم واجب آهي. ها عورت بيمار يا ضعيف يا ڪمزور جنهن کي رش جي سبب تڪليف پهچڻ جو انديشو هجي جيڪڏهن مجبوري سبب هليا ويا تہ ڪجهہ حرج ناهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1135)

جبل "مَشْعَرُالحرام" تي جيڪڏهن جڳهہ نہ ملي تہ

---

(1) صبح صادق جي وقت مُزدَلِفہ ۾ توپ جو گولو هلايو ويندو آهي تہ جيئن حاجين کي فجر جي نماز جي خبر پئجي وڃي.

انهن جي دامن ۾، ۽ جيڪڏهن اهو به نه ٿي سگهي ته واديءِ مُحَسّر (1) کان علاوه چو ته اتي وُقوف ڪرڻ ناجائز آهي، جتي جڳهه ملي اتي وقوف ڪريو ۽ وقوف عرفات واريون سيئي ڳالهيون هتي به ڌيان ۾ رکيون وڃن يعني لَبَّيْڪ جي ڪثرت ڪريو ۽ ذڪر و درود ۽ دعا ۾ مشغول ٿي وڃو. (ايضاً ص 1133) ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ جيڪو گهرندا اهو ملندو جو ڪلهه عرفات شريف ۾ حُقُوقُ الله عَزَّوَجَلَّ معاف ٿيا هئا، هتي حُقُوقُ العِباد معاف فرمائڻ جو واعدو آهي. (حقوق العباد معاف ٿيڻ جو تفصيل صفحي 18 تي گذريو)

نماز کان پهريان پر طلوع فجر کان پوءِ هتان کان هليا ويا يا سج نڪرڻ کان پوءِ ويا ته برو ڪيو پر انهيءَ تي دم وغيره واجب ناهي. (ايضا)

## مُزدَلِفہ کان مِنيٰ ويندي رستي ۾ پڙهڻ جي دعا

جڏهن سج اُڀرڻ ۾ ٻه رڪعتون پڙهڻ جيترو وقت باقي رهجي وڃي ته مِنيٰ شريف ڏانهن روانا ٿي وڃو ۽

---

(1) واديءِ مُحَسّر مِنيٰ ۽ مُزدلفہ جي وچ ۾ موجود آهي ۽ اها انهن ٻنهي جي حدن مان خارج آهي. مِنيٰ ڏانهن ويندي کابي هٿ واري پاسي جيڪو جبل آهي هن جي چوٽي کان 545 هٿ تائين آهي . هتي اَصحابِ فِيل (هاٿي وارا) ترسيا هئا ۽ انهن تي عذابِ ابابيل نازل ٿيو هو. هتي ترسڻ جائز ناهي. انهي جڳهه تان جلدي گذرڻ ۽ عذاب الهي کان پناهه گهرڻ گهرجي.

سجي رستي لَبَّيک، ذکر ۽ درود کي هر هر پڙهندا رهو. هي دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اِلَيْكَ اَفَضْتُ وَمِنْ عَذَابِكَ اَشْفَقْتُ وَاِلَيْكَ رَجَعْتُ وَمِنْكَ رَهِبْتُ فَاقْبَلْ نُسُكِيْ وَعَظِّمْ اَجْرِيْ وَارْحَمْ تَضَرُّعِيْ وَاقْبَلْ تَوْبَتِيْ وَاسْتَجِبْ دُعَآئِيْ ط

ترجمو: اي الله مان تنهنجي طرف موٽيس ۽ تنهنجي عذاب کان ڊنس ۽ تنهنجي طرف رجوع کيو ۽ تون کان خوف کيو، تون منهنجي عبادت قبول کر ۽ منهنجو اجر وڏيک کر ۽ منهنجي عاجزي تي رحم کر ۽ منهنجي توبہ قبول کر ۽ منهنجي دعا مستجاب (يعني مقبول) فرما.

## مِنيٰ نظر اچي تہ هي دعا پڙهو

مِنيٰ شريف نظر اچي تہ (اول آخر درود شريف پڙهي) اها ئي دعا پڙهو جيکا مکي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً کان ايندي مِنيٰ کي ڏسي پڙهي هئي. دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ مِنًى فَامْنُنْ عَلَيَّ بِمَا مَنَنْتَ بِهٖ عَلٰٓى اَوْلِيَآئِكَ

ترجمو: "اي الله عَزَّوَجَلَّ! هي مني آهي مون تي اهو احسان فرماءِ جيکو تو پنهنجي اوليائن تي فرمايو آهي."

ياالٰہی فضل کر تجھ کو مِنٰی کا واسِطہ
حاجیوں کا واسِطہ کُل اولیاء کا واسِطہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ڏهين ذوالحج جو پٿريون ڪم رمي

مُزۡدَلِفَہ شريف کان منيٰ شريف پهچي ڪري سڌا جَمۡرَۃُ العَقَبہ يعني وڏي شيطان جي طرف تشريف کڻي اچو. اڄ صرف انهيءَ هڪ کي پٿريون هڻڻيون آهن. پهريان ڪعبي شريف جو طرف معلوم ڪري وٺو، پوءِ جَمۡرَه کان گهٽ ۾ گهٽ پنج هٿ (يعني تقريبًا اڍائي گز) پري (وڌيڪ جو ڪو شرط ناهي) اهڙي طرح بيهو جو مِنيٰ توهان جي ساڄي هٿ تي ۽ ڪعبو شريف کاٻي هٿ جي طرف تئي ۽ چهرو جَمره جي طرف هجي، ست پٿريون پنهنجي کاٻي هٿ ۾ رکو، بلڪ ته ٽي پٿريون وڌيڪ کڻو[1] هاڻي ساڄي هٿ جي شهادت جي آڱر ۽ آڱوٺي جي چپٽي ۾ پڪڙي ڪري ساڄي ٻانهن چڱي طرح مٿي ڪري ته جيئن بغل جي رنگت ظاهر تئي. هر ڀيري بِسۡمِ اللهِ، اَللهُ اَكۡبَر چوندي هڪ هڪ ڪري ست پٿريون اهڙي طرح هڻو جو سيئي پٿريون جَمره تائين پهچن، نه ته گهٽ ۾ گهٽ ٽن هٿن جي مفاصلي تي ڪرن. پهرين پٿري هڻندي ئي لَبَّيۡك چوڻ ڇڏي ڏيو، جڏهن ست پوريون ٿي وڃن ته اتي نه

(1) ڪاش! ان وقت دل ۾ هي نيّت حاضر ٿي وڃي ته مون تي جيڪي بريون خواهشون مُسَلّط آهن انهن کي ماري ڀڄائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان.

رُڪو. نہ سڌا وڃو نہ ساڄي نہ کاٻي، بلڪ فوراً ذڪر و دعا ڪندا واپس موٽي اچو. (بهار شريعت ج 1 ص 1193) (فوراً واپس موٽڻ سنت آهي پر هاڻي جديد تعميرات جي ڪري واپس موٽڻ ممڪن ناهي رهيو، تنهنڪري پٺيون هٽي ڪري ڪجھ اڳيان وڌي ڪري ”يوٽرن“ جي ترڪيب ڪرڻي پوندي)

## رمي جي وقت احتياط جا 5 مدني گل

خوش نصيب حاجيو! رمي جَمرَات جي وقت خاص ڪري ڏهين جي صبح حاجين جي زبردست رش هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ ماڻهو چيپاٽيا ويندا آهن. سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه 1400ھ ۾ ڏهينءَ جي صبح جو مِنيٰ شريف ۾ پنهنجي اکين سان هي ڏڪائيندڙ منظر ڏٺو هو تہ لاشن کي ڪٺي ڪري هڪ قطار ۾ ليٽايو پئي ويو، پر هاڻي جڳھ ۾ ڪافي ڪشادگي ڪئي وئي آهي هيٺ جي حصي کان علاوه مٿي چار منزلون ٺاهيون ويون آهن انهيءَ ڪري رش ورهائجي وڃي ٿي، ڪجھ احتياط عرض ڪريان ٿو:

﴿1﴾ ڏهين جي صبح ڪافي رش هوندي آهي، ٻنپهرن جو ٽي يا چار بجي رش گهٽ ٿي ويندي آهي، هاڻي اسلامي ڀينرون بہ گڏ هجن تہ حرج ناهي. مٿين منزل کان رمي ڪندؤ تہ رش وڌيڪ گهٽ هوندي ۽ کليل هوا ملي

سگھندي ﴿2﴾ رمي ۾ چڙهي (لکڻ)، جتي ۽ ٻيو سامان نہ کڻي وڃو جو انتظاميہ وارا وٺي ڇڏيندا آهن، پوءِ واپس ملڻ مشڪل هوندو آهي، ها ننڍو اسڪول بيگ جيڪڏهن چيلهہ تي لٽڪيل رهيو تہ ڪڏهن ڪڏهن وڃڻ ڏيندا آهن پر 10 جي رمي تي اهو بہ نہ کڻي وڃو تہ بهتر آهي جو روڪي ورتو تہ آزمائش ۾ پئجي سگهو ٿا، 11 ۽ 12 جي رمي ۾ ننڍيون شيون کڻي وڃڻ جي معاملي ۾ انتظاميہ طرفان سختي ڪجهہ گهٽ ٿي ويندي آهي ﴿3﴾ ويل چيئر وارن جي لاءِ رمي جو مناسب وقت ٿئي ڏينهن عصر کان پوءِ آهي ﴿4﴾ پتريون هڻڻ وقت ڪا شيءِ هٿ مان ڪري پوي يا چپل پيرن مان نڪرندي محسوس ٿئي تہ رش هئڻ جي صورت ۾ هرگز نہ جهڪو ﴿5﴾ جڏهن ڪجهہ ساٿي ملي ڪري رمي ڪرڻ چاهين تہ پهريان کان ئي واپس ملڻ جي ڪا ويجهو واري جڳهہ مقرر ڪري ان جي نشاني ياد رکي ڇڏيو نہ تہ وڇڙي وڃڻ جي صورت ۾ بيحد پريشاني ٿيندي. رش واري ٻين جاين تي بہ انهي ڳالهہ جو خيال رکو. سگِ مدينہ عُفِيَ عَنہ اهڙن اهڙن پوڙهن حاجين ۽ حاجياڻين کي وڇڙندي ڏٺو آهي جو ويچارن کي پنهنجي مُعَلِّم جو نالو بہ معلوم ناهي هوندو ۽ پوءِ اهڙي آزمائش

تيندي آهي جو اَلْاَمان والحَفِيظ

# ”اللّٰه غفار“جي اٺ اکرن جي نسبت سان رمي جا 8 مدني گل

ﺑ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ﴿1﴾ عرض ڪيو ويو رميءِ جمار ۾ ڪيترو ثواب آهي؟ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: تون پنهنجي رب وٽان ان جو ثواب انهيءَ وقت حاصل ڪندين جڏهن تو کي ان جي گهڻي حاجت هوندي. (معجم اوسط ج 3 ص 150 حديث 4147) ﴿2﴾ جَمرن جي رمي ڪرڻ تنهنجي لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هوندي. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 134 حديث 3) ﴿3﴾ ست پٿرين کان گهٽ هڻڻ جائز ناهي، جيڪڏهن صرف ٽي هنيون يا بلڪل رمي نہ ڪئي تہ دم واجب ٿي ويو ۽ جيڪڏهن چار هنيون تہ باقي هر پٿري جي بدلي ۾ صدقو آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 608) ﴿4﴾ جيڪڏهن سڀ پٿريون هڪ ڀيري ئي اُڇليون تہ اهي ست نہ فقط هڪ مڃي وينديون. (ايضاً ص 608) ﴿5﴾ پٿريون زمين جي جنس مان هجڻ ضروري آهن (جيئن پٿري، پٿر، چونو، مِٽي) جيڪڏهن لِڏ هنئي وئي تہ رمي نہ ٿيندي. (درمختار و ردالمحتار ج 3 ص 608) ﴿6﴾ اهڙي طرح ڪجهہ ماڻهو جَمَرات کي دٻا، جوتا وغيره هڻندا آهن، اها بہ ڪا سنّت ناهي ۽ پٿري

جي بدلي ۾ جوتو يا دٻو وغيره هنيو تہ رمي ٿيندي ئي نہ ﴿7﴾ رمي جي لاءِ بهتر هي آهي تہ مُزدَلِفہ مان پٿريون کنيون وڃن، پر لازمي ناهي. دنيا جي ڪنهن بہ حصي جون پٿريون هڻندؤ تڏهن بہ رمي درست آهي ﴿8﴾ ڏهينءَ جي رمي سج اُڀرڻ کان وٺي ڪري زوال تائين سنّت آهي، زوال (يعني ظهر جي شروعاتي وقت) کان وٺي سج لهڻ تائين مُباح (يعني جائز) آهي ۽ سج لهڻ کان صبح صادق تائين مڪروهہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن عذر جي ڪري مثال طور ڏنار رات جو رمي ڪئي تہ ڪراهت ناهي. (ايضاً ص 610)

## اسلامي ڀينرن جي رمي

عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ مرد بنا عُذر جي عورتن جي طرفان رمي ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح اسلامي ڀينرون رمي جي سعادت کان محروم رهجي وينديون آهن ۽ جيئن تہ رمي واجب آهي، تنهنڪري واجب جي ترڪ ڪري انهن تي دم بہ واجب ٿي ويندو آهي، تنهنڪري اسلامي ڀينرون پنهنجي رمي پاڻ ئي ڪن.

## مريضن جي رمي

ڪي حاجي سگهورا هوندئن تہ هر جڳهہ تي گهمندا ڦرندا آهن پر معمولي بيماري جي سبب اهي ٻين کان

رمي ڪرائي ڇڏيندا آهن.

## مريض جي طرفان رمي جو طريقو

صدرُالشَّريعة بدرُالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: جيڪو شخص اهڙو مريض هجي جو سواريءَ تي بہ جمره نہ وڃي سگهندو هجي تہ اهو ٻي کي حڪم ڏي تہ ان جي طرفان رمي ڪري ۽ ان کي گهرجي تہ پهريان پنهنجي طرف کان ست پٿريون هڻڻ کان پوءِ مريض جي طرفان رمي ڪري يعني جيستائين پاڻ رمي نہ ڪري چڪو هجي ۽ جيڪڏهن ائين ڪيو تہ هڪ پٿري پنهنجي طرفان هنئي پوءِ هڪ مريض جي طرفان، ائين ست ڀيرا ڪيو تہ مڪروه آهي ۽ مريض جي حڪم بغير رمي ڪئي تہ جائز نہ ٿي، ۽ جيڪڏهن مريض ۾ ايتري طاقت ناهي جو رمي ڪري تہ بهتر اهو آهي ان جو ساٿي ان جي هٿ تي پٿري رکي ڪري رمي ڪرائي، ائين بيهوش، مَجنون (يعني چريو) يا ناسمجهہ ٻار جي طرفان ان جا ساٿي رمي ڪن ۽ بهتر اهو ئي آهي تہ انهن جي هٿ تي پٿري رکي رمي ڪرايو.

(بهار شريعت ج 1 ص 1148)

# "ابراهيم" جي ست اکرن جي نسبت سان حج جي قرباني جا 7 مدني گل

﴿1﴾ ڏهينءَ تي وڏي شيطان جي رمي ڪرڻ ڪانپوءِ قرباني واري جڳهہ تي اچو ۽ قرباني ڪريو. هيءَ اها قرباني ناهي جيڪا عيدالاَضحيٰ ۾ ٿيندي آهي بلڪ حج جي شُڪراني طور قارن ۽ مُتَمَتِّع تي واجب آهي، چاهي اهو فقير ٿي چونہ هجي. مُفرِد جي لاءِ اها قرباني مُستَحب آهي چاهي اهو غني هجي ﴿2﴾ هتي بہ جانور جا اهي شرط آهن جيڪي عيد الاضحيٰ جي قرباني جا هوندا آهن. (بهار شريعت ج 1 ص 1140) مثلاً ٻڪر (هن ۾ ٻڪري، دنبو، رڍ ۽ گهيٽو (نر ۽ مادي) شامل آهن) هڪ سال جو، ان کان گهٽ عمر جو هوندو تہ قرباني جائز ناهي، وڌيڪ هوندو تہ جائز بلڪ افضل آهي. ها دُنبي يا رڍ جو ڇهہ مهينن جو ٻچو جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جو پري کان ڏسڻ ۾ هڪ سال جو معلوم ٿئي تہ ان جي قرباني جائز آهي. (در مختار ج 9 ص 533) ياد رکو! مطلقاً ڇهہ مهينن جي دُنبي جي قرباني ڪرڻ جائز ناهي بلڪ ان جو ايترو صحتمند ۽ قد آور هجڻ ضروري آهي جو پري کان ڏسڻ ۾ هڪ سال جو لڳي. جيڪڏهن 6 مهينن، بلڪ سال مان هڪ ڏينهن بہ گهٽ عمر جو دُنبي يا رڍ جو ٻچو

پري ڪان ڏسڻ ۾ هڪ سال جو نہ ٿو لڳي تہ ان جي قرباني نہ ٿيندي ﴿3﴾ جيڪڏهن جانور جو ڪن هڪ ياڳي ٽي (1/3) ڪان وڌيڪ ڪٽيل هوندو تہ قرباني ٿيندي ئي نہ، ۽ جيڪڏهن ٽئين حصي يا ان ڪان گهٽ ڪٽيل هجي، ڪن چيريل هجي، يا ان ۾ سوراخ هجي، اهڙي طرح ڪو معمولي عيب هجي تہ اهڙي جانور جي قرباني ٿي تہ ويندي پر مڪروھ (تنزيهي) آهي ﴿4﴾ ذبح ڪرڻ ايندو هجي تہ پاڻ ذبح ڪري جو سنّت آهي، نہ تہ ذبح جي وقت حاضر رهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1141) ٻئي کي قرباني جو نائب ڪري سگهو ٿا [1] ﴿5﴾ اُٺ جي قرباني افضل آهي، اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حِجَّةُ الوَداع جي موقعي تي پنهنجي هٿ مبارڪ سان 63 اُٺ نحر فرمايا ۽ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اجازت سان باقي اُٺ حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم نحر ڪيا. (مسلم ص 634 حديث 1218) هڪ ٻي روايت آهي تہ سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ پنج يا 6 اُٺ آندا ويا تہ اُنن تي بہ جڻ هڪ وجد طاري هيو ۽ اهي هيٺن اڳتي وڌي رهيا هئا جو هر هڪ چاهيندو هو تہ

---

(1) قرباني جي مسئلن جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد 3 ص 327 کان 353 ۽ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي "اَبلَق گهوڙي سوار" جو مطالعو فرمايو.

پهريان مون کي نحر جي سعادت ملي وڃي.
(ابوداؤد ج 2 ص 211 حديث 1765)

ہر اک کی آرزو ہے پہلے مجھ کو ذَبح فرمائیں
تماشا کر رہے ہیں مرنے والے عیدِ قرباں میں (ذوقِ نعت)

﴿6﴾ بهتر اهو آهي ته ذبح جي وقت جانور جا ٻئي هٿ، هڪ پير ٻڌي ونو، ذبح ڪرڻ کان پوءِ کولي ڇڏيو، قرباني ڪري پنهنجي ۽ سڀني مسلمانن جي حج ۽ قرباني قبول ٿيڻ جي دعا ڪريو. (بهار شريعت ج 1 ص 1141) ﴿7﴾ ڏهينءَ جو قرباني ڪرڻ افضل آهي، يارهين ۽ ٻارهين جو به ڪري سگهو ٿا پر ٻارهين جو سج لهڻ تي قربانيءَ جو وقت ختم ٿي ويندو آهي.

## حاجي ۽ بقر عيد جي قرباني

**سوال:** حاجي تي بقر عيد جي قرباني واجب آهي يا نه؟

**جواب:** مُقِيم مالدار حاجي تي واجب آهي، مسافر حاجي تي ناهي جيتوڻيڪ مالدار هجي، بقر عيد جي قرباني جو حرم شريف ۾ هجڻ ضروري ناهي، پنهنجي ملڪ ۾ به ڪنهن کي چئي ڪري ڪرائي سگهجي ٿي، البت ڏينهن جو خيال رکڻو پوندو ته جتي قرباني ٿيندي اتي به جتي قرباني وارو آهي هتي به ٻنهي جڳهن تي قرباني جا ڏينهن

هجن، مقيم حاجي تي قرباني واجب ٿيڻ جي باري ۾ "اَلبَحرُالرَّائِق" ۾ آهي: جيڪڏهن حاجي مسافر آهي ته ان تي قرباني واجب ناهي، نه ته اهو (يعني مقيم حاجي) مڪّي وارن جيان آهي ۽ (غني هجڻ جي صورت ۾) ان تي قرباني واجب آهي. (البحرالرائق ج 2 ص 606) عالم سڳورن جنهن حاجي تي قرباني واجب نه هجڻ جو قول بيان ڪيو آهي، ان سان مراد اهو حاجي آهي جيڪو مسافر هجي. جيئن مبسوط ۾ آهي: قرباني شهر وارن تي واجب آهي، حاجين جي علاوه، ۽ هتي شهر وارن مان مراد مقيم آهن ۽ حاجين مان مراد مسافر آهن، مڪي وارن تي قرباني واجب آهي جيتوڻيڪ اهي حج ڪن. (المبسوط للسرخسي ج 6 الجزء الثاني عشر ص 24)

## قربانيءَ جا ٽوڪن

اڄڪلهه ڪيئي حاجي سڳورا بينڪ ۾ قرباني جي رقم جمع ڪرائي ٽوڪن حاصل ڪندا آهن اوهان ائين نه ڪيو، اداري جي ذريعي قرباني ڪرائڻ ۾ سراسر خطرو آهي ڇو ته مُتَمَتِّع ۽ قارن جي لاءِ اها ترتيب واجب آهي ته پهريان رمي ڪري پوءِ قرباني ۽ پوءِ حلق، جيڪڏهن ان ترتيب جي خلاف ڪيو ته دم واجب ٿي ويندو، جيڪڏهن اداري کي توهان رقم جمع ڪرائي ڇڏي، انهن جيتوڻيڪ

توهان جي قرباني جو وقت بہ ٻڌائي ڇڏيو پوءِ بہ توهان کي هن ڳالهہ جي خبر پوڻ تمام دشوار آهي تہ توهان جي قرباني وقت تي ٿي يا نہ؟ جيڪڏهن توهان قرباني کان اڳ ۾ ئي حلق ڪرائي ڇڏيو تہ توهان تي دم واجب ٿي ويندو. اداري جي ذريعي قرباني ڪرائڻ وارن کي اهو اختيار ڏنو ويندو آهي تہ جيڪڏهن اهي پنهنجي قربانيءَ جو صحيح وقت معلوم ڪرڻ چاهين تہ 30 ماڻهن تي هڪ نمائندو چونڊي وٺن، ان کي پوءِ "خصوصي پاس" جاري ڪئي ويندي آهي ۽ اهو وڃي سيني جون قربانيون ٿينديون ڏسي سگهي ٿو، هاڻي هتي بہ هي خطرو تہ موجود آهي تہ اداري وارا لکين جانور خريد ڪندا آهن ۽ انهن سيني جو بي عيب هئڻ قريب ناممڪن جي قريب آهي؟ اڪثر ڪاروان وارا بہ اجتماعي قربانين جي ترڪيب ڪندا آهن پر انهن مان بہ بعض جي بدعنوانين جا بدترين داستان آهن، بهرحال مناسب اهو آهي تہ پنهنجي قرباني توهان پاڻ ئي ڪريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "يا الله امت نبي کي بخش " جي سترهن اکرن جي نسبت سان حلق ۽ تقصير جا 17 مدني گل

﴿1﴾ حج ۽ عمري جو احرام کولڻ جي وقت وار

ڪوڙائڻ جي باري ۾ ٻہ فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو: وار ڪوڙائڻ ۾ هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي آهي ۽ هڪ گناهہ مٽايو ويندو آهي. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 135) ﴿2﴾ وار ڪوڙائڻ دوران جيڪو وار زمين تي ڪرندو اهو قيامت جي ڏينهن تنهنجي لاءِ نور هوندو. (ايضاً) ﴿3﴾ قرباني کان فارغ ٿي قبلي ڏانهن منهن ڪري اسلامي ڀائر حلق ڪن، يعني سڄي مٿي جا وار ڪوڙائي ڇڏين يا تقصير ڪن يعني گهٽ ۾ گهٽ مٿي جي چوٿائي (1/4) حصي جا وار آڱر جي سَنڌ جيترا ڪٽرايو. ٻن ٽن جڳهن تان ڪجهہ وار قينچي سان ڪٽڻ ڪافي ناهن ﴿4﴾ حلق هجي يا تقصير ساڄي پاسي کان ابتدا ڪريو ﴿5﴾ اسلامي ڀينرون صرف تقصير ڪرائن يعني مٿي جي چوٿائي (1/4) حصي جي وارن مان هر وار آڱر جي سَنڌ جيترو، ڪٽرائن يا پاڻ ئي قينچي سان ڪٽن، انهن کي مٿو ڪوڙائڻ حرام آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1142) (ياد رهي عورت جو غير مرد کان وار ڪٽائڻ تہ پري ان جي سامهون وار کولڻ بہ جائز ناهي) ﴿6﴾ وار جيئن تہ وڏا نندا هوندا آهن تنهنڪري هڪ سَنڌ کان وڌيڪ ڪٽرايو تہ جيئن سڀ وار گهٽ ۾ گهٽ هڪ سَنڌ جيترا ڪٽجي وڃن ﴿7﴾ هاڻي احرام کان ٻاهر ٿيڻ جو وقت اچي

ويو تہ هاڻي مُحْرِم (يعني احرام وارو) پنهنجو يا ٻئي جو
مٿو کوڙي يا قصر ڪري سگھي ٿو، جيتوڻيڪ ٻيو بہ
مُحرِم هجي ﴿8﴾ حلق يا تقصِير کان اڳ جيڪڏهن نُنهن
ڪٽرايا يا خط نهرايو، تہ ڪفارو لازم ايندو. ان موقعي تي
وار کوڙائڻ کان پوءِ مڇون ڪٽائڻ، ڏُن جي هيٺ وارا
وار کوڙائڻ مستحب آهن ﴿9﴾ حلق يا تقصير جو وقت
نحر جا ڏينهن آهن يعني ڏهہ، يارهن، ٻارهن ذُوالحِجَّة ۽
افضل ڏهہ ذُوالحِجَّة آهي، جيڪڏهن ٻارهينءَ تائين حلق يا
قصر نہ ڪيو تہ دم لازم ايندو. (عالمگيري ج 1 ص 231، ردالمحتار ج 3
ص 616) ﴿10﴾ جنهن جي مٿي تي وار نہ هجن، قدرتي طور
گنج هجي ان ڪي بہ پنهنجي مٿي تي پاڪي ڏيارڻ واجب
آهي. (عالمگيري ج 1 ص 231) ﴿11﴾ جيڪڏهن ڪنهن جي مٿي تي
ڦرڙيون هجن جن جي سبب مٿو نہ ته کوڙائي سگھي ۽
وار بہ ايترا وڏا ناهن جو ڪٽرائي سگھي تہ انهيءَ
مجبوري جي سبب ان تان کوڙائڻ ۽ ڪٽرائڻ معاف تي
ويو، ان ڪي بہ کوڙائڻ ۽ ڪٽرائڻ وارن جيان سڀ شيون
حلال ٿي ويون پر بهتر هي آهي تہ نحر جا ڏينهن ختم ٿيڻ
تائين بدستور اِحرام ۾ رهي. (ايضاً) ﴿12﴾ مِنىٰ ۾ حلق يا
تقصير ڪرائڻ سنّت، جڏهن تہ حرم جي حدن ۾ واجب

آهي، جيڪڏهن حرم جي حدن کان ٻاهر ڪيو تہ دم واجب ٿيندو ﴿13﴾ حلق يا تقصير جي دؤران هي تڪبير پڙهندا رهو، ۽ فارغ ٿي ڪري بہ پڙهو:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ؕ اَللّٰهُ اَكْبَرُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ؕ اَللّٰهُ اَكْبَرُ ؕ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ؕ

﴿14﴾ فارغ ٿيڻ کان پوءِ درود شريف پڙهي، هي دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اَثْبِتْ لِيْ لِكُلِّ شَعْرَةٍ حَسَنَةً وَّامْحُ عَنِّيْ بِهَا سَيِّئَةً وَّارْفَعْ لِيْ بِهَا عِنْدَكَ دَرَجَةً ؕ

ترجمو: اي الله منهنجي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي لکي ڇڏ ۽ هڪ گناهہ مٽائي ڇڏ ۽ پاڻ وٽ هر وار جي بدلي ۾ هڪ درجو بلند فرمائي. (احياء العلوم ج 1 ص 343) ۽ تمام اُمت جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪريو ﴿15﴾ مُفرِد جيڪڏهن قرباني ڪرڻ چاهي تہ ان جي لاءِ مُستَحب هي آهي تہ قرباني کان پوءِ حلق يا تقصير ڪرائي ۽ جيڪڏهن حلق کان پوءِ قرباني ڪئي تڏهن بہ حرج ناهي. تَمَتُّع ۽ قِران واري جي لاءِ حلق يا تقصير قرباني کان پوءِ ڪرڻ واجب آهي، جيڪڏهن پهريان حلق يا تقصير ڪندو تہ دم واجب ٿي ويندو آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1142) ﴿16﴾ وار دفن ڪري ڇڏيو ۽ هميشہ بدن مان جيڪا شيءِ وار ننهن، ڪل جدا ٿئي دفن ڪري ڇڏيندا ڪريو. (ايضاً

ص 1144) ﴿17﴾ حلق يا تقصير كان فارغ ٿيڻ کان پوءِ عورت سان صحبت ڪرڻ ۽ شهوت سان ان کي هٿ لڳائڻ چُمي ڏيڻ، شرم گاهه ڏسڻ کان علاوه جيڪو اِحرام حرام ڪيو هو سڀ حلال ٿي ويو. (ايضاً)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ”ڪعبي جو طواف“ جي ڏهن اکرن جي نسبت سان طواف زيارت جا 10 مدني گل

﴿1﴾ ”طوافُ الزِّيارة“ کي ”طوافِ اِفاضہ“ بہ چوندا آهن، هي حج جو ٻيو رڪن آهي، ان جو وقت ڏهين ذُوالحِجَّة جي صبح صادق کان شروع ٿيندو آهي ان کان پهريان نہ ٿي سگهندو. هن ۾ چار ڦيرا فرض آهن ۽ بغير ان جي طواف ٿيندو ئي نہ، ۽ حج بہ نہ ٿيندو ۽ ست ڦيرا پورا ڪرڻ واجب آهن ﴿2﴾ طوافُ الزِّيارة ڏهين ذوالحج جو ڪرڻ افضل آهي تنهن کري پهريان ”جَمْرَةُ الْعَقبہ“ جي ”رمي“ پوءِ ”قرباني“ ۽ ان کان پوءِ حلق يا تقصير مان فارغ ٿيو. هاڻي افضل هي آهي تہ ڪجهہ قرباني جو گوشت کائي ڪري پيادل مکي مڪرمہ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً حاضر ٿيو ۽ هي بہ افضل آهي تہ بابُ السَّلام کان مسجد الحرام شريف ۾ داخل ٿيو ﴿3﴾ افضل وقت تہ 10 تاريخ ئي آهي پر ٿئي

ڏينهن يعني ٻارهين جي غروب آفتاب تائين طوافِ زيارت ڪري سگهو ٿا، جيئن تہ 10 تاريخ جو رش گهڻي هوندي آهي تنهنڪري پنهنجي سهولت کي پيش نظر رکڻ بيحد مفيد رهندو. ائين ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ڪيئي تڪليف ده شين ۽ ڪجھ صورتن ۾ ٻين جي ايذاءُ عورتن سان گڏ وچڙ ٿيڻ، انهن سان بدن ٽڪرائڻ، نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي ٿيڻ وارن گناهن کان بچاءُ ٿي ويندو ﴿4﴾ باوضو ۽ سترِ عورت سان (يعني اوگهڙ ڍڪي) طواف ڪريو (اڪثر اسلامي ڀينرن جون ڪارايون طواف جي دوران کليل هونديون آهن، جيڪڏهن "طوافُ الزّيارة" جا چار ڦيرا يا ان کان وڌيڪ اهڙي طرح ڪيا جو ڪارائي يا مٿي جي وارن جو چوٿائي حصو کليل رهيو تہ دم واجب ٿي ويو، ها جيڪڏهن سَترِ عورت سان ان طواف جو اعادو (يعني ورائي) ڪيو تہ دم ساقط ٿي ويندو) ﴿5﴾ جيڪڏهن "قارن" ۽ "مُفرِد" "طوافِ قُدوم" ۾ ۽ "مُتَمَتِّع" حج جو اِحرام ٻڌڻ کان پوءِ ڪنهن نفلي طواف ۾ حج جي "رَمَل ۽ سعي" کان فارغ ٿي چڪا هجن تہ هاڻي طوافِ زيارت ۾ ان جي حاجت ناهي ﴿6﴾ جيڪڏهن حج جي "رَمَل ۽ سعي" کان پهريان فارغ نہ ٿيا تہ هاڻي روزمره جي لباس ۾ ڪري وٺو، ها "اِضطِباع" نہ

تي سگهندو چو تہ هاڻي ان جو موقعو نہ رهيو ﴿7﴾ جيڪو يارهين تي نہ ڪيو، ٻارهين جو ڪري وٺي ان ڪان پوءِ بنا عذر جي تاخير گناهہ آهي، جرماني ۾ هڪ قرباني ڪرڻي پوندي، ها مثلاً عورت کي حيض يا نفاس اچي ويو تہ ان جي ختم ٿيڻ ڪان پوءِ طواف ڪري پر حيض يا نفاس ڪان جيڪڏهن اهڙي وقت پاڪ ٿي جو وهنجي ڪري ٻارهين تاريخ ۾ سج لهڻ ڪان پهريان چار ڦيرا ڪري سگهي ٿي تہ ڪرڻ واجب آهي نہ ڪندي تہ گهنگار ٿيندي، ائين ئي جيڪڏهن ايترو وقت مليو جو طواف ڪري وٺي ها ۽ نہ ڪيائين هاڻي حيض يا نفاس اچي ويو تہ گهنگار ٿيندي. (ايضاً ص 1145) ﴿8﴾ جيڪڏهن طوافُ الزِّيارة نہ ڪيو تہ عورتون حلال نہ ٿينديون چاهي سال گذري وڃن.(عالمگيري ج 1 ص 232) اهڙي طرح زال نہ ڪيو تہ مڙس ان جي لاءِ حلال نہ ٿيندو ﴿9﴾ طواف ڪان فارغ ٿي ڪري ٻہ رڪعتون "واجبُ الطَّواف" بدستور ادا ڪريو، ان ڪان پوءِ "مُلْتَزَم" تي بہ حاضري ڏيو ۽ "آبِ زَمْ زَم" بہ خوب پيٽ ڀري پيئو ﴿10﴾ اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ مبارڪ هجيوَ جو توهان جو حج مڪمل ٿي ويو ۽ عورتون بہ حلال ٿي ويون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”يا رب! شيطان کان پناهہ ڏي“ جي ارڙهن اکرن جي نسبت سان يارهين ۽ ٻارهين جي رمي جا 18 مدني گل

﴿1﴾ يارهين ۽ ٻارهين ذوالحج جو ٽنهي شيطانن کي پٿريون هڻڻيون آهن، ان جي ترتيب هيءَ آهي: پهريان جَمَرَةُ الأُولىٰ (يعني ننڍو شيطان) پوءِ جَمَرَةُ الوُسطيٰ (يعني وچون شيطان) ۽ آخر ۾ جَمَرَةُ العَقَبہ (يعني وڏو شيطان) ﴿2﴾ ٻنپهرن (يعني ظهر جو وقت شروع ٿيڻ) کان بعد جَمَرَةُ الأُولىٰ (يعني ننڍي شيطان) تي اچو ۽ قبلي طرف منهن ڪري ست پٿريون هڻو (پٿري کڻڻ ۽ هڻڻ جو طريقو هن ئي ڪتاب جي صفحي 180 تي گذريو) پٿريون هڻي جَمَرَہ کان ٿورو اڳتي وڌي وڃو ۽ ڪابي هٿ جي طرف هٽي، قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻئي هٿ ڪلهن تائين کڻو، تريون آسمان جي طرف نہ بلڪ قبلي ڏانهن رهن.[1] هاڻي دعا ۽ اِستِغفار ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويهہ آيتون پڙهڻ جيتري مقدار مشغول رهو ﴿3﴾ هاڻي جَمَرَةُ الوُسطيٰ (يعني وچين شيطان) تي بہ اهڙي طرح ڪريو ﴿4﴾ پوءِ آخر ۾ جَمَرَةُ العَقَبہ (يعني وڏي شيطان) تي اهڙي طرح ”رمي“ ڪريو، جهڙي طرح توهان ڏهين تاريخ تي ڪئي هئي. (طريقو

---

(1) رمي جمار کان پوءِ دعا ۾ ترين جو رخ ڪعبي جي طرف هجي، حَجَرِ اَسوَد جي سامهون بيهڻ وقت ترين جو رخ حجر اسود جي طرف هجي ۽ باقي احوال ۾ آسمان جي طرف هجي

صفحي 180 تي گذريو) ياد رهي وڏي شيطان جي رمي کان پوءِ توهان کي ترسڻو ناهي، فورًا واپس موٽڻو آهي ۽ انهيءَ دؤران دعا بہ ڪرڻي آهي. (درست طريقو هي آهي پر هاڻي هڪدم واپس موٽڻ ممڪن ناهي رهيو، تنهنڪري پٺريون هٽي ڪري ڪجھ اڳيان وڃي ڪري "يوٽرن" جي ترڪيب ڪريو) ﴿5﴾ ٻارهين جو بہ اهڙي طرح ٽنهي جَمرات جي رمي ڪريو ﴿6﴾ يارهين ۽ ٻارهين جي رمي جو وقت زوالِ آفتاب (يعني ظهر جي ابتدائي وقت) کان شروع ٿيندو آهي، تنهنڪري يارهين ۽ ٻارهين جي رمي ٻنپهرن کان پهريان اصلاً (يعني بلڪل) صحيح ناهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1148) ﴿7﴾ ڏهين يارهين ۽ ٻارهين جي راتيون (يعني هر رات جو اڌ کان وڌيڪ حصو) مِنيٰ شريف ۾ گذارڻ سنّت آهي ﴿8﴾ ٻارهين جي "رمي" ڪري سج لهڻ کان اڳ ۾ اختيار آهي تہ مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّ تَعْظِيْمًا جي لاءِ روانا ٿي وڃو، پر سج لهڻ کان پوءِ هليو وڃڻ مَعْيُوب (ناپسنديده) آهي، هاڻي هڪ ڏينهن وڌيڪ ترسو، تيرهينءَ جو بدستور ٻنپهرن گذرڻ (يعني ظهر جي ابتدائي وقت) رمي ڪري مڪي شريف وڃڻو پوندو ۽ اهو افضل آهي ﴿9﴾ جيڪڏهن مِنيٰ شريف ۾ ئي تيرهين جو صبح صادق ٿي ويو. هاڻي رمي ڪرڻ واجب ٿي ويو،

جيڪڏهن بنا رمي ڪرڻ جي هليا ويؤ ته دم واجب ٿيندو ﴿10﴾ يارهين ۽ ٻارهين جي رمي جو وقت سج لڙڻ (يعني ظهر جو وقت شروع ٿيڻ) کان وٺي صبح تائين آهي، پر بنا ڪنهن عذر جي سج لهڻ کان پوءِ رمي ڪرڻ مڪروه آهي ﴿11﴾ تيرهين جي رمي جو وقت صبح صادق کان سج لهڻ تائين آهي، پر صبح کان ظهر جي ابتدائي وقت تائين مڪروه (تنزيهي) آهي، ظهر جو وقت شروع ٿيڻ کان پوءِ سنت آهي ﴿12﴾ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن جي رمي رهجي وئي ته ٻئي ڏينهن قضا ڪري ڇڏيو ۽ دم به ڏيڻو پوندو. قضا جو آخري وقت تيرهين جي سج لهڻ تائين آهي ﴿13﴾ رمي هڪ ڏينهن جي رهجي وئي ۽ توهان تيرهين جي سج لهڻ کان اڳ ۾ قضا ڪري ورتي تڏهن به، جيڪڏهن نه ڪئي ته تڏهن به يا هڪ کان وڌيڪ ڏينهن جي رهجي وئي بلڪ بلڪل رمي ڪئي ئي نه، ته هر صورت ۾ صرف هڪ دم ئي واجب آهي ﴿14﴾ وڌيڪ بچيل پٿريون ڪنهن کي ضرورت هجي ته ان کي ڏئي ڇڏيو يا ڪنهن پاڪ جڳهه تي رکي ڇڏيو، انهن کي جَمَرات تي اڇلائڻ مڪروه (تنزيهي) آهي ﴿15﴾ توهان پٿري هنئي ۽ اها ڪنهن جي مٿي وغيره تي لڳي ڪري جَمَره کي لڳي يا ٽن هٿن جي

مفاصلي تي ڪري تہ جائز آهي ﴿16﴾ ها، جيڪڏهن توهان جي پٿري ڪنهن تي ڪري ۽ ان هٿ وغيره کي لوڏيو ۽ ان سبب جيڪڏهن ان جڳهہ تائين پهچي وئي تہ ان جي بدلي ۾ ٻي هڻو ﴿17﴾ متين منزل کان رمي ڪئي ۽ پٿري جَمره جي چوڌاري نهيل پيالي جهڙي بائونڊري (چوديواري) ۾ ڪري تہ جائز آهي ڇوتہ بائونڊري تان ڪِسڪي يا جَمره کي لڳندي آهي يا ٿن هٿن جي مفاصلي جي اندر اندر ڪرندي آهي ﴿18﴾ جيڪڏهن شڪ هجي تہ پٿري جڳهہ تي پهتي يا نہ تہ ٻيهر هڻو. (بهار شريعت ج 1 ص 1146، 1148)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "والعياذ بالله" جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان رمي جا ٻارهن مڪروهہ

(نمبر 1 ۽ 2 سنّتِ مؤڪّده جي ترڪ ڪرڻ جي ڪري اِساءَت آهن، جڏهن تہ باقي سڀ مڪروه تنزيهي آهن)

﴿1﴾ ڏهينءَ جي رمي بغير مجبوري جي سج لهڻ کان پوءِ ڪرڻ (سنّتِ مؤڪّده جي خلاف هجڻ جي ڪري اِساءَت آهي) ﴿2﴾ جَمرات ۾ ترتيب جي خلاف ڪرڻ ﴿3﴾ تيرهين جي رمي ظهر جو وقت شروع ٿيڻ کان پهريان ڪرڻ ﴿4﴾ وڏو پٿر هڻڻ ﴿5﴾ وڏي پٿر کي ڀڃي ڪري پٿريون ناهڻ

﴿6﴾ مسجد جون پٿريون هٽڻ ﴿7﴾ جَمره جي هيٺان جيڪي پٿريون پيون آهي، انهن کي کڻي ڪري هڻڻ (مڪروه تنزيهي آهي) ڇو تہ اهي نامقبول پٿريون آهن جيڪي مقبول آهن اهي غيبي طور کڻيون وينديون ۽ قيامت جي ڏينهن نيڪين جي پلڙي ۾ رکيون وينديون ﴿8﴾ ڇاڻي واٽي ستن ڪان وڌيڪ پٿريون هڻڻ ﴿9﴾ ناپاڪ پٿريون هڻڻ ﴿10﴾ رمي جي لاءِ جيڪو طرف مقرر ٿيو ان جي اُبتڙ ڪرڻ ﴿11﴾ جَمرات کان پنج هٿن جي گهٽ مفاصلي تي بيهڻ، وڌيڪ ۾ ڪو حرج ناهي (البت اهو ضروري آهي تہ ويجهو هجي تڏهن پٿري هٽي وڃي، رکڻ رکڻ جي انداز ۾ نہ هجي) ﴿12﴾ هٽڻ ڪان پوءِ پٿري جَمَرَات جي پرسان اُڇلائي ڇڏڻ.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”يا خدا بار بار حج نصيب ڪر“ جي 19 اکرن جي نسبت سان طوافِ رُخصت جا 19 مدني گل

﴿1﴾ جڏهن رخصت جو ارادو هجي، ان وقت ”آفاقي حاجي“ تي طوافِ رخصت واجب آهي، نہ ڪرڻ واري تي دم واجب ٿيندو آهي. ان کي طواف وداع ۽ طواف صدر بہ چوندا آهن ﴿2﴾ ان ۾ اِضطِباع، رمل ۽ سعي ناهي ﴿3﴾ عمري وارن تي واجب ناهي ﴿4﴾ حيض ۽ نفاس واريءَ

جي سيٽ بُڪ آهي تہ وجي سگهي ٿي ان تي هاڻي هي طواف واجب ناهي ۽ دم بہ ناهي ﴿5﴾ طوافِ رخصت ۾ صرف طواف جي نيّت ئي ڪافي آهي، واجب ادا، وَداع (يعني رخصت) وغيره جا الفاظ نيّت ۾ شامل هجڻ ضروري ناهن، ايتري تائين جو طوافِ نفل جي نيت ڪئي تڏهن بہ واجب ادا ٿي ويو ﴿6﴾ سفر جو اِرادو هيو، طوافِ رخصت ڪري ورتو پوءِ ڪنهن سبب ڪان ترسڻو پيو، جيئن تہ گاڏي وغيره ۾ عام طور تي دير ٿي ويندي آهي ۽ اِقامت جي نيّت نہ ڪئي تہ اهو ئي طُواف ڪافي آهي، ٻيهر ڪرڻ جي ضرورت ناهي ۽ مسجد الحرام ۾ نماز وغيره جي لاءِ وڃڻ ۾ بہ ڪو حرج ناهي، ها مُستَحب هي آهي تہ وري طواف ڪري وٺي تہ جيئن آخري ڪم طواف رهي ﴿7﴾ طوافِ زيارت کانپوءِ جيڪو بہ پهريون نفلي طواف ڪيو اهو ئي طوافِ رخصت آهي ﴿8﴾ جيڪو بغير طواف جي رخصت ٿي ويو تہ جيستائين مِيقات کان ٻاهر ناهي ٿيو واپس اچي ۽ طواف ڪري وٺي ﴿9﴾ جيڪڏهن مِيقات کان ٻاهر ٿيڻ کان پوءِ ياد آيو تہ واپس وڃڻ ضروري ناهي، بلڪ دم جي لاءِ جانور حرم ۾ موڪلي ڇڏي، جيڪڏهن واپس ٿئي تہ عمري جو اِحرام ٻڌي ڪري واپس اچي ۽ عمري

ڪان فارغ ٿي ڪري طوافِ رخصت بجا آڻي ھاڻي ان صورت ۾ دم معاف ٿي ويندو ﴿10﴾ طوافِ رخصت جا ٽي ڦيرا ڇڏي ڏنا ته ھر ڦيري جي بدلي ۾ ھڪ ھڪ صدقو ڏئي ۽ جيڪڏھن چار ڪان گھڻ ڪيا آھن ته دم ڏيڻو پوندو ﴿11﴾ ٿي سگھي ته بيقراري سان روئندي روئندي طوافِ رخصت ڪيو ته ڪھڙي خبر آئنده اھا سعادت مُيَسّر ٿئي يا نه ٿئي ﴿12﴾ طواف ڪان پوءِ بدستور ٻه رڪعتون واجبُ الطّواف ادا ڪريو ﴿13﴾ طوافِ رخصت ڪان پوءِ بدستور زَمْزَم شريف تي حاضر ٿي آبِ زَمْزَم پيئو ۽ جسم تي وجھو ﴿14﴾ پوءِ ڪعبي جي دروازي جي سامھون بيھي ڪري ٿي سگھي ته آستاني پاڪ کي چُمو ۽ حج و زيارت جي قبوليّت ۽ بار بار حاضريءَ جون دعائون گھرو ۽ جامع دعا (يعني رَبَّنَا اٰتِنَا......الخ) يا ھي دعا پڙھو:

اَلسَّآئِلُ بِبَابِكَ يَسْأَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ وَمَعْرُوْفِكَ وَيَرْجُوْ رَحْمَتَكَ

ترجمو: تنھنجي دروازي تي سوالي تنھنجي فضل ۽ احسان جو سوال ڪري ٿو ۽ تنھنجي رحمت جو اميدوار آھي. (بھار شريعت ج 1 ص 1152)

﴿15﴾ مُلْتَزَم تي اچي ڪعبي جو غلاف پڪڙي سيني سان لڳايو، ذڪر و درود ۽ دعا جي ڪثرت ڪريو ﴿16﴾ پوءِ ممڪن ھجي ته حَجَرِ اَسْوَد کي چمو ۽ جن جي اکين ۾

ڳوڙها هجن تہ اهي وهائن ﴿17﴾ پوءِ ڪعبي شريف ڏانهن منهن ڪري پوئين پير يا معمول مطابق هلندي هلندي هر هر مُڙي ڪري ڪعبي پاڪ ڪي حسرت سان ڏسندي، ان جي جدائي تي ڳوڙها وهائيندي يا گهٽ ۾ گهٽ روئڻ جهڙي صورت ٺاهي مسجدُ الحرام مان هميشہ جيان کابو پير ٻاهر رکي نڪرو ۽ ٻاهر نڪرڻ جي دعا پڙهو ﴿18﴾ حيض ۽ نفاس واريءَ مسجد جي دروازي تي بيهي ڪري حسرت ڀري نگاھ سان روئي روئي ڪعبي شريف جي زيارت ڪري ۽ روئندي، دعا ڪندي واپس موٽي ﴿19﴾ پوءِ توفيق مطابق مڪي پاڪ جي فقيرن ۾ خيرات ورهايو.

(بهار شريعت ج 1 ص 1151، 1153)

يا الٰہی! ہر برس حج کی سعادت ہو نصیب

بعدِ حج جا کر کروں دیدارِ دربارِ حبیب

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حج بدل

جنهن تي حج فرض ٿئي ان جي طرفان ڪيو ويندڙ حجِّ بدل جا ڪجھ شرط آهن، پر نفلي حج جو ڪو شرط ناهي، هي تہ ايصالِ ثواب جي هڪ صورت آهي ۽ ايصالِ ثواب فرض نماز ۽ روزي، حج، زڪوٰة، صدقات ۽ خيرات

وغيره تمام عملن جو تي سگهي ٿو، تنهنڪري جيڪڏهن پنهنجي مرحوم والدين جي طرفان توهان پنهنجي مرضي سان حج ڪرڻ چاهيو يعني نہ انهن تي فرض هيو نہ انهن وصيت ڪئي هئي تہ ان جي لاءِ ڪي شرط ناهن. حج جو احرام والد يا والده جي نيّت سان ٻڌي ڇڏيو ۽ تمام حج جا عمل بجا آڻيو. ان سان هي فائدو ٿيندو جو انهن ڪي هڪ حج جو ثواب ملندو ۽ حج ڪرڻ واري کي حديث جي حڪم مطابق ڏهن حجّن جو ثواب عطا ڪيو ويندو. (دارقطني ج 2 ص 329 حديث 2587) تنهنڪري جڏهن بہ نفلي حج جي سعادت ملي تہ افضل اهو ئي آهي تہ والد يا والده جي طرفان ڪريو. ياد رهي! ايصالِ ثواب جي لاءِ ڪيو ويندڙ حجِ تَمَتُّع يا قِران جي قرباني واجب آهي ۽ حج ڪرڻ وارو پاڻ پنهنجي نيّت سان ڪري ان جو ايصال ثواب بہ ڪري.

## "يا خدا حج جو شرف عطا ڪر" جي سترهن اکرن جي نسبت سان حجِ بدل جا 17 شرط

هاڻي جن ماڻهن تي حج فرض ٿي چڪو آهي انهن جي حج بدل جا شرط پيش ڪيا وڃن ٿا:

﴿1﴾ جيڪو حج بدل ڪرائيندو هجي ان جي لاءِ ضروري آهي تہ ان تي حج فرض ٿي چڪو هجي، يعني

جيڪڏهن فرض نہ ٿيڻ جي باوجود ان حج بدل ڪرايو تہ فرض حج ادا نہ ٿيو. يعني بعد ۾ جيڪڏهن ان تي حج فرض ٿي ويو تہ پهريون حجِّ بدل ڪفايت نہ ڪندو ﴿2﴾ جنهن جي طرف کان حج ڪيو هجي، اهو ايتري قدر عاجز ۽ مجبور هجي جو خود حج نہ ڪري سگهي، جيڪڏهن انهيءَ قابل آهي پاڻ حج ڪري سگهي ٿو تہ ان جي طرفان حج بدل نہ ٿو ٿي سگهي ﴿3﴾ حج جي وقت کان موت تائين عُذر لاڳيتو باقي رهي يعني حج بدل ڪرائڻ کان پوءِ موت کان اڳ ۾ جيڪڏهن خود حج ڪرڻ جي قابل ٿي ويو تہ جيڪو حج ٻئي کان ڪرايو هو اهو ناڪافي ٿي ويو ﴿4﴾ ها! جيڪڏهن اهو ڪو اهڙو عذر هو جنهن جي ختم ٿيڻ جي اميد ئي نہ هئي مثال طور نابين آهي ۽ حج بدل ڪرائڻ کان پوءِ اکين وارو ٿي ويو تہ هاڻي ٻيهر حج ڪرڻ جي ضرورت ناهي ﴿5﴾ جنهن جي طرفان حجّ بدل ڪيو وڃي پاڻ ان حڪم ٻہ ڏنو هجي بغير ان جي حڪم جي حجّ بدل نہ ٿو ٿي سگهي ﴿6﴾ ها، وارث جيڪڏهن مُورِث (يعني وارث ڪرڻ واري) جي طرفان ڪيو تہ ان ۾ حڪم جي ضرورت ناهي ﴿7﴾ سيئي خرچ يا گهٽ ۾ گهٽ اڪثر خرچ موڪلڻ واري جي طرفان هجن. (ملخص از بهار شريعت ج 1

ص 1201، 1202) **﴿8﴾** وصيّت ڪئي هئي تہ منهنجي مال مان حج ڪرايو وڃي پر وارث پنهنجي پيسن مان ڪرايو تہ حجّ بدل نہ ٿيو، ها جيڪڏهن اها نيّت هجي تہ تَرڪي (يعني ميّت جي ڇڏيل ملڪيت) مان وٺندس تہ ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن وٺڻ جو ارادو ناهي تہ نہ ٿيندو، ۽ جيڪڏهن اَجنَبي پنهنجي پيسن مان حج بدل ڪرايو تہ نہ ٿيو، جيتوڻيڪ واپس وٺڻ جو ارادو هجي جيتوڻيڪ اهو مرحوم پاڻ انهيءَ حجّ بدل ڪرڻ لاءِ چئي ويو هجي.(ردالمحتار ج 4 ص 28) **﴿9﴾** جيڪڏهن ائين چيو تہ منهنجي طرف کان حج بدل ڪرايو وڃي ۽ هي نہ چيائين تہ منهنجي پيسن مان، هاڻي جيڪڏهن وارث خود پنهنجي ملڪيت مان حج بدل ڪرائي ڇڏيو ۽ واپس وٺڻ جو بہ ارادو نہ هجي، ٿي ويو. (ايضاً) **﴿10﴾** جنهن کي حڪم ڏنو اهو ٻئي کي جيڪڏهن جنهن کي حڪم ڏنو ان کنهن ٻئي کان ڪرايو تہ نہ ٿيو. (بهار شريعت ج 1 ص 1202) **﴿11﴾** ميّت جنهن جي باري ۾ وصيّت ڪئي هئي، ان جو جيڪڏهن انتقال ٿي ويو يا اهو وڃڻ تي راضي ناهي تہ هاڻي ٻئي کان حج ڪرايو ويو تہ جائز آهي. (ردالمحتار ج 4 ص 19) **﴿12﴾** حجّ بدل ڪرڻ وارو اڪثر رستو سواريءَ تي طئي ڪري نہ تہ حجّ بدل نہ ٿيندو ۽ خرچ موڪلڻ واري

ڪي ڏيڻو پوندو. ها جيڪڏهن خرچ ۾ ڪمي ٿئي ته پيادل به وڃي سگهي ٿو. (بهار شريعت ج 1 ص 1203) **﴿13﴾** جنهن جي طرفان حج بدل ڪرڻو آهي انهيءَ جي وطن کان حج جي لاءِ وڃي. (ايضاً) **﴿14﴾** جيڪڏهن حڪم ڏيڻ واري "حج" جو حڪم ڏنو هو ۽ جنهن کي حڪم ڏنو ويو ان خود حج تَمَتُّع ڪيو ته خرچ واپس ڪري ڇڏي. (فتاويٰ رضويه ج 10 ص 660) ڇوته "حَجِّ تَمَتُّع" ۾ حج جو احرام "حڪم ڏيڻ واري جي ميقات" کان نه ٿيندو بلڪ حرم مان ئي ٻڌبو، ها، جيڪڏهن حڪم ڏيڻ واري جي اجازت سان ائين ڪيو ويو (يعني حجِّ تَمَتُّع ڪيو ويو) ته حرج ناهي **﴿15﴾** "وصي" (يعني جنهن کي وصيت ڪري ويو هو ته تون منهنجي طرفان حج ڪرائي ڇڏجانءِ ان) جيڪڏهن ميّت جي ڇڏيل ملڪيت جو ٽيون حصو ايترو هو جو وطن مان ماڻهو موڪلي سگهجي ٿو، پوءِ به جيڪڏهن ٻي جڳهه تان موڪليو ته هي حجّ ميّت جي طرفان نه ٿيو، ها اها جڳهه وطن جي ايترو ويجهو هجي جو اتي وڃي رات ٿيڻ کان اڳ واپس اچي سگهي ٿو ته ٿي ويندو، نه ته ان کي گهرجي ته خود پنهنجي ملڪيت مان ميّت جي طرفان ٻيهر حج ڪرائي. (عالمگيري ج 1 ص 259، ردالمحتار ج 4 ص 27) **﴿16﴾** جنهن حج جو حڪم ڏنو آهي انهيءَ

جي نيّت سان حج ڪري ۽ افضل هي آهي ته زبان سان به لَبَّيۡکَ عَنۡ فُلاَنٍ [1] چوي يا جيڪڏهن ان جو نالو وسري ويو ته هي نيّت ڪري جنهن موڪليو (يا جنهن جي لاءِ موڪليو) آهي ان جي طرفان ڪيان ٿو. (ردالمحتار ج 4 ص 20) ﴿17﴾ جيڪر احرام ٻڌڻ وقت نيت ڪرڻ وسري وئي ته جيستائين حج جا رُڪنَ شروع نه ڪيا هجن، اختيار آهي ته نيّت ڪري وٺي. (ايضاً ص 18)

## "اڇو حج ڪيون" جي نو اکرن جي نسبت سان حج بدل جا 9 مختلف مَدني گل

﴿1﴾ وصي (يعني وصيت ڪرڻ وارو) هن سال ڪنهن کي حجِّ بدل جي لاءِ مقرر ڪيو پر اهو هن سال نه ويو، آئنده سال وڃي ادا ڪيائين، ادا ٿي ويو، ان تي ڪو جُرمانو ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 260) ﴿2﴾ حجِّ بدل ڪرڻ واري جي لاءِ ضروري آهي ته جيڪو ڪجهه بچيو آهي اهو واپس ڪري ڇڏي جيتوڻيڪ تمام ٿوري شيء هجي، ان کي رکي ڇڏڻ جائز ناهي، جيتوڻيڪ شرط رکيو هجي ته جيڪو ڪجهه بچيو اهو واپس نه ڏيندس جو اها شرط

(1) فلاڻي جي بدران جنهن جي نالي تي حج ڪرڻ چاهي ٿو، ان جو نالو ڪٺي مثلا لَبَّيۡکَ عَنۡ عَبۡدِ الرَّحۡمٰنِ اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡکَ الخ)

باطل آهي، ها ٻن صورتن ۾ رکڻ جائز آهي: (1) موکلڻ وارو ان کي وکيل ڪري ته جيڪو ڪجهه بچي وڃي اهو پنهنجو پاڻ کي هِبه (يعني تحفي طور کڻي) ڪري قبضو ڪجانءِ. (2) هي ته موکلڻ وارو مرڻ ڪنديءَ تي هجي ۽ هن طرح وصيت ڪري ته جيڪو ڪجهه بچي، ان جي مون توکي وصيت ڪئي. (ملخص از بهار شريعت ج 1 ص 1210. درمختار، ردالمحتار ج 4 ص 38) ﴿3﴾ بهتر هي آهي ته جنهن کي حجّ بدل جي لاءِ موکليو وڃي پهريان اهو پنهنجو فرض حجّ کان بري ٿي چڪو هجي. جيڪڏهن اهڙي کي موکليو جنهن خود حج ناهي ڪيو تڏهن به حجّ بدل ٿي ويندو. (عالمگيري ج 1 ص 257) اهڙو شخص جنهن فرض هجڻ باوجود حج نه ڪيو هجي ان کي حجّ بدل تي موکلڻ مکروه تحريمي آهي. (المسلک المتقسط للقاري ص 453) ﴿4﴾ بهتر اهو آهي ته اهڙي شخص کي موکليو، جيڪو حج جي ارڪان ۽ طريقي کان آگاهه هجي، جيڪڏهن مُراهِق يعني بالغ ٿيڻ جي ويجهو تيل ٻار کان حجّ بدل ڪرايو تڏهن به ادا ٿي ويندو. (بهار شريعت ج 1 ص 1204، درمختار ج 4 ص 25) ﴿5﴾ موکلڻ واري جي پيسن مان نه ڪنهن کي کاڌو کارائي سگهي ٿو نه فقير کي ڏئي سگهي ٿو، ها جيڪڏهن موکلڻ واري اجازت

ڏني هجي تہ حرج ناهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1210، لباب المناسک ص 457) ﴿6﴾ هر قسم جي اختياري ڏوهہ جا دم خود حجِّ بدل ادا ڪرڻ واري تي آهن، موڪلڻ واري تي ناهن ﴿7﴾ جيڪڏهن ڪنهن نہ خود حج ڪيو هجي، نہ وارثن کي وصيت ڪئي هجي ۽ انتقال ڪري ويو ۽ وارث پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي طرف کان حج بدل ڪرايو (يا پاڻ ڪيو) تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اميد آهي تہ ان جي طرف کان ادا ٿي ويندو. (عالمگيري ج 1 ص 258) ﴿8﴾ حجِّ بدل ڪرڻ وارو جيڪڏهن مڪي مڪرمہ ۾ ئي ترسي پيو تڏهن بہ جائز آهي پر افضل هي آهي تہ واپس اچي، اچڻ وڃڻ جو خرچ موڪلڻ واري جي ذمي تي آهي. (ايضاً) ﴿9﴾ حجِّ بدل ڪرڻ وارو موڪلڻ واري جي رقم سان مديني شريف جو هڪ ڦيرو سفر ڪري سگهي ٿو، مڪي مديني جي زيارتن تي خرچ نہ ٿو ڪري سگهي، وچين درجي جو کاڌو کائي، جنهن ۾ گوشت بہ داخل آهي، البت سيخ ڪباب، چرغہ وغيره عمده کاڌو، مٺايون، ٿڌيون بوتلون، ميوات وغيره نٿا کائي سگهو، ۽ کجورون، تسبيحات وغيره تَبَرُّڪات وٺڻ جي اجازت ناهي. (حج بدل جي وڌيڪ تفصيل جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت ج 1 ص 1199 کان 1211 جو مطالعو ضروري آهي)

# مديني جي حاضري

حسنؔ حج کرلیا کعبے سے آنکھوں نے ضِیا پائی
چلو دیکھیں وہ بستی جس کا رَستہ دل کے اندر ہے

## شوق وڌائڻ جو طريقو

مديني شريف زادھا اللہ شرفاً وّتعظیماً جو مُقَدَّس سفر اوهان کي مبارڪ هجي! سڄي رستي ۾ درود و سلام جي ڪثرت ڪريو، ۽ نعتيہ اَشعار پڙهندا رهو يا ٽي سگهي تہ ٽيپ رڪارڊر تي سُريلي آواز وارن نعت خوانن جون ڪيسيٽون ٻڌندا رهو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ طرح شوق ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. مديني شريف جي عظمت ۽ رفعت جو تصور ڪندا رهو، ان جي فضائل تي غور ڪندا رهو[1] ان سان بہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جو شوق ويتر وڌندو.

## مدينو ڪيتري دير ۾ ايندو!

مڪي مڪرم زادھا اللہ شرفاً وّتعظیماً کان مديني منور زادھا اللہ شرفاً وّتعظیماً جو فاصلو تقريباً 425 ڪلوميٽر آهي جنهن ڪي عام

---

(1) مڪي مديني ۾ رهڻ دوران، مڪي مديني جي فضائل تي مشتمل ڪتابن جو مطالعو ذوق وڌائڻ جو بهترين ذريعو آهي، ۽ عشقِ رسول وڌائڻ جي لاءِ اعليٰ حضرت جو نعتيہ ديوان "حدائقِ بخشش" ۽ استاد زمن مولانا حسن رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جو ڪلام "ذوقِ نعت" جو خوب مطالعو فرمايو.

ڏينهن ۾ بس 5 ڪلاڪن ۾ طئي ڪندي آهي پر حج جي ڏينهن ۾ ڪجهه مَصلحتن جي ڪري رفتار گهٽ رکي ويندي آهي ۽ پهچڻ ۾ بس تقريباً 8 کان 10 ڪلاڪ وٺندي آهي "مرڪز اِستقبال حُجّاج" تي اچي رکندي آهي، هتي پاسپورٽ جو اِندراج ٿيندو آهي ۽ پاسپورٽ رکي ڪري هڪ ڪارڊ جاري ڪيو ويندو آهي جنهن کي حاجي سنڀالي رکن، هتي جي ڪاروائي ۾ ڪڏهن ته ڪيئي ڪلاڪ لڳي ويندا آهن، صبر جو ڦَل مٺو هوندو آهي، عنقريب اوهان ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مٺي مديني جي گهٽين جا جلوا ماڻيندؤ، جلد ئي اوهان گنبدِ خَضرا جي ديدار سان پنهنجون اکيون ٺڏيون ڪندؤ، جيئن ئي پري کان مسجد نبوي شريف علي صاحبها الصّلوٰة والسّلام جا مينارِ نور بار پُر وقار تي نظر پوندي سبز سبز گنبذ نظر ايندو ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جي دل ۾ هلچل مچي ويندي، بي اختيار توهان جي اکين مان ڳوڙها نڪري پوندا.

صابر کمالِ ضبط کی کوشش تو کی مگر
پلکوں کا حلقہ توڑ کر آنسو نکل گئے

مديني جي هوائن سان توهان جو دماغ مُعَطّر ٿي رهيو هوندو ۽ توهان پنهنجي روح ۾ تازگي محسوس

ڪري رهيا هوندؤ، تي سگهي ٿي تہ پيرين اگهاڙي روئندي مديني شريف زادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيمًا جي فضائن ۾ داخل ٿيو.

جُوتے اُتار لو چلو باہوش باادب

دیکھو مدینے کا حسیں گلزار آ گیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پيرين اُگهاڙي رهڻ جو قرآني دليل

۽ هتي پيرين اگهاڙي رهڻ ڪو خلافِ شرع ڪم بہ ناهي بلڪ مُقدَّس سر زمين جو سراسر ادب آهي، جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان ڪلام ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو:

فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۚ اِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ﴿۱۲﴾ (پ 16 طٰهٰ 12)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ تون پنهنجا جوتا لاهہ، بيشڪ تون طويٰ جي پاڪ وادي ۾ آهين.

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! جڏهن طور سينا جي مُقدَّس وادي ۾ حضرت سيّدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي خود الله تَبَارَڪ و تَعاليٰ جوتا لاهڻ جو حڪم فرمائي ۽ مدينو تہ وري بہ مدينو آهي، هتي جيڪڏهن پيرين اگهاڙو رهجي تہ ڪيڏي وڏي سعادت آهي. ڪروڙين مالڪين جي

امام حضرتِ سيّدنا امام مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ مديني پاڪ جي گهٽين ۾ پيرين اُگهاڙي هلندا هئا. (الطبقات الكبرىٰ للشعراني الجزء الاول ص 76) پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مديني منور ۾ ڪڏهن گهوڙي تي سوار نہ ٿيندا هئا، فرمائيندا هئا: مون کي الله عَزَّوَجَلَّ کان حياءُ ايندو آهي جو انهيءَ مبارڪ زمين کي پنهنجي گهوڙي جي قدمن جي هينان لتاڙيان جنهن ۾ ان جا پيارا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موجود آهن. (يعني پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ روضو آهي) (احياءُ العلوم ج ۱ ص 48)

اے خاکِ مدینہ! تُو ہی بتا میں کیسے پاؤں رکھوں یہاں
تُو خاکِ پا سرکار کی ہے آنکھوں سے لگائی جاتی ہے

## حاضريءَ جي تياري ڪريو

هاڻي روضہِ رسول عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي حاضري کان اڳ ڪمري وغيره جو بندوبست ڪري ڇڏيو، بُک اُڃ وغيره آهي تہ ڪائي پي وٺو، مطلب تہ هر اها ڳالهہ جيڪا خُشُوع و خُضُوع ۾ رڪاوٽ بڻجي ان کان فارغ ٿي وڃو. هاڻي تازو وضو ڪريو ان ۾ ڏندڻ ضرور ڪريو بلڪ بهتر هي آهي تہ غسل ڪريو، ڌوتل ڪپڙا بلڪ ٿي سگهي تہ نئون اڇو لباس پايو، نئون عمامو شريف وغيره پايو، سرمو ۽ خوشبو لڳايو، ۽ مشڪ افضل آهي، هاڻي روئندا

دربار جي طرف وڌو. (بهار شريعت ج 1 ص 1223)

## سُبْحٰنَ الله! سبز گنبذ اچي ويو

هي ڏسو! اهو سبز سبز گنبذ جنهن کي توهان تصويرن ۾ ڏٺو هو، خيالن ۾ چُميو هو، هاڻي سچ پچ توهان جي اکين جي سامهون آهي.

اَشکوں کے موتی اب نچھاوَر زائرو کرو وہ سبز گُنبد مَنبعِ اَنوار آ گیا
اب سَر جھکائے بااَدب پڑھتے ہوئے دُرُود
روتے ہوئے آگے بڑھو دَربار آ گیا (وسائل بخشش ص۴۷۳)

ها! ها! هي اهو ئي سبز گنبذ آهي، جنهن کي ڏسڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جون دليون بيقرار رهنديون آهن، اکيون ڳوڙها وهائينديون آهن، خدا جو قسم! رسول صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي کان حَسين ۽ عظيم جڳهه دنيا جي ڪنهن هنڌ ۾ ته نهيو پر جنّت ۾ به ناهي،

فِردوس کی بُلندی بھی چُھو سکے نہ اِس کو
خُلدِ بریں سے اُونچا میٹھے نبی کا روضہ (وسائل بخشش ص۲۹۸)

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "وسائل بخشش" جي صفحي 298 جي حاشيي ۾ آهي: روضہ جي لفظي معنيٰ آهي باغ، شعر ۾ روضي سان مراد زمين جو اهو حصو جنهن تي رحمت عالم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو جسمِ مُعَظَّم تشريف فرما آهي،

هن جي فضيلت بيان ڪندي فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: محبوب داور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم انور سان زمين جو جيڪو حصو لڳل آهي اهو ڪعبي شريف کان بلڪ عرش ۽ ڪرسي کان بہ افضل آهي. (درمختار ج 4 ص 62)

## باب البَقِيع کان حاضر ٿيو

هاڻي سراپاءِ ادب ۽ هوش بڻجي، ڳوڙها وهائيندي يا روئڻ نہ اچي تہ گهٽ ۾ گهٽ روئڻ جهڙي صورت بڻائي بابُ البَقِيع [1] تي حاضر ٿيو ۽ اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ الله عرض ڪري ٿورو ترسو، ڄڻ سرڪارِ ذي وقار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شاهي دربار ۾ حاضري جي اجازت گهري رهيا آهيو. هاڻي بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهي پنهنجو ساڄو قدم مسجد شريف ۾ رکو ۽ سَراپاءِ ادب بڻجي ڪري مسجد نبوي علي صاحبها الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ داخل ٿيو. ان وقت جيڪو ادب ۽ تعظيم فرض آهي، اهو هر عاشق رسول جي دل ڄاڻي ٿي،

---

[1] هي مسجد النبوي علي صاحبها الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پاسي اوڀر پاسي آهي. عموماً دربان باب البَقِيع کان حاضريءَ جي لاءِ وڃڻ ناهن ڏيندا، تنهن ڪري ماڻهو باب السَّلام کان ئي حاضر ٿيندا آهن، اهڙيءَ طرح حاضريءَ جي شروعات ۾ مٿي مبارڪ کان ٿيندي ۽ اهو ادب جي خلاف آهي ڇوتہ بزرگن جي خدمت ۾ حاضري ڏيڻ لاءِ قدمن جي طرف کان اچڻ ئي ادب آهي، جيڪڏهن باب البقيع کان حاضري نہ ٿئي تہ بابُ السَّلام کان حاضري ۾ حرج ناهي، رش وغيره نہ هجي تہ ڪوشش ڪريو تہ بابُ البَقِيع کان حاضري ٿي سگهي ٿي.

هٿ پير، اک، کن، زبان، دل سڀ غير جي خيالن کان پاڪ ڪري ڇڏيو ۽ روئندا اڳتي وڌو، هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسو، نہ ئي مسجد جا نقش نگار ڏسو. بس هڪ ئي تڙپ، هڪ ئي تانگهہ، هڪ ئي خيال هجي تہ پڃگل ڏوهاري پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ پيش ٿيڻ جي لاءِ پهتو آهي.

چلا ہوں ایک مجرم کی طرح میں جانبِ آقا
نظر شرمندہ شرمندہ، بدن لرزیدہ لرزیدہ

## شُڪراني جي نماز

هاڻي جيڪڏهن مڪروهہ وقت نہ هجي ۽ شوق جو غلبو مهلت ڏئي تہ ٻہ ٻہ رڪعتون تحيةُ المسجد ۽ بارگاهہ اَقْدَس جي شڪراني جي طور تي ادا ڪريو، پهرين رڪعت ۾ "اَلحَمد" کان پوءِ قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۽ ٻي ۾ "اَلحَمد" کان پوءِ قُل هُوَ الله شريف پڙهو.

## سونهري ڄارين جي سامهون

هاڻي ادب ۽ شوق سان ڪنڌ جهڪائي، اکيون هيٺ ڪري، ڳوڙها وهائيندين، ڏڪندي، ڪنبدي، گناهن جي ندامت کان شرمسار ٿيندي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضل ۽ ڪرم جي اميد رکندي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي قدمَين شَريفَين[1] جي طرف کان سونهري ڄارين جي سامهون مُوَاجهي شريف ۾ (يعني چهري مبارڪ جي سامهون) حاضر ٿيو جو سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مزار پُر اَنوار ۾ قبلي ڏانهن منهن ڪري جلوه اَفروز آهن، مبارڪ قدمن واري پاسي کان توهان حاضر ٿيندؤ ته سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاهِ بيڪس پناه سنئون سڌو توهان جي طرف هوندي ۽ اها ڳالهه اوهان جي لاءِ ٻنهي جهانن ۾ ڪافي آهي.

(بهار شريعت ج 1 ص 1224)


## مُواجَهه شريف جي حاضري[2]

هاڻي سراپا ادب بڻجي قنديل جي هيٺان ان چانديءَ جي ڪِليَن جي سامهون جيڪي سونهري ڄارين جي دروازي مبارڪ ۾ مٿئين پاسي اوپر جي طرف لڳل آهن قبلي کي پٺي ڏئي گهٽ ۾ گهٽ چار هٿ (يعني ٻه گز) پري نماز وانگر هٿ ٻڌي ڪري سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

---

(1) باب البقيع کان حاضري ملي ته پهرين قدمين شريفين ايندا ۽ بابُ السّلام سان اچون ته پهريان سر اقدس ايندو

(2) ماڻهو عام طور تي وڏي سوراخ کي "مواجهو شريف" سمجهندا آهن، بلڪ اڪثر اُردو ڪتابن ۾ به اهو ئي لکيل آهي، پر رفيق الحرمين ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تحقيق جي مطابق مواجهي شريف جي نشاندهي ڪئي وئي آهي.


رخ چہرہ مبارک صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم


رخ چہرہ مبارک صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم





گنبذِ خضريٰ جي هڪ قديم يادگار تصوير

چهري مبارڪ جي طرف منهن ڪري بيهي رهو جو "فتاويٰ عالمگيري" وغيره ۾ اهو ئي ادب لکيل آهي تہ يَقِفُ كَمَا يَقِفُ فِي الصَّلٰوة يعني سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ اهڙي طرح بيهي جهڙي طرح نماز ۾ بيهندو آهي. يقين ڪريو! سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مزار پُر انوار ۾ سچي حقيقي دنياوي جسماني حيات سان اهڙي طرح زنده آهن جهڙي طرح وفات کان پهريان هئا ۽ اوهان کي بہ ڏسي رهيا آهن بلڪ توهان جي دل ۾ جيڪي خيالات اچي رهيا آهن انهن کان بہ آگاھ آهن. خبردار! جاري مبارڪ کي چُمڻ يا هٿ لڳائڻ کان بچو ڇو تہ اسان جا هٿ ان قابل ئي ناهن جو جاري مبارڪ کي لڳائي سگهجن، تنهنڪري چار هٿ (يعني ٻہ گز) پري ئي رهو. سندن جي اها رحمت گهٽ آهي جو توهان کي مَوَاجَھہ شريف جي ويجهو گهرايائون، ۽ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاھِ ڪرم جيتوڻيڪ هر جڳهہ اوهان جي طرف هئي، هاڻي خصوصيت سان ۽ ايتري ويجهڙائي کان توهان جي طرف آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1224، 1225)

دِيدار کے قابل تو کہاں میری نظر ہے
یہ تیری عنایت ہے جو رُخ تیرا اِدھر ہے

# بارگاهہ رسالت ۾ سلام عرض ڪريو

هاڻي ادب ۽ شوق سان غمگين، درد ڀريي آواز ۾، پر آواز ايترو بلند ۽ سخت نہ هجي جو سمورا عمل ئي ضايع ٿي وڃن، نہ ئي بلڪل هلڪو جو هي بہ سنّت جي خلاف آهي، وچٿري آواز ۾ هنن لفظن سان سلام عرض ڪريو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا خَيْرَ خَلْقِ اللّٰهِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا شَفِيْعَ الْمُذْنِبِيْنَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ وَاُمَّتِكَ اَجْمَعِيْنَ ؕ

ترجمو: **اي نبي** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم **توهان تي سلام ۽ الله** عزوجل **جي رحمت ۽ برڪتون، اي الله** عزوجل **جا رسول** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم **توهان تي سلام، اي الله** عزوجل **جي تمام مخلوق کان بهتر توهان تي سلام. اي گناهگارن جي شفاعت ڪرڻ وارا توهان تي سلام. توهان تي، توهان جي آل ۽ اصحابن تي ۽ توهان جي تمام اُمت تي سلام.**

جيستري تائين زبان ساٿ ڏئي، دل ساٿ ڏئي، مختلف لقبن سان سلام عرض ڪندا رهو، جيڪڏهن القاب ياد نہ هجن تہ اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ هر هر پڙهندا رهو.

جن جن ماڻهن توهان کي سلام جي لاءِ چيو آهي، انهن جو بہ سلام عرض ڪريو. جيڪي عاشقانِ رسول هي ڪتاب پڙهن، اهي مون سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه جو سلام عرض ڪن تہ مون گهنگارن جي سردار تي عظيم احسان ٿيندو. هتي خوب دعائون گهرو ۽ بار بار هن طرح شفاعت جي خيرات گهرو: اَسْئَلُكَ الشَّفَاعَةَ يَا رَسُوْلَ الله يعني يا رسول الله صلّى الله تعالى عليه واله وسلّم! توهان کان شفاعت جو سوال ڪريان ٿو.

## صديق اڪبر رضي الله تعالى عنه جي خدمت ۾ سلام

پوءِ اوير جي طرف (يعني پنهنجي ساڄي هٿ جي طرف) اڌ گز جيترو هٽي ڪري (ويجهو واري ننڍي سوراخ جي طرف) حضرتِ سيّدُنا صديقِ اڪبر رضي الله تعالى عنه جي چهري مبارڪ جي سامهون هٿ ٻڌي ڪري ڪين سلام عرض ڪريو، بهتر هي آهي تہ هن طرح سلام عرض ڪريو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا خَلِيْفَةَ رَسُوْلِ اللهِ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا وَزِيْرَ رَسُوْلِ اللهِ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا صَاحِبَ رَسُوْلِ اللهِ فِي الْغَارِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط

ترجمو: اي رسول الله جا خليفہ! توهان تي سلام، اي رسول الله جا وزير توهان تي سلام، اي غار ثور ۾ رسول الله جا رفيق توهان تي سلام ۽ الله

عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون ۽ برڪتون.

## فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ سلام

پوءِ ايترو ئي وڌيڪ اوپر جي طرف (يعني پنهنجي ساڄي هٿ جي طرف) ٿورو سِرڪي ڪري (آخري سوراخ ڏانهن) حضرتِ سيّدُنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سامهون عرض ڪريو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا اَمِيْرَ الْمُؤْمِنِيْنَ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا مُتَمِّمَ الْاَرْبَعِيْنَ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا عِزَّ الْاِسْلَامِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط

ترجمو: اي امير المؤمنين توهان تي سلام، اي چاليهه جو عدد پورو ڪرڻ وارا توهان تي سلام، اي اسلام ۽ مسلمانن جي عزّت، توهان تي سلام ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون ۽ برڪتون.

## ٻيهر ڳڏجي شيخين جي بارگاهه ۾ سلام

ٻيهر ڳرانٺ جيترو اولهه جي طرف يعني پنهنجي کاٻي هٿ جي طرف سِرڪي وڃو ۽ ٻنهي ننڍن سوراخن جي وچ ۾ بيهي ڳڏجي صديق اڪبر ۽ فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي خدمت ۾ هيئن سلام عرض ڪريو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمَا يَا خَلِيْفَتَیْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمَا يَا وَزِيْرَیْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمَا يَا ضَجِيْعَیْ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ؕ اَسْئَلُكُمَا الشَّفَاعَةَ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَعَلَيْكُمَا وَبَارَكَ وَسَلَّمَ ؕ

ترجمو: اي رسول الله صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم جا ٻئي خليفو! توهان ٻنهي تي سلام. اي رسول الله جا ٻئي وزيرؤ! توهان ٻنهي تي سلام اي رسول الله جي پر ۾ آرام فرمائڻ وارؤ (ابو بکر ۽ عمر رضی الله تعالیٰ عنهما) توهان ٻنهي تي سلام هجي ۽ الله عزوجل جون رحمتون ۽ برڪتون. توهان ٻنهي کان سوال ڪريان ٿو تہ رسول الله صلی الله تعالیٰ علیه واله وسلم جي بارگاهہ ۾ منهنجي سفارش ڪيو، الله عزوجل انهن تي ۽ توهان ٻنهي تي درود و برڪت ۽ سلام نازل فرمائي.

## هي دعائون گهرو

هي تمام حاضريون دعا جي قبوليت جون جڳهون آهن، هتي دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون گهرو، پنهنجي والدين، پيرو مرشد، استاد، اولاد، ، خاندان وارن، دوست ۽ احباب ۽ سڀني امت جي لاءِ دعاءِ مَغفِرت ڪيو، ۽ شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت گهرو، خصوصًا مُواجهي شريف ۾ نعتيہ اشعار عرض ڪريو، جيڪڏهن هتي سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه جي طرفان هي مَقْطَع بارهن ڀيرا

عرض ڪريو تہ عظيم احسان ٿيندو.

پڑوسی خُلد میں عطّار کو اپنا بنالیجے
جہاں ہیں اِتنے اِحساں اور اِحساں یارَسُولَ اللّٰہ

## "مدينة المنورة" جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان بارگاهه رسالت ۾ حاضري جا 12 مدني گل

﴿1﴾ مِنبرِ اَطْهَر جي ويجهو دعا گهرو ﴿2﴾ جنت جي باغيچي ۾ (يعني جيڪا جڳهه منبر ۽ حُجْره منور جي وچ ۾ آهي ان کي حديث ۾ جنت جو باغيچو فرمايو ويو آهي) اچي ڪري ٻه رڪعت نفل غير مڪروه وقت ۾ پڙهي ڪري دعا ڪريو ﴿3﴾ جيستائين مدينہ طيبہ زادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً جي حاضري نصيب ٿئي هڪ ساهه بہ بيڪار نہ وڃڻ ڏيو ﴿4﴾ ضرورت کان سواءِ اڪثر وقت مسجد نبوي شريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ طهارت سان حاضر رهو، نماز ۽ تلاوت، ذِڪر و درود ۾ وقت گذاريو، دنيا جي ڳالهه ڪنهن بہ مسجد ۾ نہ ڪيو ﴿5﴾ مديني شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً ۾ روزو نصيب ٿئي خاص ڪري گرمي ۾ تہ ان جي ڇا ڳالهه ڪجي، جو ان تي شفاعت جو واعدو آهي ﴿6﴾ هتي هر نيڪي هڪ جي بدلي پنجاهه هزار لکي ويندي آهي، تنهنڪري عبادت جي وڌيڪ ڪوشش ڪيو، کائڻ پيئڻ جي ڪمي ضرور ڪيو ۽


جنَّت جو باغ
مسجدِ نبوي جو محراب


جنَّت جو باغ
مسجدِ نبوي جو محراب





ڪعبةُ الله جي هڪ قديم يادگار تصوير

جيستائين تي سگهي تہ تَصَدُّق (يعني خيرات) ڪيو، خاص
ڪري هتان وارن تي ﴿7﴾ قرآن شريف جو گهٽ ۾ گهٽ
هڪ ختم هتي، ۽ هڪ حطيمِ ڪعبي شريف ۾ ڪريو ﴿8﴾
روضي پاڪ تي نظر عبادت آهي جيئن ڪعبي شريف يا
قرآن شريف کي ڏسڻ، تہ ادب سان ان جي ڪثرت ڪيو ۽
درود و سلام عرض ڪيو ﴿9﴾ پنج وقت يا گهٽ ۾ گهٽ
صبح ۽ شام مُوَاجهي شريف ۾ سلام لاءِ حاضر ٿيو ﴿10﴾
شهر ۾ چاهي شهر جي ٻاهران جتي بہ گنبذ خضرا تي نظر
پوي فوراً دست بستہ هوڏانهن چهرو ڪري صلواة و سلام
عرض ڪيو، بغير ان جي نہ لنگهو جو خلافِ ادب آهي
﴿11﴾ وس آهر ڪوشش ڪيو تہ مسجدِ اول يعني حضورِ
أقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ جيتري هئي ان ۾ نماز
پڙهو ۽ ان جي مقدار 100 هٿ طُول (ڊگهائي) ۽ 100 هٿ
عرض (ويڪرائي) (يعني تقريباً 50 × 50 گز) آهي جيتوڻيڪ بعد
۾ ڪجھ اضافو ٿيو آهي، انهيءَ (اضافي ٿيل حصي) ۾ نماز
پڙهڻ بہ مسجد نبوي شريف ۾ ئي پڙهڻ آهي ﴿12﴾
روضي پاڪ جو نہ طواف ڪيو، نہ سجدو، نہ ايترو جهڪو
جو رڪوع جي برابر ٿئي، رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي
تعظيم ان جي اطاعت ۾ آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1227 کان 1228)

عالَم وَجد میں رَقصاں مِرا پَر پَر ہوتا
کاش! میں گنبدِ خضرا کا کبوتر ہوتا

## ڄاري مبارڪ جي سامهون پڙهڻ لاءِ ورد

جيڪو حضورِ اَڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر مُعَظَّم جي سامهون بيهي ڪري هيءَ آيت شريف پڙهي:

﴿اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾﴾ پوءِ ستر ڀيرا هيئن عرض ڪري: صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ وَسَلَّمَ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ فرشتو ان جي جواب ۾ هيئن چوندو آهي اي فلاڻا! تو تي الله عَزَّوَجَلَّ جو سلام هجي، پوءِ فرشتو ان جي لاءِ دعا ڪندو آهي، يا الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ڪا حاجت اهڙي نہ رهي جنهن ۾ هي ناڪام ٿئي. (المواهب اللدنيہ ج 3 ص 412)

## دعا جي لاءِ ڄاري مبارڪ ڏي پٺي نہ ڏيو

جڏهن بہ سونهري ڄارين وٽ حاضر ٿيو هيڏانهن هوڏانهن هرگز نہ ڏسو ۽ خاص ڪري ڄاري شريف جي اندر ڏسڻ تہ تمام وڏي جُرئت آهي، قبلي جي طرف پٺي ڪري گهٽ ۾ گهٽ چار هٿ ڄاري مبارڪ کان پري بيهي

رهو ۽ مَواجهي شريف جي طرف رخ ڪري سلام عرض ڪريو، دعا بہ مُوَاجهي شريف جي طرف رخ ڪري گھرو، ڪي ماڻهو اتي دعا گھرڻ جي لاءِ ڪعبي جي طرف منهن ڪرڻ لاءِ چوندا آهن، انهن جي ڳالهين ۾ اچي ڪري هرگز هرگز سونهري ڄارين جي طرف آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي يعني ڪعبي جي ڪعبي کي پٺي نہ ڏيو.

ڪعبے کی عظمتوں کا منکر نہیں ہوں لیکن

ڪعبے کا بھی ہے کعبہ میٹھے نبی کا روضہ (وسائلِ بخشش ص۲۹۸)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنجاهہ هزار اعتِڪاف برابر ثواب

جڏهن توهان مسجد نبوي شريف عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ داخل ٿيو تہ اِعتِڪاف جي نيّت ڪرڻ نہ وساريو، اهڙي طرح هر ڀيري توهان کي پنجاهہ هزار نفلي اِعتِڪافن جو ثواب ملندو رهندو ۽ ضمنًا کائڻ پيئڻ، افطار ڪرڻ وغيره بہ جائز ٿي ويندو، اعتڪاف جي نيّت هن طرح ڪريو:

**نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ**[1] مون سنّتِ اعتڪاف جي نيت ڪئي.

---

[1] باب السَّلام ۽ بابُ الرَّحمة کان مسجد نبوي شريف عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ داخل ٿيو تہ سامهون واري ٿنڀي مبارڪ کي غور سان ڏسندؤ تہ انهن تي سونهري اکرن سان "نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعتِكاف" اڀريل نظر ايندو، جيڪو عاشقان رسول کي ياد ڏيارڻ جي لاءِ آهي.

## روزانو پنج حجن جو ثواب

خصوصًا چاليهہ نمازون بلڪ تمام فرض نمازون مسجد نبوي علي صاحبها الصّلوٰةُ والسّلام ۾ ئي ادا ڪريو جو تاجدارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہِ واٰلہٖ وسلّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص وضو ڪري منهنجي مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي ارادي سان نڪري، هي ان جي لاءِ هڪ حج جي برابر آهي. شعب الايمان ج 3 ص 499 حديث 4191)

## سلام زباني ئي عرض ڪريو

اتي جيڪو بہ سلام عرض ڪريو اهو زباني عرض ڪرڻ مناسب آهي. ڪتاب مان ڏسي ڪري سلام ۽ دعا جا الفاظ اُتي پڙهڻ عجيب تو لڳي، چو تہ سروَرِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہِ واٰلہٖ وسلّم جسماني حيات سان حُجري مبارڪ ۾ قبلي ڏانهن رخ ڪري تشريف فرما آهن ۽ اسان جي دلين جي خيالن کان بہ آگاهہ آهن. اهو تصوّر قائم ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪتاب مان ڏسي ڪري سلام وغيره عرض ڪرڻ بظاهر بہ نامناسب معلوم ٿئي ٿو، مثال طور توهان جا پير صاحب توهان جي سامهون موجود هجن تہ ڇا توهان ڪين ڪتاب مان پڙهي پڙهي سلام عرض ڪندؤ يا زباني ئي "مانوارا سائين اَلسَّلام عَلَيْڪم" چوندؤ؟ اميد آهي تہ توهان منهنجو

مطلب سمجهي ويا هوندؤ. ياد رکو! بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ٺهيل ٺڪيل الفاظ نہ، بلڪ دليون ڏٺيون ويندیون آهن.

## پوڙهيءَ کي ديدار ٿي ويو

مديني شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْمًا (سن 1405 ھ) جي حاضري دوران سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه کي هڪ پير ڀاءُ مرحوم حاجي اسماعيل هي واقعو ٻڌايو هو: ٻہ يا ٽي سال اڳ جو واقعو آهي. هڪ پنجاسي سالن جي پوڙهي حج لاءِ آئي هئي. مديني شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْمًا ۾ سونهري ڄارين جي سامهون صَلٰوةُ و سلام لاءِ حاضر ٿي ۽ پنهنجي ٽٽل ڦٽل لفظن ۾ صلٰوة وسلام عرض ڪرڻ شروع ڪيائين، اوچتو هڪ عورت تي نظر پئي جيڪا هڪ ڪتاب مان ڏسي ڏسي ڪري تمام عمده لقبن سان درود سلام عرض ڪري رهي هئي، اهو ڏسي ڪري ويچاري اڻ پڙهيل پوڙهي جي دل ڀرجي آئي. عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان تہ پڙهيل لکيل نہ آهيان جو سٺن سٺن الفاظن سان سلام عرض ڪري سگهان مون اڻ پڙهيل جو سلام توهان کي ڪٿي پسند ايندو. دل ڀرجي آئي، روئي روئي ڪري چپ ٿي وئي. رات جو جڏهن سُتي تہ سُتل قسمت جاڳي

پئي. چا تي ڏسي ته سيرانديءَ کان اُمت جا والي، سرڪار عالي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي آيا. چپ مبارڪ چُرڻ لڳا، رحمت جا مبارڪ گل ٽِڙڻ لڳا، لفظن جي ترتيب ڪجهه هيئن هئي: ”مايوس ڇو ٿي ٿيئن، اسان تنهنجو سلام سڀ کان پهريان قبول فرمايو آهي.“

جو تم کو نکمّے سے نکمّا نظر آئے — تم اُس کے مددگار ہو تم اُس کے طرفدار
جو ہوتا نہیں مُنہ لگانے کے قابل — لگاتے ہیں اُس کو بھی سینے سے آقا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَلْاِنتِظَارُ اَلْاِنتِظَارُ

سبز سبز گنبذ ۽ مُقدَّس حُجري (جنهن ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبرِ مبارڪ آهي) تي نظر ڄمائڻ عبادت ۽ ثواب جو ڪم آهي. وڌ کان وڌ وقت مسجد نبوي عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريو. مسجد نبوي شريف ۾ ويهي درود و سلام پڙهندي جيترو ٿي سگهي حُجري مبارڪ تي عقيدت جي نگاهه ڄمائيندا ڪريو، ۽ ان حَسِين تصوّر ۾ ٻُڏي وڃو، ڄڻ ته عنقريب اسان جا منا منا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حُجري شريف مان ٻاهر تشريف ڪٽي اچڻ وارا آهن، هِجر، جُدائي ۽ آقاءِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انتظار ۾ پنهنجي ڳوڙهن کي وهڻ ڏيو.

کیا خبر آج ہی دِیدار کا ارماں نکلے
اپنی آنکھوں کو عقیدت سے بچھائے رکھئے

# هڪ ميمڻ حاجي کي ديدار ٿي ويو

سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه کي **1400** ھ جي حاضريءَ ۾ مديني شريف ۾ ڪراچي جي هڪ نوجوان حاجيءَ ٻڌايو تہ مان **مسجد نبوي**علي صاحبِها الصّلوٰةُ وَالسّلام ۾ **رحمتِ عالم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُجري شريف جي پٺيان پُشت مبارڪ ڏانهن، سبز جارين جي پرسان وينو هيس ۽ عين بيداريءَ جي عالم ۾ مون ڏٺو تہ اوچتو سبز سبز جارين جي رڪاوٽ پري ٿي وئي ۽ تاجدارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حُجري مبارڪ کان ٻاهر تشريف کڻي آيا ۽ مون کي فرمائڻ لڳا: ”گهر ڇا تو گهرين؟“ مان نور جي تجلين ۾ ايتري قدر گُم ٿي ويس جو ڪجهہ عرض ڪرڻ جي جسارت (يعني همت) ئي نہ رهي. آهہ! منهنجا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلوو ڏيکاري مون کي تڙپندو ڇڏي ڪري پنهنجي حُجري شريف ۾ تشريف کڻي ويا.

شربتِ دِید نے اِک آگ لگائی دِل میں     تپشِ دِل کو بڑھایا ہے بجھانے نہ دِیا
اب کہاں جائے گا نقشہ ترا میرے دل سے     تہ میں رکھا ہے اِسے دل نے گمانے نہ دیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# گهٽين ۾ ٿُڪ نہ اڇلايو

مکي ۽ مديني جي گهٽين ۾ ٿُڪ نہ اڇلايو، نہ ئي نڪ صاف ڪريو، توهان کي خبر ناهي تہ هنن گهٽين مان اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گذريا آهن.

ادبِ نظر ہوش میں آ ، کُوئے نبی ہے
آنکھوں سے بھی چلنا تو یہاں بے ادبی ہے

# جنّتُ البقِيع

جنّتُ البَقِيع شريف ۽ جنّتُ المَعْليٰ (مکي شريف) ٻنهي مُقدّس قبرستانن جي مقبرن ۽ مزارن کي شهيد ڪيو ويو آهي. هزارين صحابہ ڪرام عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ بيشمار اهلبيت ۽ اولياء رِضۡوَانُ اللّٰہ عَلَیۡهِمۡ اَجۡمَعِیۡن ۽ عاشقان رسول رَحِمَهُمُ اللّٰہ تَعَالٰی جي مزارن جا نشان بہ مٽايا ويا آهن، حاضري جي لاءِ اندر داخل ٿيڻ جي صورت ۾ اوهان جو پير مَعاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪنهن صحابي يا عاشقِ رسول جي مزار شريف تي پئجي سگهي ٿو، شرعي مسئلو آهي تہ عام مسلمانن جي قبرن تي پير رکڻ حرام آهي رَدُّالمُحتار ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ڊاهي ڪري) جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو هجي اُنهيءَ تي هلڻ حرام آهي. (رَدُّالمُحتار ج 1، ص 612) بلڪ نئين رستي جو صِرف گمان بہ هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز و گناهہ آهي.

(رَدُّالمُحتار ج 3 ص 183) تنهنڪري مدني التجا آهي: ٻاهر ڪان سلام عرض ڪيو ۽ اهو بہ جنّتُ البَقِيع جي وڏي دروازي (Main Entrance) تي نہ بلڪ ان جي چؤديواري جي ٻاهر انهي پاسي بيهو جتان قبلي جي طرف توهان جي پٺ ٿئي تہ جيئن بَقِيع ۾ دفن ٿيلن جا چهرا توهان جي طرف هجن هاڻي هن طرح:

## اهلِ بقيع کي سلام عرض ڪريو

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ دَارَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ فَاِنَّا اِنْ شَآءَ اللهُ بِكُمْ لَاحِقُوْنَ ؕ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاَهْلِ الْبَقِيْعِ الْغَرْقَدِ ؕ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَنَا وَلَهُمْ ؕ

ترجمو: توهان تي سلام هجي اي مومنن جي بستي ۾ رهڻ وارؤ! اسان بہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان اچي ملڻ وارا آهيون. اي الله عَزَّوَجَلَّ، بقيع غرقد وارن جي مغفرت فرماءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي بہ معاف ۽ انهن کي بہ معاف فرماءِ.

## دلين تي خنجر وهي ويندا آهن

آه! هڪ وقت اهو هو جو جڏهن حِجاز مُقَدَّس ۾ اهلسنت جي ”خدمت“ جو دؤر هو ۽ ان وقت جا خطيب ۽ امام بہ عاشقانِ رسول هوندا هئا. جمعي جي خطبي ۾ جڏهن خطيب صاحب خطبي جي دؤران مسجد نبوي شريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ روضي انور جي طرف هٿ سان

اشارو ڪندي اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی هٰذَا النَّبِي (يعني هن محترم نبي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود و سلام هجي) چوندا هئا ته هزارين عاشقانِ رسول جي دلين تي ڄڻ خنجر وهي ويندا هئا ۽ اهي بيخودي جي عالم ۾ روئڻ لڳندا هئا.

## اَلوَداعِي حاضري

جڏهن مديني شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا کان رخصت ٿيڻ جي جان سوز گهڙي اچي ته روئندي يا ائين نه ٿي سگهي ته روئڻ جهڙي شڪل ٺاهي مواجهي شريف ۾ حاضر ٿيو ۽ روئي روئي ڪري سلام عرض ڪريو ۽ سوز و رقت سان هيٺئن عرض ڪيو:

اَلْوَدَاعُ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ ط اَلْوَدَاعُ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ ط اَلْوَدَاعُ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ ط اَلْفِرَاقُ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ ط اَلْفِرَاقُ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ ط اَلْفِرَاقُ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ ط اَلْفِرَاقُ يَاحَبِيْبَ اللّٰهِ ط اَلْفِرَاقُ يَانَبِيَّ اللّٰهِ ط اَلْاَمَانُ يَاحَبِيْبَ اللّٰهِ ط لَاجَعَلَهُ اللّٰهُ تَعَالٰی اٰخِرَ الْعَهْدِ مِنْكَ وَلَا مِنْ زِيَارَتِكَ وَلَا مِنَ الْوُقُوْفِ بَيْنَ يَدَيْكَ اِلَّا مِنْ خَيْرٍ

وَّعَافِيَةٍ وَّصِحَّةٍ وَّسَلَامَةٍ اِنْ عِشْتُ اِنْ شَآءَ اللهُ تَعَالٰى جِئْتُكَ وَاِنْ مِّتُّ فَاَوْدَعْتُ عِنْدَكَ شَهَادَتِيْ وَاَمَانَتِيْ وَعَهْدِيْ وَمِيْثَاقِيْ مِنْ يَّوْمِنَا هٰذَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَهِيَ شَهَادَةُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ﴿سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۲﴾﴾ اٰمِيْنَ اٰمِيْنَ اٰمِيْنَ يَارَبَّ الْعٰلَمِيْنَ بِحَقِّ طٰهٰ وَيٰسٓ

## اَلوَداع تاجدارِ مدینہ

آہ! اب وَقتِ رُخصت ہے آیا — اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
صدمۂ ہجر کیسے سَہوں گا — اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
بے قراری بڑھی جارہی ہے — ہجر کی اب گھڑی آرہی ہے
دِل ہُوا جاتا ہے پارہ پارہ — اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
کس طرح شوق سے میں چلا تھا — دِل کا غُنچہ خوشی سے کھلا تھا
آہ! اب چھوٹتا ہے مدینہ — اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
کُوئے جاناں کی رنگیں فضاؤ! — اے مُعطَّر مُعنبر ہواؤ!

لو سلام آخری اب ہمارا اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
کاش! قِسمت مِرا ساتھ دیتی موت بھی یاوَری میری کرتی
جان قدموں پہ قربان کرتا اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
سوزِ اُلفت سے جلتا رہوں میں عِشق میں تیرے گھلتا رہوں میں
مجھ کو دیوانہ سمجھے زمانہ اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
میں جہاں بھی رہوں میرے آقا ہو نظر میں مدینے کا جلوہ
اِلتجا میری مقبول فرما اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
کچھ نہ حُسنِ عمل کر سکا ہوں نَذر چند اَشک میں کر رہا ہوں
بس یہی ہے مِرا کُل اَثاثہ اَلوَداع تاجدارِ مدینہ
آنکھ سے اب ہُوا خون جاری رُوح پر بھی ہے اب رَنج طاری
جلد عطّار کو پھر بُلانا اَلوَداع تاجدارِ مدینہ

هاڻي پهرين جيان شَيخَين ڪَرِيمَين رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جي پاڪ بارگاهه ۾ به سلام عرض ڪيو، خوب روئي روئي ڪري دعا گهرو ۽ بار بار حاضريءَ جو سوال ڪريو ۽ مديني ۾ ايمان ۽ عافيّت سان موت، جنّتُ البَقِيع ۾ مدفن جي خيرات گهرو. فارغ ٿيڻ کان پوءِ روئندي، پوئين پير واپس موٽو ۽ بار بار دربارِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حسرت ڀريل نظر سان ڏسو. جيئن ڪو ٻار پنهنجي ماءُ جي هنج کان جدا ٿيڻ لڳي ته سڏڪا ڀري روئي، حسرت ۽ اميد سان ڏسي ته امان مون کي سڏ ڪندي هاڻي سڏ ڪندي ۽






جنّت البَقِيع جي هڪ قديم يادگار تصوير


بـابُ البَقِيع


بـابُ البَقِيع

شفقت سان مون کي سيني لڳائيندي. اي ڪاش! جو موڪلائڻ وقت ائين ٿئي ته ڪيڏي خوش نصيبي آهي، بس سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڌ ڪري سيني سان لڳائن ۽ بيقرار روح قدمن ۾ قربان ٿي وڃي.

ہے تمنائے عطار یارب اُن کے قدموں میں یوں موت آئے
جھوم کر جب گرے میرا لاشہ تھام لیں بڑھ کے شاہِ مدینہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مڪي پاڪ جون زيارتون

## سرورِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت گاهه

حضرت علامه قطبُ الدين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِيْن فرمائن ٿا: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادت گاهه تي دعا قبول ٿيندي آهي. (بلد الامين ص 201) هتي پهچڻ جو آسان طريقو اهو آهي ته توهان مَرْوَه (جبل) جي ڪنهن به ويجهو واري دروازي کان ٻاهر اچو، سامهون نمازين جي لاءِ هڪ وڏو اِحاطو نظر آهي، احاطي جي انهيءَ پاسي هي مڪان عاليشان پنهنجا جلوا عام ڪري رهيو آهي، انْ شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ

پري ڪان نظر اچي ويندو، خليفي هارون رشيد رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي والده هتي مسجد تعمير ڪرائي هئي. اڄڪلهہ ان مُقدّس ترين جڳهہ تي لائبريري قائم ڪئي وئي آهي ۽ ان تي بورڊ لڳل آهي . مڪتبہ مڪة المڪرمہ

## جبلِ ابو قُبَيس

هي دنيا جو سڀ ڪان پهريون جبل آهي، مسجدُ الحرام جي ٻاهر صفا و مَرْوَه جي ويجهو واقع آهي، ان جبل تي دعا قبول ٿيندي آهي، مڪي وارا ڏڪار دوران انهيءَ تي اچي دعا گهرندا هئا، حديث پاڪ ۾ آهي تہ حَجَرِ اَسْوَد جنّت مان هتي ئي نازل ٿيو هو. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 125 حديث 20) انهيءَ جبل کي "الامين" بہ چيو ويو آهي تہ "طوفانِ نوح" ۾ حَجَرِ اَسْوَد انهيءَ جبل تي حفاظت سان تشريف فرما رهيو، ڪعبي شريف جي تعمير جي موقعي تي ان جبل حضرت سيدنا ابراهيم خليلُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي پڪاري ڪري عرض ڪيو: حَجَرِ اَسْوَد هتي آهي. (بلدالامين ص 204 بتغير قليل) منقول آهي: اسان جي پيارا آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ جبل تي جلوه افروز ٿي ڪري چنڊ جا ٻہ ٽڪرا ڪيا هئا، جيئن تہ مڪو پاڪ جبلن جي وچ ۾ گهيريل آهي ان لاءِ ان ٿان چنڊ ڏٺو ويندو هو، پهرين رات

جي چنڊ کي هلال چيو ويندو آهي تنهنڪري يادگار جي طور تي هتي مسجدِ هلال تعمير ڪئي وئي آهي، ڪي ماڻهو ان کي مسجدِ بلال (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) چوندا آهن. وَاللّٰہُ و رَسُوْلُہ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ وصَلَّی اللہ تعالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جبل تي هاڻي شاهي محل تعمير ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي انهي مسجد جي زيارت نٿي ٿي سگهي، **1409** هـ جي حج واري موسم ۾ ان محل جي پرسان بم جا ڌماڪا ٿيا هئا ۽ ڪيترائي حاجي سڳورا شهيد ٿي ويا هئا. انهي ڪري هاڻي محل جي چوڌاري سخت پهرو رهندو آهي. محل جي حفاظت جي پيش نظر انهيءَ جبل جي سرنگهن ۾ ناهيل وضو خانا بہ ختم ڪيا ويا آهن. هڪ روايت جي مطابق حضرت سيّدُنا آدم صفي الله عليه السّلام انهي ابو قُبَيس جبل تي واقع "غارُ الكنز" ۾ دفن ٿيل آهن ۽ جڏهن تہ هڪ مُستَنَد روايت جي مطابق مسجد خَيف ۾ دفن آهن جيڪا مِنيٰ ۾ آهي.

وَاللّٰہُ و رَسُوْلُہ اَعلَمُ عَزَّوَجَلَّ وصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## خديجةُ الكبريٰ جو مبارڪ گهر

مڪي مديني جا سلطان صَلَّی اللہ تعالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيستائين مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيمًا ۾ رهيا، انهيءَ ۾ رهائش قائم ڪيائون. سيدنا ابراهيم رَضِیَ اللہ تعالٰی عنه ڪان علاوه سڀ اولاد،

شهزاديءِ ڪونين بيبي فاطمہ زهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي هتي ئي ولادت ٿي. سيدنا جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلَام ڪيئي ڀيرا انهيءَ عاليشان گهر جي اندر بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ڏني، حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان وحيءَ جو نُزول انهيءَ ۾ ٿيو. مسجدِ حرام کان پوءِ مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ ان کان وڌيڪ ڪا افضل جڳهہ ڪا ناهي، پر صد ڪروڙ افسوس! جو هاڻي ان جا نشان تائين بہ مٽايا ويا آهن ۽ ماڻهن جي هلڻ جي لاءِ هتي هموار فرش ٺاهيو ويو آهي. مَرْوَه جي ٽڪريءَ جي ڀرسان موجود بابُ المَرْوَه کان نڪري کابي طرف (Left Side) حسرت ڀريل نگاهن سان صرف ان گهر مبارڪ جي فضائن جي زيارت ڪري وٺو.

## جبلِ ثَور جو غار

اهو غار مبارڪ مڪي پاڪ جي ساڄي پاسي مَحَلَّۃِ مَسْفَلہ جي طرف تقريبًا چار ڪلوميٽرن تي واقع جبلِ ثَور ۾ آهي. هي اهو مقدّس غار آهي جنهن جو ذِڪر قرآن شريف ۾ بہ آهي، مڪي مديني جا تاجوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي يارِ غار و يارِ مزار حضرتِ سيّدُنا صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان گڏ هجرت جي وقت ٽي راتيون هتي ترسيا هئا. جڏهن دشمن ڳوليندي غار ثور جي منهِ تي پهتا تہ

حضرت سيدنا صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ غمگين ٿي ويا ۽ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دشمن اسان جي ايترو تہ ويجهو اچي ويا آهن جيڪڏهن اهي پنهنجي پيرن تي نظر وجهندا تہ اسان کي ڏسي وٺندا، حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاتَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ ترجموڪنزالايمان: غم نہ ڪر بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي (پ 10 التوبہ 40) انهيءَ جبلِ ثور تي قابيل حضرت سيّدُنا هابيل رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي شهيد ڪيو هو.

## غارِ حِرا

تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ظهورِ رسالت کان اڳ هتي ذِڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهيا هئا. اهو قبلي جي رخ تي آهي. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي پهرين وحي بہ انهيءَ غار ۾ نازل ٿي. جيڪا اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ ۚ ① کان مَالَمْ یَعْلَمْ تائين پنج آيتون آهن. اهو غار مبارڪ مسجد الحرام کان اوڀر طرف تقريبًا ٽي ميل "جبلِ حِرا" تي موجود آهي. انهي مبارڪ جبل کي جبل نور بہ چوندا آهن. "غارِ حِرا" غارِ ثور کان افضل آهي. ڇوتہ غارِ ثور ٽن ڏينهن تائين حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا قدم چميا جڏهن تہ غارِ حرا حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي با برڪت صحبت کان وڌيڪ عرصو فيضياب ٿيو.

قِسمتِ ثور و حرا کی حرص ہے
چاہتے ہیں دِل میں گہرا غار ہم (حدائقِ بخشش)

# دارِ ارقَم

دَارِ اَرقَم جبل صفا جي ويجهو واقع آهي، جڏهن بد بخت ڪافرن طرفان خطرات وڌي ويا ته حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ ۾ پوشيده طور تي تشريف فرما رهيا، انهيءَ گهر ۾ ڪيترائي مسلمان ٿيا. سيدُ الشُّهداء حضرتِ سيّدُنا حمزه ۽ اميرالمُؤمنين حضرتِ سيّدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا انهيءَ گهر ۾ مسلمان ٿيا. انهيءَ ۾ هي آيت نازل ٿي: يَاَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝ خليفي هارون رشيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي والده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا هتي مسجد تعمير ڪرائي هئي بعد وارا خليفا به هن جي آرائش ۾ حصو وٺندا رهيا، هاڻي هي توسيع ۾ شامل ڪيو ويو آهي ۽ ڪا نشاني نٿي ملي .

# محلہ مَسفلہ

اهو پاڙو وڏو تاريخي آهي، حضرتِ سيّدُنا ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام هتي ئي رهندا هئا. حضرت سيّدُنا ابو بڪر صديق، فاروق اعظم ۽ سيّدُنا حمزه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم به انهيءَ مبارڪ

پاڙي ۾ رهندا هئا. اهو پاڙو خانهء ڪعبه جي ديوار جي حصي "مُسْتَجار" جي طرف موجود آهي.

## جنتُ المَعليٰ

جنّتُ البَقِيع کان پوءِ جنّتُ المَعْليٰ دنيا جو سڀ کان افضل ترين قبرستان آهي. هتي اُمّ المُؤمنين خديجة الڪبريٰ ۽ سيدنا عبدالله بن عمر ۽ ڪيترن ئي صحابه و تابعين رضي الله عنهم اولياء ۽ صالحين رحمة الله تعالیٰ عليهم جا مقدّس مزار آهن. آه! هاڻي انهن جا قُبا وغيره شهيد ڪيا ويا آهن. مزارن کي ڊاهي انهن ۾ رستا ڪڍيا ويا آهن، تنهنڪري ٻاهران بيهي هن طرح سلام پيش ڪريو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الدِّيَارِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَاِنَّا اِنْ شَآءَ اللهُ بِكُمْ لَاحِقُوْنَ ط نَسْئَلُ اللهَ لَنَا وَلَكُمُ الْعَافِيَةَ ط

ترجمو: سلام هجي توهان تي اي قبرن ۾ رهڻ وارا مومنو ۽ مسلمانو! ۽ اسان به ان شآءَالله عزوجل اوهان سان ملڻ وارا آهيون. اسان الله عزوجل وٽ توهان جي ۽ پنهنجي عافيت جا طالب آهيون.

پنهنجي لاءِ، پنهنجي والدين، ۽ تمام اُمت جي لاءِ دعا گهرو، خاص ڪري جنّتُ المَعْليٰ وارن جي لاءِ ايصالِ ثواب ڪريو، انهي قبرستان ۾ دعا قبول ٿيندي آهي.

# مسجدِ جن

اها مسجد جنّتُ المَعْليٰ جي پرسان موجود آهي، فجر جي نماز ۾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان قرآن پاڪ جي تلاوت ٻُڌي ڪري هتي جنّ مسلمان ٿيا هئا.

# مسجد الرّايہ

اها مسجدِ جنّ جي پرسان ئي ساڄي هٿ جي طرف موجود آهي. "رَاية" عربي ۾ جهنڊي کي چوندا آهن. هيءَ اها تاريخي جڳهہ آهي، جتي مڪي جي فتح جي موقعي تي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو جهنڊو شريف لڳايو هو.

# مسجدِ خيف

اها مِنيٰ شريف ۾ موجود آهي. حِجَّةُ الوَداع جي موقعي تي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هتي نماز ادا فرمائي هئي، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: صَلّٰى فِيْ مَسْجِدِ الْخَيْفِ سَبْعُوْنَ نَبِيًّا يعني مسجد خيف ۾ ستر انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام نماز ادا فرمائي. (المعجم الاوسط ج 4 ص 117 حديث 5407) ❀ فرمايو: فِيْ مَسْجِدِ الْخَيْفِ قَبْرُ سَبْعِيْنَ نَبِيًّا مسجد خيف ۾ ستر انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام جون قبرون آهن. (معجم ڪبير ج 12 ص 316 حديث

13525) هاڻي مسجد جي ڪافي توسيع ٿي چڪي آهي، زيارت ڪندڙن کي گهرجي تہ اهي وڏي عقيدت سان هن مسجد جي زيارت ڪن، هتي انبياء عليهمُ السّلام جي خدمت ۾ هن طرح سلام عرض ڪن:

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ يَاۤاَنۡبِيَاءَ اللّٰهِ وَرَحۡمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط

پوءِ ايصالِ ثوابِ ڪري دعا گهرو.

## مسجدِ جِعرّانہ

مڪي پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّ تَعۡظِيۡمًا ڪان طائف جي طرف تقريبًا 26 ڪلوميٽرن تي موجود آهي. اوهان بہ هتان ڪان عمري جو اِحرام ٻڌو جو مڪي جي فتح ڪان پوءِ طائف شريف فتح ڪري واپسيءَ تي حضور سراپا نور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هتان ڪان عمري جو احرام ٻڌو هو. يوسف بن ماهَڪ عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡخَالِق فرمائن ٿا: مقامِ جِعِرّانہ ڪان 300 نبين عَلَيۡهِمُ السَّلَام عمري جو اِحرام ٻڌو آهي، سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جِعِرّانہ جي مقام تي پنهنجو عصو (يعني لٺ) مبارڪ کوڙيائون تہ پاڻي جو چشمو ڦٽي پيو جيڪو نهايت عمده ٺڌو ۽ مٺو هو. (بلدالامين ص 221، اخبارمڪہ جز 5 ص 62، 69) مشهور آهي انهي جڳهہ تي کوهہ آهي، سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا: حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طائف ڪان واپسي

تي انهي جڳهہ ترسيا ۽ هتي مال غنيمت ورهايو هو، پاڻ
ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 28 شوالُ المُڪرَّم هتان ڪان عمري
جو اِحرام ٻڌيو هو. (بلد الامين ص 220، 221) انهي جڳهہ جي
نسبت قريش جي هڪ عورت ڏانهن آهي جنهن جو لقب
جِعِرَّانہ هو. (ايضاً ص 137) عوام انهي جڳهہ کي وڏو عمرو
چوندا آهن، هي نهايت پُرسوز جڳهہ آهي. حضرت علامہ
شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي "اَخبارُ الاَخيار" ۾
نقل ڪن ٿا: منهنجي پير و مرشد حضرتِ سيِّدُنا
عبدالوهاب مُتَّقِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون کي تاڪيد ڪئي تہ
موقعو ملڻ تي جِعِرَّانہ کان ضرور عمري جو احرام ٻڌجو
جو هي اهو مُتَبَرَّڪ مقام آهي مون هتي هڪ رات جي
مختصر حصي ۾ سؤ پيرا کان وڌيڪ پيرا سرڪارِ مدينہ
صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خواب ۾ ديدار ڪيو هو، اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰى
اِحْسَانِهٖ حضرتِ سيِّدُنا عبدالوهاب مُتَّقِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه
جومعمول هو عمري جو احرام ٻڌڻ جي لاءِ روزو رکي
ڪري پيادل جِعِرَّانہ ويندا هئا. (ملخص از اخبار الاخيار ص 278)

## مزارِ مَيمونہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا

مدينہ روڊ تي "نوارِيہ" جي پرسان موجود آهي، تادم
تحرير هتي جي حاضري جو هڪ طريقو هي آهي توهان

بس **2A** يا **13** ۾ سوار ٿي وڃو. اها بس مديني روڊ تان تنعيم يعني مسجدِ عائشه (رضی اللہ تعالٰی عنہا) کان گذرندي ٿورو اڳتي وڃندي آهي. مسجدُ الحرام کان تقريبًا **17** ڪلوميٽر تي ان جو آخري اسٽاپ "نَوَاريه" آهي. هتي لهي وڃو ۽ مُڙي ڪري روڊ جي انهيءَ ڪناري تي مڪي پاڪ جي طرف هلڻ شروع ڪيو. ڏهه يا پندرهن منٽ هلڻ کان پوءِ هڪ پوليس چيڪ پوسٽ آهي، پوءِ مَوقِفِ حُجَّاج نهيل آهي ان کان ٿورو پري روڊ جي انهيءَ طرف هڪ چؤديواري نظر ايندي. هتي اُمُّ المُؤمِنِين حضرتِ سيّدَتُنا ميمونه رضی اللہ تعالٰی عنہا جو مزارِ فائضُ الانوار آهي. هي مزار مبارڪ روڊ جي وچ تي آهي، ماڻهن جو چوڻ آهي روڊ جي تعمير جي لاءِ انهيءَ مزار شريف کي شهيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ٽريڪٽر (Tractor) ڪلٽي تي ويندو هو، لاچار هتي چار ديوار ٺهرائي وئي، اسان جي پياري پياري امان سائڻ سيّدَتُنا ميمونه رضی اللہ تعالٰی عنہا جي ڪرامت مرحبا!

اہلِ اِسلام کی مادرانِ شفیق
بانُوانِ طہارت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”يا نبي چشم ڪرم“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان مسجد الحرام ۾ نماز مصطفيٰ جا 11 مقام

﴿1﴾ بيتُ الله شريف جي اندر ﴿2﴾ مقامِ ابراهيم (عَلَيْهِ السَّلام) جي پويان ﴿3﴾ مَطاف جي ڪناري تي حَجَرِ اَسوَد جي سِڌ ۾ ﴿4﴾ حَطِيم ۽ بابُ الڪعبہ جي وچ ۾ رڪنِ عراقي جي پرسان ﴿5﴾ مقامِ حُفرَہ جي جڳهہ وٽ جيڪا بابُ الڪعبہ ۽ حَطِيم جي وچ ۾ ڪعبي جي ديوار جي پاڙ ۾ آهي. ان جڳهہ کي ”مقامِ امامتِ جبريل“ بہ چوندا آهن. شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ جڳهہ تي سيّدُنا جبرئيل عَلَيْهِ السَّلام کي پنج نمازن ۾ امامت جو شرف بخشيو، ۽ انهيءَ مبارڪ جڳهہ تي سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام ڪعبي جي تعمير جي وقت مٽيءَ جو گارو ٺاهيو هو ﴿6﴾ بابُ الڪعبہ جي طرف منهن ڪري (ڪعبي جي دروازي جي سڌ ۾ نماز ادا ڪرڻ تمام طرفن جي سڌ کان افضل آهي[1]) ﴿7﴾ ميزابِ رحمت جي طرف منهن ڪري (ڇيو وجي ٿو تہ مزارِ پُرانوار ۾ بہ سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو مبارڪ انهيءَ طرف آهي) ﴿8﴾ تمام حطيم ۾

---

[1] چيو وڃي ٿو تہ هندوستان ۽ پاڪستان ڪعبي جي دروازي جي ئي طرف موجود آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى اِحْسَانِهٖ ط وَاللّٰهُ تعالٰى اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ وَصلّى الله تعالى عليه واٰله وسلّم

خصوصًا ميزابِ رحمت جي هيٺان ﴿9﴾ رڪنِ اَسوَد ۽ رڪنِ يماني جي وچ ۾ ﴿10﴾ رڪنِ شامي جي ڀرسان، ان طرح جو "باب عمره" پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پنهنجي مبارڪ جي پٺيان هوندو هو، چاهي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حطيم جي اندر تي ڪري نماز ادا فرمائيندا هئا يا ٻاهر ﴿11﴾ حضرتِ سيدنا آدم صفي الله عَلَيْهِ السَّلَام جي نماز پڙهڻ جي جڳهه تي، جيڪو رڪنِ يماني جي ساڄي يا کاٻي طرف آهي ۽ وڌيڪ ظاهر هي آهي ته آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو مُصَلّو "مُستَجار" تي آهي. (ڪتاب الحج ص 274)

# مديني منور جون زيارتون

## روضةُ الجنة

**تاجدارِ مدينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُجري مبارڪ (جتي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُرانوار آهي) ۽ مِنبرِ اَقْدَس (جتي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خطبو ارشاد فرمائيندا هئا) جي وچ وارو حصو جنهن جي طول (ڊگهائي) 22 ميٽر ۽ عرض (ويڪرائي) 15 ميٽر آهي، روضةُ الجنّة يعني "**جنت جو باغ**" آهي جيئن ته اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: **مَا بَيْنَ بَيْتِيْ وَمِنْبَرِيْ رَوْضَةٌ مِّنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ** يعني

”منهنجي گهر ۽ منبر جي وچ واري جڳهہ جنّت جي باغن مان هڪ باغ آهي.“ (بخاري ج 1 ص 402 حديث 1195) عام طور تي ماڻهو ان کي ”رِياضُ الجَنة“ چوندا آهن پر اصل لفظ ”رَوضَةُ الجَنة“ آهي.

یہ پیاری پیاری کیاری ترے خانہ باغ کی
سرد اس کی آب و تاب سے آتشِ سَقَر کی ہے (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسجدِ قُبا

مديني طيبہ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْمًا کان تقريبًا ٽي ڪلوميٽر پري ڏکڻ اولهہ جي طرف ”قُبا“ نالي هڪ قديمي ڳوٺ آهي جتي اها برڪت واري مسجد ٺهيل آهي. قرآن شريف ۽ صحيح حديثن ۾ ان جا فضائل خصوصيت سان بيان فرمايا ويا آهن. عاشقانِ رسول مسجد نبوي شريف کان وچٿري چال پيادل هلي تقريباً 40 منٽ ۾ مسجد قبا پهچي سگهن ٿا، بخاري شريف ۾ آهي: حضور سراپا نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر ڇنڇر تي ڪڏهن پيادل تہ ڪڏهن سواريءَ تي تشريف وٺي ويندا هئا. (بخاري ج 1 ص 402 حديث 1193)

## عمري جو ثواب

۞ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ مسجد قبا ۾

نماز پڙهڻ عمري جي برابر آهي. (ترمذي ج 1 ص 348 حديث 324)

﴿2﴾ جنهن شخص پنهنجي گهر ۾ وضو ڪيو پوءِ مسجد قبا ۾ وڃي نماز پڙهي ته ان ڪي عمري جو ثواب ملندو.
(ابن ماجہ ج 2 ص 175 حديث 1412)

## سيدُنا حمزه رضی اللہ تعالی عنہ جو مزار

پاڻ رضی اللہ تعالی عنہ غُزوهءِ اُحُد (3 هہ) ۾ شهيد ٿيا هئا، سندن مزار پُرانوار اُحُد شريف جي ويجهو واقع آهي، ۽ حضرتِ سيّدُنا مُصعَب بن عُمَير ۽ حضرتِ سيدنا عبدالله بن جَحش رضی اللہ تعالی عنهما جون مزارون آهن، ۽ غزوهءِ اُحُد ۾ ستر صحابہ شهيد ٿيا، ان مان ڪيئي شُهداءِ اُحُد بہ اتي ئي چار ديواري ۾ آرام فرما آهن.

## شُهداءِ اُحُد عليهم السّلام ڪي سلام پيش ڪرڻ جي فضيلت

سيّدُنا شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عليه رحمة الله القوي نقل ڪن ٿا: جيڪو شخص انهن شُهداءِ اُحد وٽان گذري ۽ انهن ڪي سلام ڪري، اهي قيامت تائين ان تي سلام موڪليندا رهندا آهن، شُهداءِ اُحُد ۽ خاص طور تي سيّدُالشُّهداء حضرت سيّدُنا حمزه رضی اللہ تعالی عنہ جي مزار کان ڪيترائي ڀيرا سلام جي جواب جو آواز ٻڌو ويو آهي. (جذب القلوب ص 177)

## سيدنا حمزه رضی اللہ تعالٰی عنہ جي خدمت ۾ سلام

**اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدَنَا حَمْزَةُ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا عَمَّ رَسُوْلِ اللهِ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا عَمَّ نَبِيِّ اللهِ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا عَمَّ حَبِيْبِ اللهِ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا عَمَّ الْمُصْطَفٰى ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدَ الشُّهَدَآءِ وَيَا اَسَدَ اللهِ وَاَسَدَ رَسُوْلِهٖ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدَنَا عَبْدَ اللهِ بْنَ جَحْشٍ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا مُصْعَبَ بْنَ عُمَيْرٍ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا شُهَدَآءَ اُحُدٍ كَآفَّةً عَآمَّةً وَّرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط**

ترجمو: سلام هجي توهان تي اي سيّدُنا حمزه رضی اللہ تعالٰی عنہ سلام هجي توهان تي. اي رسول الله جا محترم چاچا ، سلام هجي توهان تي اي الله عزوجل جي نبي جا معزز چاچا، سلام هجي اي چاچا الله عزوجل جي محبوب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جا، سلام هجي توهان تي اي مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جا چاچا، سلام هجي توهان تي اي سردار شهيدن جا ۽ اي شينهن الله عزوجل ۽ شينهن ان جي رسول صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جا، سلام هجي توهان تي اي سيدنا عبدالله بن جَحش رضی اللہ تعالٰی عنہ سلام هجي توهان تي اي مُصعَب بن عُمير رضی اللہ تعالٰی عنہ ، سلام هجي توهان تي اي شهداءِ اُحُد توهان سيني تي ۽ الله عزوجل جون رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين.


حضرت سيدنا حمزه رضي الله تعالیٰ عنه جو مزار
حضرت سيدنا مُصعَب بن عُمَير رضي الله تعالیٰ عنه جو مزار
حضرت سيدنا عبدالله بن جَحش رضي الله تعالیٰ عنه جو مزار


حضرت سيدنا حمزه رضي الله تعالیٰ عنه جو مزار
حضرت سيدنا مُصعَب بن عُمَير رضي الله تعالیٰ عنه جو مزار
حضرت سيدنا عبدالله بن جَحش رضي الله تعالیٰ عنه جو مزار



بیرِ غَرس



بیرِ رُومَہ

## شُهداءِ اُحُد کي مجموعي سلام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا شُهَدَآءُ يَا سُعَدَآءُ يَا نُجَبَآءُ يَا نُقَبَآءُ يَآ اَهْلَ الصِّدْقِ وَالْوَفَآءِ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا مُجَاهِدِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ط ﴿سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾﴾ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا شُهَدَآءَ اُحُدٍ كَافَّةً عَامَّةً وَّ رَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط

ترجمو: سلام هجي توهان تي اي شهيدؤ! اي نيڪ بختو! اي شريفؤ! اي سردارؤ! اي صدق ۽ وفا وارؤ! سلام هجي توهان تي اي مجاهدؤ! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ جهاد جو حق ادا ڪرڻ وارؤ! (ترجمو ڪنزالايمان: توهان تي سلامتي هجي توهان جي صبر جي بدلي ۾ پوءِ آخرت جو گهر ڪهڙو نہ سٺو آهي) سلام هجي توهان تي اي شهداءِ اُحُد سيني تي، ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين .

## زيارت گاهن تي پهچڻ جا ۾ طريقا

مني مني مڪي مديني جا زائرو! زيارت گاهن ۽ ان جي پتن کي طوالت جي خوف مان رفيقُ الحرمين ۾ ذڪر ناهي ڪيو، شوق رکندڙ عاشقانِ رسول، زيارت ۽ ايمان افروز حڪايتن جي معلومات جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي

جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”عاشقان رسول جون 130 حڪايتون ۽ مڪي مديني جون زيارتون“ جو مطالعو فرمايو ۽ پنهنجي ايمان کي گرمايو، البت ڪتاب پڙهي ڪري هر شخص زيارت جي جڳهن پهچي وڃي هي مشڪل آهي. زيارت جون ٻہ صورتون آهن. هڪ هي تہ مسجد نبويعلي صاحبها الصّلوٰة والسّلام ڪان ٻاهر صبح جو گاڏين وارا آواز ڏيندا آهن، زياره زياره . توهان انهن جي گاڏين ۾ سوار ٿي وڃو. اهي توهان کي مسجد خمسہ، مسجدِ قُبا ۽ سيّدُنا حمزه رضي الله تعالٰى عنه جي مزار وٺي ويندا، ٻيو هي تہ مڪي مديني جي وڏيڪ زيارت جي لاءِ توهان کي اهڙو ماڻهو ڳولڻو پوندو جيڪو اُجرت وٺي ڪري زيارتون ڪرائيندو هجي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**ٻہ فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :

﴿1﴾ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي شاد و آباد رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي.

(جامع ترمذي ج 4 ص 298 رقم الحديث 366)

﴿2﴾ جيڪو شخص منهنجي اُمت تائين ڪا اسلامي ڳالهہ پهچائي تہ جيئن ان سان سنّت قائم ٿئي يا ان سان بد مذهبي دُور ڪئي وڃي تہ اهو جنّتي آهي. (حلية الاولياء ج 10 ص 45 رقم الحديث 14466)

# جُرمن ۽ ان جا ڪَفارا

سوال ۽ جواب جي مطالعي کان پهرين ڪجهه ضروري اِصطِلاح وغيره ذهن نشين ڪري وٺو.

## دَم وغيره جي وصف

﴿1﴾ دم: يعني ٻڪر (ان ۾ نر، مادي، گهيٽو، رڍ، ۽ ڳئون يا اُٺ جو ستون حصو سڀ شامل آهن)

﴿2﴾ بَدَنہ: يعني اُٺ يا ڳئون. (ان ۾ ڍڳو، مينهن وغيره شامل آهن) ڳئون، ٻڪر وغيره هي تمام جانور انهن ئي شرطن جي مطابق هجن، جيڪي قرباني ۾ آهن.

﴿3﴾ صدقو: يعني صدقهءِ فِطر جي مقدار، اڄڪلهه جي حساب سان صدقهءِ فطر جي مقدار ٻہ ڪلو مان 80 گرام گهٽ ڪڻڪ يا ان جو اٽو يا ان جي رقم يا ان کان ٻيڻا جَوءَ يا کجور يا ان جي رقم آهي.

## دم وغيره ۾ رعايت

جيڪڏهن بيماري، سخت سردي، سخت گرمي، ڦرڙيون ۽ زخم يا جوئن جي شديد تڪليف جي سبب ڪو جرم ٿيو تہ ان کي "غير اختياري جرم" چئبو آهي، جيڪڏهن ڪو غير اختياري جرم ٿيو جنهن تي دم واجب

ٿئي ٿو ته ان صورت ۾ اختيار آهي ته چاهي ته دم ڏئي ڇڏي، ۽ جيڪڏهن چاهي ته دم جي بدلي ڇهن مسڪينن کي صدقو ڏئي ڇڏي، جيڪڏهن هڪ ئي مسڪين کي ڇهه صدقا ڏئي ڇڏيا ته هڪ ئي ڳڻيو ويندو، انهيءَ ڪري اهو ضروري آهي ته الڳ الڳ ڇهه مسڪينن کي ڏئي. ٻي رعايت هي آهي ته جيڪڏهن چاهي ته دم جي بدران ڇهن مسڪينن کي ٻئي وقت پيٽ ڀري ڪري کاڌو کارائي ڇڏي. ٽين رعايت هي آهي ته جيڪڏهن صدقو وغيره نه ڏيڻ چاهي ته ٽي روزا رکي ڇڏي "دم" ادا ٿي ويو، جيڪڏهن ڪو اهڙو غير اختياري جرم ڪيو جنهن تي صدقو واجب ٿئي ٿو ته اختيار آهي ته صدقي جي بدران هڪ روزو رکي ڇڏي. (ملخص از بهار شريعت ج 1 ص 1162)

## دم، صدقي ۽ روزي جا ضروري مسئلا

جيڪڏهن ڪفّاري جا روزا رکو ته هي شرط آهي ته رات کان يعني صبح صادق کان پهريان پهريان هي نيّت ڪري وٺو ته هي فلاڻيءَ ڪفاري جو روزو آهي، انهن روزن جي لاءِ نه اِحرام شرط آهي نه ئي انهن جو لاڳيتو هئڻ، صدقي ۽ روزي جي ادائگي پنهنجي وطن ۾ به ڪري سگهو ٿا، البت صدقو ۽ کاڌو جيڪڏهن حرم جي

مسڪينن ڪي پيش ڪريو تہ اهو افضل آهي، **دم ۽ بَدَنہ** جي جانور جو حرم ۾ ذبح ٿيڻ شرط آهي.

## حج جي قرباني ۽ دم جي گوشت جا احڪام

حج جي شُڪراني جي قرباني حُدودِ حرم ۾ ٿيڻ شرط آهي، ان جو گوشت توهان پاڻ بہ کائو، مالدار کي بہ کارايو ۽ مسڪينن کي بہ پيش ڪريو، پر ڪفاري يعني ”دم“ ۽ ”بَدَني“ وغيره جو گوشت صرف محتاجن جو حق آهي، نہ پاڻ کائي سگهو ٿا، نہ غنيءَ کي کارائي سگهو ٿا. (ملخص از بهار شريعت ج 1 ص 1162،1163) **دم هجي يا شُڪراني جي قرباني ذبح ڪان پوءِ گوشت وغيره حرم ڪان ٻاهر ڪٿي وڃڻ ۾ ڪو حرج ناهي. پر حرم جي حدن ۾ ذبح ڪرڻ ضروري آهي.**

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪان ڊڄو

ڪجهہ نادان ڄاڻي واڻي ”جرم“ ڪندا آهن ۽ ڪفارو بہ ناهن ڏيندا، اهي بہ گناهہ ٿيا هڪ تہ ڄاڻي واڻي جرم ڪرڻ جو، ٻيو ڪفارو نہ ڏيڻ جو. اهڙن کي ڪفارو بہ ڏيڻو پوندو ۽ توبهہ بہ واجب ٿيندي. ها جيڪڏهن مجبورًا جرم ڪرڻو پيو يا بي خيالي ۾ ٿي ويو تہ ڪفارو ڪافي آهي گناهہ نہ ٿيو ان لاءِ توبهہ بہ واجب ناهي ۽ اهو بہ ياد رکو تہ

جرم چاهي ياد سان ٿئي يا ڀُل ۾ ان جو جرم هئڻ بابت ڄاڻ هجي يا نہ هجي، خوشيءَ سان ٿئي يا مجبورًا، سمهڻ دوران ٿئي يا جاڳندي، بيهوشي ۾ ٿئي يا هوش ۾، پنهنجي مرضيءَ سان ڪيو يا ٻئي جي ذريعي ڪرايو هجي، هر صورت ۾ ڪفارو لازمي آهي. جيڪڏهن نہ ڏيندو تہ گناهگار ٿيندو، جڏهن خرچ مٿي تي ايندو آهي تہ ڪي ماڻهو هي بہ چئي ڇڏيندا آهن تہ ”الله عَزَّوَجَلَّ معاف فرمائيندو!“ ۽ پوءِ دم وغيره نٿا ڏين اهڙن کي سوچڻ گهرجي تہ ڪفارا شريعت ئي واجب ڪيا آهن ۽ ڄاڻي واڻي عذر، بهانا ڪرڻ شريعت ئي جي خلاف ورزي آهي، جيڪو سخت ترين جرم آهي. ڪجهہ مال جا مست نادان حاجي عالمن سڳورن کان ايستائين پڇا ڪندي ٻُڌڻ ۾ ايندا آهن تہ صرف گناه آهي! دم تہ واجب ڪونهي؟ (معاذالله) صد ڪروڙ افسوس! ڪجهہ پيسا بچائڻ ئي جو فڪر آهي، گناه جي سبب ٿيڻ واري سخت عذاب جي مستحق ٿيڻ جي ڪا پرواهہ ناهي، گناه کي هلڪو سمجهڻ تمام سخت ڳالهہ بلڪ ڪجهہ صورتن ۾ ڪفر آهي. الله عَزَّوَجَلَّ مدني فڪر نصيب فرمائي.

آمين بِجَاه النّبي الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# قارن جي لاءِ ڊبل ڪفارو آهي

جتي هڪ ڪفاري (يعني هڪ دم يا هڪ صدقي) جو حڪم آهي اتي قارن جي لاءِ ٻه ڪفارا آهن. (هدايہ ج 1 ص 171) نابالغ جيڪڏهن جرم ڪري ته ڪو ڪفارو ناهي.

# قارن جي لاءِ ڪٿي ڊبل ڪفارو آهي ۽ ڪٿي نہ

عام طور تي ڪتابن ۾ لکيل هوندو آهي ته جتي حاجي مُفرِد يا مُتَمَتِّع تي هڪ دم يا صدقو لازم اچي ٿو اُتي حجِ قِران واري تي ٻه دم يا ٻه صدقا لازم ٿيندا آهن، اهو مسئلو پنهنجي جڳهہ درست آهي پر ان جون خاص صورتون آهن يعني ائين ناهي ته جتي به حجِ اِفراد يا تَمَتُّع واري تي هڪ دم لازم اچي ته قارن تي ٻه دم قرار ڏيئي ڇڏجن، هن ڪري انهي جي مڪمل وضاحت پيش ڪئي پئي وڃي ته جيئن ڪا غلط فهمي نہ رهي. حضرت علامہ شامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي جي ارشاد جو خلاصو آهي: اِحرام ٻڌڻ واري تي نفسِ احرام جي سبب جيڪي ڪم ڪرڻ حرام آهن جيڪڏهن انهن مان ڪو ڪم حجِّ اِفراد ڪرڻ وارو ڪندو ته انهي تي هڪ دم لازم ٿيندو جڏهن ته حجِّ قِران ڪرڻ واري تي يا جيڪو ان جي حڪم ۾ آهي اُهو ڪندو ته انهي تي ٻه دم لازم ٿيندا ۽ صدقي جي باري ۾ به قارن

جو اهو ئي حڪم آهي ته انهي تي به صدقا لازم ٿيندا، ڇاڪاڻ ته انهي حج ۽ عمري ٻنهي جو احرام ٻڌيو آهي ۽ جيڪڏهن ان حج جي واجبن مان ڪنهن واجب کي ترڪ ڪيو جيئن سعي يا رمي ڇڏي ڏني، جَنابت جي حالت ۾ يا بي وضو حج يا عمري جو طواف ڪيو يا حرم جو گاهه ڪٽي ته انهي تي ٻيڻي سزا لازم ڪونه ٿيندي ڇاڪاڻ ته اهي نفسِ احرام جي ممنوعات مان ناهن، بلڪ اهي حج ۽ عمري جي واجبن ۽ حرم جي ممنوعات مان آهن.

(رد المحتار ج 3 ص 702،701)

انهيءَ مسئلي جو مڪمل تفصيل حضرت علامہ علي قاري عليه رحمة الله الباري جن بيان ڪيو آهي: قارن يا جيڪو قارن جي حڪم ۾ آهي انهيءَ تي دم يا صدقو وغيره لازم اچڻ ۾ اصول هي آهي ته (نفسِ احرام جي وجهہ سان) هر اُهو منع ڪيل ڪم جنهن کي ڪرڻ جي صورت ۾ مُفرِد تي هڪ دم يا هڪ صدقو وغيره ڏيڻ لازم اچي، اُن ڪم کي ڪرڻ جي وجهہ سان قارن يا جيڪو قارن جي حڪم ۾ آهي انهن تي حج ۽ عمري جي احرام جي ڪري ٻه دم ۽ ٻه صدقا لازم ايندا، البت ڪجهہ صورتون اهڙيون آهن جن ۾ انهن تي صرف هڪ دم يا هڪ صدقو وغيره لازم

ايندو (۽ ان جو اصل سبب اهو ئي تہ انهن شين جو تعلق نفسِ احرام جي ممنوعات سان گڏ ناهي)

﴿1﴾ جڏهن حج يا عمرو ڪرڻ وارو بغير اِحرام جي ميقات کان گذري وڃي ۽ واپس مُڙڻ جي بدران اُتان کان ئي حجّ قِران جو اِحرام ٻڌي وٺي تہ انهيءَ تي هڪ دم لازم ايندو، ڇاڪاڻ تہ هن جيڪو ممنوع ڪم ڪيو آهي اهو حجِ قِران جو اِحرام ٻڌڻ کان پهرين ڪيو آهي ﴿2﴾ جيڪڏهن قارن يا جيڪو قارن جي حڪم ۾ آهي انهي حرم جو وڻ ڪٽيو تہ اُن تي هڪ جزاء لازم آهي. ڇاڪاڻ تہ وڻ ڪٽڻ جو تعلق احرام جي جِنايَت سان ناهي ﴿3﴾ جيڪڏهن پيادل حج يا عمري ڪرڻ جي باس باسي پوءِ مثلاً حج جي ڏينهن ۾ حجّ قِران ڪيو ۽ سوار ٿي ڪري حج جي لاءِ ويو تہ ان تي (سوار ٿيڻ جي ڪري) هڪ دم لازم آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن طوافُ الزّيارة جَنابت جي حالت ۾ ڪيو يا وضو جي بغير ڪيو تہ هڪ ئي جزاء لازم ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ طوافِ زيارت جي جنايت صرف حج سان گڏ ئي خاص آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن خالي عمرو ڪرڻ واري عمري جو طواف اهڙي ئي طرح ڪيو تہ انهي تي هڪ جزاء (دم يا صدقو) لازم آهي ﴿5﴾ جيڪڏهن قارن يا جيڪو

قارن جي حڪم ۾ آهي اهو بغير ڪنهن عُذر جي امام کان پهرين عرفات کان موٽي آيو ۽ اجا سج بہ ناهي لٿو تہ ان تي هڪ دم لازم آهي چاڪاڻ تہ اهو حج جي واجبن سان گڏ خاص آهي ۽ عمري جي اِحرام سان ان جو ڪو تعلق نہ آهي ﴿6﴾ ڪنهن عذر کان سواءِ مُزْدَلِفہ جو وقوف ڇڏي ڏنو تہ قارن ۽ جيڪو قارن جي حڪم ۾ آهي انهي تي هڪ دم لازم آهي ﴿7﴾ جيڪڏهن ان ذبح ڪرڻ کان پهرين حلق ڪرائي ورتو تہ ان تي هڪ دم لازم آهي ﴿8﴾ جيڪڏهن ان نحر جا ڏينهن گذرڻ کان پوءِ حلق ڪرايو تہ انهي تي هڪ دم لازم آهي ﴿9﴾ جيڪڏهن ان نحر جا ڏينهن گذرڻ کان پوءِ قرباني جو جانور ذبح ڪيو تہ انهي تي هڪ دم لازم آهي ﴿10﴾ جيڪڏهن ان مڪمل رمي نہ ڪئي يا اڪثر رمي ڇڏي ڏني جنهن جي وجهہ سان دم يا صدقو لازم اچي تہ انهيءَ تي هڪ دم يا هڪ صدقو لازم آهي ﴿11﴾ جيڪڏهن ان عمري يا حج مان ڪنهن هڪ جي سَعي ڇڏي ڏني تہ انهيءَ تي هڪ دم لازم ايندو ﴿12﴾ جيڪڏهن ان طوافِ صدر (يعني طوافِ وداع) ڇڏي ڏنو تہ ان تي هڪ دم لازم ايندو چاڪاڻ تہ ان جو تعلق آفاقي حاجي سان آهي، عمرو ڪرڻ واري سان گڏ قطعي ان جو ڪو

تعلق نہ آهي.

**نوٽ**: قارن تي بہ ڄزائون لازم ٿيڻ جو جيڪو اصول بيان ڪيو ويو ان ۾ هر اهو شخص شامل آهي جيڪو بہ اِحرام جمع ڪري ۽ ٻن اِحرامن کي جمع ڪرڻ چاهي سنّت سان هجي جيئن اهو مُتَمَتِّع جيڪو هَدي (يعني قرباني جو جانور) گڏ ڪٺي ڪري آيو يا هَدي گڏ ڪٺي ڪري نہ آيو هو پر اجا عمري جي اِحرام کان ٻاهر نہ آيو هو جو ان حج جو احرام ٻڌي ورتو، يا سنت سان نہ هجي جيئن مڪي پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا جا رهائشي يا جيڪو مڪي پاڪ جي رهائشي جي معنيٰ ۾ آهي ان حجِّ قِران جو اِحرام ٻَڌي ورتو، اهڙي ئي طرح هر اُهو شخص جنهن هڪ نيّت سان يا ٻن نيتن سان يا هڪ نيّت تي ٻي نيّت کي داخل ڪري ٻن حجَن يا ٻن عُمرن جا اِحرام جمع ڪري ڇڏيا، ائين ئي جيڪڏهن سؤ حج يا سؤ عمرا ڪرڻ جي نيّت سان اِحرام ٻڌو ۽ انهي کي پورو ڪرڻ کان پهرين ڪو جرم واقع ٿيو تہ انهيءَ تي (ان ڏوهہ جي حساب سان) سؤ ڄزائون لازم ٿينديون.

(المسلك المتقسط للقاري ص 406، 410 ملخصاً)

## طوافِ زيارت جي باري ۾ سوال جواب

**سوال** : عورت طوافِ زيارت ڪري رهي هئي، طواف جي

دوران ماهواريءَ (يعني حيض) شروع ٿي وڃي ته ڇا ڪري؟
**جواب:** هڪدم طواف ڇڏي ڪري مسجدُ الحرام کان ٻاهر اچي وڃي. جيڪڏهن طواف جاري رکيو يا مسجد جي اندر ئي رهي ته گنهگار ٿيندي.
**سوال:** جيڪڏهن چار ڦيرن کان پوءِ حيض آيو، يا گهٽ کان پوءِ آيو ته ڇا حڪم آهي؟
**جواب:** طواف جي دوران جيڪڏهن عورت کي حيض شروع ٿي وڃي ته چاهي چار چڪر پورا ڪري ورتا هجن يا نه ڪري سگهي هجي، هوءَ طواف هڪدم ڇڏي ڏي جو حيض جي حالت ۾ طواف ڪرڻ يا مسجد ۾ رهڻ جائز ناهي ۽ مسجدُ الحرام کان ٻاهر نڪري وڃي، ٿي سگهي ته تَيَمُّم ڪري ٻاهر اچي جو اهو اَحوَط (يعني احتياط جي وڌيڪ ويجهو) ۽ مُستَحَب آهي. پوءِ جڏهن عورت پاڪ ٿي وڃي ته جيڪڏهن چار يا ان کان وڌيڪ چڪر ڪري ورتا هئا ته باقي چڪر لڳائي پنهنجي انهي ئي طواف کي پورو ڪري، ۽ جيڪڏهن ٽي يا ان کان گهٽ چڪر لڳايا هئا ته هاڻي به بِنا (يعني جتان کان ڇڏيو اُتان کان شروع) ڪري سگهي ٿي. جنهن عورت کي ٽن چڪرن کان پوءِ حيض آيو آهي جيڪڏهن ان کي پنهنجي حيض جي عادت معلوم هئي ۽

حيض اچڻ کان پهرين هن کي ايترو وقت مليو هو جو جيڪڏهن هو چاهي ها تہ چار چڪر لڳائي سگهي ٿي تہ انهيءَ صورت ۾ ان تي چار چڪر دير سان ڪرڻ جي سبب دم لازم ٿيندو ۽ هو گنهگار بہ ٿيندي . بهارِشريعت ۾ آهي: "ائين ئي جيڪڏهن ايترو وقت هن کي مليو هو جو طواف ڪري وٺي ها ۽ نہ ڪيو هاڻي حيض يا نِفاس اچي ويو تہ گنهگار ٿي." (بهار شريعت جلد اول ص 1145) پر جيڪا عورت چار چڪر لڳائي چڪي آهي ان تي انهن ٽن چڪرن ۾ دير ڪرڻ جي وجهہ سان ڪجهہ لازم نہ ٿيندو، چاڪاڻ تہ طوافِ زيارت جي اڪثر حصي جو وقت جي اندر ٿيڻ واجب آهي نہ ڪي پوري جو . بهار شريعت "حج جي واجبات" ۾ آهي: "طوافِ اِفاضہ جو اڪثر حصو نُحر جي ڏينهن ۾ ٿيڻ. عرفات کان واپسي کان پوءِ جيڪو طواف ڪيو ويندو آهي ان جو نالو "طوافِ افاضہ" آهي ۽ انهي کي طوافِ زيارت بہ چوندا آهن . طوافِ زيارت جي اڪثر حصي کان جيترو وڌيڪ آهي يعني ٽي ڦيرا نحر جي ڏينهن کان علاوه بہ ٿي سگهن ٿا."(ايضاً ص 1049) ۽ جيڪڏهن عورت چار چڪر پورا ڪري ورتا هئا ۽ باقي ٽي مجبوري، چاهي بغير مجبوري انهي ئي (يعني ماهواري جي) حالت ۾

پورا ڪيا يا ائين ئي چار ڦيرا ڪري هلي ويئي ۽ باقي ڦيرا ڇڏي ڏنائين ته دم لازم ٿيندو ۽ جيڪڏهن هيءَ حيض جي حالت ۾ ڪيل طواف جو اِعادو (يعني ٻيهر) ڪري وئي ته دم ساقط ٿي ويندو جيتوڻيڪ نحر جي ڏينهن کان پوءِ اِعادو ڪري، ۽ جيڪڏهن ٽي پاڪائي جي حالت ۾ ڪيا هئا ۽ باقي چار حيض جي حالت ۾ ڪيا ته بَدَنه لازم ٿيندو ۽ پڻ اعادو ڪرڻ واجب ٿيندو. بهار شريعت ۾ آهي: "طوافِ فرض پورا يا اڪثر يعني چار ڦيرا جَنابت يا حيض ۽ نِفاس جي حالت ۾ ڪيا ته بَدَنه آهي ۽ بي وضو ڪيا ته دم ۽ پهرين صورت ۾ پاڪائي سان اِعادو واجب." (ايضاً ص 1175) ۽ پاڪ ٿي ڪري اِعادو ڪرڻ جي صورت ۾ بَدَنه ساقط ٿي ويندو جيئن ته مٿي بيان ٿيو.

## حائضه جي سيٽ بُڪ هجي ته طوافِ زيارت جو ڇا ڪري؟

**سوال:** حائضه جي سيٽ بُڪ هجي ته طوافِ زيارت جو ڇا ڪري ؟

**جواب:** سيٽ ڪينسل ڪرائي ۽ طهارت (يعني پاڪ ٿي ڪري غسل ڪرڻ) کان پوءِ طوافِ زيارت ڪري. جيڪڏهن سيٽ منسوخ (يعني ڪينسل) ڪرائڻ ۾ پنهنجي يا همسفرن کي

سخت ڏکيائي ٿئي تہ مجبوريءَ جي صورت ۾ طوافِ زيارت ڪري وٺي پر "بَدَنہ" يعني ڳئون يا اُٺ جي قرباني لازم ٿيندي ۽ توبهہ ڪرڻ بہ ضروري آهي ڇوتہ ناپاڪيءَ جي حالت ۾ مسجد ۾ داخل ٿيڻ ۽ طواف ڪرڻ ٻئي ڪم گناهہ آهن، جيڪڏهن ٻارهينءَ جي سج لهڻ تائين طهارت ڪري "طوافُ الزِّيارة" جو اِعادو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي تہ ڪفارو ساقط (يعني معاف) ٿي ويو ۽ ٻارهين کان پوءِ جيڪڏهن پاڪ ٿيڻ کان پوءِ موقعو مليو ۽ اِعادو ڪري ورتو تہ "بَدَنہ" ساقط ٿي ويو پر دم ڏيڻو پوندو.

**سوال:** ڪجهہ عورتون حيض روڪڻ جون گوريون استعمال ڪنديون آهن، تہ انهن ماهواريءَ جي ڏينهن ۾، جڏهن تہ حيض دوا جي ذريعي بند ٿيو هجي طوافُ الزِّيارة ڪري سگهن ٿيون يا نہ؟

**جواب:** ڪري سگهن ٿيون. (پر پنهنجي ليڊي ڊاڪٽر سان مشورو ڪري وٺڻ ڇاڪاڻ تہ انهن جو استعمال ڪڏهن ڪڏهن نقصان ده هوندو آهي، ۽ جيڪڏهن فوري نقصان جو گمان غالب هجي تہ دوا جو استعمال منع آهي. جيستوڻيڪ حيض بند هجڻ جي صورت ۾ طواف درست ٿي ويندو)

**سوال :** جيڪڏهن ڪنهن بي وضو يا ناپاڪ ڪپڙن ۾ طوافُ الزِّيارة ڪري ورتو تہ ڇا حڪم آهي؟

**جواب :** بي وضو طوافِ زيارت ڪيو تہ دم واجب ٿي ويو. ها، باوضو اِعادو ڪرڻ مُستَحَب آهي ۽ ٻيو اِعادو ڪري وٺڻ سان دم بہ واجب نہ رهيو، بلڪ ٻارهين ڪان پوءِ بہ جيڪڏهن اِعادو ڪري ورتو تہ دم معاف ٿي ويو. ناپاڪ ڪپڙن ۾ هر قسم جو طواف مڪروه (تنزيهي) آهي، ۽ ڪري ورتو تہ ڪفارو ناهي.

## طواف جي نيت جو اهم مَدَني گل

**سوال:** ڏهينءَ جو طوافُ الزِّيارة جي لاءِ حاضر ٿيو پر غلطي سان ”نفلي طواف“ جي نيّت ڪري ڇڏي، هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب :** توهان جو طوافِ زيارت ادا ٿي ويو. اها ڳالهہ ياد رکو تہ طواف ۾ نيّت ضرور فرض آهي جو ان ڪان بغير طواف ٿيندو ئي ناهي، پر ان ۾ هي شرط ناهي تہ ڪنهن خاص طواف جي نيّت ڪئي وڃي. هر طرح جو طواف فقط طواف جي نيّت سان ادا ٿي ويندو آهي، بلڪ جنهن طواف کي ڪنهن خاص وقت سان مخصوص ڪيو آهي جيڪڏهن ان خاص وقت ۾ توهان ڪنهن ٻئي طواف جي نيّت ڪئي بہ، تڏهن اهو ٻيو نہ ٿيندو، بلڪ اهو ٿيندو جيڪو مخصوص آهي. مثلاً عمري جو احرام ٻڌي ڪري

ٻاهران حاضر ٿيا ۽ عمري جي طواف جي نيّت نہ ڪئي مطلقًا (صرف) "طواف" جي نيّت ڪئي بلڪ "نفلي طواف" جي نيت ڪئي هر صورت ۾ اهو عمري جو ئي مڃيو ويندو. اهڙي طرح "قِران" جو احرام ٻڌي ڪري حاضر ٿيا ۽ اچڻ ڪان پوءِ جيڪو پهريون طواف ڪيو اهو عمري جو آهي ۽ ٻيو طواف "طوافِ قُدُوم." (المسلک المتقسط للقاري ص 145)

**سوال:** جيڪڏهن طوافِ زيارت ڪرڻ کان بغير وطن هليو ويو تہ ڇا ڪفارو آهي؟

**جواب:** ڪفاري سان گذارو ناهي ڇوتہ حج ئي نہ ٿيو، ان جو ڪو نِعمَ البدل (Alternative) نہ آهي، تنهنڪري لازمي آهي تہ ٻيهر مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعظِيمًا ۾ حاضر ٿئي ۽ طوافِ زيارت ڪري، جيستائين طوافِ زيارت نہ ڪندو تہ عورتون حلال نہ ٿينديون، چاهي سال گذري وڃن. جيڪڏهن عورت اها ڳُل ڪئي آهي تہ جيستائين طوافِ زيارت نہ ڪري اها مرد جي لاءِ حلال نہ ٿيندي جيڪڏهن ڪنوارن (غير شادي شده) ڪيو تہ شادي ڪري بہ وٺن تہ جيستائين طوافِ زيارت نہ ڪري وٺن "حلال" نہ ٿيندا .

## طواف رخصت جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** طوافِ وَداع يعني طوافِ رخصت ڪري ورتو، پوءِ

گاڏي ليٽ ٿي وئي، هاڻي نماز جي لاءِ مسجد الحرام وڃي سگهجي ٿو يا نہ؟ ڇا واپسيءَ جي وقت وري طوافِ رخصت ادا ڪرڻو پوندو؟

**جواب:** وڃي سگهجي ٿو، بلڪ جيترا ڀيرا موقعو ملي وڌيڪ عمرا ۽ طواف وغيره بہ ڪري سگهو ٿا. ٻيهر طواف ڪرڻ واجب ناهي پر ڪري وٺي تہ مُستَحَب آهي ـ صَدرُالشَّريعہ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: سفر جو ارادو هو طوافِ رخصت ڪري ورتو پر ڪنهن وجهہ سان ترسي پيو، جيڪڏهن اِقامت جي نيّت نہ ڪئي تہ اُهو ئي طواف ڪافي آهي پر مُستحَب هي آهي تہ وري طواف ڪري جو آخري ڪم طواف رهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1151، عالمگيري ج 1 ص 234)

## طَوافِ رُخصت جو اهم مسئلو

**سوال:** جيڪڏهن حج کان پوءِ وطن روانگي کان اڳ ٻہ ڏينهن جدي شريف ۾ ڪنهن رشتيدار وٽ ترسڻ جو ارادو آهي ۽ پوءِ بعد ۾ مديني جو ارادو آهي تہ طوافِ رخصت ڪڏهن ڪجي؟

**جواب:** جدي شريف وڃڻ کان اڳ ڪري وٺو جو طوافِ زيارت کان پوءِ جيڪڏهن نفلي طواف بہ ڪيو تہ اهو ئي "الوداعي طواف" يعني طوافِ رخصت آهي جو تہ آفاقيءَ

جي لاءِ طوافِ زيارت کان فوراً پوءِ طوافِ رخصت جو وقت شروع ٿي ويندو آهي ۽ پويان گذريو ته هر طواف مطلقًا طواف جي نيّت سان به ادا ٿي ويندو آهي. مطلب ته جيڪڏهن روانگيءَ کان اڳ طوافِ زيارة کان پوءِ جيڪڏهن ڪو نفلي طواف ڪري ورتو آهي ته طوافِ رخصت ادا ٿي چڪو.

**سوال:** رخصت جي وقت آفاقي عورت کي حيض اچي ويو، طوافِ رخصت جو ڇا ڪري رُڪي يا دم ڏئي هلي وڃي؟

**جواب:** ان تي هاڻي طوافِ رخصت واجب نه رهيو، وڃي سگهي ٿي ، دم جي به حاجت ناهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1151)

**سوال:** جيڪي مڪي پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا يا جدي شريف ۾ رهندا آهن ڇا انهن تي به طواف رخصت واجب آهي؟

**جواب :** جي نه، جيڪي ماڻهو مِيقات جي ٻاهر کان حج تي ايندا آهن اهي ”آفاقي حاجي“ چورائيندا آهن، صرف انهن ئي تي واپسي جي وقت طوافِ رخصت واجب آهي.

**سوال:** مديني وارا حجّ ڪن ته واپسي جي وقت انهن تي طوافِ رخصت واجب آهي يا نه؟

**جواب:** واجب آهي ڇاڪاڻ ته اهي ”آفاقي حاجي“ آهن مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا ميقات کان ٻاهر آهي.

**سوال:** ڇا عمرو ڪرڻ واري تي طوافِ رخصت واجب آهي؟

**جواب:** جي نہ، هي صرف آفاقي حاجيءَ تي رخصت جي وقت واجب آهي.

## طواف جي باري ۾ مختلف سوال جواب

**سوال:** رش جي سبب يا بي خياليءَ ۾ ڪنهن طواف جي دوران ٿوري دير جي لاءِ جيڪڏهن سينو يا پٺي ڪعبي جي طرف ٿي وڃي تہ ڇا ڪجي؟

**جواب:** طواف ۾ سينو يا پُٺي ڪندي جيترو فاصلو طئي ڪيو هجي، اوتري فاصلي جو اِعادو واجب آهي ۽ افضل هي آهي تہ اهو ڦيرو ئي نئين سري سان ڪيو وڃي.

## تڪبير طواف ۾ هٿ ڪيستائين کڻجن؟

**سوال:** تڪبير طواف ۾ حَجَرِ اَسوَد جي سامهون هٿ کُلهن تائين کڻڻ سنّت آهي يا نمازي وانگر ڪَنن تائين؟

**جواب:** ان ۾ عالمن سڳورن جا مختلف قول آهن. ”فتاويٰ حج و عمره“ ۾ جدا جدا قول نقل ڪندي لکيل آهي: ڪنن تائين هٿ کڻڻ مرد جي لاءِ آهي ڇاڪاڻ تہ هو نماز جي لاءِ بہ ڪنن تائين هٿ کڻي ٿو ۽ عورت کُلهن تائين هٿ کڻي انهي لاءِ جو اها نماز جي لاءِ ايستائين هٿ کڻندي آهي.

(فتاويٰ حج و عمره حصو اول ص 127)

**سوال:** نماز وانگر هٿ ٻڌي ڪري طواف ڪرڻ ڪيئن؟
**جواب:** مستحب ناهي، بچڻ مناسب آهي.

## طواف ۾ ڦيرن جي ڳڻپ ياد نه رهي ته؟

**سوال :** جيڪڏهن طواف جي دؤران ڦيرن جي ڳڻپ وسري وڃي يا تعداد جي باري ۾ شڪ ٿي پيو ان پريشاني جو ڇا حل آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن اهو طواف فرض (مثال طور عمري جو طواف يا طوافِ زيارة) يا واجب (مثال طور طوافِ وداع) آهي ته نئين سري سان شروع ڪريو، جيڪڏهن ڪنهن هڪ عادل شخص ٻڌايو ته هيترا ڦيرا ٿيا ته ان جي قول تي عمل ڪرڻ بهتر آهي ۽ ٻن عادل شخصن ٻڌايو ته انهن جي قول تي ضرور عمل ڪري، ۽ جيڪڏهن اهو طواف فرض يا واجب ناهي مثال طور طوافِ قُدوم (جو اهو قارن ۽ مُفرِد جي لاءِ سنّت مؤڪّده آهي) يا ڪو نفلي طواف آهي ته اهڙي موقعي تي غالب گمان تي عمل ڪريو. (رد المحتار ج 3 ص 582)

## طواف جي دؤران وضو ٽٽي وڃي ته ڇا ڪري؟

**سوال:** جيڪڏهن نئين ڦيري ۾ وضو ٽُٽي پيو ۽ نئون وضو ڪرڻ هليا ويا ته هاڻي واپس اچي ڪري طواف ڪهڙي طرح شروع ڪجي؟

**جواب:** چاهيو تہ ست ئي ڦيرا نئين سري سان شروع ڪريو ۽ هي بہ اختيار آهي تہ جتان ڪان ڇڏيو هو، اتان ڪان ئي شروع ڪريو. چئن ڪان گهٽ جو اهو ئي حڪم آهي، ها چار يا وڌيڪ ڦيرا ڪري ورتا هئا تہ هاڻي نئين سري سان نہ ٿا ڪري سگهو، جتان ڪان ڇڏيو هو اتان ڪان ئي ڪرڻو پوندو. "حَجَرِ اَسْوَد" ڪان بہ شروع ڪرڻ جي ضرورت ناهي.
(درمختار و ردالمحتار ج 3 ص 582)

## قطري جي مريض جي طواف جو اهم مسئلو

**سوال:** جيڪڏهن ڪو قطري وغيره جي بيماري جي وجھہ سان "شرعي مَعذور" هجي، طواف جي لاءِ ان جو وضو ڪيستائين ڪار آمد رهي ٿو؟

**جواب:** جيستائين ان نماز جو وقت باقي رهي، صَدرُالشَّريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مَعذور طواف ڪري رهيو آهي چار ڦيرن ڪان پوءِ نماز جو وقت ويندو رهيو تہ هاڻي ان ڪي حڪم آهي تہ وضو ڪري طواف ڪري ڇاڪاڻ تہ نماز جو وقت ختم ٿيڻ سان معذور جو وضو ويندو رهي ٿو ۽ بنا وضو جي طواف حرام، هاڻي وضو ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪو باقي آهي پورو ڪري ۽ چار ڦيرن ڪان پهرين وقت ختم ٿي ويو تڏهن بہ وضو ڪري باقي ڪي پورو ڪري ۽ ان

صورت ۾ افضل هي آهي تہ شروع کان ڪري. (بهارشريعت ج 1 ص 1101، المسلك المتقسط ص167) صرف قطرا اچڻ سان ڪو شرعي معذور نٿو ٿئي، ان ۾ ڪافي تفصيل آهي ان جي معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب "نماز جا احڪام" صفحي 31 کان 34 جو مطالعو ڪريو.

## عورت ماهواري جي ڏينهن ۾ نفلي طواف ڪيو تہ؟

**سوال:** عورت حيض جي ڏينهن ۾ نفلي طواف ڪري ورتو، ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** گنهگار بہ ٿي ۽ دم بہ واجب ٿيو. علامہ شامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِي فرمائن ٿا: **نفلي طواف جيڪڏهن جَنابت جي حالت ۾ (يا عورت حيض جي ڏينهن ۾) ڪيو تہ دم واجب آهي ۽ بي وضو ڪيو صدقو.** (ردالمحتار ج 3 ص 661) **جيڪڏهن بي غسلي،** پاڪائي حاصل ڪرڻ کان ۽ بي وضو، وضو ڪرڻ کان پوءِ طواف جو اِعادو ڪري ورتو تہ ڪفارو ساقط ٿي ويندو. پر قصداً ائين ڪيو هجي تہ توبهہ ڪرڻي پوندي ڇو تہ حيض جي ڏينهن ۾، ۽ بي وضو طواف ڪرڻ گناهہ آهي.

**سوال:** طواف ۾ ائين ڦيري ڪي ستون سمجهيائين هاڻي

ياد اچي ويو تہ هي تہ ائون ڦيرو آهي هاڻي ڇا ڪري؟

**جواب:** انهيءَ ئي تي طواف ختم ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ڄاڻي واڻي ڪري ائون ڦيرو شروع ڪيائين تہ هي هڪ نئون طواف شروع ٿي ويو هاڻي ان جا بہ ست ڦيرا پورا ڪيو. (ايضاً ص 581)

**سوال:** عمري جي طواف جو هڪ ڦيرو رهجي ويو تہ ڪهڙو ڪفارو آهي؟

**جواب:** عمري جو طواف فرض آهي. ان جو جيڪڏهن هڪ ڦيرو بہ رهجي ويو تہ دم واجب آهي، جيڪڏهن بلڪل طواف نہ ڪيو يا اڪثر (يعني چار ڦيرا) ڇڏي ڏنائين تہ ڪفارو ناهي، بلڪ انهن جو ادا ڪرڻ لازمي آهي.

(لباب المناسڪ ص 353)

**سوال:** قارن يا مُفرِد طوافِ قُدوم ڇڏي ڏنو تہ ڪهڙي سزا آهي؟

**جواب:** ان تي ڪو ڪفارو ناهي، پر سنّتِ مُؤڪّده جو تارڪ ٿيو ۽ برو ڪيائين. (لباب المناسڪ والمسلڪ المتقسط ص 352)

## مسجد الحرام جي ٻاهرين يا ٻي منزل تي طواف جو مسئلو

**سوال:** مسجد الحرام جي ڇتن تان طواف ڪري سگهجي

تو يا نہ؟

**جواب:** جيڪڏهن مسجدِ حرام جي ڇت تان ڪعبي مقدّس جو طواف ڪيو تہ فرض طواف ادا ٿي ويندو، جڏهن تہ وچ ۾ ڇت وغيره حاجِب (يعني آڙ) نہ ٿئي. پر جيڪڏهن هيٺ مَطاف ۾ گنجائش آهي تہ ڇت تان طواف مڪروه آهي، انهي ڪري جو ان صورت ۾ بنا ضرورت مسجد جي ڇت تي چڙهڻ ۽ هلڻ ٿيو جيڪو مڪروه آهي. ۽ ان حالت ۾ طواف، ڪعبي جي ويجهو ڪرڻ جي بدران تمام پري کان ڪري رهيو آهي ۽ بنا وجهہ پاڻ کي سخت مشقت ۽ تڪاوٽ ۾ وجهڻ بہ آهي، جڏهن تہ ويجهو واري مقام کان طواف ڪرڻ افضل آهي ۽ بنا سبب جي پاڻ کي مشقت ۾ وجهڻ منع آهي. ها جيڪڏهن هيٺ گنجائش نہ هجي يا گنجائش ٿيڻ تائين انتظار ۾ ڪا رڪاوٽ هجي تہ ڇت تان طواف بِنا ڪراهت جي جائز آهي. وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم

(ماهنامہ اشرفيہ، جون2005 ،پارهون فقهي سيمينار ص14)

## دَورانِ طَواف بُلند آواز سان مُناجات پڙهڻ ڪيئن؟

**سوال:** طواف جي دؤران وڏي آواز سان دعا مُناجات يا نعت شريف وغيره پڙهڻ ڪيئن؟

**جواب:** ايتري وڏي آواز سان پڙهڻ جنهن سان ٻين طواف ڪرڻ وارن يا نمازين کي پريشاني ٿئي مڪروهِ تحريمي، ناجائز ۽ گناهه آهي. البت ڪنهن کي ايذاءُ نه ٿئي اهڙي طرح هلڪي آواز سان پڙهڻ ۾ حرج ناهي. هتي اُهي ماڻهو غور فرمائن جن جي موبائل فون مان طواف جي دؤران رنگ ٽونز وڄنديون رهنديون ۽ عبادت گذارن کي پريشان ڪنديون رهن ٿيون انهن سيني کي گهرجي ته توبهه ڪن . ياد رکو! اهي حڪم صرف مسجد الحرام جي لاءِ ئي نه تمام مسجدن بلڪ سيني جڳهين جي لاءِ آهن ۽ ميوزيڪل ٽون مسجد کان علاوه به ناجائز آهي.

## اِضطِباع ۽ رَمل جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** جيڪڏهن سعي کان پهرين ٿيندڙ طواف جي پهرين ڦيري ۾ رمل ڪرڻ وسري وڃي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** رمل صرف شروعاتي ٽن ڦيرن ۾ سنّت آهي، ستن ۾ ڪرڻ مڪروهه. تنهنڪري جيڪڏهن پهرين ۾ نه ڪيو ته ٻئي ۽ ٽئي ڦيري ۾ ڪري وٺو ۽ جيڪڏهن شروعاتي ٻن ڦيرن ۾ رهجي ويو ته صرف ٽئين ۾ ڪري وٺو ۽ جيڪڏهن شروع جي ٽنهي ڦيرن ۾ نه ڪيو ته هاڻي باقي

چار ڦيرن ۾ نہ ٿا ڪري سگهو. (در مختار و رد المحتار ج 3 ص 583)

**سوال:** جنهن طواف ۾ اِضطِباع ۽ رمل ڪرڻو هو ان ۾ نہ ڪيو تہ ڇا ڪفارو آهي؟

**جواب:** ڪو ڪفارو ناهي، البت عظيم سنّت کان محرومي ضرور آهي.

**سوال:** جيڪڏهن ڪو ستن ڦيرن ۾ رمل ڪري وڃي تہ؟

**جواب:** مڪروهہ تنزيهي آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 584) پر ڪو جرمانو وغيره ناهي.

## سعي جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** حاجي سعي مطلقًا (بلڪل) نہ ڪئي ۽ وطن هليو ويو، تہ هاڻي ڇا ڪري؟

**جواب:** حج جي سعي واجب آهي تہ جنهن بلڪل سعي نہ ڪئي يا چار يا چار کان وڌيڪ ڦيرا ڇڏي ڏنائين تہ دم واجب آهي. جيڪڏهن چار کان گهٽ ڦيرا ڇڏيائين تہ هر ڦيري جي بدلي ۾ صدقو ڏئي. (بهارشريعت ج 1 ص 1177)

**سوال:** جنهن جي حج جي سعي رهجي ويئي، وطن هليو ويو ۽ دم بہ نہ ڏنو، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ انهي کي موقعو ڏنو ۽ ٻن سالن کان پوءِ حج جي سعادت ملي تہ باقي رهجي ويل سعي ڪري سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** ڪري سگهي ٿو ۽ دم بہ ساقط ٿي ويو، پر اهو سوچي ڪري سعي ڇڏي ڪري وطن نہ هليو وڃي تہ واپس موٽي ڪري سعي ڪري وٺندس، زندگي جو ڀروسو ناهي ۽ زنده بچي بہ ويؤ تہ حاضري يقيني ڪونهي.

**سوال:** حج جي سعي جا چار ڦيرا ڪري ورتا ۽ اِحرام کولي ڇڏيو يعني حلق وغيره ڪرائي ڇڏيو هاڻي ڇا ڪري؟

**جواب:** ٽي صدقا ڏئي، جيڪڏهن حلق وغيره ڪان پوءِ بہ رهيل سعي ادا ڪري ورتي تہ ڪفارو معاف ٿي ويندو. ياد رهي تہ سعي جي لاءِ حج جو زمانو يا اِحرام شرط ناهي، جيڪڏهن ادا نہ ڪئي تہ سڄي عمر ۾ جڏهن بہ سعي ڪئي واجب ادا ٿي ويندو. (هاڻي ڪفاري جي حاجت نہ رهندي)

**سوال** : جيڪڏهن طواف ڪان اڳ ئي سعي ڪري ورتي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** صَدرُ الشَّريعہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: سعي جي لاءِ شرط هي آهي تہ پوري طواف يا طواف جي اڪثر حصي ڪان پوءِ ڪيو، تنهن ڪري جيڪڏهن طواف ڪان پهرين يا طواف جي ٽن ڦيرن ڪان پوءِ سعي ڪئي تہ نہ ٿي ۽ سعي ڪان پهرين اِحرام هجڻ بہ شرط آهي، چاهي حج جو اِحرام هجي يا عمري جو، اِحرام ڪان پهرين سعي نٿي ٿي

سگهي ۽ حج جي سعي جيڪڏهن وُقوفِ عرفہ کان پهرين ڪري تہ سعي جي وقت ۾ بہ اِحرام هجڻ شرط آهي ۽ وقوفِ عرفہ کان پوءِ ڪيو تہ سنّت هي آهي تہ احرام کولي چڪو هجي ۽ عمري جي سعي ۾ احرام واجب آهي يعني جيڪڏهن طواف کان پوءِ مٿو ڪُوڙائي ورتو پوءِ سعي ڪئي تہ سعي ٿي ويئي پر جيئن تہ واجب ترڪ ٿيو تنهن ڪري دم واجب آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1109)

## چُمي ڏيڻ وغيره جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** اِحرام جي حالت ۾ زال کي هٿ لڳائڻ ڪيئن؟

**جواب:** زال کي بنا شهوت جي هٿ لڳائڻ جائز آهي پر شهوت سان هٿ ۾ هٿ وجهڻ يا جسم کي ڇُهڻ حرام آهي، جيڪڏهن شهوت جي حالت ۾ چمي ڏني يا ڀاڪر پاتو يا جسم کي ڇهيو تہ دم واجب ٿي ويندو. اهي ڪم عورت سان ڪجن يا اَمرد سان، ٻنهي جو هڪ ئي حڪم آهي. (درمختار و ردالمحتارج 3 ص 667) **جيڪڏهن مُحرِمہ کي بہ مرد** جي انهن ڪمن سان لذت اچي تہ ان کي بہ دم ڏيڻو پوندو. (بهارشريعت ج1ص 1173)

**سوال:** جيڪڏهن تصور جمي يا شرمگاهہ تي نظر پئجي وڃي ۽ اِنزال ٿئي (يعني مني نڪري) تہ ڪهڙو ڪفارو آهي؟

**جواب:** انهي صورت ۾ ڪو ڪفارو ڪونهي . (عالمگيري ج1ص 244) رهيو حرام ڪيل عورت يا اَمرد سان بدنگاهي ڪرڻ يا قصداً انهن جو "گندو" تصوّر ٻڌڻ اهو اِحرام کان علاوه بہ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ٻيو اهڙي طرح جا گندا وسوسا بہ اچن تہ معاذالله عَزَّوَجَلَّ لُطف اندوز ٿيڻ جي بدران هڪدم توجهہ هٽائجي. اهڙي طرح عورتن جي لاءِ بہ اهي ئي حڪم آهن.

**سوال:** جيڪڏهن اِحتِلام ٿي وڃي تہ ؟

**جواب:** ڪو ڪفارو ناهي. (عالمگيري ج1 ص244)

**سوال:** جيڪڏهن خدانخواستہ ڪو مُحرِم مُٺ هڻڻ (يعني هٿ سان مني خارج ڪرڻ) جو مُرتَڪب ٿيو تہ ڪفارو ڇا آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن اِنزال ٿي ويو (يعني مني نڪري وئي) تہ دم واجب آهي، نہ تہ مڪروهہ. (ايضاً) اهو ڪم چاهي اِحرام ۾ هجي يا نہ بهرحال ناجائز ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَةُ الرَّحمٰن فرمائن ٿا: جيڪي هٿ سان مني خارج (يعني هينڊ پريڪٽس) ڪن ٿا جيڪڏهن اهي بنا توبهہ ڪرڻ جي مري ويا تہ قيامت جي ڏينهن ان حال ۾ اُٿندا جو انهن جي هٿن جون ترِيون ڳورهاريون (يعني حاملہ) هونديون جنهن سان ماڻهن

جي ڪثير ميڙ ۾ انهن جي رسوائي ٿيندي .

(ملخص از فتاويٰ رضويه ج 22 ص 244)

## اِحرام ۾ اَمرَد سان هٿ ملايوءِ......؟

**سوال:** جيڪڏهن اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملايو ۽ شهوت اچي ويئي تہ ڪهڙي سزا آهي؟

**جواب:** دم واجب ٿي ويو . ان ۾ اَمرَد[1] ۽ غير اَمرَد جي ڪا قيد ناهي، جيڪڏهن ٻنهي کي شهوت ٿي ۽ ٻيو بہ مُحرِم آهي تہ اهو بہ دم ڏي.

## زال مڙس جو هٿ ۾ هٿ وجهي ڪري هلڻ

**سوال:** اِحرام ۾ زال مڙس جي هڪٻئي جو هٿ جهلي ڪري طواف يا سعي ڪرڻ ۾ جيڪڏهن شهوت ٿئي تہ؟

**جواب:** جنهن کي شهوت آئي ان تي دم واجب آهي جيڪڏهن ٻنهي کي اچي ويئي تہ ٻنهي تي آهي . جيڪڏهن اِحرام وارن مردن هڪٻئي جو هٿ پڪڙيو هجي تڏهن بہ اهو ئي حڪم آهي.

---

(1) اهو ڇوڪرو يا مرد جنهن کي ڏسڻ يا ڇهڻ سان شهوت ايندي هجي، اِحرام ۾ هجي يا نہ، ان کان پري رهڻ لازمي آهي جيڪڏهن هٿ ملائڻ سان يا ان کي ڇهڻ سان يا ان سان گفتگو ڪرڻ سان شهوت وڌندي هجي تہ هاڻي ان سان گڏ اهي ڪم جائز ناهن. ان جي تفصيلي معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل رسالو ”قوم لوط جون تباهہ ڪاريون“ پڙهو.

# همبستري جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** ڇا جِماع (يعني همبستري) سان حج فاسد ٿي سگهي ٿو؟

**جواب:** وُقوفِ عرفات کان پهريان همبستري ڪئي ته حج فاسد ٿي ويو. ان کي حج وانگر پورو ڪري دم ڏي ۽ آئنده سال ئي ان جي قضا ڪري وٺي. (عالمگيري ج1 ص 244) عورت به حج جي اِحرام ۾ هئي ته ان تي به اهو ئي لازم آهي ۽ جيڪڏهن ان بلا ۾ وري پئجي وڃڻ جو خوف هجي ته مناسب آهي ته قضا جي اِحرام کان ختم تائين ٻئي ائين جدا رهن جو هڪبئي کي نه ڏسن. (بهارشريعت ج 1 ص 1173)

**سوال:** جيڪڏهن مسئلو معلوم نه هجي يا ڀُل ۾ جِماع ڪري وينو پوءِ؟

**جواب:** ڀُلجي ڪري يا اڻ ڄاڻائي ۾ همبستري ڪئي يا ڄاڻي واڻي ڪري، پنهنجي مرضيءَ سان ڪئي هجي يا بِالجَبر (زوري) سيني جو هڪ ئي حڪم آهي، بلڪ ٻي مجلس ۾ ٻي ڀيري جماع ڪري وينو ته ٻيو دم به ڏيڻو پوندو، ها حج جو ارادو ڇڏي ڏيڻ کان پوءِ جِماع سان دم لازم نه ٿيندو.

**سوال:** ڇا جِماع سان حاجي جو "اِحرام" ختم ٿي ويندو آهي؟

**جواب:** جي نہ، اِحرام بدستور باقي آهي، جيڪي شيون مُحْرِمجي لاءِ ناجائز آهن اهي هاڻي بہ ناجائز آهن ۽ تمام احڪام اهي ئي آهن. (بهارشريعت ج 1 ص 1175)

**سوال:** جيڪڏهن حج فاسد ٿي وڃي ۽ اُنهي وقت نئون اِحرام اُنهي ئي سال جي حج جي لاءِ ٻڌي وٺي تہ؟

**جواب:** ان طرح نہ ڪفاري کان خلاصي ٿيندي نہ هاڻي هن سال جو حج ٿي سگهندو جو اُهو تہ فاسد ٿي چڪو، بهرحال ايندڙ سال قضا ڪرڻي پوندي. (ايضاً)

**سوال:** مُتَمَتِّع عمرو ڪري اِحرام کولي ڇڏيو ۽ اجا مناسڪ حج (يعني حج جا رڪن) شروع ٿيڻ ۾ ڪيئي ڏينهن باقي آهن، زال سان ميلاپ ٿي سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** جيستائين ٻنهي حج جو احرام ناهي ٻڌيو، ٿي سگهي ٿو.

**سوال:** جيڪڏهن عمري جو اِحرام ٻڌڻ کانپوءِ طواف وغيره کان پهرين همبستري ڪري ورتي تہ ڇا ڪفارو آهي؟

**جواب:** عمري ۾ طواف جا چار ڦيرا ڪرڻ کان اڳ ۾ جِماع ڪيو تہ عمرو فاسد ٿي ويو. عمرو ٻيهر ڪري ۽ دم بہ ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن چار ڦيرا يا مڪمل طواف کان پوءِ ڪيو تہ صرف دم واجب ٿيو، عمرو صحيح ٿي ويو.

(در مختار ج 3 ص 676)

**سوال:** جيڪڏهن مُعتَمِر (يعني عمرو ڪرڻ وارو) طواف ۽ سعي ڪان پوءِ، پر مٿو ڪوڙائڻ ڪان پهرين جِماع ۾ مبتلا ٿي ويو پوءِ ته ڪا سزا ناهي؟

**جواب:** چونه، هاڻي به دم واجب ٿيندو حلق يا قصر ڪرائڻ ڪان پوءِ ئي زال حلال ٿيندي.

## ننهن ڪٽڻ جي باري ۾ سوال ۽ جواب

**سوال:** مسئلو معلوم نه هو ۽ ٻنهي هٿن ۽ ٻنهي پيرن جا ننهن ڪٽي ورتا ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن ڪفارو آهي ته اهو به ٻڌائي ڇڏيو.

**جواب :** ڄاڻڻ يا نه ڄاڻڻ هتي عُذر ناهي هوندو، چاهي پلجي ڪري جرم ڪريو يا ڄاڻي واڻي ڪري، پنهنجي مرضي سان ڪريو يا ڪو زبردستي ڪرائي ڪفارو هر صورت ۾ ڏيڻو پوندو. صَدرُالشَّريعه رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: هڪ هٿ يا هڪ پير جا پنجئي ننهن ڪٽيا يا ويهه گڏ ڪٽيا ته هڪ دم آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن هٿ يا پير جا پورا پنج ننهن نه ڪٽيا ته هر ننهن تي هڪ صدقو، ايستائين جو جيڪڏهن چئني هٿن پيرن جا چار چار ڪٽيا ته سورهن صدقا ڏي پر اهو جو صدقن جي قيمت هڪ دم جي برابر ٿي وڃي ته ڪجهه گهٽ ڪري وٺي يا دم ڏي ۽ جيڪڏهن هڪ هٿ يا

پير جا پنجئي هڪ مجلس ۾ ۽ ٻي جا پنجئي ٻي جلسي ۾ ڪٽيا تہ ٻہ دم لازم آهن ۽ جيڪڏهن چئني هٿن پيرن جا چار جلسن ۾ تہ چار دم. (بهارشريعت ج 1 ص 1172،عالمگيري ج 1 ص 344)

**سوال:** جيڪڏهن ڏندن سان ننهن ڪُتري ڇڏيا تہ ڇا سزا آهي؟

**جواب :** چاهي بليڊ سان ڪٽيو يا چاقوءَ سان، نيل ڪٽر (يعني ننهن ڪٽڻي) سان ڪٽيو يا ڏندن سان ڪٽيو سڀني جو هڪ ئي حڪم آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 1172)

**سوال :** مُحَرِم ڪنهن ٻئي جا ننهن ڪٽي سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** نہ ٿو ڪٽي سگهي، ان جا اهي ئي حڪم آهن جيڪي ٻين جا وار ڪوڙڻ جا آهن.(المسلڪ المتقسط للقاري ص 332)

## وار ڪُوڙڻ جي بابت سوال جواب

**سوال:** جيڪڏهن معاذالله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن مُحَرِم پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏي تہ ڇا سزا آهي؟

**جواب:** ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا خشخشي ڪرائڻ هونئن بہ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ۽ اِحرام جي حالت ۾ سخت حرام. البت اِحرام جي حالت ۾ مٿي جا وار بہ نہ ٿا ڪٽي سگهو. بهرحال اِحرام جي حالت ۾ حڪم بابت صَدرُ الشَّريعہ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيہ فرمائن ٿا: مٿي يا ڏاڙهي جي وارن جو

چوٿائي حصو يا وڌيڪ ڪنهن طرح صاف ڪيا تہ دم آهي ۽ چوٿائي حصي کان گهٽ ۾ صدقو. ۽ جيڪڏهن گنجو آهي يا ڏاڙهي ۾ گهٽ وار آهن، تہ جيڪڏهن چوٿائي (1/4) جي مقدار آهن تہ ڪُل (سڄي) ۾ دم، نہ تہ صدقو. ڪجهہ جڳهن تان ٿورا ٿورا وار ڪنيا تہ سڀني جو مجموعو جيڪڏهن چوٿائي حصي (1/4) کي پهچي ٿو تہ دم آهي نہ تہ صدقو. (بهار شريعت ج 1 ص 1170، ردالمحتار ج 3 ص 659)

**سوال:** عورت پنهنجا وار ڪٽي سگهي ٿي يا نہ؟

**جواب:** نہ، عورت جيڪڏهن پوري مٺي يا چوٿائي حصو (1/4) مٺي جا وار هڪ سَنڌ جيترا ڪٽي ورتا تہ دم ڏئي ۽ گهٽ ۾ صدقو. (لباب المناسڪ ص 327)

**سوال** : مُحرِم ڪنڌ يا بغل يا ڌُن کان هيٺان جا وار ڪٽي ورتا تہ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** سڄي ڪنڌ يا پوري هڪ بغل ۾ دم آهي ۽ گهٽ ۾ صدقو. جيتوڻيڪ اڌ يا وڌيڪ هجي. اهو ئي حڪم ڌُن کان هيٺان جو آهي، ٻئي بغل پورا ڪوڙائي ڇڏهن بہ هڪ ئي دم آهي. (بهار شريعت ص 1170، در مختار و ردالمحتار ج3 ص659)

**سوال:** مٿو، ڏاڙهي ۽ بغل وغيره سڀ هڪ ئي مجلس ۾ صاف ڪرائي ڇڏيا تہ ڪيترا ڪفارا ٿيندا؟

**جواب:** چاهي مٿي کان وٺي ڪري پيرن تائين سڄي جسم جا وار هڪ ئي مجلس ۾ صاف ڪرايو ته هڪ ئي ڪفارو آهي جيڪڏهن الڳ الڳ عضون جا الڳ الڳ مجلس ۾ صاف ڪرائيندؤ ته اوترائي ڪفارا ٿيندا.

(درمختار و رد المحتار ج 3 ص 661، 659)

**سوال :** جيڪڏهن وضو ڪرڻ ۾ وار ڇڻندا هجن ته ڇا ان تي به ڪفارو آهي؟

**جواب:** جونه، وضو ڪرڻ ۾، ڪنهڻ ۾، يا ڦٽي ڏيڻ ۾ جيڪڏهن ٻه يا ٽي وار ڪريا ته هر وار جي بدلي ۾ هڪ هڪ مُٺ اناج يا هڪ هڪ ماني جو ٽُڪر، يا هڪ ڇوهارو خيرات ڪريو ۽ ٽن کان وڌيڪ ڪريا ته صدقو ڏيڻو پوندو.

(بهار شريعت ج 1 ص 1171)

**سوال:** جيڪڏهن ڪاڌو پچائڻ ۾ چُلهه جي گرمي سبب ڪجهه وار سڙي ويا ته؟

**جواب :** صدقو ڏيڻو پوندو. (ايضاً)

**سوال:** مُڇون صاف ڪرائي ڇڏيون ڪفارو ڇا آهي؟

**جواب:** مُڇون جيتوڻيڪ پوريون صاف ڪرايو، يا ڪٽايو صدقو آهي. (ايضاً)

**سوال:** جيڪڏهن سيني جا وار صاف ڪرائي ڇڏيا ته ڇا ڪري؟

**جواب:** متي، ڏاڙهي، ڪنڌ، بغل ۽ ڌُن جي هيٺين وارن ڪان علاوه باقي عضون جا وار صاف ڪرڻ ۾ صرف صدقو آهي. (ايضاً)

**سوال:** وار ڇڻڻ جي بيماري هجي ۽ يا خوبخود وار ڪرندا هجن تہ ان تي ڪا رعايت؟

**جواب :** جيڪڏهن بغير هٿ لڳائڻ جي وار ڪري پون، يا بيماري سبب سڀ وار ڇڻي وڃن تہ ڪو ڪفارو ناهي. (ايضاً)

**سوال:** مُحرِم ٻئي مُحرِم جو مٿو ڪوڙيو تہ ڪهڙي سزا آهي؟

**جواب :** جيڪڏهن اِحرام کولڻ جو وقت اچي ويو تہ هاڻي ٻئي هڪٻئي جا وار صاف ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن اجا وقت ناهي آيو تہ ان تي ڪفاري جي صورت مختلف آهي، جيڪڏهن مُحرِم مُحرِم جو مٿو ڪوڙيو تہ جنهن جو مٿو ڪوڙيو ويو ان تي تہ ڪفارو آهي ئي، پر ڪوڙڻ واري تي بہ صدقو آهي ۽ جيڪڏهن مُحرِم غير مُحرِم جو مٿو ڪوڙيو يا مُڇون يا ننهن ڪٽيا تہ مسڪينن تي ڪجهہ خيرات ڪري ڇڏي. (بهار شريعت ج ا ص 1142، 1171)

**سوال:** غير مُحرِم مُحرِم جو مٿو ڪوڙي سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** وقت کان پهرين نہ ٿو ڪوڙي سگهي، جيڪڏهن

ڪوڙيندو تہ مُحرِم تي تہ ڪفارو آهي ئي، غير مُحرِم ڪي بہ صدقو ڏيڻو پوندو. (ايضاً 1171)

**سوال:** جيڪڏهن وار صفا پاؤڊر يا ڪريم سان وار صاف ڪيا تہ ڪهڙو مسئلو آهي؟

**جواب:** بهار شريعت ۾ آهي: ڪوڙڻ، ڪٽڻ، نِڇڪٽي سان پٽڻ يا ڪنهن شيءِ سان وار اُڏائڻ، سڀني جو هڪ ئي حڪم آهي. (ايضاً)

## خوشبو جي باري ۾ سوال ۽ جواب

**سوال:** اِحرام جي حالت ۾ عطر جي شيشي هٿ ۾ ڪنئي ۽ هٿ ۾ خوشبو لڳي وئي تہ ڇا ڪفارو آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن ماڻهو ڏسي ڪري چون تہ هيءَ تمام گهڻي خوشبو لڳي وئي آهي جيتوڻيڪ عضوي جي ٿوري حصي ۾ لڳي هجي تہ دم واجب آهي، نہ تہ معمولي خوشبو بہ لڳي تہ صدقو آهي. (ماخوذ از بهار شريعت ج 1 ص 1163)

**سوال:** مٿي ۾ خوشبودار تيل وجهي ورتو تہ ڇا ڪري؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪو وڏو عضوو مثلاً ران، منهن، پيڏي يا مٿو، سڄي جو سڄو خوشبوءَ سان ڀرجي وڃي چاهي خوشبودار تيل ذريعي هجي يا عِطر سان، دم واجب ٿي ويندو. (ايضاً)

**سوال:** وڇائڻ جي چادر يا اِحرام جي ڪپڙن تي خوشبو لڳي وئي يا ڪنهن لڳائي ته؟

**جواب:** خوشبو جو مقدار ڏئو ويندو، گهڻو آهي ته دم، گهٽ آهي ته صدقو.

**سوال:** جيڪو ڪمرو رهائش جي لاءِ مليو ان ۾ ڪارپيٽ، بستر، وهاڻو، چادر وغيره خوشبودار هجن ته ڇا ڪري؟

**جواب:** مُحرِم انهن شين جي استعمال کان بچي، جيڪڏهن احتياط نه ڪيو ۽ انهن شين مان خوشبو بدن يا اِحرام تي لڳي ويئي ته وڌيڪ هجڻ جي صورت ۾ دم، ۽ گهٽ ۾ صدقو واجب ٿيندو، ۽ جيڪڏهن نه لڳي ته ڪو ڪفارو ناهي پر ان صورت ۾ بچڻ بهتر آهي. مُحرِم کي گهرجي گهر مالڪ کي متبادل انتظام جو چوي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته فرش ۽ بستر وغيره تي ڪا بغير خوشبو واري چادر وڇائي وٺي، وهاڻي جي ڇَو (Cover) تبديل ڪري وٺي يا ان کي ڪنهن بي خوشبو چادر ۾ ويڙهي وٺي.

**سوال:** جيڪا خوشبو اِحرام جي نيّت کان پهرين جسم تي لڳائي هئي ڇا اِحرام جي نيت کان پوءِ ان خوشبو کي زائل ڪرڻ (يعني پري هٽائڻ) ضروري آهي؟

**جواب :** نه، صَدرُ الشَّريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اِحرام کان

پهرين بدن تي خوشبو لڳائي هئي، اِحرام کان پوءِ ڦهلجي ڪري ٻين عضون کي لڳي تہ ڪفارو ناهي .

(بهار شريعت ج 1 ص 1163)

**سوال:** اِحرام جي نيّت کان پهرين ڳلي ۾ جيڪو بيگ هو ان ۾ يا بيلٽ جي کيسي ۾ عِطر جي شيشي هئي، نيّت کان پوءِ ياد اچڻ تي ان کي ڪڍڻ ضروري آهي يا رهڻ ڏيون؟ جيڪڏهن انهيءَ ئي شيشي جي خوشبو هٿ ۾ لڳي ويئي تڏهن بہ ڪو ڪفارو ٿيندو؟

**جواب:** اِحرام جي نيّت کان پوءِ اها عِطر جي شيشي بيگ يا بيلٽ مان ڪڍڻ ضروري ناهي ۽ بعد ۾ انهي شيشي جي خوشبو هٿ وغيره تي لڳي ويئي تہ ڪفارو لازم ايندو، ڇاڪاڻ تہ اها خوشبو ناهي جيڪا اِحرام جي نيّت کان پهرين ڪپڙن يا بدن تي لڳائي ويئي هجي.

**سوال:** نيّت کان پهرين ڳلي ۾ جيڪو بيگ لٽڪايو اهو خوشبودار هو، ۽ ان ۾ خوشبودار رومال يا خوشبو واري طواف جي تسبيح وغيره بہ موجود آهي، انهن جو مُحرم استعمال ڪري سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** انهن شين جي خوشبو قصداً (يعني ڄاڻي ڪري) سونگهڻ مڪروه آهي، پر ان احتياط سان گڏ استعمال جي اجازت آهي تہ جيڪڏهن ان جي تري باقي آهي تہ لهي

ڪري اِحرام ۾ بدن کي نہ لڳي پر ظاهر آهي تہ تسبيح ۾ اهڙو احتياط ڪرڻ تمام مشڪل آهي بلڪ رومال ۾ بہ بچڻ مشڪل آهي. تنهن ڪري انهن جي استعمال کان بچڻ ئي ۾ عافيت آهي .

**سوال:** جيڪڏهن ڪو تي وڏيڪ خوشبودار چادرون نيّت کان پهرين هنج ۾ رکي وني يا اوڍي وني، هاڻي اِحرام جي نيت ڪري، نيت کان پوءِ وڏيڪ چادرون هٽائي ڇڏي، انهيءَ احرام جي حالت ۾ هاڻي انهن چادرن جو استعمال ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** جيڪڏهن تري باقي آهي تہ انهن کي استعمال جي اجازت ناهي ۽ جيڪڏهن تري ختم ٿي چڪي آهي صرف خوشبو باقي آهي تہ استعمال جي اجازت آهي پر مڪروهِ تنزيهي آهي. صَدرُ الشّريعہ رَحمۃُ اللہِ تَعالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن احرام کان پهرين خوشبودار ڪيو ۽ احرام ۾ پاتو تہ مڪروه آهي پر ڪفارو ناهي. (ايضاً ص 1165)

**سوال:** اِحتلام ٿي ويو يا ڪنهن وجهہ سان اِحرام جي هڪ يا ٻئي چادرون ناپاڪ ٿي ويون، هاڻي ٻيون چادرون تہ موجود آهن پر انهن ۾ پهرين جي خوشبو لڳل آهي، انهن کي پائي سگهجي ٿو يا نہ؟

**جواب:** جيڪڏهن خوشبو جي تري يا جِرم (يعني عَين، جسم) اڃا تائين باقي آهي ته انهن چادرن کي پائڻ سان ڪفارو لازم ٿيندو، ۽ جيڪڏهن جِرم ختم ٿي چڪو آهي صرف خوشبو باقي آهي ته پوءِ اهي چادرون مُحرِم استعمال ڪري سگهي ٿو. ها بنا عذر جي اهڙيون چادرون استعمال ڪرڻ مڪروهِ تنزيهي آهي. فقهاءِ ڪرام رحمهم الله السلام فرمائن ٿا: جنهن ڪپڙي تي خوشبو جو جِرم (يعني عين، جسم) باقي آهي انهيءَ کي احرام ۾ پائڻ ناجائز آهي. (عالمگيري ج 1 ص 222) بهار شريعت ۾ آهي: "جيڪڏهن اِحرام کان پهرين خوشبودار ڪيو هو ۽ اِحرام ۾ پاتو ته مڪروهه آهي پر ڪفارو ناهي." (بهار شريعت ج 1 ص 1165)

**سوال :** اِحرام جي حالت ۾ حَجَرِ اَسوَد کي چمڻ دوران يا رڪن يماني کي ڇُهڻ يا مُلتَزم سان چنبڙندي جيڪڏهن خوشبو لڳي وئي ته ڇا ڪجي؟

**جواب:** جيڪڏهن گهڻي لڳي وئي ته دم ۽ ٿوري لڳي ته صدقو. (ايضاً 1164) (جتي جتي خوشبو لڳي وڃڻ جو مسئلو آهي اتي گهڻ آهي يا وڏيڪ ان جو فيصلو ٻين کان ڪرائڻو آهي. جو جو وڏيڪ خوشبو لڳي وڃڻ تي دم آهي، انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو پنهنجو نفس وڏيڪ خوشبو کي به ٿوري ٿي چوي)

**سوال:** مُحْرِم چاڻي ڪري خوشبودار گل سونگهي سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** نہ، مُحْرِم جو بالقصد (يعني ڄاڻي ڪري) خوشبو يا خوشبودار شيءِ سونگھڻ مڪروهِ تنزيهي آهي، پر ڪفارو ناهي. (ايضاً ص 1163)

**سوال:** بِنا پَڪَل الائچي (يعني ڦوٽا) يا چاندي جي ورق وارا الائچي جا داڻا کائڻ ڪيئن؟

**جواب:** حرام آهي جيڪڏهن خالص خوشبو جيئن مُشڪ، زعفران، لونگ، ڦوٽا، دار چيني، ايتري کاڌي جو وات جي اڪثر حصي ۾ لڳي وئي تہ دم واجب ٿي ويو ۽ گهٽ ۾ صدقو آهي. (ايضاً ص 1164)

**سوال:** خوشبودار زردو، برياني، ۽ قورمو، خوشبو واري سونف، مٺي سوپاري، ڪريم وارا بسڪٽ، ٽافيون وغيره کائي سگهجن ٿا يا نہ؟

**جواب:** جيڪا خوشبو کاڌي ۾ پچائي وئي آهي، چاهي اڃا بہ ان مان خوشبو اچي رهي هجي، ان کي کائڻ ۾ حرج ناهي. اهڙي طرح خوشبو پچائڻ وقت تہ نہ وڌي هئي مٿان وجهي ڇڏي هئي، پر هاڻي ان جي مهڪ اُڏامي وئي ان جو کائڻ بہ جائز آهي، جيڪڏهن بنا پچايل خوشبو کاڌي يا

مَعجون، دوا وغيره ۾ ملائي وئي تہ هاڻ ان جا جُزا غذا يا دوا وغيره بي خوشبو شين جي اَجزا کان گهٽا آهن تہ اها خالص خوشبو جي حڪم ۾ آهي ۽ ڪفارو آهي، جو وات جي اڪثر حصي ۾ خوشبو لڳي وئي تہ دم، ۽ گهٽ ۾ لڳي تہ صدقو، ۽ جيڪڏهن اناج وغيره جي مقدار گهٽي آهي ۽ خالص خوشبو گهٽ تہ ڪو ڪفارو ناهي، ها خالص خوشبو جي مهڪ ايندي هجي تہ مڪروهِ تنزيهي آهي.

**سوال:** خوشبودار شربت، فروٽ، جوس، ٿڌيون بوتلون وغيره پيئڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن خالص خوشبو جيئن صندل وغيره جو شربت آهي تہ اهو شربت تہ پچائي ڪري ئي ناهيو وڃي ٿو، تنهنڪري مطلقاً پيئڻ جي اجازت آهي ۽ جيڪڏهن ان جي اندر خوشبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪو ايسنس (Essence) وڌو وڃي ٿو تہ منهنجي معلومات جي مطابق ان جي وجهڻ جو طريقو هي آهي تہ پچائي ويندڙ شربت ۾ ٿڌي ٿيڻ کان پوءِ وڌو ويندو آهي ۽ يقيناً اهو قليل مقدار ۾ هوندو آهي تہ ان جو حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن ان کي ٽي ڀيرا يا وڌيڪ پيتو تہ دم آهي نہ تہ صدقو . بهار شريعت ۾ آهي:
"پيئڻ جي شيءِ ۾ جيڪڏهن خوشبو ملائي، جيڪڏهن

خوشبو غالب آهي (ته دم آهي) يا خوشبو گهٽ آهي پر ان کي ٽي پيرا يا وڌيڪ پيتو ته دم آهي، نه ته صدقو.“

(بهارِ شريعت ج 1 ص 1165)

**سوال:** مُحرِم ناريل جو تيل مٿي وغيره ۾ لڳائي سگهي ٿو يا نه؟

**جواب:** ڪو حرج ناهي، البت تِرن ۽ زيتون جو تيل خوشبو جي حڪم ۾ آهي، جيتوڻيڪ انهن ۾ خوشبو نه هجي اهو جسم تي نه ٿا لڳائي سگهو. ها انهن جي کائڻ، نڪ ۾ چڙهائڻ، زخم تي لڳائڻ ۽ ڪن ۾ وجهڻ ۾ ڪفارو واجب ناهي. (ايضاً ص 1166)

**سوال:** اِحرام جي حالت ۾ اکين ۾ خوشبودار سرمو لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** حرام آهي، صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: خوشبودار سرمو هڪ يا ٻه پيرا پاتو ته صدقو ڏي، ان کان وڌيڪ ۾ دم ۽ جنهن سرمي ۾ خوشبو نه هجي ان جي استعمال ۾ حرج ناهي، جڏهن ته ضرورت سان هجي ۽ بِنا ضرورت مڪروه (و خلافِ اوليٰ) (ايضاً ص 1164)

**سوال:** خوشبو لڳائي ورتي ۽ ڪفارو به ڏئي ڇڏيو ته هاڻي لڳل رهڻ ڏيون يا ڇا ڪجي؟

**جواب:** خوشبو لڳائڻ جڏهن گناهه قرار ڏنو ويو ته جسم يا ڪپڙي کان جدا ڪرڻ واجب آهي، ۽ ڪفارو ڏيڻ کان پوءِ جيڪڏهن پري نه ڪئي ته وري دم وغيره واجب ٿيندو.
(ايضاً ص 1166)

## اِحرام ۾ خوشبودار صابڻ جو استعمال

**سوال:** حِجاز مقدّس جي هوٽلن ۾ خوشبودار صابڻ، مُعَطّر شيمپو ۽ خوشبو وارا پاؤڊر هٿ ڌوئڻ جي لاءِ رکيا ويندا آهن ۽ احرام وارا بنا تڪلّف انهن کي استعمال ڪندا آهن، هوائي جهاز ۾ ۽ ايئر پورٽ تي به احرام وارن کي اهو ئي ملي ٿو، ڪپڙن ۽ ٿانوَ ڌوئڻ جو پاؤڊر به حِجاز مقدّس ۾ خوشبودار ٿي هوندو آهي انهن شين جي باري ۾ شرعي حڪم ڇا آهي؟

**جواب:** اِحرام وارا انهن شين کي استعمال ڪن ته ڪو ڪفارو لازم نه ٿيندو. (جيتوڻيڪ خوشبو جي نيّت سان انهن شين جو استعمال مڪروهه آهي) (ماخوذ از: احرام اور خوشبودار صابن)[1]

---

(۱) دعوت اسلامي جي مجلس تحقيقاتِ شرعيه اُمت جي رهنمائي جي لاءِ اتفاقِ راءِ سان هي فتويٰ ترتيب فرمايو، وڏيڪ اهلسنت جي ٽن مقتدر عالمن (1) مفتيءِ اعظم پاڪستان علامه عبد القيوم هزاروي (2) شرفِ ملت حضرت علامه محمد عبدالحڪيم شرف قادري ۽ (3) فيضِ ملت حضرت علامه فيض احمد اُويسي (رَحِمَهُمُ الله تعاليٰ) جي تصديق حاصل ڪئي ۽ مڪتبة المدينه نالي ”احرام اور خوشبودار صابن“ هي رسالو شايع ڪيو. تفصيل جا شوقين ان کي حاصل ڪن يا دعوت اسلامي جي ويب سائٽ: www.dawateislami.net تي ملاحظه فرمايو.

# مُحرِم ۽ گلاب جي گلن جا هار

**سوال:** اِحرام جي نيّت ڪري ونڻ کان پوءِ ايئرپورٽ وغيره تي گلاب جي گلن جا هار پائي سگهجن ٿا يا نہ؟

**جواب:** احرام جي نيّت کان پوءِ گلاب جي گلن جو هار نہ پاتو وڃي، ڇاڪاڻ تہ گلاب جو گل پاڻ عين (خالص) خوشبو آهي ۽ ان جي مهڪ بدن ۽ لباس ۾ رچي ويندي آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ان جي مهڪ لباس ۾ رچي وئي ۽ وڏيڪ آهي ۽ چار پهر يعني ٻارهن ڪلاڪن تائين ان ڪپڙي کي پاتل رهيو تہ دم آهي، نہ تہ صدقو ۽ جيڪڏهن خوشبو ٿوري آهي ۽ ڪپڙي ۾ هڪ گرانٽ يا ان کان گهٽ (حصي) ۾ لڳي آهي ۽ چار پهر تائين ان کي پاتل رهيو تہ "صدقو" ۽ ان کان گهٽ پاتو تہ هڪ مُٺ اناج ڏيڻ واجب آهي ۽ جيڪڏهن خوشبو ٿوري آهي، پر گرانٽ کان وڏيڪ حصي ۾ آهي، تہ وڏيڪ جو ئي حڪم آهي يعني چار پهر ۾ "دم" ۽ گهٽ ۾ "صدقو" ۽ جيڪڏهن اهو هار پائڻ جي باوجود ڪا مهڪ ڪپڙن ۾ نہ رچي تہ ڪو ڪفارو نہ آهي . (احرام اور خوشبودار صابن ص 35 کان 36)

**سوال:** ڪنهن سان هٿ ملايو ۽ انهي جي هٿ سان مُحرم جي هٿ ۾ خوشبو لڳي ويئي تہ؟

**جواب:** جيڪڏهن خوشبو جو عَين لڳو تہ ”ڪفارو“ ڏيندو ۽ جيڪڏهن عَين نہ لڳو، بلڪ هٿ ۾ صرف مهڪ آئي تہ ڪو ڪفارو ناهي ڇو جو هن مُحرِم خوشبو جي عَين مان نفعو نہ ڪنيو، ها ان کي گهرجي تہ هٿ کي ڌوئي ڪري انهي مهڪ کي ختم ڪري ڇڏي. (ايضاً ص 35)

**سوال:** خوشبودار شيمپو سان مٿو يا ڏاڙهي ڌوئي سگهجي ٿي يا نہ؟

**جواب:** رسالو ”اِحرام اور خوشبودار صابن“ صفحي 25 کان 28 تان ڪجهہ اِقتباس پيش آهن: شيمپو جيڪڏهن مٿي يا ڏاڙهي ۾ استعمال ڪيو وڃي، تہ خوشبو جي مُمانَعت جي عِلَّت (يعني سبب) تي غور جي نتيجي ۾ ان جي مُمانعت جو حڪم ڏئي سمجهہ ۾ اچي ٿو، بلڪ ڪفارو بہ هجڻ گهرجي، جيئن خِطمِي (خوشبودار بوٽي) سان مٿو ۽ ڏاڙهي ڌوئڻ جو حڪم آهي جو اها وارن کي نرم ڪري ٿي ۽ جوئيون ماري ٿي ۽ مُحرِم جي لاءِ اهو ناجائز آهي. ”دُرِّمُختار“ ۾ آهي: مٿي ۽ ڏاڙهي کي خِطمِي سان ڌوئڻ (حرام آهي) ڇاڪاڻ تہ اها خوشبو آهي يا جوئين کي ماري ٿي. (در مختار ج 3 ص 570) صاحِبَين (يعني امام ابو يوسف ۽ امام محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمَا) جي ويجهو جيئن تہ اها خوشبو ناهي،

تنهن ڪري هتي ”جِنايتِ قاصِره“ (يعني نامڪمل جرم) جو ثبوت ٿيندو ۽ ان جو موجب ”صدقو“ آهي. شيمپو سان مٿو ڌوئڻ جي صورت ۾ به بظاهر ”جِنايتِ قاصِره“ (يعني نامڪمل جرم) جو وجود ئي سمجهه ۾ اچي ٿو جو ان ۾ به ٻاهه جو عمل هوندو آهي. تنهنڪري خوشبو جو حڪم ته ساقط ٿي ويو پر وارن کي نرم ڪرڻ ۽ جوئين کي مارڻ جي عِلت (يعني سبب) موجود آهي تنهنڪري ”صدقو“ واجب ٿيڻ گهرجي. هي ڳالهه به توجُّهه جي قابل آهي ته جيڪڏهن ڪنهن جي مٿي تي وار ۽ مُنهن تي ڏاڙهي نه هجي ته ڇا هاڻي به ڪَذريل حڪم ئي لڳايو ويندو...؟ بظاهر ان صورت ۾ ڪفاري جو حڪم نه هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته مُمانعت جي حڪم جي عِلت، وارن جو نرم ۽ جوئين جو هلاڪ ٿيڻ هو، ۽ ذڪر ڪيل صورت ۾ اها عِلت مَفقُود (يعني سبب غير موجود) آهي ۽ اِنتفاءِ عِلت (يعني سبب جو نه هئڻ) اِنتِفاءِ مَعلول کي مُستَلزَم (يعني لازم ڪرڻ واري) آهي پر ان سان جيڪڏهن مير نڪري ته اهو مڪروهه آهي جو مُحرِم کي مير ڇڏائڻ مڪروهه آهي. ۽ هٿ ڌوئڻ ۾ ان جي حيثيت صابڻ جهڙي آهي ڇاڪاڻ ته اهو پاڻياٺ (يعني پڻڙي Liquid) حالت ۾ صابڻ ئي آهي ۽ ان ۾ به ٻاهه جو عمل ڪيو

ويندو آهي.

**سوال:** مسجدَين ڪَريمَين جي فرش ڌوئڻ لاءِ جيڪو خوشبودار محلول (SOLUTION) استعمال ڪيو ويندو آهي، ان ۾ لڪين اِحرام وارن جا پير پرجندا رهندا آهن ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ڪو ڪفارو ناهي جو اها خوشبو ناهي، ۽ بالفرض اهو محلول خالص خوشبو بہ هجي، تڏهن بہ ڪفارو واجب نہ ٿئي ها، ڇو جو ظاهر اهو آهي تہ هي محلول پهرين پاڻي ۾ ملايو ويندو آهي ۽ پاڻي هن محلول ڪان وڌيڪ ۽ هي محلول گهٽ هوندو آهي ۽ جيڪڏهن پتڙي (يعني پاڻياٺ، Liquid) خوشبو ڪي ڪنهن پاڻياٺ ۾ ملايو وڃي ۽ پاڻياٺ غالب هجي تہ ڪا جزاءَ ناهي هوندي. فقہ جي ڪتابن ۾ جيڪي پيئڻ جي شين جو حڪم عام طور تي تحرير آهي ان مان مراد سخت خوشبو جو پاڻياٺ ۾ ملائڻ آهي. علامہ حسين بن محمد عبدالغني مڪي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي "اِرشادُ السّاري" صفحي 316 تي فرمائن ٿا: ۽ انهيءَ سان خبر پئي تہ آلي ڪند (يعني منو شربت) ۽ ان جي مثل، گلاب جي پاڻي سان ملايو وڃي، تہ جيڪڏهن عرقِ گلاب وڌيڪ هجي جيئن تہ عادةً ائين ئي عام طور تي ٿيندو آهي، تہ ان ۾

کو ڪفارو ناهي، ۽ حضرت علامہ علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِی جن ان جي مثل "طَرابُلُسِي" کان نقل ڪيو ۽ انهي کي برقرار رکيو ۽ ان جي تائيد ڪئي ۽ ان جي اصل "مُحيط" ۾ آهي. (احرام اور خوشبودار صابن ص 28 کان 29)

**سوال:** مُحرِم جيڪڏهن ٽوٿ پيسٽ استعمال ڪري ورتي تہ ڪهڙو ڪفارو آهي؟

**جواب** : ٽوٿ پيسٽ ۾ جيڪڏهن باھ جو عمل ٿيندو آهي، جيئن تہ اهو ئي ظاهر آهي، پوءِ تہ ڪفاري جو حڪم ناهي، جيئن تہ پهرين ذڪر ڪيل تفصيل ۾ گذري چڪو . (ايضاً ص 33) البت جيڪڏهن منهن جي بدبو ختم ڪرڻ ۽ خوشبو حاصل ڪرڻ جي نيت هجي تہ مڪروھ آهي . منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: تماڪ جي قِوام (يعني خمير) ۾ خوشبو وجهي ڪري پچائي وئي هجي، پوءِ تہ ان جو کائڻ مطلقاً جائز آهي باوجود ان جي جو خوشبو ڏيندي هجي، ها خوشبو ئي جي ارادي سان ان کي اختيار ڪرڻ ڪراهت کان خالي ناهي. (فتاويٰ رضويه ج 10 ص 716)

## سبيل ڪپڙن وغيره جي باري ۾ سوال جواب

**سوال** : مُحرِم جيڪڏهن پُلجي ڪري سبيل لباس پائي

ورتو ۽ ڏهن منٽن کان پوءِ ياد ايندي ئي لاهي ڇڏيو تہ ڪو ڪفارو وغيره آهي يا نہ؟

**جواب:** آهي، جيتوڻيڪ هڪ گهڙي جي لاءِ پاتو هجي، ڄاڻي واڻي ڪري پاتو هجي يا ڀُلجي ڪري، صدقو واجب ٿي ويو ۽ جيڪڏهن چار پهر [1] يا ان کان وڌيڪ چاهي لاڳيتو ڪيترن ئي ڏينهن تائين پاتل رهي، دم واجب ٿيندو.
(فتاويٰ رضويه مخرجه ج 10 ص 757)

**سوال :** جيڪڏهن مُحْرِم ٽوپي يا عمامو پاتو يا اِحرام جي چادر مٿي يا منهن تي اوڍي ورتي يا اِحرام جي نيّت ڪندي وقت مرد سبيل ڪپڙا يا ٽوپي لاهڻ وسري ويو يا رش ۾ ٻي جي چادر سان مُحرِم جو مٿو يا منهن ڍڪجي ويو تہ ڪهڙي سزا آهي؟

**جواب:** ڄاڻي ڪري ٿئي يا ڀُلجي ڪري يا ڪنهن ٻي جي ڪوتاهي جي بنياد تي ٿيو هجي ڪفارا ڏيڻا پوندا. ها ڄاڻي ڪري ڏوهہ ڪرڻ ۾ گناه بہ آهي، انهيءَ ڪري توبهہ بہ واجب ٿيندي. هاڻي ڪفارو سمجهي وٺو: مرد سڄو مٿو يا مٿي جو چوٿائي حصو يا مرد چاهي عورت سڄو منهن يا

---

[1] چار پهر يعني هڪ ڏينهن يا هڪ رات جو مقدار مثلا سج اُڀرڻ کان سج لهڻ يا سج لهڻ کان سج اُڀرڻ يا ٻنپهرن کان اڌ رات يا اڌ رات کان ٻنپهرن تائين.
(حاشيہ انور البشارة مع فتاويٰ رضويه مخرجہ ج10 ص 757)

چوٿائي حصو چار پهر يا وڌيڪ لاڳيتو ڍڪين تہ ”دم“ آهي ۽ چوٿائي حصي کان گهٽ چار پهرن تائين يا چار پهرن کان گهٽ جيتوڻيڪ جو سڄو منهن يا مٿو تہ ”صدقو“ آهي ۽ چوٿائي حصي کان گهٽ کي چار پهرن کان گهٽ تائين ڍڪين تہ ڪفارو ناهي پر گناهہ آهي. (ايضاً ص758)

**سوال:** نزلي ۾ ڪپڙي سان نڪ اُگهي سگهجي ٿو يا نہ؟

**جواب:** ڪپڙي سان نہ ٿو اُگهي سگهجي، ڪپڙو يا ٽوال پري رکي ڪري ان ۾ نڪ سڻڪي ڇڏيو. صدرُالشَّريعہ، بدرُالطَّريقه حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوِي فرمائن ٿا: ڪن ۽ ڪياڙي لڪائڻ ۾ حرج ناهي. ائين ئي نڪ تي خالي هٿ رکڻ ۾ ۽ جيڪڏهن هٿ ۾ ڪپڙو آهي ۽ ڪپڙي سميت نڪ تي هٿ رکيو تہ ڪفارو ڪونهي پر مڪروهہ ۽ گناهہ آهي.(بهارشريعت ج 1 ص 1169)

## اِحرام ۾ ٽشو پيپر جو استعمال

**سوال:** ٽشو پيپر سان منهن جو پگهر يا وضو جو پاڻي يا ٽڏ ۾ نڪ اُگهي سگهجي ٿو يا نہ؟

**جواب:** نٿو اُگهي سگهجي.

**سوال:** منهن تي ڪپڙي يا ٽشو پيپر جو ماسڪ لڳائڻ ڪيئن؟

**جواب:** ناجائز ۽ گناهہ آهي. شرط موجود هجڻ جي صورت

۾ ڪفارو بہ لازم ٿيندو.

**سوال:** مُحرِم خوشبودار ٽشو پيپر استعمال ڪري ورتو تہ؟

**جواب:** خوشبودار ٽشو پيپر ۾ جيڪڏهن خوشبو جو عَين موجود آهي يعني اهو پيپر خوشبو سان پريل آهي تہ اها تري بدن تي لڳڻ جي صورت ۾ جيڪو حڪم خوشبو جو ٿئي ٿو اُهو ئي ان جو بہ ٿيندو، يعني جيڪڏهن گهٽ آهي ۽ ڪامل عضوي (يعني پوري عضوي) ڪي نہ لڳي، تہ صدقو، نہ تہ جيڪڏهن وڏيڪ هجي يا پوري عضوي ڪي لڳي وڃي، تہ دم آهي. ۽ جيڪڏهن عَين موجود نہ هجي صرف مهڪ ايندي هجي تہ جيڪڏهن ان سان چهرو وغيره اُگهيو ۽ چهري يا هٿ ۾ خوشبو جو اثر اچي ويو، تہ ڪو "ڪفارو" ناهي جو هتي خوشبو جو عَين نہ آهي ۽ ٽشو پيپر جو مقصودِ اصلي خوشبو مان نفعو وٺڻ ناهي. (احرام اور خوشبودار صابن ص 31) **جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪمري ۾ داخل** ٿيو جنهن ڪي ڌوٽي (يعني واس) ڏني ويئي ۽ ان جي ڪپڙن ۾ مهڪ جذب ٿي ويئي، تہ ڪو ڪفارو ناهي، ڇو تہ ان خوشبو جي عَين مان نفعو ناهي ڪنيو. (عالمگيري ج 1 ص 241)

**سوال:** سمهڻ وقت سبيل چادر پائي سگهجي ٿي يا نہ؟

**جواب:** چهرو بچائي ڪري هڪ، بلڪ هڪ ڪان وڌيڪ

چادرون بہ اوڍي سگهجن ٿيون چاهي پير پورا ڍڪجي وڃن.

**سوال:** هوائي جهاز يا بس وغيره جي اڳين سيٽ جي پويان يا وهاڻي تي منهن رکي ڪري مُحرِم سمهي پيو تہ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** وهاڻي ۾ منهن رکي ڪري سمهڻ تي ڪو ڪفارو ناهي پر اهو مڪروهِ تحريمي آهي. جڏهن تہ بس وغيره جي اڳين سيٽ جي پٺيان منهن رکي ڪري سمهڻ جائز آهي ڇاڪاڻ تہ عام طور تي سيٽ تختي، دروازي وانگر سخت هوندي آهي نہ ڪي وهاڻي وانگر نرم.

**سوال:** گوڏن ۾ منهن رکي سمهڻ ڪيئن؟ وهاڻي تي منهن رکي ڪري سمهڻ ۾ ڪفارو ناهي پر مڪروه آهي، ڇو؟

**جواب:** جيڪڏهن صرف گوڏن تي منهن هجي يعني گوڏي جي سختي تي تہ جائز آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪپڙي جي اندر جيڪڏهن سخت شيءِ هجي تہ انهي سخت شيءِ جو حڪم لڳي ٿو نہ ڪي ڪپڙي جو، جيئن تہ عالمن بوري ۾ هٿ (ڪپڙي کان علاوه) جو حڪم لکيو آهي. پر گوڏي تي منهن رکي ڪري سمهڻ ۾ اها ڪيفيت تمام مشڪل آهي بلڪ ننڊ جي دؤران گوڏي جي سختي تي ۽ صرف ڪپڙي تي چهرو ايندو رهندو، تنهن ڪري ان کان اِحتراز ڪيو (يعني

بچيو) وجي نہ تہ ڪفاري جون صورتون پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ جيستائين وهاڻي جو تعلق آهي تہ اهو نرمي ۾ ڪپڙي جيان آهي (انهي لاءِ منع ڪيو ويو) پر مِن كُلِّ الوُجُوه (يعني هر طرح سان) ڪپڙو ناهي (انهي لاءِ ڪفارو ناهي).

**سوال:** مُحرِم سيءَ کان بچڻ جي لاءِ زِپ (Zip) واري بستري ۾ چهرو ۽ مٿو ڇڏي ڪري باقي بدن بند ڪري سمهي سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** سمهي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ عادتاً انهي کي لباس پائڻ نٿو چئجي.

**سوال:** مُحرِم کي قطرا ايندا هجن تہ ڇا ڪري؟

**جواب:** اڻ سبيل گوڏ ٻڌي وٺي جو احرام ۾ گوڏ ٻَڌڻ مطلقاً جائز آهي جڏهن تہ سلائي واري نہ هجي.

(ملخص از فتاويٰ رضويه ج 10 ص 664)

**سوال:** ڇا بيماري وغيره جي مجبوري جي ڪري سبيل لباس پائڻ ۾ بہ ڪفارا آهن؟

**جواب:** جي ها! بيماري وغيره جي سبب جيڪڏهن مٿي کان پيرن تائين سيءِ ڪپڙا پائڻ جي ضرورت پيش آئي تہ هڪ ئي جرم غير اختياري[1] آهي، جيڪڏهن چار پهر پاتا

(1) غير اختياري جرم جو مسئلو ص 256 تي ملاحظہ فرمايو

يا وڏيڪ تہ دم، ۽ گهٽ ۾ صدقو، ۽ جيڪڏهن ان بيماري ۾ ان جڳهہ تي ضرورت هڪ ڪپڙي جي هئي ۽ بہ پائي ورتا مثلاً ضرورت قميص جي هئي ۽ سلائي واري گنجي بہ پائي ورتي تہ ان صورت ۾ ڪفارو تہ هڪ ئي ٿيندو، پر گناهگار ٿيندو ۽ جيڪڏهن ٻيو ڪپڙو ٻي جڳهہ تي پائي ورتو مثلاً ضرورت سلوار جي هئي ۽ قميص بہ پائي ورتي تہ هڪ غير اختياري جرم ٿيو ۽ هڪ اختياري جرم.

(ملخص از بهار شريعت ج1 ص1168، عالمگيري ج 1 ص242)

**سوال:** جيڪڏهن بغير ضرورت سمورا ڪپڙا پائي ورتا تہ ڪيترا ڪفارا ڏيڻا پوندا؟

**جواب:** جيڪڏهن بغير ضرورت سڀ ڪپڙا گڏ پائي ورتا تہ هڪ ئي جرم آهي. بہ جرم ان وقت آهن جو هڪ ضرورت سان هجي ۽ ٻيو بلا ضرورت. (بهار شريعت ج1ص1168)

**سوال:** جيڪڏهن منهن ٻنهي هٿن سان ڍڪي ڇڏيو يا مٿي يا ڇهري تي ڪنهن هٿ رکي ڇڏيو؟

**جواب :** مٿي يا نڪ تي پنهنجو يا ٻي جو هٿ رکڻ جائز آهي جيئن تہ حضرت علامہ علي قاري عليه رحمة الله الباري فرمائن ٿا: پنهنجو يا ٻي جو هٿ پنهنجي مٿي يا نڪ تي رکڻ بالاتفاق مُباح (يعني جائز) آهي ڇو تہ ائين ڪرڻ واري کي ڍڪڻ يا لڪائڻ وارو نٿو چيو وڃي. (لباب المناسك والمسلك المتقسط ص 123)

**سوال:** ڇا مُحرِم دعا گهرڻ کان پوءِ پنهنجا هٿ منهن تي نٿو ڦيري سگهي؟

**جواب:** ڦيري سگهي ٿو، منهن تي هٿ رکڻ جي مطلقاً اجازت آهي، ڏاڙهي وارو اسلامي ڀاءُ منهن تي دعا کان پوءِ بلڪ وضو ۾ به ان انداز ۾ هٿ ملڻ کان بچي جنهن سان وار ڪِرڻ جو ڊپ هجي.

**سوال:** جيڪڏهن ڪلهي تي سبيل ڪپڙا رکي ورتا ته ڪهڙو ڪفارو آهي؟

**جواب:** ڪو ڪفارو ناهي. صدرُ الشَّريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: پائڻ جو مطلب هي آهي ته اهو ڪپڙو اهڙي طرح پائي جيئن عادتاً پاتو ويندو آهي، نه ته جيڪڏهن پهراڻ جو تهبند (يعني گوڏ) ٻڌي ورتو يا پاجامي کي تهبند جيان ويڙهيو پير پائينچي ۾ نه وڌا ته ڪجهه ڪونهي. انگرکو (يعني جُبو) ڦهلائي ڪري ٻنهي ڪلهن تي رکي ورتو، آستين ۾ هٿ نه وڌا ته ڪفارو ڪونهي پر مڪروه آهي ۽ ڪلهن تي سبيل ڪپڙا رکي ورتا ته ڪجهه ناهي.

(بهارشريعت ج 1 ص 1169)

## وقوفِ عرفات جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** ڇا ڏهين رات جو به وقوفِ عرفات ٿي سگهي ٿو؟

**جواب:** جي ها! ڇو ته وُقوف جو وقت نائين ذوالحِجَّةِ الحرام

جي ظُهر شروعاتي وقت کان وٺي ڪري ڏهين جي طلوعِ فجر (يعني سج اڀرڻ) تائين آهي. (عالمگيري ج 1 ص 229)

## مُزدَلِفہ جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** جنهن کي ڪا مجبوري نہ هجي انهيءَ کي مُزدَلِفہ کان مِنيٰ جي لاءِ ڪڏهن نڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** سج اُڀرڻ ۾ صرف ايترو وقت باقي رهجي وڃي جنهن ۾ (مَسنون قِراءت سان) ٻہ رڪعتون ادا ڪري سگهجن ان وقت هلي پوي. جيڪڏهن سج اُڀرڻ تائين ترسيو رهيو تہ سنتِ مؤکّده ترڪ ٿي، ائين ڪرڻ "بُرو" آهي پر دم وغيره واجب ناهي . ها مِنيٰ شريف جي طرف هلي پيو پر رش وغيره جي سبب مُزدَلِفہ ۾ ئي سج اُڀري ويو تہ تارڪِ سنت (يعني سنت ڇڏڻ وارو) نہ چورائيندو . (هي جواب فتاويٰ حج وعمره، حصو ٻيو صفحي 83 کان 87 تان ورتل آهي)

## رمي جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن اڌ کان وڌيڪ پٿريون هنيون مثلاً يارهين جو ٽن شيطانن کي 21 پٿريون هڻيڻون هيون، پر يارهن هنيون تہ ڪهڙي سزا آهي؟

**جواب:** في پٿري هڪ هڪ صدقو ڏيڻو پوندو، صَدرُ الشَّريعه رحمۃ اللہ تعالٰی علیه فرمائن ٿا: ڪنهن ڏينهن بہ رمي ناهي

ڪئي يا هڪ ڏينهن جي بلڪل يا اڪثر چڏي ڏني، مثلاً ڏهين تي ٽي پٿريون هنيون يا يارهين وغيره تي 10 پٿريون يا ڪنهن ڏينهن جي بلڪل يا اڪثر رمي ٻي ڏينهن ڪئي ته انهن سڀني صورتن ۾ دم آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن جي اڌ کان گهٽ ڇڏي مثلاً ڏهين جو چار پٿريون هنيون ٽي ڇڏي ڏنيون، يا ٻين ڏينهن جون يارهن هنيون ڏهه ڇڏي ڏنيون يا ٻي ڏينهن ڪئي، ته هر پٿري تي هڪ صدقو ڏي ۽ جيڪڏهن صدقن جي قيمت دم جي برابر ٿي وڃي ته ڪجهه گهٽ ڪري. (بهارشريعت ج 1 ص 1178)

## قرباني جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** ڏهين جي رمي کان پوءِ جيڪڏهن جَدَّه شريف ۾ وڃي ڪري تَمَتُّع جي قرباني ۽ حلق ڪرڻ چاهيون ته ڪري سگهجي ٿي يا نه؟

**جواب :** نه ٿا ڪري سگهو، ڇوته جَدَّه شريف حرم جي حدن کان ٻاهر آهي، جيڪڏهن ڪندا ته هڪ قرباني جو ۽ ٻيو حلق جو، ائين ٻه دم واجب ٿي ويندا.

**سوال:** مُتَمَتِّع ۽ قارن جيڪڏهن رمي کان اڳ قرباني ڪري ڇڏي يا قرباني کان اڳ حلق ڪرائي ڇڏيو، ته ڪهڙو ڪفارو آهي؟

**جواب :** انهن ٻنهي صورتن ۾ دم ڏيڻو پوندو.

**سوال:** جيڪڏهن حَجِّ اِفراد واري قرباني کان اڳ ئي حلق ڪري ڇڏيو ته ڇا ڪا سزا آهي؟

**جواب:** نه، ڇو ته مُفرد تي قرباني واجب ناهي، ان جي لاءِ مُستَحَب آهي جيڪڏهن قرباني ڪرڻ چاهي ته ان جي لاءِ افضل هي آهي ته پهريان حلق ڪري پوءِ قرباني.

## حلق ۽ تقصير جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** جيڪڏهن حاجيءَ ٻارهينءَ کان پوءِ حرم کان ٻاهر مٿو ڪوڙايو ته ڪهڙي سزا ٿيندي؟

**جواب:** ٻه دم، هڪ حرم کان ٻاهر حلق ڪرائڻ جو، ٻيو ٻارهين کان پوءِ ڪرائڻ جو. (ردالمحتار ج 3 ص 666)

**سوال:** جيڪڏهن عمري جو حلق حرم کان ٻاهر ڪرائڻ چاهي ته ڪرائي سگهي ٿو يا نه؟

**جواب:** نه ٿو ڪرائي سگهي، ڪرائيندو ته دم واجب ٿيندو. ها ان جي لاءِ وقت جي ڪا قيد ناهي.(درمختار، ردالمحتار ج3ص 666)

**سوال:** ڇا جَدَّه شريف وغيره ۾ ڪم ڪرڻ وارن کي به هر ڀيري عمري ۾ حلق يا تقصِير ڪرڻ واجب آهي؟

**جواب:** جي ها، نه ته احرام جون پابنديون ختم نه ٿينديون.

**سوال:** جنهن عورت جا وار ننڍا هجن (جيئن اڄڪلهه فيشن

آهي) عمرا ڪرڻ جو جذبو بہ آهي پر هر هر قصر ڪرڻ ۾ مٿي جا وار ئي ختم ٿي ويندا، ڇا ڪري؟ جيڪڏهن مٿي جا وار ختم ٿي ويا يعني هڪ پورَ (يعني سَنڌ) کان گھٽ رهجي ويا تہ هاڻي عمرا ڪندي تہ قصر ممڪن نہ رهيو، معافي ملندي يا ڇا؟

**جواب:** جيستائين مٿي تي وار موجود هجن عورت جي لاءِ هر دفعي قصر واجب آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”عورتن تي حلق ناهي بلڪ انهن تي صرف تقصير (واجب) آهي.“ (ابو داؤد ج 2 ص 295 حديث 1984) اهڙي عورت جنهن جا وار هڪ سَنڌ کان گھٽ رهجي ويا هجن، ان جي لاءِ هاڻي قصر جي معافي آهي ڇاڪاڻ تہ قصر ممڪن نہ رهيو ۽ حلق ڪرائڻ ان جي لاءِ منع آهي اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن حج جو معاملو آهي تہ افضل هي آهي تہ نحر جي ڏينهن جي آخر ۾ (يعني 12 ذُوالحِجَّةِ الحرام جي سج لهڻ کان پوءِ) اِحرام کان ٻاهر اچي، جيڪڏهن نحر جي ڏينهن جي آخر تائين انتظار نہ بہ ڪيو تہ ڪا شيء لازم نہ ٿيندي.

## مختلف سوال ۽ جواب

**سوال:** مٿو يا منهن زخمي ٿي وڃڻ جي صورت ۾ پَٽي ٻڌڻ گناه تہ ناهي؟

**جواب:** مجبوريءَ جي صورت ۾ گناهه نه ٿيندو، جيتوڻيڪ "غير اختياري جرم" جو ڪفارو ڏيڻو پوندو، تنهنڪري جيڪڏهن ڏينهن يا رات يا ان کان گهٽي دير تائين ايتري ويڪري پٽي ٻڌي جو چوٿائي حصو يا ان کان وڌيڪ مٿو يا منهن ڍڪجي ويو ته دم، ۽ گهٽ ۾ صدقو واجب ٿيندو (غير اختياري جرم جو تفصيل ص256 تي ملاحظه فرمايو) ان کان علاوه جسم جي ٻين عضون تي، ٻيو عورت جي مٿي تي به مجبورًا پٽي ٻڌڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

**سوال:** مُتَمَتِّع ۽ قارن حج جي انتظار ۾ آهن، ان دوران عمرو ڪري سگهن ٿا يا نه؟

**جواب:** قارن جو اِحرام ته اڃا باقي آهي. اهو ڪري ئي نه ٿو سگهي، رهيو مُتَمَتِّع ته ان جي باري ۾ عالمن جو اختلاف آهي، بهتر اهو ئي آهي ته صرف نفلي طواف جيترا ڪرڻ چاهي، ڪندو رهي جيڪڏهن عمرو ڪري به وٺي ته ڪجهه عالمن جي ويجهو ڪو حرج ناهي. ها! مَناسڪِ حج (يعني حج جي رڪنن) کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ مُتَمَتِّع، قارن، مُفرِد، سڀئي عمرو ڪري سگهن ٿا .

**سوال:** عرب شريف جي مختلف جڳهن مثلاً دمام ۽ رياض وغيره وارا جيڪي ميقات کان ٻاهر رهن ٿا انهن کي

گورنمينٽ جي طرفان اجازت ناهي هوندي، اهي پوليس کي ڏوکو ڏيڻ جي لاءِ بغير اِحرام جي ميقات کان گذري ڪري پوءِ اِحرام ٻڌندا ۽ حج ڪندا آهن، انهن جي باري ۾ ڪهڙو حڪم آهي؟

**جواب:** ﴿1﴾ قانون جي خلاف ورزي ڪري پنهنجو پاڻ کي ذلت تي پيش ڪرڻ ناجائز آهي ﴿2﴾ بغير اِحرام جي ميقات کان گذرڻ جي ڪري عَود (يعني ميقات تائين ٻيهر موٽي ڪري اِحرام ٻڌڻ) يا دم واجب ٿيندو يعني جيڪڏهن ائين ئي حج يا عمرو ادا ڪري ورتو ته دم واجب ٿيندو ۽ گنهگار به ٿيندو، ۽ جيڪڏهن حج يا عمري جا رڪن شروع ڪرڻ کان پهرين انهيءَ سال ميقات تائين واپس موٽي ڪري ڪنهن به قسم جو اِحرام ٻڌي ته دم ساقط ٿي ويندو، نه ته نه.

**سوال:** حج يا عمري جي سعي کان پهرين حلق ڪرائي ورتو، ڪيئي ڏينهن گذري ويا ڇا ڪري؟

**جواب:** حج ۾ حلق جو مسنون وقت سعي کان پهرين ئي هوندو آهي يعني حلق کان پهرين سعي ڪرڻ خلافِ سنت آهي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن سعي کان پهرين حلق ڪرايو ته ڪو حرج ناهي. ۽ ڪيئي ڏينهن گذرڻ سان به وڌيڪ ڪجهه لازم نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته سعي جي لاءِ ڪو

وقتِ انتها (ENDTIME) مقرر ناهي. ها جيڪڏهن هو بنا سعي ڪرڻ جي "وطن" هليو ويو تہ هاڻي واجب جي ترڪ ڪرڻ جي ڪري دم لازم ٿيندو، پوءِ جيڪڏهن هو موٽي ڪري سعي ڪري ورتي تہ دم ساقط ٿي ويندو، البت بهتر اهو آهي تہ هاڻي هو دم ئي ڏي جو ان ۾ فُقراء جو نفعو آهي اهو حڪم ان ئي وقت آهي تہ جڏهن حلق پنهنجي وقت يعني نحر جي ڏينهن ۾ ڏهين جي رمي ڪان پوءِ ڪرايو هجي، جيڪڏهن رمي ڪان پهرين يا نحر جي ڏينهن ڪان پوءِ حلق ڪرايو تہ دم واجب ٿيندو. عمري ۾ جيڪڏهن ڪنهن سعي ڪان پهرين حلق ڪرايو تہ ان تي دم لازم ٿيندو. پوءِ جيڪڏهن پورو يا طواف جو اڪثر حصو يعني چار ڦيرا ڪري چڪو هو تہ اِحرام ڪان نڪري ويندو، نہ تہ نہ . ڪيئي ڏينهن گذري وڃڻ جي سبب بہ سعي ساقط نہ ٿيندي ڇاڪاڻ تہ اها واجب آهي، تنهنڪري ان کي سعي ڪرڻي پوندي .

**سوال:** جنهن حجِ اِفراد جي نيّت ڪئي پر عمرو ڪري اِحرام کولي ڇڏيو! ڪهڙو ڪفارو ٿيندو ۽ هاڻي ڇا ڪري؟

**جواب:** حج جو اِحرام عمرو ڪري کولي ڇڏڻ جائز ناهي ۽ ائين ڪرڻ سان اهو شخص اِحرام ڪان ٻاهر نہ ٿيندو بلڪ

دستور مطابق اهو مُحرم ئي رهندو، ان تي لازم آهي تہ اهو حج جا رڪن ادا ڪرڻ کان پوءِ اِحرام کولي. حج جا رڪن ادا ڪرڻ کان سواءِ اِحرام لاهڻ جي نيّت ڪرڻ ڪافي ناهي. تنهنڪري جڏهن ان جو اِحرام باقي آهي تہ ممنوعات جو اِرتِڪاب ڪرڻ تي ڪفارو بہ لازم ٿيندو، ها ڪفارو صرف هڪ ئي لازم ٿيندو، جيتوڻيڪ اِحرام جي سيني ممنوعات جو اِرتڪاب ڪري ورتو، جيئن سبيل ڪپڙا پائي ورتا، خوشبو لڳائي ورتي، وار ڪوڙائي ورتا وغيرها، ها انهن سيني جي بدلي ۾ صرف هڪ ئي دم واجب ٿيندو. ۽ هاڻي ان تي لازم آهي تہ سبيل ڪپڙا لاهي ڪري وري احرام جا اڻ سبيل ڪپڙا پائي، توبهہ ڪري ۽ انهي ئي گذريل حج واري احرام جي نيّت سان گڏ حج جا مَناسِڪ (يعني حج جا رڪن) پورا ڪري.

**سوال:** جيڪو عيدالاَضحيٰ جي قرباني ڪرڻ چاهي ٿو اهو جيڪڏهن ذوالحِجّہ جي چنڊ کان پوءِ اِحرام ٻڌي تہ ننهن ۽ غير ضروري وار وغيره ڪٽي يا نہ؟ ڇاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ ان جي لاءِ ننهن وغيره نہ ڪٽڻ مستحب آهي. ان جي لاءِ افضل ڪهڙو عمل آهي؟

**جواب:** حاجي کي جيڪڏهن حاجت هجي تہ ان جي لاءِ ننهن

۽ وار ڪٽڻ مُستَحَب ۽ افضل آهن، ياد رهي! جيڪڏهن ايترا ڏينهن ٿي چڪا آهن جو هاڻي ننهن ۽ وار ڪٽڻ کان سواءِ احرام ٻڌي وٺندو ته 40 ڏينهن ٿي ويندا ته هاڻي ڪٽڻ ضروري آهي ڇو ته 40 ڏينهن کان وڌيڪ تاخير گناه آهي.

**سوال:** ته ڇا 13 ذُوالحَجّ کان عُمرا شروع ڪيا وڃن؟

**جواب:** جي نه، اَيامِ تشريق يعني 9، 10، 11، 12، 13 ذوالحِجَّةِ الحَرام انهن پنجن ڏينهن ۾ عمري جو اِحرام ٻڌڻ مڪروهِ تحريمي (ناجائز ۽ گناه) آهي جيڪڏهن ٻڌيو ته دم لازم ٿيندو. (درمختار ج 3 ص 547)

## 13 تي سج لهڻ کان پوءِ اِحرام ٻڌي سگهجي ٿو

**سوال:** ڇا مقامي ماڻهن جن هن سال حج ناهي ڪيو ڇا اُهي به انهن ڏينهن يعني نائين کان تيرهين يعني پنج ڏينهن عمرو نٿا ڪري سگهن؟

**جواب:** انهن جي لاءِ به انهن ڏينهن عمري جو اِحرام ٻڌي ڪري عمرو ڪرڻ مڪروهِ تحريمي آهي. آفاقي، حلّي ۽ ميقاتي سيني جي لاءِ اصل ممانعت انهن ڏينهن ۾ عمري جو اِحرام ٻڌڻ جي آهي. عمري جو وقت پورو سال آهي، پر پنج ڏينهن عمري جو اِحرام ٻڌڻ مڪروهِ تحريمي آهي، ۽ جيڪڏهن نائين کان اڳ ٻڌيل احرام سان گڏ انهن (پنج)

ڏينهن ۾ عمرو ڪيو ته ڪو حرج ناهي ۽ ان صورت ۾ به مُسَتَحب اهو آهي ته انهن ڏينهن کي گذاري ڪري عمرو ڪري. (لباب المناسک ص 466)

**سوال:** اَشهُرِ حج (يعني حج جي مهينن) ۾ جيڪڏهن ڪو حِلّي يا حَرَمي عمرو به ڪري ۽ حج به ڪري ته ان جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ائين ڪرڻ واري تي دم واجب ٿي ويندو، ڇاڪاڻ ته ان کي صرف حجِّ اِفراد جي اجازت آهي جنهن ۾ عمرو شامل ناهي. البت هو صرف عمرو ڪري سگهي ٿو.

**سوال:** اِحرام ۾ ڪاڏو کائڻ کان پهرين ۽ پوءِ هٿ ڌوئڻ ڪيئن؟ نه ڌوئڻ سان مير مٿي پيٽ ۾ ويندي ۽ بعد ۾ نه ڌوئيندا سين ته هٿ سٽيا ۽ بدبودار رهندا، ڇا ڪريون؟

**جواب:** بِنَي پيرا بنا صابڻ وغيره جي هٿ ڌوئيو جيڪڏهن ڪا باهرين ڪاراڻ يا سٽي هٿن ۾ لڳي هجي ته ضرورتاً ڪپڙي سان اُگهي وٺو، پر وار نه ٽٽن ان جو احتياط ڪريو.

**سوال:** وضو کان پوءِ مُحرِم جو رومال سان هٿ منهن اُگهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** منهن تي (۽ مرد مٿي تي به) ڪپڙو نه ٿو لڳائي سگهي، جسم جو باقي حصو مثلاً هٿ وغيره ايتري احتياط سان

اُگهي سگهو ٿا جو مَرُ مٿي ۾ نہ لهي ۽ وار بہ نہ ٽٽن.

**سوال:** مُحْرِم چهرو بچائڻ لاءِ پي ڪيپ (يعني ٽوپي) وارو يا ڪماني دار نقاب لڳائي سگهي ٿي يا نہ؟

**جواب:** لڳائي سگهي ٿي، پر هوا هلڻ يا غلطيءَ سان پنهنجو هٿ نقاب تي رکي ڇڏيو، جنهن جي سبب چاهي ٿوري دير جي لاءِ بہ چهري سان نقاب لڳي ويو تہ ڪفاري جي صورت بڻجي سگهي ٿي.

**سوال:** حلق ڪرائڻ وقت مُحْرِم مٿي تي صابڻ لڳائي يا نہ؟

**جواب:** صابڻ نہ لڳائي ڇو تہ مَرُ مٿي صاف ٿيندو ۽ مير صاف ڪرڻ اِحرام ۾ مڪروهِ تنزيهي آهي.

**سوال:** ماهواريءَ جي حالت ۾ عورت اِحرام جي نيّت ڪري سگهي ٿي يا نہ ؟

**جواب:** ڪري سگهي ٿي، پر اِحرام جا نفل ادا نہ ٿي ڪري سگهي، ٻيو طواف پاڪ ٿيڻ کان بعد ڪري.

**سوال:** سلائي واري چپل پائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** وسطِ قدم يعني قدم جو اُڀريل حصو جيڪڏهن نہ ڍڪجي تہ حرج نہ آهي.

**سوال:** اِحرام ۾ ڪُنڍي يا سيفٽي پن يا بٽڻ لڳائڻ ڪيئن؟

**جواب:** خلافِ سنت آهي. لڳائڻ واري بُرو ڪيو، البت دم

وغيره ناهي.
**سوال:** عمومًا حاجي احتياطاً هڪ "دم" ڏيندا آهن اهو ڪيئن آهي؟ جيڪڏهن بعد ۾ معلوم ٿيو ته واقعي هڪ دم واجب ٿيو هو ته اهو "احتياطي دم" ڪافي ٿيندو يا نه؟
**جواب:** واجب ٿيڻ کان پوءِ ڏنو هو ته ڪافي ٿي ويندو، پر ڏيڻ کان پوءِ واجب ٿيو ته ڪافي نه ٿيندو.
**سوال:** مُحْرِم نڪ يا ڪن مان مَر مٽي ڪڍي سگهي ٿو يا نه؟
**جواب :** وضوءَ ۾ نڪ جي نرم حصي تائين هر جڳهه پاڻي وهائڻ سنّتِ مؤڪّده آهي ۽ غسل ۾ فرض. تنهنڪري جيڪڏهن نڪ ۾ سنگهه سُڪي وئي ته صاف ڪرڻي پوندي، ۽ پرون وغيره ۾ جيڪڏهن اک جون پچيون سڪي ويون آهن ته ان کي به وضوءِ غسل جي لاءِ ڇڏائڻ فرض آهي پر اهو احتياط ضروري آهي ته وار نه ٽٽي. رهيو ڪن جو مَرُ ڪڍڻ ته ان کي صاف ڪرڻ جي اجازت جي وضاحت ڪنهن ناهي ڪئي، تنهنڪري ان جو حڪم اهو ئي ٿيندو جيڪو جسم جي مَر مٽي جو آهي يعني ان جو صاف ڪرڻ مڪروه تنزيهي آهي. پر اهو احتياط ضروري آهي ته وار نه ٽٽي.
**سوال:** ڇا زنده ماءُ پيءُ جي نالي تي عمرو ڪري

سگهجي ٿو؟

**جواب:** ڪري سگهجي ٿو. فرض نماز، روزو، حج، زڪوٰة ۽ هر قسم جي نيڪ ڪم جو ثواب زندھ، مرده سيني کي ايصال ڪري سگهجي ٿو .

**سوال:** اِحرام جي حالت ۾ جوئن مارڻ جا ڪفارا ٻڌايو.

**جواب:** پنهنجي جوءِ پنهنجي جسم يا ڪپڙي ۾ ماري يا اُڇلائي ڇڏي ته هڪ جوءِ هجي ته مانيءَ جو هڪ ٽڪر ۽ ٻه يا ٽي هجن ته هڪ مُٺ اَناج ۽ ان (يعني ٽن) کان وڌيڪ ۾ صدقو. جوءِ مارڻ جي لاءِ مٿو يا ڪپڙو ڌوتو يا اُسَ ۾ وڌو تڏهن ٻه اهي ئي ڪفارا آهن جيڪي مارڻ جا آهن، ٻئي ڪنهن ان جي چوڻ تي ان جي جوءِ ماري تڏهن ٻه ان (يعني مُحرِم) تي ڪفارو آهي، جيتوڻيڪ مارڻ وارو احرام ۾ نه هجي، زمين وغيره تي ڪريل جوءِ يا ٻئي جي جسم يا ڪپڙن جون جوئون مارڻ ۾ مارڻ واري تي ڪجهه ناهي باوجود ان جي جو اهو ٻيو ٻه مُحرِم هجي.

## حج اَڪبر (اڪبري حج)

**سوال:** جمعي جو جيڪو حج ٿئي، ان کي حجِ اَڪبَر چوڻ ڪيئن آهي؟

**جواب :** ڪو حرج ناهي. جيئن ته سيپاري 10 سُوۡرَةُ التَّوۡبَه

آيت نمبر 3 ۾ ارشادِ ربُّ العِباد آهي:

وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖۤ اِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ

ترجموڪنزالايمان: ۽ پڙهو ڏيڻ آهي الله ۽ ان جي رسول جي طرف کان سمورن ماڻهن ۾ حج اڪبر جي ڏينهن

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي هن آيت شريف جي تحت فرمائن ٿا: حج کي حجِّ اڪبر فرمايو انهيءَ ڪري جو ان زماني ۾ عمري کي حج اَصغَر چيو ويندو هو ۽ هڪ قول هي آهي تہ هن حج کي حجِّ اڪبر انهي لاءِ چيو ويو جو ان سال رسول ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن حج فرمايو هو ۽ چو جو اُهو جمعي جي ڏينهن واقع ٿيو هو ان لاءِ مسلمان اُن حج کي جيڪو جمعي جي ڏينهن ٿئي حجِ وداع جو مُذَڪِّر (يعني ياد ڏيارڻ وارو) سمجهي ڪري حجِّ اڪبر چوندا آهن.

(تفسير خزائن العرفان ص 354)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ڏينهن ۾ بهترين اُهو عرفہ جو ڏينهن آهي جيڪو جمعي جي موافق ٿي وڃي ۽ انهي جو حج انهن ستر حجن کان افضل آهي جيڪي جمعي جي ڏينهن نہ ٿين. (فتح الباري ج 9 ص 231 تحت الحديث 4606)

## عرب شريف ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي لاءِ

**سوال:** جيڪڏهن مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ ڪم ڪرڻ

وارا مثلاً ڊرائيور يا اتان جا رهواسي وغيره روزانو بار بار ”طائف شريف“ وڃن ته ڇا هر ڀيري واپسي ۾ انهن کي روزانو عمري وغيره جو اِحرام ٻڌڻ ضروري آهي؟

**جواب:** هي قاعدو ذهن نشين ڪري ڇڏيو ته مڪي وارا جيڪڏهن ڪنهن ڪم سان ”حرم جي حدن“ کان ٻاهر پر ميقات جي اندر (مثلاً جدّه شريف) وڃن ته انهن کي واپسي جي لاءِ اِحرام جي ضرورت ناهي، ۽ جيڪڏهن ”ميقات“ کان ٻاهر (مثال طور مديني پاڪ، طائف شريف، رياض وغيره) وڃن ته هاڻي بنا اِحرام جي ”حرم جي حدن“ ۾ واپس اچڻ جائز ناهي. ڊرائيور چاهي ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا اچ وڃ ڪري هر ڀيري ان تي حج يا عمرو واجب ٿيندو رهندو. بنا احرام جي مڪ ۽ مڪرم زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا ۾ ايندو ته دم واجب ٿيندو جيڪڏهن انهي ئي سال ميقات کان ٻاهر وڃي ڪري اِحرام ٻڌي وني ته دم ساقط ٿي ويندو.

## اِحرام نه ٻڌڻو هجي ته حيلو

**سوال:** جيڪڏهن ڪو شخص جدي شريف ۾ ڪم ڪندو هجي ته پنهنجي وطن مثال طور پاڪستان کان ڪم جي لاءِ جدي شريف آيو ته ڇا اِحرام لازمي آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن نيّت ئي جده شريف وڃڻ جي آهي ته هاڻي

احرام جي ضرورت ناهي، بلڪ هاڻي جدي شريف کان مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ وڃڻ ٿئي ته بغير احرام جي وڃي سگهي ٿو، تنهنڪري جيڪو شخص مڪي شريف ۾ بغير احرام جي وڃڻ چاهيندو هجي ته اهو حيلو ڪري سگهي ٿو، شرط هي ته واقعي ان جو ارادو پهريان مثلاً جَدّه شريف وڃڻ جو هجي ۽ مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا حج ۽ عمري جي ارادي سان نه ويندو هجي، مثال طور واپار جي لاءِ جَدّه شريف وڃي ٿو ۽ اتان کان فارغ ٿي ڪري مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جو ارادو ڪيائين، جيڪڏهن پهريان کان ئي مڪي شريف جو ارادو آهي ته بغير احرام جي نه ٿو وڃي سگهي، جيڪو شخص ٻئي جي طرفان حجِّ بدل لاءِ وڃي ٿو ان کي هي حيلو جائز ناهي.

## عمري يا حج جي لاءِ سوال ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڪجهه غريب عاشق عمري يا حج جي لاءِ ماڻهن کان مالي امداد جو سوال ڪندا آهن ڇا ائين ڪرڻ جائز آهي؟

**جواب:** حرام آهي، **صَدرُالاَفاضِل** حضرت علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِي **نقل** ڪن ٿا: ”ڪجهه يمني حج جي لاءِ بي سر و سامان جي روانا ٿيندا هئا ۽ پنهنجو پاڻ کي **مُتَوَڪِّل** (يعني الله عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو رکڻ وارا) چوندا

هئا ۽ مڪي شريف پهچي ڪري سوال شروع ڪري ڏيندا ۽ ڪڏهن ڦرلٽ ۽ خيانت جا بہ مُرتڪب ٿيندا. انهن جي باري ۾ هي آيت سڳوري نازل ٿي ۽ حڪم ٿيو تہ توشو (يعني سفر جو خرچ، پکو) ڪٺي ڪري هلو ٻين تي بار نہ وجهو، سوال نہ ڪريو جو بهتر زادِ راھ پرهيزگاري آهي.
(خزائن العرفان ص 67 مكتبة المدينه)

جيئن تہ سيپارو 2 سُوۡرَةُ الۡبَقَرَة آيت نمبر 197 ۾ ارشادِ ربُّ العِباد آهي:

وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ﹤

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ سامان ساڻ ڪري هلو جو سڀ کان بهتر سامان پرهيزگاري آهي. (البقره آيت 197)

سلطانِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ”جيڪو شخص ماڻهن کان سوال ڪري حالانڪ نہ ان وٽ فاقو پهتو نہ ايترا ٻار ٻچا آهن جن جي طاقت نہ ٿو رکي تہ قيامت جي ڏينهن ان طرح ايندو جو ان جي منهن تي گوشت نہ هوندو. (شعب الايمان ج 3 ص 274 حديث 3526)

مديني جا ديوانؤ! بس صبر ڪريو، سوال جي ممانعت ۾ ايتريقدر سختي آهي جو فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: غسل کان پوءِ اِحرام ٻڌڻ کان پهريان پنهنجي جسم تي خوشبو لڳايو شرط هي تہ پاڻ وٽ موجود هجي جيڪڏهن پاڻ وٽ نہ هجي تہ ڪنهن کان نہ

گهرو جو هي بہ سوال آهي. (ردالمحتار ج 3 ص559)

جب بُلایا آقا نے خود ہی انتظام ہو گئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عمري جي ويزا تي حج جي لاءِ ترسڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڪجھ ماڻهو پنهنجي وطن مان رمضان شريف ۾ عمري جي ويزا وٺي ڪري حرمين شريفين زَادَهُمَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ويندا آهن، ويزا جي مدت ختم ٿي وڃڻ جي باوجود اتي ئي رهندا آهن يا حج ڪري وطن واپس موٽندا آهن، انهن جو اهو فعل شرعًا صحيح آهي يا نہ؟

**جواب:** دنيا جي هر ملڪ جو اهو قانون آهي تہ بغير ويزا جي ڪنهن غير ملڪي کي ترسڻ نٿو ڏنو وڃي. حَرَمَيْن طَيِّبَيْن زَادَهُمَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ بہ اهو ئي قاعدو آهي، ويزا جي مدت ختم ٿيڻ کان پوءِ ترسڻ وارو جيڪڏهن پوليس جي هٿ چڙهي وڃي، تہ هاڻي چاهي اهو اِحرام جي حالت ۾ ئي ڇونہ هجي ان کي قيد ڪري وٺندا آهن، نہ ان کي عمرو ڪرڻ ڏيندا آهن نہ حج، سزا ڏيڻ کان پوءِ "خروج" لڳائي ڪري ان کي ان جي وطن روانو ڪري ڇڏيندا آهن. ياد رهي! جنهن قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ تي ذلت،

رشوت ۽ ڪوڙ وغيره آفتن ۾ پوڻ جو ڊپ هجي انهيءَ قانون جي خلاف ورزي جائز ناهي. جيئن تہ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: مباح (يعني جائز) صورتن مان ڪجهہ (صورتون) قانوني طور تي ڏوهہ هونديون آهن انهن ۾ ملوث ٿيڻ (يعني اهڙي قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ) پنهنجي ذات کي اَذِيّت ۽ ذلت جي لاءِ پيش ڪرڻ آهي ۽ اهو ناجائز آهي. (فتاوىٰ رضويه ج 17 ص 370) تنهن ڪري ويزا (Visa) کان بغير دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ رهڻ يا حج جي لاءِ ترسڻ جائز ناهي. غير قانوني ذريعن سان "حج" جي لاءِ ترسڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم چوڻ سخت بيباڪي آهي.

## غير قانوني ترسڻ واري جي نماز جو اهم مسئلو

**سوال:** حج جي لاءِ ويزا کان بغير ترسڻ وارو نماز پوري پڙهي يا قصر ڪري؟

**جواب:** عمري جي ويزي تي وڃي ڪري غير قانوني طور حج جي لاءِ ترسڻ يا دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ويزا جي مدت پوري ٿيڻ کان پوءِ جنهن جي غير قانوني رهڻ جي

نيت هجي اهي ويزا جي مدت ختم ٿيڻ وقت جنهن شهر يا ڳوٺ ۾ مقيم هجن اتي جيستائين رهندا انهن جي لاءِ مقيم ئي جا حڪم هوندا، جيتوڻيڪ سالن تائين رهن. البت هڪ ڀيري بہ جيڪڏهن 92 ڪلو ميٽر يا ان ڪان بہ وڌيڪ فاصلي جي سفر جي ارادي سان ان شهر يا ڳوٺ ڪان هليا تہ پنهنجي آبادي ڪان ٻاهر نڪرندي ئي مسافر ٿي ويا ۽ هاڻي انهن جي اِقامت جي نيّت بيڪار آهي. مثلاً ڪو شخص پاڪستان ڪان عمري جي ويزا تي مڪہ مڪرّمہ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ويو، ويزي جي مدت ختم ٿيڻ وقت بہ مڪي شريف ئي ۾ مقيم آهي تہ ان تي مقيم جا احڪام آهن. هاڻي جيڪڏهن مثلاً اُتان ڪان مديني منور اچي ويو تہ چاهي سالن تائين غير قانوني ترسي، مسافر ئي آهي ايستائين جو جيڪڏهن ٻيهر مڪہ مڪرمہ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا اچي پوءِ بہ مسافر رهندو ان کي "نمازِ قصر" ئي ادا ڪرڻي پوندي. ها ٻيهر ويزا ملي وڃڻ جي صورت ۾ اِقامت جي نيت ڪري سگهجي ٿي.

## حرم ۾ ڪبوترن، ماڪڙ کي اُذائڻ، ستائڻ

**سوال:** حرم جي ڪبوترن ۽ ماڪڙن کي خوامخواه اُذائڻ ڪيئن؟

**جواب:** اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حرم جا ڪبوتر

اُڏائڻ منع آهي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 208)

**سوال:** حرم جي ڪبوترن ۽ ماڪڙن کي ستائڻ ڪيئن؟

**جواب:** حرام آهي. صدرُالشَّريعه رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: حرم جي جانور کي شڪار ڪرڻ يا ان کي ڪنهن طرح ايذاءُ ڏيڻ سيني کي حرام آهي. مُحْرِم ۽ غير مُحْرِم ٻئي انهي حڪم ۾ برابر آهن. (بهارِ شريعت ج 1 ص 1186)

**سوال:** مُحْرِم ڪبوتر ذبح ڪري کائي سگهن ٿا؟

**جواب:** بهار شريعت جلد پهريون صفحو 1180 تي آهي: مُحرِم جهنگ جي جانور کي ذبح ڪيو ته حلال نه ٿيو بلڪ مردار آهي، ذبح ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ کي کائي به ورتو ته جيڪڏهن ڪفارو ڏيڻ کان پوءِ کاڌو ته هاڻي وري کائڻ جو ڪفارو ڏي ۽ جيڪڏهن نه ڏنو هو ته هاڻي هڪ ئي ڪفارو ڪافي آهي.

**سوال:** حرم جي ماڪڙ پڪڙي ڪري کائي سگهون ٿا يا نه؟

**جواب:** حرام آهي. (هوئين ماڪڙ حلال آهي، مڇي وانگر مُئَل به کائي سگهون ٿا انهيءَ کي ذبح ڪرڻ جي حاجت ناهي هوندي)

**سوال:** مسجدُالحرام جي ٻاهر ماڻهن جي پيرن سان چيچجي ڪري زخمي ۽ مُئَل ڪيتريون ئي ماڪڙيون پيل هونديون آهن جيڪڏهن اهي ماڪڙيون ڪاڏيون وڃن ته؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪنهن ماڪڙيون کائي ورتيون ته ان تي

کو بہ ڪفارو ڪونهي ڇو تہ حرم ۾ شڪار ٿيندڙ انهيءَ جانور جو کائڻ حرام آهي جيڪو شرعي طريقي سان ذبح ڪرڻ سان حلال ٿيندو هجي جئين هرڻ وغيره، ۽ اهڙي شڪار جي حرام ٿيڻ جي وجهہ اها آهي تہ حرم ۾ اهو جانور شڪار ڪرڻ سان اهو جانور مردار قرار ڏنو وڃي ٿو ۽ مردار جو کائڻ حرام آهي. ماڪڙ جو کائڻ انهي لاءِ حلال آهي جو انهي ۾ شرعي طريقي سان ذبح ڪرڻ جي شرط ناهي، اهو جهڙي طرح بہ ذبح ٿي وڃي حلال آهي، جئين پيرن هيٺان لتاڙي يا گلو دٻائي ماري وڃي تڏهن بہ حلال ئي رهندي آهي. البت هي ياد رهي تہ بالقصد ماڪڙ جو شڪار ڪرڻ جي بهرحال حدودِ حرم ۾ اجازت ناهي.

**سوال:** حرم جي خشڪي وارن جهنگلي جانورن کي ذبح ڪرڻ جو ڪفارو بہ ٻڌائي ڇڏيو؟

**جواب:** انهي جو ڪفارو ان جي قيمت صدقو ڪرڻ آهي.[1]

**سوال:** حرم جي مرغي ذبح ڪرڻ، کائڻ ڪئين؟

**جواب:** حلال آهي. گهريلو جانور مثلاً مرغي، ٻڪري، مينهن، اُٺ وغيره ذبح ڪرڻ، ۽ انهن جو گوشت کائڻ ۾

---

(1) ڪفاري جي تفصيلي احڪامن جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهارِ شريعت ج 1 ص 1179 تي ملاحظ فرمايو، بلڪ صفحو 1191 تائين مطالعو ڪري وٺو ان شاءالله عزوجل اهي ضروري مسئلا ڄاڻڻ لاءِ ملندا جو اوهان حيران رهجي ويندا.

ڪو حرج ڪونهي ممانعت خشڪي جي وحشي جهنگلي جانورن جي شڪار جي آهي.

**سوال:** مسجد الحرام جي ٻاهر ڪيتريون ئي ماڪڙ هونديون آهن جيڪڏهن ڪا ماڪڙ پيرن يا گاڏي ۾ چيچجي ڪري زخمي ٿي پئي يا مري وڃي ته؟

**جواب:** ڪفارو ڏيڻو پوندو، بهارِ شريعت جلد اوّل صفحو 1184 تي آهي: ماڪڙ به خشڪي جو جانور آهي انهي کي ماري ته ڪفارو ڏي ۽ هڪ کجور ڪافي آهي. صفحي 1181 تي آهي: ڪفارو لازم ٿيڻ لاءِ قصدًا (ڄاڻي ڪري) قتل ڪرڻ شرط ناهي ڀُل چُڪ ۾ قتل ٿيو تڏهن به ڪفارو آهي.

**سوال:** مسجدالحرام ۾ تمام گهڻيون ماڪڙ هونديون آهن خادم صفائي ڪندي وائيپر وغيره سان بيدردي سان گهلندا آهن، جنهن سان زخمي ٿينديون، مرنديون آهن. جيڪڏهن نه ڪن ته صفائي جي صورت ڇا ٿيندي؟ اهڙي طرح ٻڌو آهي ڪبوترن جي تعداد ۾ گهٽتائي جي لاءِ انهن کي جهلي ڪري پري ڇڏي ايندا يا ڪائي ڇڏيندا آهن.

**جواب:** ماڪڙ جيڪڏهن ايتريون وڌيڪ آهن جو انهن سان مسئلو واقع ٿئي ٿو ته انهن کي مارڻ ۾ ڪو حرج ناهي. انهي کان علاوه مارڻ تي تاوان لازمي ٿيندو چاهي ڄاڻي

ڪري ماري يا غلطي سان ماريون وڃن. حرم جو ڪبوتر جهلي ڪري ذبح ڪيو تہ تاوان لازم آهي ائين ئي حرم کان ٻاهر ڇڏي اچڻ تي بہ تاوان لازم ٿيندو، جيستائين انهن جي امن سان حرم ۾ واپس اچڻ جو علم نہ ٿي وڃي. ٻنهي صورتن ۾ تاوان انهيءَ ڪبوتر جي قيمت آهي ۽ انهي مان مراد اها قيمت جيڪا اتي اهڙي طرح جي معاملن جي مَعرفت و بصارت (يعني ڄاڻ سڃاڻ ۽ معلومات) رکندڙ بہ شخص بيان ڪن ۽ جيڪڏهن بہ شخص نہ ملندا هجن تہ هڪ ئي جو اعتبار ڪري ونجي.

**سوال:** حرم جي مڇي ڪائڻ ڪئين؟

**جواب:** مڇي خشڪي جو جانور نہ آهي انهيءَ ڪي ڪائي سگهجي ٿو ۽ ضرورتًا شڪار بہ ڪري سگهجي ٿو.

**سوال:** حرم جي ڪوئي ڪي ماري ڇڏيو ڇا ڪفارو ٿيندو؟

**جواب:** ڪو ڪفارو ڪونهي انهي ڪي مارڻ جائز آهي. بهارِ شريعت جلد اوّل صفحو 1183 تي آهي ڪانءُ، چيل، بگهڙ، وڇون، نانگ، ڪئو، گهوس، ڇڇوندر، چڪ هڻڻ وارو ڪتو، پسون، مڇر، چچڙ، کُمي، ڪيڪڙو، پروانو، چڪ هڻڻ واري ماڪوڙي، مک، ڪرڙي، ٻُر ۽ تمام حَشَراتُ الأرض (يعني ڪيڙا ماڪوڙا) ٻجو (جهنگلي جانور)، لومڙي،

گدڙ جڏهن تہ اهي درندا حملو ڪن يا جيڪي درندا اهڙا هجن جن جي عادت اڪثر ابتداءً حملو ڪرڻ جي هوندي آهي جئين شينهن، چيتو، تيندوا (چيتي وانگر هڪ جانور) انهن سيني جي مارڻ ۾ ڪجهہ ڪونهي. ائين ئي پاڻي جي سيني جانورن جي قتل ۾ ڪفارو نہ آهي.

## حرم جا وڻ وغيره ڪٽڻ

**سوال:** حرم جي وڻ وغيره ڪٽڻ جي باري ۾ ڪجهہ هدايتون ڏئيو.

**جواب:** دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيندڙ 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهارِ شريعت جلد اوّل صفحو 1189 کان 1190 مان ڪجهہ مسئلا ملاحظہ ٿين: حرم جي وڻ جا چار قسم آهن: ﴿1﴾ ڪنهن انهي کي پوکيو آهي ۽ اهو اهڙو وڻ آهي جنهن کي ماڻهو پوکيندا آهن ﴿2﴾ پوکيو آهي پر اهڙي قسم جو نہ آهي جنهن کي ماڻهو پوکيندا آهن ﴿3﴾ ڪنهن انهي کي پوکيو ڪونهي پر انهيءَ قسم مان آهي جنهن کي ماڻهو پوکيندا آهن ﴿4﴾ پوکيو ڪونهي نہ انهي قسم مان آهي جنهن کي ماڻهو پوکيندا آهن. پهرين ٽن قسمن جي ڪٽڻ ۾ ڪجهہ ڪونهي يعني انهي تي ڪو جرمانو ڪونهي. رهيو هي تہ

اهو جيڪڏهن ڪنهن جي مِلڪ آهي ته مالڪ تاوان وٺندو.
چوٿين قسم ۾ جرمانو ڏيڻو پوندو ۽ ڪنهن جي مِلڪ
آهي ته مالڪ تاوان به وٺندو ۽ جرمانو انهي وقت آهي ته
سائو هجي ٽٽل يا اکڙيل نه هجي. جرمانو اهو آهي ته انهي
جي قيمت جو اناج وٺي مسڪينن تي صدقو ڪري هر
مسڪين کي هڪ صدقو ۽ جيڪڏهن ان جي قيمت جو
اناج پوري صدقي کان گهٽ آهي ته هڪ ئي مسڪين کي
ڏي ۽ انهي جي لاءِ حرم جو مسڪين هجڻ لازم ڪونهي
۽ اهو به ٿي سگهي ٿو ته قيمت ئي صدقو ڪري ڇڏي ۽
اهو به ٿي سگهي ٿو ته انهي قيمت جو جانور خريد ڪري
حرم ۾ ذبح ڪري ڇڏي روزو رکڻ ڪافي ناهي. مسئلو 3:
جيڪو وڻ سُڪي ويو انهي کي اکيڙي به سگهي ٿو انهي
مان فائدو به وٺي سگهي ٿو. مسئلو 5: وڻ جا پن ٽوڙيا
جيڪڏهن ان سان وڻ کي نقصان نه پهتو ته ڪجھ ڪونهي
ائين ئي جيڪو وڻ ميوو ڏئي ٿو انهي کي به ڪٽڻ ۾
تاوان ڪونهي جڏهن ته مالڪ کان اجازت وٺي ورتي
هجي، ان کي قيمت ڏيڻي پوندي. مسئلو 6: ڪجھ شخصن
ملي ڪري وڻ ڪٽيو ته هڪ ئي تاوان آهي جيڪو سيني
۾ ورهائجي ويندو توڙي سڀ مُحرِم هجن يا غير مُحرِم

يا ڪجهه مُحْرِم ڪجهه غير مُحْرِم. مسئلو7: حرم جي پيلو (يعني جار) يا ڪنهن وڻ جو ڏنڊڻ ڪاهڻ جائز نہ آهي. مسئلو 9: پنهنجي يا جانور جي هلڻ ۾ يا خيمو هڻڻ ۾ ڪجهه وڻ ختم ٿي ويا تہ ڪجهه ڪونهي. مسئلو 10: ضرورت جي سبب فتوىٰ انهي تي آهي تہ اتان جي گاهه تي جانورن کي چارڻ جائز آهي. باقي ڪٽڻ، اُکيڙڻ جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو وڻ جو آهي سواءِ اِذخر ۽ سڪل گاهه جي جو انهي مان هر طرح جو فائدو جائز آهي. ڪنيي جي اُکيڙڻ ٽوڙڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

# ميقات مان بغير احرام جي گذرڻ جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن آفاقي ميقات مان احرام نہ ٻڌو، مسجدِعائشہ مان احرام ٻڌي عمرو ڪري تہ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن مڪةُ المُڪرّمه زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي ارادي سان ڪو آفاقي هليو ۽ ميقات ۾ بغير احرام جي داخل ٿي ويو تہ انهيءَ تي دم واجب ٿي ويو. هاڻي مسجدِ عائشہ مان اِحرام ٻڌڻ ڪافي نہ آهي، يا تہ دم ڏي يا ميقات کان ٻاهر وڃي ۽ اتان کان عمري وغيره جو اِحرام ٻڌي ڪري اچي تڏهن دم ساقط ٿيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# ٻارن جو حج

## درود شريف جي فضيلت

رسولِ نذير، سراجِ مُنير، محبوبِ ربِّ قدير صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلپذير آهي: ذڪرِ الٰهي جي ڪثرت ڪرڻ ۽ مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ فَقر (يعني تنگدستي) کي دور ڪري ٿو. (القول البديع ص 273)

عالمِ وَجد میں رقصاں مِرا پَر پَر ہوتا
کاش! میں گنبدِ خضرا کا کبوتر ہوتا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**سوال:** ڇا ٻار بہ حج ڪري سگهن ٿا؟

**جواب:** جي ها . جيئن تہ حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مقامِ رَوحا تي هڪ قافلي سان مليا تہ فرمايائون: هي ڪير ماڻهو آهن؟ اُنهن عرض ڪيو: اسان مسلمان آهيون، پوءِ اُنهن عرض ڪيو: اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جو رسول آهيان. اُنهن مان هڪ عورت ٻار کي مٿي کڻي ڪري پڇيو: ڇا هِن جو بہ حج ٿي ويندو؟ فرمايائون: ها ۽

توکي بہ ان جو ثواب ملندو. (مسلم ص697 حديث1336) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان **فرمائن** ٿا: يعني ٻار کي بہ حج جو ثواب ملندو حج ڪرڻ سبب، ۽ تو کي بہ ان جي حج جو ثواب ملندو حج ڪرائڻ سبب. وڌيڪ فرمائن ٿا: هِن حديث مان معلوم ٿيو تہ ٻارن جي نيڪين جو ثواب (ٻار کي تہ ملي ٿو ان جي) ماءُ پيءُ کي بہ ملي ٿو تنهنڪري انهن کي روزي نماز جو پابند بڻايو.

(مراٰة ج 4 ص 88)

**سوال:** تہ حج ڪرڻ سان ٻار جو فرض ادا ٿي ويندو؟

**جواب:** جي نہ. حج فرض ٿيڻ جي شرطن مان هڪ شرط "بالغ هُجڻ" بہ آهي. جيئن تہ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: ٻار تي (حج) فرض ناهي، (جيڪڏهن) ڪندو تہ نفل ٿيندو ۽ ثواب اُن ئي (يعني ٻار ئي) جي لاءِ آهي، پيءُ وغيره مُرَبّي (يعني پرورش ڪرڻ جو) تعليم ۽ تربيت جو اجر ماڻيندا. پوءِ (جڏهن) بالغ ٿيڻ کان پوءِ شرط جمع ٿيندا هِن تي حج فرض ٿي ويندو، ننڍي هوندي جو حج ڪفايت نہ ڪندو. (فتاويٰ رضويه مخرجہ ج10 ص 775)

**سوال:** حج جي رُڪنن جي ادائگي جي اعتبار سان ٻارن جا ڪيترا قِسم آهن؟

**جواب:** اِن اعتبار سان ٻارن جا بہ قِسم آهن: ﴿1﴾ سمجهدار:

جيڪو پاڪ ۽ ناپاڪ، مِني ۽ ڪَڙي (يعني ڪاري) ۾ تميز (يعني فرق) ڪري سگهندو هجي، معرفت (يعني سڃاڻپ) رکندو هجي ته اسلام نجات (يعني ڇوٽڪاري) جو سبب آهي. (ارشاد الساري، حاشيه مناسڪ ص 37) ﴿2﴾ بي سمجهه: جيڪو مذڪوره (يعني مٿي بيان ڪيل) سمجهه نه رکندو هجي.

**سوال:** ڇا سمجهدار ٻار ڪي پاڻ مَناسڪِ حج ادا ڪرڻا پوندا؟

**جواب:** جي ها. سمجهدار ٻار پاڻ مناسڪِ حج (يعني حج جا رڪن) ادا ڪري، رَمي وغيره ڪجهه ڳالهيون (اُن ٻار) ڇڏي (به) ڏنيون ته اُنهن (جي ڇڏڻ) تي ڪفارو وغيره لازم ناهي.

(بهارِ شريعت ج 1 ص 1075)

**سوال:** جيڪڏهن سمجهدار ٻار ڪجهه اَفعالِ حج پاڻ ادا ڪري سگهندو هجي ۽ ڪجهه نه ڪري سگهندو هجي ته ڇا ڪري؟ ڇا ڪنهن کي نائب بڻائي سگهي ٿو؟

**جواب:** حضرت علّامه علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِي فرمائن ٿا: جيڪي رڪن سمجهدار ٻار پاڻ ڪري سگهندو هجي اُنهي ۾ ڪنهن کي نائب بڻائڻ صحيح ناهي ۽ جيڪي پاڻ نٿو ڪري سگهي اُنهي ۾ نائب بڻائڻ درست آهي پر طواف کان پوءِ جون ٻه رڪعتون جيڪڏهن ٻار پاڻ نه پڙهي سگهي ته ڪو ٻيو اُن جي طرفان ادا نٿو ڪري سگهي.

(المسلڪ المتقسط للقاري ص113)

# بي سمجهہ ٻار جي حج جو طريقو

**سوال:** بي سمجهہ ٻار مناسڪِ حج ڪيئن ادا ڪندو؟

**جواب:** جِن ڪمن ۾ نيت شرط آهي اُهو ولي (يعني سرپرست) اُن جي طرفان ادا ڪندو ۽ جِن ۾ شرط ناهي اُهي پاڻ ڪري سگهي ٿو جيئن تہ فُقهاءِ ڪِرام رحمهم الله السلام فرمائن ٿا: ”بي سمجهہ ٻار پاڻ اِحرام ٻڌو يا حج جا رڪن ادا ڪيا تہ حج نہ ٿيو بلڪ اُن جو ولي (يعني سرپرست) اُن جي طرفان ادا ڪري، پر طواف ڪان پوءِ جون ٻہ رڪعتون جيڪي ٻار جي طرفان ولي (يعني سرپرست) نہ پڙهندو . اُن سان گڏ پيءُ ۽ ڀاءُ ٻئي هجن تہ پيءُ رڪن ادا ڪري،“ (عالمگيري ج 1 ص236، بهارِشريعت ج 1 ص1075) صَدرُ الشَّريعہ، بَدرُ الطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيه رَحمةُالله القوِي فرمائن ٿا: هي (بي سمجهہ ٻار يا مجنون يعني پاڳل) پاڻ اُهي ڪم نٿا ڪري سگهن جن ۾ نيت جي ضرورت آهي، مثلاً احرام يا طواف، بلڪ اُن جي طرفان ڪو ٻيو ڪري ۽ جنهن فعل ۾ نيت شرط ناهي، جيئن وقوفِ عَرَفہ (يعني عرفات ۾ ترسڻ) اُهو هي پاڻ ڪري سگهن ٿا.

(بهارِ شريعت ج1ص 1046)

**سوال:** ڇا اِحرام ڪان پهرين ٻارن کي بہ غسل ڪرايو وڃي؟

**جواب:** جي ها . ”فتاويٰ شامي“ جلد 3 صفحو 557 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي تہ سمجهدار ۽ بي سمجهہ ٻئي ٻار غسل ڪندا، البت فرق هي آهي تہ عاقل جي لاءِ تہ پاڻ غسل ڪرڻ مُستَحَب آهي ۽ ولي جي لاءِ غسل جو حڪم ڏيڻ مستحب آهي جڏهن تہ بي سمجهہ ٻار ڪي ولي جو پاڻ غسل ڪرائڻ يا ٻار جي ماءُ وغيره جي ذريعي ڪرائڻ مُستَحَب ٿيندو .

**سوال:** ڇا بي سمجهہ ٻار ڪي احرام بہ پارائڻو پوندو؟

**جواب:** جي ها . ائين ڪرڻ گُهرجي جو بي سمجهہ ٻار جا سبيل ڪپڙا لاهي ڪري چادر ۽ تهبند (يعني گوڏ) ولي غيرِ ولي (يعني سرپرست يا غير سرپرست) ڪو بہ پارائي ڇڏي پر اُن جي طرفان پيءُ، پيءُ نہ هجي تہ ڀاءُ ۽ ڀاءُ نہ هجي تہ جيڪو بہ نسب (يعني خوني رشتي) جي اعتبار کان ويجهو رشتيدار هجي اُهو اُن جي طرفان احرام جي نيت ڪري ۽ اُنهن ڳالهين کان بچائي جيڪي مُحرِم جي لاءِ ناجائز آهن. جيئن تہ صَدرُالشَّريعہ بَدرُالطَّريقہ حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: ٻار جي طرفان احرام ٻڌو تہ اُن جا سبيل ڪپڙا لاهي ڇڏڻ گهرجن، چادر ۽ تهبند پارايو ۽ اُنهن سيني ڳالهين کان

بچايو جيڪي مُحرِم جي لاءِ ناجائز آهن. (بهار شريعت ج 1 حصو 2 ص 1075) سمجهه دار ٻار اِحرام جي نيّت پاڻ ڪندو، ولي (يعني سرپرست) اُن جي طرفان اِحرام نٿو ٻڌي سگهي. جيئن تہ "شامي" ۾ آهي: "جيڪڏهن ٻار سمجهدار هجي تہ ان کي پاڻ احرام ٻڌڻو پوندو، ولي (يعني سرپرست) ان جي طرفان نہ ٻڌي جو جائز نہ آهي."(ردالمحتار ج 3 ص 535) جيڪڏهن سمجهدار ٻار پاڻ احرام ٻڌڻ جي قدرت رکندو هجي تہ ان کي پاڻ اِحرام ٻڌڻو پوندو، ولي (يعني سرپرست) ان جي طرفان احرام نٿو ٻڌي سگهي ۽ نہ ولي جي ٻڌڻ سان سمجهدار ٻار مُحرِم ٿيندو ۽ جيڪڏهن سمجهدار ٻار پاڻ اِحرام ٻڌڻ جي قدرت نہ رکندو هجي تہ ولي اُن جي طرفان اِحرام ٻڌندو.

**سوال:** بي سمجهه ٻار جي طرفان ڇا ولي کي اِحرام جا نفل پڙهڻا هوندا؟

**جواب:** جي نہ، بي سمجهه ٻار جي طرفان اُن جو ولي احرام جا نفل نٿو پڙهي سگهي.

## بي سمجهہ ٻار جي طرفان نِيت ۽ لَبّيڪ جو طريقو

**سوال:** بي سمجهه ٻار جي طرفان احرام جي نيّت ۽ لَبَّيڪ

جو طريقو ٻڌائي ڇڏيو.

**جواب:** ٻي سمجهه ٻار جي طرفان اِحرام جي نيت اُن جو ولي ڪري ۽ هيئين چوي: اَحۡرَمۡتُ عَنۡ فُلَانٍ يعني آئون فلاڻي جي طرفان اِحرام ٻڌان ٿو (فلاڻي جي بدران اُن ٻار جو نالو وٺي) انهيءَ طرح لَبَّيۡڪ بہ ٻار جي طرفان هِن طرح چوي: **لَبَّيۡكَ عَنۡ فُلَانٍ** (فلان جي جڳهہ اُن جو نالو وٺي ۽ آخر تائين لَبَّيۡڪ مڪمل ڪري) عربي ۾ نيّت اُن وقت ڪارائتي ٿيندي جڏهن تہ معنيٰ معلوم هجي، پنهنجي مادري ٻولي يا اُردو ۾ بہ نيّت ڪري سگهجي ٿي مثلاً ٻار جو نالو هلال رضا آهي تہ ائين نيّت ڪريو: ”آئون هلال رضا جي طرفان اِحرام ٻڌان ٿو“ اِهو بہ ذهن ۾ رهي تہ دل ۾ نيّت هجڻ شرط آهي جڏهن تہ زبان سان نيّت ڪرڻ مُسۡتَحَب آهي. جيڪڏهن زبان سان نيّت نہ بہ ڪئي تہ ڪوحرج نہ آهي. لَبَّيۡڪ زبان سان چوڻ ضروري آهي ۽ اُهو بہ گهٽ ۾ گهٽ ايتري آواز سان جو جيڪڏهن ٻُڌڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ پاڻ ٻُڌي وٺي ۽ هِتي ائين چوڻو آهي: مثلاً

لَبَّيۡكَ عَنۡ هِلال رضا اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡكَ ط

لَبَّيۡكَ لَا شَرِيۡكَ لَكَ لَبَّيۡكَ ط اِنَّ الۡحَمۡدَ وَالنِّعۡمَةَ لَكَ وَالۡمُلۡكَ ط لَاشَرِيۡكَ لَكَ ط

# بي سمجھ ٻار جي طرفان طواف جي نيت ۽ اسِتلام جو طريقو

**سوال:** بي سمجھ ٻار جي طرفان طواف جي نيّت ۽ حَجَرِ اَسوَد جي اِستِلام جو طريقو ارشاد ڪريو.

**جواب:** دل ۾ نيّت ڪافي آهي ۽ بهتر آهي زبان سان به هِن طرح چئي وٺي: مثلاً "آئون هلال رضا جي طرفان طواف جي ست ڦيرن جي نيّت ڪريان ٿو" ۽ اُن ڪان پوءِ جيڪي اِستِلام ٿيندا اُهي به ٻار جي طرفان ٿيندا.

**سوال:** هنج ۾ کڻي طواف ڪرائي يا آڱر پڪڙي ڪري؟

**جواب:** جهڙي طرح سهولت هجي.

**سوال:** ڇا ولي پنهنجي طواف جي نيّت به گڏ ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** جي ها، بلڪ ڪرڻ گهرجي جو اهڙي طرح ٻنهي جو طواف ٿي ويندو. پر اِهو ذهن ۾ رهي ته هر ڦيري ۾ ٻه ڀيرا اِستِلام ڪرڻو پوندو هڪ ڀيرو پنهنجي طرفان ۽ هڪ ڀيرو ٻار جي طرفان.

**سوال:** ٻار طواف ڪيئن ڪندو؟

**جواب:** سمجھدار ٻار پاڻ طواف ڪري طواف جا نفل ادا ڪري جڏهن ته بي سمجھ ٻار کي اُن جو ولي (يعني

سرپرست) طواف ڪرائي، پر طواف جون ٻه رڪعتون ٻار جي طرفان ولي (يعني سرپرست) نہ پڙهي. (بهارِشريعت ج 1 ص 1075)

**سوال:** ٻار کي رمي ڪيئن ڪرايون؟

**جواب:** سمجهدار پاڻ رمي ڪري، بي سمجهہ جي طرفان اُن سان گڏ وارا رمي ڪري ڇڏين ۽ بهتر اهو آهي تہ هن جي هٿ تي پٿري رکي ڪري رمي ڪرايو.

(منسڪ متوسط ص 247، فتاويٰ رضويہ مخرجہ ج 10 ص667، بهارِ شريعت ج1 ص1148)

**سوال:** ٻار جي مَناسڪِ حج (يعني حج جي رڪنن) مان ڪجهہ رهجي ويو يا اُن کو اهڙو فعل ڪيو جنهن سان ڪفارو يا دم لازم اچي ٿو تہ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ٻار ڪنهن عمل کي ڇڏي ڏي يا ممنوع ڪم ڪري تہ اُن تي نہ قضا واجب آهي ۽ نہ ڪفارو. ائين ئي بي سمجهہ ٻار جي طرفان اُن جي ولي (يعني سرپرست) اِحرام ٻڌو ۽ ٻار کو ممنوع ڪم ڪيو تہ پيءُ تي بہ ڪجهہ لازم ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 236، بهار شريعت ج 1 ص 1075)

**سوال:** ٻار جيڪڏهن حج فاسد ڪري ڇڏي تہ ڇا ڪرڻو پوندو؟

**جواب:** ٻار حج کي فاسد ڪري ڇڏيو تہ نہ دم واجب آهي نہ قضا. جيتوڻيڪ اُهو سمجهدار ٻار هجي.

(عالمگيري ج 1 ص 236، ردالمحتار ج 3 ص 673)

**سوال:** ٻار جي لاءِ حج جي قرباني جو ڪهڙو حڪم آهي؟
**جواب:** ٻار چاهي سمجهدار هجي يا بي سمجهه اِن تي (حج تَمتُّع يا قِران جي) قرباني واجب ڪونهي. (اَلْمَسْلَکُ الْمُتَقَسِّط لِلقاري ص 263) ۽ حج اِفراد جي قرباني تہ وڏن تي بہ واجب ڪونهي.
**سوال:** جيڪڏهن ولي (يعني سرپرست) ٻار جي طرفان حج جي قرباني ڪرڻ چاهي تہ ڪري سگهي ٿو يا نہ؟
**جواب:** ڪري سگهي ٿو پر پنهنجي ڪيسي مان ڪري، ٻار جي رقم مان ڪندو تہ تاوان ڏيڻو پوندو يعني اوتري رقم پاڻ وٽان ٻار کي موٽائي ڏيڻي پوندي.

## ٻار جي عُمري جو طريقو

**سوال:** ڇا ٻار کي عُمرو ڪرائي سگهجي ٿو؟ جيڪڏهن ها تہ طريقو ڪهڙو ٿيندو؟
**جواب:** ڪرائي سگهجي ٿو. مسئلن ۾ هِتي بہ اُها ئي سمجهدار ۽ بي سمجهه ٻار وارو تفصيل آهي. البت اِن ۾ وڌيڪ تفصيل هي آهي تہ تمام ننڍڙي ٻار کي مسجد ۾ داخل ڪرڻ جي حُڪمن تي غور ڪري وٺو. حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن ٻار کان نجاست جو غالب گمان آهي تہ انهيءَ کي مسجد ۾ وٺي وڃڻ مڪروهِ تحريمي، نہ تہ مڪروهِ تنزيهي.

**سوال:** ڇا ٻار جو بہ حلق يا تقصير ڪرايو وڃي؟
**جواب:** جي ها، البت ٻارڙيءَ کي قصر ڪرائبو. جيڪڏهن ڪير ٻياڪ يا تمام ننڍڙي ٻارڙي هجي تہ حلق ڪرائڻ ۾ بہ حرج ناهي.

## ٻارءِ نفلي طواف

**سوال:** نفلي طواف ۾ ٻار جا ڪهڙا حڪم آهن؟
**جواب:** سمجهدار ٻار پاڻ پنهنجي نيت ڪري ۽ طواف ڪان پوءِ وارا نفل بہ ادا ڪري جڏهن تہ بي سمجهہ ٻار جي طرفان اُن جو ولي (يعني سرپرست) نيت ڪري. طواف جي نفلن جي حاجت ناهي.
**سوال:** ٻار اِحرام ڪان بغير جيڪڏهن مِيقات جي اندر داخل ٿيو ۽ هاڻي بالغ ٿي ويو تہ ڇا اُن تي دم واجب ٿي ويندو؟
**جواب:** نہ. بهارِ شريعت جلد اول صفحو 1192 تي آهي: نابالغ بِنا احرام جي ميقات ڪان گذريو پوءِ بالغ ٿي ويو ۽ اُتان ڪان ئي اِحرام ٻڌي ورتو تہ دم لازم ناهي . ائين ئي جيڪڏهن اهو حِل يعني حرم ڪان ٻاهر ۽ ميقات جي حدن جي اندر ۾ بالغ ٿيو، تہ حلي جا حڪم اُن تي لڳندا يعني حج يا عُمري جي لاءِ حرم وڃڻو آهي تہ حل ڪان احرام

ٻڍي وٺي ۽ جيڪڏهن هوئين ئي حرم وڃڻو آهي تہ احرام کان بغير بہ وڃي سگهي ٿو ۽ حرم ۾ بالغ ٿيو تہ حرمي جا حڪم اُن تي لڳندا يعني حج جو اِحرام حرم ۾ ٻڌندو ۽ عُمري جو احرام حرم جي ٻاهران ۽ جيڪڏهن ڪجهہ ناهي ڪرڻو تہ احرام جي ضرورت ناهي.

**سوال:** مَدَني مُنّي يا مَدَني مُنّي کي مسجد نبوي شريف علي صاحِبِهَا الصّلوٰةُ والسّلام ۾ وٺي وڃي سگهجي ٿو يا نہ؟

**جواب:** سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيضِ گنجينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مسجدن کي ٻارن ۽ پاڳلن ۽ خريد و فروخت ۽ جهڳڙي ۽ آواز بلند ڪرڻ ۽ حدون قائم ڪرڻ ۽ تلوار ڇڪڻ کان بچايو.

(ابن ماجہ ج ١ ص 415، حديث 750)

اهڙو ٻار جنهن کان نجاست (يعني پيشاب وغيره) جو خطرو هجي ۽ پاڳل کي مسجد جي اندر وٺي وڃڻ حرام آهي جيڪڏهن نجاست جو خطرو نہ هجي تہ مڪروهِ (تنزيهي)، جيڪي ماڻهو جُتيون مسجد جي اندر کڻي ويندا آهن اُنهن کي اِن جو خيال رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن نجاست لڳيل هجي تہ انهن کي چڱي طرح پاڪ ۽ صاف ڪَن جو نہ نجاست رهي، نہ اُن جي بدبوءِ. البت جيڪڏهن پاڪ ناهي ڪيو پر اهڙي طرح صاف ڪري ورتو آهي جو

نہ مسجد ۾ گندگي جو دپ آهي ۽ نہ ئي نجاست جي بُو باقي هجي تہ پوءِ ناجائز ناهي. البت اِهو ياد رهي تہ جوتا پاڪ هجن تڏهن بہ مسجد ۾ پائي ڪري وڃڻ بي ادبي آهي. بي سمجهہ ٻار يا ٻارڙي! پاڳل (يا بيهوش يا جنهن تي جِن آيل هجي اُنهي) کي دم ڪرائڻ جي لاءِ چاهي "پيمپر" (Pamper) پاتل هجي تڏهن بہ مسجد ۾ کڻي وڃڻ مٿي بيان ڪيل تفصيل جي مطابق منع آهي، ۽ جيڪڏهن اوهان اهڙن کي مسجد ۾ وٺي اچڻ جي ڀُل ڪري چڪا آهيو ۽ صورت ناجائز واري آهي تہ براءِ ڪرم! فوراً توبهہ ڪري آئنده نہ آڻڻ جو عهد ڪريو. ها فِناءِ مسجد مثلاً امام صاحب جي حُجري ۾ وٺي وڃي سگهو ٿا جڏهن تہ مسجد جي اندران وٺي ڪري نہ گُذرڻو پوي. جڏهن عام مسجدن جا اِهي آدابِ آهن تہ مسجِد نبوِيّ شريف علىٰ صاحبِهَا الصّلوٰةُ والسّلام ۽ مسجِدُ الحرام شريف جا ڪيترا آداب هوندا! اِهو هر عاشقِ رسول بخوبي سمجهي سگهي ٿو . مسجدَين ڪريمَين کي ٻارن کان بچائڻ جي تمام سخت حاجت آهي، اڄڪلهہ ٻار اُتي تمام وڏي آواز سان گوڙ ڪندا ڀڄندا وتندا آهن ۽ ڪڏهن مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ گندگيون بہ ڪري ڇڏيندا آهن، پر افسوس! وٺي وڃڻ وارن کي اڪثر اِن جي ڪا پرواهہ

ناهي هوندي! بيشڪ اهي ٻار بي سمجهہ آهن، انهن تي ڪو الزام ڪونهي پر انهي جو وبال وٺي وڃڻ واري تي آهي. جيڪڏهن سمجهدار ٻار ڪي بہ وٺي وڃو تہ اُن تي بہ سخت نظر رکو جو ٺينگ ٽپا ڏيڻ ڪري ماڻهن جي عبادت ۾ رڪاوٽ وجهڻ وارو نہ ٿئي.

## ٻارڙ روضۂ انور جي حاضري

**سوال:** تہ بي سمجهہ ٻارن کي سونهري ڄارين جي روبرو حاضري ڏيارڻ جي ڪهڙي صورت ٿيندي؟

**جواب:** ان جي لاءِ مسجد شريف ۾ آڻڻو پوندو، ان جا حڪم هينئر گذريا. تنهنڪري مسجد شريف جي ٻاهر سبز سبز گنبذ جي روبرو حاضري ڏياري ڇڏيو.

**سوال:** ڇا بيان ڪيل حج ۽ عُمري وغيره جي تعلق سان ٻارڙيءَ جا بہ اهي ئي حڪم آهن؟

**جواب:** جي ها.

مَناسِڪِ حج سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڇپيل آڊيو ڪيسٽ جو سيٽ حاصل ڪريو. ۽ وڊيو سي ڊيز (1) حج کا طريقہ (2) عمرہ کا طريقہ (3) مديني کي حاضري بہ ملاحظہ ڪريو. ۽ رسالو "احرام اور خوشبودار صابن" پڙهو ۽ پنهجون پريشانيون دور ڪريو.

# ماخذ و مراجع



| کتاب | مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن پاک | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | البحر الرائق | کوئٹہ پاکستان |
| تفسیر خزائن العرفان | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | فتاوی عالمگیری | دار الفکر بیروت |
| تفسیر نعیمی | مکتبہ اسلامیہ | المسلک المتقسط | باب المدینہ کراچی |
| بخاری | دار الکتب العلمیہ بیروت | لباب المناسک | باب المدینہ کراچی |
| مسلم | دار ابن حزم بیروت | الایضاح فی مناسک الحج | المکتبۃ الامدادیہ مکۃ المکرمہ |
| ابوداود | دار احیاء التراث العربی بیروت | البحر العمیق فی المناسک | موسسۃ الریان بیروت |
| ترمذی | دار الفکر بیروت | ارشاد الساری | باب المدینہ کراچی |
| ابن ماجہ | دار المعرفہ بیروت | فتاوی رضویہ | رضا فاؤنڈیشن مرکز الاولیاء لاہور |
| موطا امام مالک | دار المعرفہ بیروت | بہار شریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| مسند امام احمد | دار الفکر بیروت | کتاب الحج | مکتبہ نعمانیہ ضیاء کوٹ |
| معجم کبیر | دار احیاء التراث العربی بیروت | احرام اور خوشبودار صابن | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| معجم اوسط | دار الکتب العلمیہ بیروت | شفاء | مرکز اہل السنۃ برکات رضا ہند |
| مسند بزار | مکتبۃ العلوم والحکم المدینۃ المنورۃ | المواہب اللدنیۃ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| دار قطنی | مدینۃ الاولیاء ملتان شریف | بستان المحدثین | کراچی پاکستان |
| شعب الایمان | دار الکتب العلمیہ بیروت | اخبار الاخیار | فاروقی اکیڈمی گمبٹ پاکستان |
| مسند امام شافعی | دار الکتب العلمیہ بیروت | جذب القلوب | النوریۃ الرضویہ پبلشنگ کمپنی لاہور |
| مسند ابوداود طیالسی | دار المعرفہ بیروت | وفاء الوفاء | دار احیاء التراث العربی بیروت |
| مجمع الزوائد | دار الفکر بیروت | القول البدیع | موسسۃ الریان بیروت |
| الترغیب والترہیب | دار الکتب العلمیہ بیروت | قوت القلوب | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| المنامات | المکتبۃ العصریہ بیروت | احیاء العلوم | دار صادر بیروت |
| جامع العلوم والحکم | الفیصلیۃ مکۃ المکرمہ | اتحاف السادۃ | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| فتح الباری | دار الکتب العلمیہ بیروت | کشف المحجوب | نوائے وقت پرنٹرز مرکز الاولیاء لاہور |
| مراۃ المناجیح | ضیاء القرآن مرکز الاولیاء لاہور | مثنوی مولانا روم | النوریۃ الرضویہ پبلشنگ کمپنی مرکز الاولیاء لاہور |
| طبقات الکبریٰ | دار الکتب العلمیہ بیروت | روض الریاحین | دار الکتب العلمیہ بیروت |
| تاریخ بغداد | دار الکتب العلمیہ بیروت | حصن حصین | المکتبۃ العصریہ بیروت |
| ابن عساکر | دار الفکر بیروت | تنبیہ المغترین | دار المعرفہ بیروت |
| مبسوط | دار الکتب العلمیہ بیروت | درۃ الناصحین | دار الفکر بیروت |
| ہدایہ | دار احیاء التراث العربی بیروت | بلد الامین | مکتبہ فریدیہ ساہیوال |
| رد المحتار | دار المعرفہ بیروت | ملفوظات اعلیٰ حضرت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| در مختار | دار المعرفہ بیروت | وسائل بخشش | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |

